# سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

**ايم-فل ٿيسز**

# جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ جو تحقيقي جائزو

**(1932ع کان1990ع تائين)**

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ’ماسٽر آف فلاسافي‘
جي ڳُھرجن جو پورائو ڪرڻ کان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز


## محمد علي

## سنڌي شعبو
## سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
## سنڌ، پاڪستان


**2022ع**

# CERTIFICATE

This is to certify that Mr. Muhammad Ali S/o Pir Bakhsh has carried out research on the topic:

**”جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ جو تحقيقي جائزو“**

**(1932-1990)**

**“ANALYSIS OF NATURALISM IN MODERN SINDHI POETRY”**

He has completed research work under my supervision. His work is original, distinct and dissertation is worthy of presentation to the University of Sindh, Jamshoro. I forward his dissertation to be awarded of the Degree of Master of Philosophy (M.Phil) in Sindhi.

**SUPERVISOR**

__________________________

**DR. ISHAQ SAMEJO**
Chairman and Assistant Professor
Department of Sindhi
University of Sindh, Jamshoro, Pakistan.

**ارپنا:**

والد جي نانءُ،

جنهن جسماني طاقت ۽ سمجهه اچڻ شرط ئي پورهيو ۽ محنت شروع ڪئي ۽ عمر جي ٽين حصي تائين جفاڪشي ڪندي، اسان کي محتاجيءَ ۽ لاچاريءَ کان بچائي رکيو آهي.

۽

انهيءَ امڙ جي نانءُ،

جيڪا جوانيءَ کان ويندي هن مهل تائين بيمارين سان وڙهندي به پنهنجي اولاد کي سکيو ستابو رکندي پئي اچي.

## پيش لفظ

بيروزگاري جهنگلي پوليءَ جيئان جڏهن ڪنڌ کي چنبڙي وارَ ڪري، تحقيقي ڪم دماغ جا اڌ پاسا پنهنجي قبضي ڪري ته انسان جي ننيڙي تمنا به سر جو سانگو لاهڻ جڏي ڏئي ٿي. انهيءَ صورتحال ۾ نه ئي تحقيق جو اڌپورو ڪم پورو ٿئي ٿو، نه ئي بيروزگاريءَ جو ڪنڌُ ڀڃي ٿو. ٻه طرفو دماغ ٻن قاتل ٻيڙين جيئان تڙپندو رهي ٿو. ايم فل جي محنت ڀريل تحقيق جيڪا عمومي طور تي گهٽ ڪئي ويندي آهي. ڇو جو سولا ۽ عام فهم موضوع چونڊڻ ان ڳالهه جي وضاحت ڪن ٿا. پر جي سچائيءَ ۽ جفاڪشيءَ سان ڪير تحقيق ڪري ٿو، ته جڻ زمين ۽ آسمان کي ڇڪي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ۽ شايد اهڙي ڪوشش مون به ڪئي آهي!

ڪا به تحقيق مڪمل ناهي هوندي، انهيءَ ڪري منهنجي هن تحقيق ۾ به ڪي اوڻايون، ڪجهہ پاسا رهجي ويا هوندا. انهن رهيل پاسن کي اڃي ڪير نه ڪير پريندو. پر هڪڙي ئي قطار سان سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن کان وٺندي جديد شاعرن تائين لکڻ ڪو سولو ڪم ناهي، ان سلسلي کي لکڻ لاءِ لغت جي پنڌار ۽ مطالعي سان گڏ ٿورو گهڻو مشاهدو ضرور هجي، تڏهن ئي انهن شاعرن جو مڪمل تجزيو پيش ڪري سگهجي ٿو. مون ڪوشش ڪري ان شيءِ کي سامهون رکي راتين جون راتيون چار چار پنج پنج بجي تائين جاڳي تحقيقي ڪم ڪيو آهي. اميد ته منهنجو هي تحقيقي پورهيو سنڌي ادب ۾ جاءِ والاريندو ۽ ڪيترن ئي عالمن، شاعرن، اديبن، اسڪالرن ۽ شاگردن جي اڄ اجهائيندو.

انهن رهبرن ۽ سڄڻن جا اڻ ڳڻيا احسان جن هر موڙ تي حوصل ڏنو ۽ ڏکيءَ مهل ۾ مون کي اڪيلو نه ڇڏيو آهي:

ايم اي جي مونوگراف ۽ ايم فل جي رهنماء ڊاڪٽر اسحاق سميجي جا ٿورا، جنهن هر موڙ تي منهنجي رهنمائي ڪئي آهي ۽ گڏوگڏ حوصلا افزائي پڻ ڪندو اچي. سر آزاد قاضيءَ جا سوَ احسان، جنهن موضوع جي حوالي کان رهنمائي ڪئي ۽ تحقيق ڪرڻ سان گڏوگڏ مطالعي ڪرڻ جا گڻ پڻ سيکاريا.

ادا احسان راهوجي جي لک احسان، جيڪي مان زندگي پر نه ٿو وساري سگهان، جنهن پنهنجي ذاتي لائبريريءَ مان ڪتاب ڪڍي ڏنا. ۽ ڪتاب گهرن تان سٺي رعايت ڪرائي ڏني.

منهنجي ڪلاس فيلو ۽ گهري دوست ڪامران تنيو (جنهن سان هئنڙي جا حال اوري، سڪون حاصل ڪندو آهيان)جا لک ٿورا، جنهن تحقيق جا ڪتاب ۽ نوٽس پرنٽ ڪڍي ڏنا ۽ ڏکيءَ مهل ۾ مالي سهائتا پڻ ڪئي. ڪوٽڙيءَ جي ٻن گهرن دوستن (جيڪي هر وقت منهنجي لاءِ حاضر هوندا آهن) عامر چنا ۽ نور احمد سراز جا لک قرب، جن اويل سويل رهائش ۽ حال مطابق خدمت ۽ مدد ڪئي. سيف الله ابڙو ۽ مهراڻ ابڙو جا پڻ احسان جي حوصلا افزائي ڪري سٺيون صلاحون ڏنيون. ننڍن ڀائرن حيدر ۽ مزمل جون دعائون وسرڻ جهڙيون ناهن.

تـــورا م تـــورا، مـــون تي مـــاروئڙن جــــا،
تــــر ۾ واري تـــورڙي، تـــنهن کــــان گهڻـيرا،
پلايـــون ۽ پـــيرا، ڳـــڻي ڳڻيـنـــدس ڪيـــترا.

”شاه“

## Abstract

The word ″فطرت″ is derived from an Arabic word ″فطر″, which means "to create". And the one who creates is called ″فاطر″. The English analogue for ″فطرت″ is "Nature", which is derived from the Roman word "Natura". "Natura" is an alternative to the Greek word "Physis", which means birth, commencement, natural composition or to come into being. There are multiple literal translations of the word ″فطرت″ (Nature) such as Nature, birth, creation, universe, being, instinct, temperament, attitude etc.

The ″فطرت″ is explained as the natural existence of universe and naturally coming into being of things which are created and nurtured and whose creation is above the human capacity. For example, the sun, moon and the stars etc. which the man can rejoice but cannot alter according to his will and the man has no part in the creation of nature. The nature apparently is the natural reflections present in the external human world, which have been there in different forms even before the birth of mankind. And by observing them, humans experienced wonder, curiosity, whims, fear, joy and the desire to know even though they did not contribute to the creation of this entire cosmos. Hence, the oceans, rivers, mountains, trees, flowers, animals and birds, all are the various forms of natural marvel. The human himself is an example of natural creation.

The purpose of study of naturalism in poetry is to observe the artistic picturization of naturally occurring, dynamic, wonderful and beautifying things and sceneries as presented by the poet. Heavenly bodies (sun, moon, stars, constellations, clouds, thunder, rain) and the earthen bodies (trees, plants, mountains, oceans, rivers and riverine, lakes, animals, birds, worms) make up the natural world. Nature has been the prime stimulant and source of inspiration for poetry. Like the poets of other languages in the world, Sindhi poets have also presented those wonderful aspects of nature in a very aesthetic and artistic way in their poetry. They have expressed the different aspects and angles of nature (Embodiment, metaphors and description) according to chaos of their thoughts, expression of emotions and the depth of love. They have provided social guidance and reflection through different forms and aspects of nature. Modern poets have clearly explained the element of struggle and awakening by symbolizing the natural things. Along with that, they have also represented the natural element in their poetry as a symbol of resistance and hope.

# فهرست


باب پهريون

تحقيق جو طريقئہ ڪار ........ 4

1.1 موضوع جو تعارف ........ 4

1.2 اهميت ۽ افاديت ........ 5

1.3 تحقيق جو طريقئہ ڪار ........ 5

1.4 مواد جا ذريعا ........ 6

1.4.1 بنيادي مواد ........ 6

1.4.2 ثانوي مواد ........ 6

1.5 اڳ ٿيل تحقيق ........ 6

باب ٻيو

فطرت ڇا آهي؟ ........ 8

2.1 فطرت جي لغوي معنيٰ ۽ مفهوم ........ 8

2.1.1 نيچر (Nature) ........ 8

2.1.2 نيچر جي لفظي معنيٰ ........ 9

2.1.3 فطرت جي لغوي معنيٰ ۽ مفهوم ........ 11

2.2 فطرت نگاريءَ جا قسم ........ 13

2.2.1 فطرت پرستي ........ 13

2.2.2 فطرت جا مظهر ........ 15

2.2.2.1 آسماني نظارا ........ 15

2.2.2.2 موسمون ........ 15

2.2.2.3 جبل ........ 16

2.2.2.4 پاڻي ........ 16

2.2.2.5 زمين ........ 17

2.2.2.6 ريگستان ........ 17

2.2.2.7 جهنگ ........ 17

2.2.2.8 باغ ........ 18

2.2.3 انساني فطرت ........ 18

2.3 فطرت جي مظهرن جا رُخَ ........ 19

2.3.1 فطرت جي تجسيم (Personification of Nature) ........ 19

2.3.2 فطرت سان مشابهت (Analogy of Nature) ........ 21

2.3.3 فطرت جو تفصيلي ذڪر (Description of Nature) ........ 21

2.4 طبيعيت، جبلت ۽ فطرت ۾ فرق ........ 22

2.4.1 طبيعيت ........ 22
2.4.2 جبلت ........ 22
2.4.3 فطرت ........ 23
حوالا: ........ 23
باب ٽيون
سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري ........ 26
3.1 لوڪ شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسي ........ 27
3.1.1 مورو ........ 28
3.1.2 همرچو ........ 29
3.1.3 بادليئو ........ 30
3.1.4 سينگار شاعري ........ 30
3.1.5 پروليون ۽ ڳجهارتون ........ 32
3.1.6 هنر شاعري ........ 34
3.1.7 قافيون ........ 35
3.2 ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ فطرت نگاري ........ 37
3.2.1 قاضي قادن ........ 38
3.2.2 شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ........ 40
3.2.3 لطف الله قادري ........ 41
3.2.4 ميون شاهه عنات رضوي ........ 42
3.2.5 شاهه عبداللطيف ڀٽائي ........ 45
3.2.6 سچل سرمست ........ 48
3.3 عروضي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ ........ 52
3.3.1 موسمون ........ 53
3.3.1.1 بهار ........ 53
3.3.1.2 خزان ........ 55
3.3.2 صبا ........ 55
3.3.3 برسات ........ 56
3.3.4 گل ........ 58
3.3.5 پکي ........ 62
حوالا: ........ 66

## باب چوٿون


جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ ڪجھ اهم شاعر ........ 69

4.1 ڪشنچند بيوس ........ 75

4.2 هري دلگير ........ 80

4.3 ڪيئلداس فاني ........ 85

4.4 نارايڻ شيام ........ 90

4.5 شيخ اياز ........ 95

4.6 تنوير عباسي ........ 103

4.7 استاد بخاري ........ 108

4.8 امداد حسيني ........ 114

4.9 نياز همايوني ........ 119

4.10 تاجل بيوس ........ 124

4.11 ابراهيم منشي ........ 130

4.12 سرويچ سجاولي ........ 134

4.13 وفا ناٿن شاهي ........ 138

4.14 آثم ناٿن شاهي ........ 143

4.15 مريم مجيدي ........ 149

4.16 ادل سومرو ........ 152

4.17 اياز گل ........ 158

4.18 حليم باغي ........ 161

4.19 حسن درس ........ 165

4.20 مظهر لغاري ........ 168

4.21 علي دوست عاجز ........ 170

4.22 اسحاق سميجو ........ 172

4.23 روبينہ ابڙو ........ 176

حوالا: ........ 178

باب پنجون:

پڄاڻي ........ 183

5.1 نتيجا ........ 184

5.2 ڪتابيات (Bibliography) ........ 189

**باب پهريون:**

## تحقيق جو طريقهٔ ڪار

### 1.1 موضوع جو تعارف

لفظ فطرت عربي ٻوليءَ جي لفظ "فَطَرَ" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، "پيدا ڪرڻ". 'فاطِرَ' چوندا آهن 'پيدا ڪرڻ واري' کي. يعني اهي شيون جيڪي فطري طور پيدا ٿيل هجن. فطرت جو انگريزيءَ ۾ متبادل لفظ نيچر (Nature) آهي، جيڪو رومي زبان جي لفظ "نيچرا" (Natura) مان ورتو ويو آهي. "نيچرا" ترجمو آهي يوناني لفظ "فائيسس" (physis) جو. جنهن جي معنيٰ پيدائش، ابتدا، فطري جوڙجڪ يا وجود وٺڻ آهي. فطرت (Nature) جون ڪيتريون ئي لغوي معنائون بيان ڪيون ويون آهن، جيئن: قدرت، پيدائش، خلقت، ڪائنات، آفرينش، جبلت، طبيعت، مزاج وغيره.

فطرت جو مفهوم هن ريت آهي ته، قدرتي طور تي وجود ۾ آيل ڪائنات، آفرينش، نيچر. جنهن جو تعلق اپايل ۽ پيدا ڪيل شين سان آهي. جنهن جو سَرشتو انسان جي وسَ کان مٿي آهي. جيئن سج چنڊ تارا وغيره. جن مان انسان لاڀ ۽ لطف ته وٺي سگهي ٿو پر انهن کي پنهنجي سگهه مطابق ڦيري گهيري نه ٿو سگهي. البت فطرت کي ٺاهڻ ۾ انسان جو ڪو دخل نه آهي. فطرت بظاهر انسان جي خارجي دنيا ۾ موجود انهن قدرتي مظهرن کي چئجي ٿو جيڪي انسان جي هن دنيا ۾ اک کولڻ کان اڳ ۾ ئي مختلف صورتن ۾ موجود هئا، ۽ انهن کي ڏسي انسان حيرت، تجسس، وهم، خوف، خوشي ۽ جاڻڻ جو چاهه حاصل ڪيو. البت ان سڀني مانداڻ کي تخليق ڪرڻ ۾ انساني عمل يا فڪر جو ڪو به هٿ نه آهي. ان حساب سان سمنڊ، نديون، پهاڙ، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، گل، پکي ۽ جانور سڀ فطرت جي شهڪارن جا مختلف نمونا آهن. خود انسان به فطرت جي تخليق جو هڪ حوالو آهي.

شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ جي مطالعي جو مقصد هڪ تخليقڪار جو پنهنجي آس پاس موجود قدرتي ۽ انساني ڪوشش کان سواءِ جنم وٺندڙ، وڌندڙ ويجهندڙ ۽ حيرتناڪ ڪائنات کي حسن ۽ تڪميل بخشيندڙ شين ۽ منظرن جي فنڪارانه نقاشي جو اپياس آهي. آسماني نظارا، (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر، ڪنوڻيون، جهڙ ڦڙ) توڙي زمين تي نظر ايندڙ منظر (وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، جبل، سمنڊ، درياءَ، نديون، ڍنڍون، جانور، پکي پکڻ، جيت جڻيا) فطرت جي دنيا قائم ڪن ٿا.شاعريءَ لاءِ فطرت بنيادي محرڪ ۽ اتساهه جو ذريعو رهندي آئي آهي، ۽ دنيا جي مختلف ٻولين جي شاعرن وانگر سنڌي شاعرن پڻ فطرت جي انهن ڪرشماتي پهلوئن کي وڏي حسن ۽ ڪاريگريءَ سان پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي. انهن فطرت جي مختلف قسمن، مختلف رخن (فطرت جي تجسيم، مشابهت ۽ تفصيلي ذڪر) کي پنهنجي خيالن جي آنڌ مانڌ، جذبن جي اپٽار، عشق جي اونهائين کي جاچي لکيو آهي. سنڌي شاعرن فطرت جي مختلف قسمن ۽ رخَن ذريعي سماج جي اصلاح ۽ عڪاسي پڻ پيش ڪئي آهي. جديد شاعرن فطرتي شين کي علامت ۽ استعارو بڻائي، سماج ۾

جدوجهد ۽ جاڳرتا جي عنصر کي چڱيءَ طرح واضح ڪيو آهي. انهيءَ سان گڏ فطرت جي عنصر کي مزاحمتي ۽ نئين اميد جي شاعريءَ ۾ پڻ پيش ڪيو آهي. هن تحقيق وسيلي سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت جي حسناڪي، منظر نگاري ۽ نزاڪتن جو اپياس ڪري، ان جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت پسندي، فطرت نگاري ۽ فرد ۽ فطرت سميت اهم پهلوئن تي مثالن سان روشني وڌي وئي آهي. سنڌي شاعرن جو فطرت سان لاڳاپو فطرت جا موضوع ڪهڙيءَ ريت بيان ڪيا ويا آهن، انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هن تحقيقي مقالي ۾ 1932 کان 1990 تائين جي جديد شاعريءَ جو پس منظر ۽ جائزو ورتو ويو آهي تہ ان تي فطرت جي مختلف رنگن ۽ رنگارنگيءَ جا ڪهڙا اثر پيا آهن. البتہ موضوع جو پسمنظر بيان ڪرڻ لاءِ لوڪ، ڪلاسيڪل ۽ عروضي شاعريءَ تي بہ سرسري نظر وڌي وئي آهي.

### 1.2 اهميت ۽ افاديت

انسان جو جمندي ئي فطرت سان تعلق جڙي ٿو. اٿندي ويهندي فطرت جي مختلف منظرن مان لاپ ۽ تجسس حاصل ڪري ٿو. هر هڪ انسان ڪنهن نہ ڪنهن ريت فطرت سان ڳنڍيو پيو آهي. ان ڪري هن موضوع کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي. شاعريءَ ۾ فطرت جو اپياس هڪ وسيع موضوع آهي. شاعري قدرت جي حسين منظرن ۽ ان جي ڏيکن جي محاڪاتي صورت آهي، جنهن ۾ اهڙا تہ عڪس ۽ ڏيک پيش ڪيا ويندا آهن، جن جو هترادو شين سان ڪو بہ واسطو نہ هوندو آهي. فطرت جي گهراين کي ڇُهندڙ عڪس هوبهو نظر ايندا آهن. پر اهڙن فطرتي نظارن کي هن وقت تائين جامع نموني بحث هيٺ نہ آندو آهي. ان ضرورت کي محسوس ڪندي، هن موضوع جي چونڊ ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ سنڌي شاعرن فطرت نگاريءَ وسيلي جيڪا نئين دنيا تخليق ڪئي آهي، اها سنڌيءَ جي جمالياتي ادب جي اهم ميراث آهي. هن تحقيق وسيلي سنڌي شاعريءَ جي هڪ اهم پهلوءَ کي ادبي تحقيق ۽ تنقيد ۾ اهم جاءِ حاصل ٿيندي ۽ نئين تحقيق لاءِ نيون راهون کلنديون.

### 1.3 تحقيق جو طريقئہ ڪار

هن تحقيق لاءِ بنيادي ۽ ثانوي طريقن سان مواد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري ۽ خانگي لائبريرين سان گڏ مختلف ڪتبخانن مان موضوع بابت مواد حاصل ڪري، نتيجا ڪڍيا ويا آهن. هن موضوع جي حوالي سان سنڌي ادب ۾ مواد نہ هئڻ ڪري، مختلف ويب سائيٽس (Web Sites) تان پڻ مدد ورتي وئي آهي. گڏوگڏ سنڌي ادب جي اهم ڪتاب گهرن واري ويب سائيٽس تان ڪتاب هٿ ڪري، ڪتابن جو اصلي ڇاپو ۽ ڊجيٽل ڇاپو ڏيئي موضوع جو پوراءُ ڪيو ويو آهي. انهن ويب سائيٽس مان "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" (https://books.sindhsalamat.com) اهم آهي، جنهن تان ڪافي مدد ورتي وئي آهي. اهڙيءَ طرح انگريزي ۽ اردوءَ جي ويب سائيٽس ۽ ڪتابن مان

پنهنجي مقصد جو مواد حاصل ڪيو ويو آهي. هن تحقيق لاءِ ايم ايل اي (MLA) يعني Modern Languages Association وارو جديد طريقو استعمال ڪيو ويو آهي ۽ حوالن کي هر باب جي آخر ۾ آندو ويو آهي. تحقيق جي عمل دؤران جيڪي به نتيجا سامهون آيا آهن، انهن کي آخري باب ۾ پيش ڪيو ويو آهي، ته جيئن پڑهندڙ انهن سڀني نتيجن کي هڪ جاءِ تي مطالعو ڪري لاڀ حاصل ڪري سگهن.

## 1.4 مواد جا ذريعا (Resources of Data)

تحقيق ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريون ۽ مکيه ڪم مواد (Data) حاصل ڪرڻ هوندو آهي. تحقيق ۾ مواد کي مرڪزي حيثيت حاصل هوندي آهي. هن تحقيق لاءِ مختلف ماخذن مان حاصل ڪيل مواد کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: پهريون بنيادي مواد ۽ ٻيو ثانوي مواد.

### 1.4.1 بنيادي مواد (Primary Sources)

بنيادي مواد، اهو مواد آهي جيڪو اصل دستاويز تان يا اصل ڪتاب تان ورتو وڃي، جنهن ۾ مصنف جي اصل خيال، راءِ يا حقيقت ڏني وئي هجي. انهيءَ ڪري تحقيق جي شروعات بنيادي مواد سان ڪئي ويندي آهي. هن تحقيق جي بنيادي مواد ۾، سنڌي شاعرن جا ڪجهه سوانحي ڪتاب، ڊائريون، خط ۽ شاعريءَ جا ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن.

### 1.4.2 ثانوي مواد (Secondary Sources)

ثانوي مواد ان کي چئبو آهي، جيڪو اصل صورت ۾ اصل ڪتاب تان نه ورتو وڃي، پر انهي مواد کي اصل ڪتاب تان ڪنهن ٻئي ورتو هجي ۽ انهيءَ ڪنهن ٻي تان اُڌار ورتو ويو هجي. مون هن تحقيقي مقالي لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي پي ايچ ڊي **"سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"** ۽ ان جا لکيل تحقيقي ڪتاب **"سنڌي ادب جي تاريخ"** (جلد پهريون ۽ جلد ٻيو) تان مدد وٺي مقالي کي ڪارگر بڻايو آهي. گڏوگڏ ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جون ٿيسز، تحقيقي جرنل ۽ رسالا، لغتون ۽ انسائيڪلوپيڊيا، سنڌي شاعرن تي لکيل ڪتاب، مقالا، مضمون ۽ انٽرنيٽ کي ثانوي مواد جي حيثيت سان ڏٺو ويو آهي.

## 1.5 اڳ ٿيل تحقيق

فطرت نگاريءَ جي تحريڪ مغرب کان شروع ٿي، جنهن تي ڪافي ڪم ٿيو آهي. مقامي ٻولين تي نظر ڦيرائي ته اردو ادب ۾ نمايان ڪم نظر آيو. پنهنجي موضوع کي بهتر نموني بيان ڪرڻ لاءِ اردوءَ جي هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ويو آهي: ***"اردو نظم میں فطرت نگاری"*** (پي ايچ ڊي) زينت جبين. ***"اقبال کے اردو کلام میں فطرت نگاری اور ایک ہمعصر شاعر سے تقابلی جائزہ"*** (پي ايچ ڊي) منور

هاشمي. ***"فطرت"*** شهيد آيت الله مطهري.

البتہ سنڌي ادب ۾ فطرت جي موضوع تي ڪا باقاعده تحقيق، ايم فل يا پي ايچ ڊي ٿيل نہ آهي. شاهہ لطيف ۽ ڪجهہ ٻين شاعرن بابت اهڙا ڪتاب ۽ تحقيقي مقالا مليا آهن. جن ۾ منهنجي موضوع سان لاڳاپيل ڪجهہ مواد موجود آهي. انهن ڪتابن مان ڪجهہ هي آهن. **"شاهہ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري"** علي راز شر، **"شاهہ لطيف جي شاعري"** ڊاڪٽر تنوير عباسي، **"شاهہ لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ جي شاعريءَ ۾ رومانويت"** (تقابلي جائزو) ڊاڪٽر ساجده پروين، **"شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ"** (سهيڙيندڙ) پروفيسر محمد سليم ميمڻ، **"شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات"** ڊاڪٽر فياض لطيف.

مذڪوره موضوع متعلق اڳ ٿيل تحقيقي جائزي مان معلوم ٿيو تہ، جديد شاعريءَ ۾ ڪجهہ محققن ۽ نقادن نظم ۽ نثر جي ڪتابن ۾ انهيءَ موضوع ڪي بيان ڪندي نموني طور فطرت ڪي بيان ڪيو آهي. عمومي طور تي فطرت جي مظهرن ذريعي بيان ڪيل موضوع جي مفهوم ڪي واضح ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ فطرت هڪ وسيع موضوع آهي، جنهن ڪي سمجهڻ لاءِ ايترو ڪافي نہ آهي. ان جي وضاحت لاءِ دفتر درڪار آهن، اهو ئي سبب آهي، جو هي تحقيقي مقالو لکيو ويو آهي.

**باب ٻيو**

# فطرت ڇا آهي؟

انسان يا حيوان جي ڪوشش بنا جوڙيل، عرش، فرش ۽ ان تي رهندڙ هر شئي جنهن ۾ ڪنهن جو بہ عمل دخل نہ هجي، ان کي فطرت سڏيو ويجي ٿو. خود انسان پڻ فطرت جو حصو آهن. فرق صرف ايترو آهي تہ انسان شعور جو مالڪ آهي ۽ فطرت جو وجود شعور کان خالي آهي. اک کوليندي ئي اسين پنهنجي چؤگرد جيڪي بہ نظارا، ڏيک ۽ منظر ڏسون ۽ پسون ٿا، اهي سڀ فطرت جو شاهڪار آهن. ڏٺو ويجي تہ هر هڪ جيوت بنا فطرت جي اڌورو ۽ نامڪمل آهي. ڇو تہ هو فطرت جي بنا زندگي گذاري نہ ٿي سگهي. اڄوڪي ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ انسان ڪجهہ گهڙيون عارضي آسائشون ۽ سُکَ ماڻي ٿو پر انهن مان جلد بيزار ٿي فطرت جي گهرائين رنگارنگي ۽ حسناڪيءَ مان سڪون حاصل ڪري ٿو. ڏٺو ويجي تہ انسان پيدائشي طور فطرتي رنگ ۾ رڱيل آهي ۽ اهو سدائين فطرت سان جڙيل ۽ ان جو اڻ ٽٽ حصو ئي آهي.

## 2.1 فطرت جي لغوي معنيٰ ۽ مفهوم

سنڌي ادب تي پرڏيهي ادب جو تمام گهڻو اثر رهيو آهي. خاص طور تي جديد ادب انهيءَ جي اثر هيٺ آهي. پرڏيهي ادب جون نثري صنفون هجن يا نظم جون، تحريڪون هجن يا لاڙا، انهن مان ڪيترين ئي صنفن ۽ تحريڪن جو سنڌي ادب تي اثر نظر ايندو آهي. فطرت بہ هڪ لاڙو آهي جنهن جي پوياں هڪ جهان آهي، جيڪو پنهنجي مڪمل تواريخ هئڻ ڪري، هر ٻوليءَ جي ادب کي متاثر ڪندو رهيو آهي. اهڙين ٻولين مان سنڌي ٻولي بہ هڪ آهي. ان ۾ فطرت جي ڪهڙي منظرنگاري آهي؟ فطرت جي گهرائين کي تخليقار ڪيئن پيش ڪندا آيا آهن؟ شاعر جي دل فطرت ڏانهن ڪيترو ٿي وَري؟ انهن سوالن کي سمجهڻ جي لاءِ پهرين فطرت جي بنيادي ڳالهين کي سمجهڻو پوندو.

”فطرت“ انگريزيءَ جي لفظ ”نيچر“ (Nature) جو متبادل لفظ آهي، جنهن جون مختلف معنائون آهن. اسين پهرين انگريزي لفظ ”نيچر“ جي مفهوم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، ان کانپوءِ ”فطرت“ کي.

### 2.1.1 نيچر (Nature)

هر هڪ ٻوليءَ جي لفظن جا بنياد لساني ٿيندا آهن. جن ۾ تاريخ ۽ ٻوليءَ جو ارتقائي سفر سمايل هوندو آهي، جنهن سان لساني جاگرافي ۽ انهن جو اصل نسل معلوم ٿيندو آهي. ايئن ڪٿي چئجي تہ انهن سان لفظن جو صحيح استعمال ۽ معنيٰ اڀرندي آهي. ان سبب ئي هر هڪ لفظ کي

چاڻي، پَروڙڻ ۽ سمجهي سگهبو آهي. اهڙي طريقي سان لفظ ’نيچر‘ کي مختلف حوالن ذريعي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

> "From Middle English *natur*, *nature*, from Old French *nature*, from Latin *nÄ•tÅ«ra* (Natura), ("birth, origin, natural constitution or quality"), *(g) natus* ("born"), *(g) nasci* ("to be born, originate")." [(1)]

(وچولي انگريزيءَ زبان تان نيچرَ، نيچر، قديمي فرانسيسي تان نيچر، رومي زبان تان "نيچر" (پيدائش، ابتدا، فطرتي جوڙجڪ يا خاصيت)، (گريڪ) نيٽس (پيدائشي)، (گريڪ) ناسڪي (پيدا شده، وجود وٺڻ)

’نيچر‘ کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ دنيا جي مشهور ۽ وڌيڪ پڙهي ويندڙ ويب سائيٽ *وڪيپيڊيا* جو حوالو ڏجي ٿو جيڪو هن ريت آهي:

> "The word *nature* is derived from the Latin word *natura*, or "essential qualities, innate disposition", and in ancient times, literally meant "birth". *Natura* is a Latin translation of the Greek word *physis* (φύσις), which originally related to the intrinsic characteristics that plants, animals, and other features of the world develop of their own accord". [(2)]

(لفظ نيچر رومي لفظ نيچرا مان ورتو ويو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، (ضروري خاصيتون يا قابليتون، قدرتي سڀاءُ يا طبيعيت) ۽ پراڻي زماني ۾ لفظي معنيٰ "جنم" آهي. نيچرا ترجمو آهي يوناني لفظ سائيسس جو جيڪو حقيقت ۾ تعلق رکي ٿو ٻوٽن، جانورن ۽ دنيا جي قدرتي شين سان، جيڪي آهستي آهستي پنهنجي رضامنديءَ سان وڌنديون رهن ٿيون.)

مٿين ٻنهي حوالن کي غور سان پڙهي ڏسجي ته نيچر جو اصل نسل هيئن معلوم ٿيندو: لفظ نيچر (NATURE) قديم فرانسيسي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪل رومي (Latin)زبان جي لفظ "نيچرا" (Natura) مان ورتل آهي، ان جو صِيغو نيٽس (Natus) آهي جنهن جي معنيٰ آهي ’پيدائش‘. اسين چئي سگهون ٿا ته نيچر جو سڌو سنئون واسطو پيدائش، خِلقت ۽ قدرت سان آهي.

### 2.1.2 نيچر جي لفظي معنيٰ

’نيچر‘ هڪ معنيٰ دار لفظ آهي، جنهن جون ڪيتريون ئي معنائون آهن. جيئن ته: پيدائش، قدرت، عالَمُ، دنيا، خلقت، سَرشت، طِينتِ، موجودات، عادت، طبيعت، خصلت، سيرت، جوڙجڪ يا جوهر، چال چلت، سڀاڻپ، خصوصيت، نمونو وغيره. پر هتي اسين نيچر جي ان معنيٰ ۽ مفهوم کي ظاهر ڪنداسين، جيڪو قدرت جي ويجهو هوندو. جنهن ۾ فطرت جو عنصر زياده موجود هوندو.

جنهن سان اسان جو موضوع واضح ٿي بيهندو. اهڙيءَ ريت لفظ ’نيچر‘ جي جتان ٻه معنيٰ بيان ڪئي ويندي، اها سڌيءَ طرح ان جي عڪاسي ڪندي. يعني ايئن ڪٿي چئجي ته ڏنل حوالن مان پنهنجي مراد جي لفظن کي سامهون رکندي، معنيٰ ۽ مفهوم سمجهايو ويندو.

“Nature: … (Wonder at the beauties of nature) Creation, Earth, World, Universe, Cosmos, Environment, Disposition, Temperament”.(3)

فطرت: (فطرت جي خوبصورتيءَ تي تعجب ڪائڻ) پيدائش، ڌرتي، دنيا، ڪائنات، ماحول، سڀاءُ، طبيعيت)

جڳ مشهور انگريزي لغت آڪسفورڊ ’نيچر‘ جي معنيٰ هن ريت بيان ڪئي آهي:

“Nature: 1: all the plants, animals and things that exist in the universe that are not made by people 2: the way that things happen in the physical world when it is not controlled by people” (4)

(1: سڀئي ٻوٽا، جانور ۽ قدرتي شيون ڪائنات ۾ وجود رکن ٿيون پر انهن جو خالق انسان ناهي. 2: طبعي دنيا ۾ دستور موجب قدرتي شين سان جيڪو ڪجهه ٿئي پيو ان جو اختيار انسان جي وس ۾ ناهي)

انگريزيءَ جي هڪ ٻي لغت ’آمريڪن هريٽيج ڊڪشنري‘ نيچر جي لفظي معنيٰ کي هيئن ٿي بيان ڪري:

1. A. The material world and its phenomena: scientists analyzing nature.
B. The forces and processes that produce and control these phenomena: the balance of nature.
2. The world of living things and the outdoors: spent the day enjoying nature.
3. A primitive state of existence untouched and uninfluenced by civilization or social constraints: when people lived in a state of nature. (5)

(1. الف. جسماني دنيا ۽ ان جو ماحول: سائنسدانَ فطرت جو تجزيو ڪري رهيا آهن.
ب. قُوَتُون ۽ طريقا جيڪي ماحول کي پيدائش ۽ ضابطي ۾ رکن ٿيون: فطرت جو توازن
2. جاندار شين ۽ پسگردائيءَ جي دنيا: فطرت مان لطف اندوز ٿي گذاريل ڏينهن.
3. زندگيءَ جي قديم حالت، تهذيب يا سماجڪ لاچاريءَ جي ڪري اڻ وٽندڙ ۽ اجائي هئي: جڏهن ماڻهو فطرتي رياست ۾ رهندا هئا.)

مٿين حوالن مان ’نيچر‘ جي لفظي معنيٰ هن ريت معلوم ٿئي ٿي ته، پيدائش، ڪائنات، قدرتي شيون وغيره سڀ انسان جي وس کان مٿانهيون آهن، جن مان اسين لطف اندوز ته ٿي سگهون ٿا، پر انهيءَ ۾ ڪا ڦير گهير نه ٿا ڪري سگهون. اسين انهيءَ جي منظرڪشي ته ڪري سگهون ٿا، پر انهيءَ کي پنهنجي مرضي مطابق جوڙي يا ڊاهي نه ٿا سگهون. ها اسين ان جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪي اپاءَ وٺي سگهون ٿا: جيئن وڻ، گل ۽ ٻوٽا پوکي ان ۾ تازگي پيدا ڪري سگهون ٿا، جانورن، پکين ۽ جيتن

جي پالنا ڪري واڌارو ڪري سگهون ٿا. پر سچ، چنڊ ۽ تارن جي بيهڪ نہ ٿا مٽائي سگهون ڇو تہ اهي پنهنجي محور ۽ مدار تي متجي ستجي سگهن ٿيون. جهڙ، مينهن ۽ انڌلٺ مان مزو تہ ماڻي ٿا سگهون پر انهيءَ کي پنهنجيءَ خواهش موجب وسائي يا روڪي نہ ٿا سگهون.

### 2.1.3 فطرت جي لغوي معنيٰ ۽ مفهوم

’نيچر‘ (Nature) جو متبادل لفظ ’فطرت‘ آهي، جيڪو هوبهو نيچر جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. هتي اسين فطرت جي ڪائنات يا پيدائش جي عنصر کي واضح ڪنداسين تہ جيئن جي چٽائي ٿي سگهي. ’فطرت‘ عربي ٻوليءَ جي لفظ ’فَطَرَ‘ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”پيدا ڪرڻ“. يعني اسين چئي سگهون ٿا، تہ فطرت قدرت جي خلقت يا پيدائش سان تعلق رکي ٿي.

| | |
|---|---|
| ”فَطَرَ فَطْرًا | : پيدا ڪرڻ، شق ڪرڻ |
| فَاطِرَ | : پيدا ڪرڻ وارو |
| فطر فطرًا | : ڦاڙڻ |
| الفطر | : نباتات جيڪي زمين مان پيدا ٿين |
| تفطّر والفطر | : ڦاٽڻ |

اهڙيءَ طرح ’فاطر‘ چوندا آهن پيدا ڪرڻ واري کي. ان جي ڪري فطرت مان اهي شيون مراد ورتجن ٿيون، جن جو تعلق سڌو سنئون فاطر الارض والسموت سان هجي“. (6)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ فطرت جي معنيٰ هيٺين ريت بيان ڪئي آهي:

فطرت: ”ث. (ع. فَطَرَ هن پيدا ڪيو) پيدائش، خلقت، سرشتي، اصل خلقت، آفرينش، نيچر، قدرت، جنهن بہ شيءِ جو اصل مادو، جوهر، سڀاءُ طبيعت، سيرت، جبلت، مزاج“ (7)

فيروزُ اللُغات جو مولف الحاج مولوي فيروزُالّدين فطرت جو ڇيد هيئن ڪري ٿو:

”فِطرت_(فِط_رَت) (ع_ا_مونث) 1. قدرت_خلقت_پيدائش 2. ضمير_اصل 3. عقلمندي_هوشياري 4. فريب_چالاڪي 5. سازش_ملي ڀڳت 6. فتنہ انگيزي“ (8)

اردوءَ جي هڪ ٻي جامع لغت جنهن جي ترتيب ۾ سٽاءُ آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ وانگر رکيو ويو آهي، تنهن ۾ فطرت کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

”فطر_فِطرَت : عربي ٻوليءَ جي ثلاثي مجرد جي باب سان مشتق اسم آهي. جيڪو اردو ۾ پنهنجي اصلي معنيٰ ۽ ساخت سان گڏ اسم جي طور تي ڪم ايندو آهي. لکت ۾ سڀ کان

پهرين 1707ع ۾ ”ڪليات ولي“ ۾ مستعمل ملي ٿو. لفظي معنائون:

(1) قدرتي طور تي پيدا ٿيل ڪائنات، آفرينش، قدرت، نيچر_ ”منهنجو خيال هيو تہ شايد فطرت جون نيرنگين ۾ خدا جي قدرت جو مشاهدو ڪري رهيا آهيون“ (1987ع،شهاب نامہ،546)

(2) قدرتي حالات_

(3) قانونِ قدرت

(4) طبيعت يا طبيعت جي ضرورت، جيڪا پيدائشي هجي ۽ خارجي اثر ذريعي پيدا ٿيل نہ هجي. سَرِشت، خَميرُ“[9]

فارسي جي مشهور ۽ معروف لغت ’لغت نامہ‘ ۾ فطرت جو ڇيد هن ريت ٿيل آهي:

”فطرت: آفرينش. در فطرت کاينات بوزير و مشير و معاونت و مظاهرت محتاج نگشت. رجو بہ فطره شود. ابداع و اختراع. صفتي کہ هر موجود در آغاز خلقتش داراست. خميره. سرشت. جبلت. سرشت کہ بچہ بر آن آفريده در رحم.“[10]

(فطرت:ڪائنات جي فطرت ۾ هن کي بوزير(وزير) ۽ مشير جي ظاهري مدد جي ضرورت نہ هئي. فطرت طرف رجوع ٿيو. نئين سِر خلقڻ جي حالت ۽ ايجاد. اهڙي خاصيت جيڪا هر فطرت کي پنهنجي تخليق جي ابتدا ۾ آهي. ماڻهوءَ جي اصلي بناوت جو مواد. فطرت، جبلت، اها جوڙجڪ جيڪا ٻار جي رحم ۾ پيدا ڪري.)

مٿين راين ۽ حوالن تي غور وويچار ڪجي تہ معلوم ٿيندو، مشرقي ٻولين ۾ فطرت جي معنيٰ قدرت، پيدائش، خلقت، آفرينش، ڪائنات، جبلت، طبيعت، سڀاءُ يا مزاج طور استعمال ٿئي ٿي. جهڙيءَ طرح انگريزي لفظ نيچر جون معنائون ٻيهن ٿيون، اهڙيءَ ريت سنڌي ۽ ان سان واسطو رکندڙ ٻيون ٻوليون فطرت جي معنيٰ ۽ مفهوم کي واضح ڪن ٿيون. فرق صرف ماحول ۽ پسمنظر جو ٿئي ٿو جيڪو هر هڪ ادب کي مختلف ملي ٿو. قدرتي رنگن جي ڪري هر هڪ خطي جي پنهنجي پنهنجي جماليات ۽ منظرنگاري ٿئي ٿي. ان خطي جا پنهنجا پنهنجا قومي جانور، پکي، گل ۽ ٻوٽا وغيره ٿين ٿا، جيڪي فطرتي رنگ ۽ ماحول کي خلقن ٿا. زمين ۽ آسمان منجهہ جيڪي بہ شيون وجود رکن ٿيون، اهي سڀ فطرت جو سرشتو ۽ خميرُ سڏجن ٿيون.

فطرت پنهنجي اندر سمنڊ جيڏو مفهوم رکي ٿي. ڪيئي ڪهڪشائون ان ۾ نظر اچن ٿيون. ايئن ڪٿي چئجي تہ ”فطرت جو دائرو وسيع آهي. جو تہ ان ۾ اهي تمام ظاهري ۽ مادي شيون شامل آهن، جن جو تعلق سڌو سنئون خالقِ مطلق سان آهي ۽ انسان جو ان ۾ ڪو بہ دخل ناهي“[11] يعني فطرت انسان جي وس ۽ سگهہ کان مٿانهين آهي. ٻي ڳالهہ تہ ظاهري ۽ مادي شيون فطرت جي تخليق جو

عاليشان مثال آهن.

## 2.2 فطرت جا قسم

فطرت نگاريءَ کي هر هڪ محقق پنهنجي پنهنجي حساب سان ورهايو ۽ سمجهايو آهي. انهيءَ کي نندين جزن ۾ ونڊي ان جو ڇيد ڪيو آهي. پر ٿلهي ليکي ڏٺو وڃي ته فطرت ٽن اهم قسمن اندر گردش ڪري ٿي. انهن ٽن قسمن جو ڇيد ڪجي ته سوين شاخون ۽ جُزا ٺهي بيهندا. اسان جو موضوع فطرت جي خالص، حقيقي ۽ ويجهڙائيءَ واري معنيٰ کي بيان ڪري ٿو. فطرت جا ٽي اهم هي قسم آهن:

(1) فطرت پرستي
(2) مظاهرِ فطرت
(3) انساني فطرت

### 2.2.1 فطرت پرستي

ڌرتيءَ تي جڏهن اوائلي انسان اک کولي ته حيرت، تجسُس ۽ خوف زندگيءَ جو حصو بڻجي ويا. هنن جيئري رهڻ لاءِ ڪاڏي پيتي جي گهرج محسوس ڪئي، جنهن سبب هو متلاشي ۽ ڳولائو بڻجڻ لڳا. سندن منزلون هزارين ميلن تائين پکڙيل هيون. منزلن کي ماڻڻ خاطر جيڪي ڏکيائيون سامهون آيون، انهن جي ڪري انسانن جي ذهني فطرت نوان موڙ اختيار ڪرڻ لڳي. هنن اڳيان يا سامهون ايندڙ خطرا چڻ لازم ملزوم بڻجي ويا. فطرت جي اونهائي سندن وهم گمان جو جُزُ بڻبي وئي. ڪيترن ئي هيبتناڪ فطرتي مظهرن سان مُنهن مقابل ٿيڻ سندن ضرورت بڻجي وئي. "قديم دور جو انسان فطرت اڳيان بي وس ۽ بي هٿيار هو جتي چوڌاري سندس زندگي تي الرون ڪندڙ ڪيترائي سندس دشمن هئا. ان وقت ڪيترائي واقعا سندس حيرت ۽ تجسس جو سبب بڻجندا هئا. جن ۾ زلزلا، ٻوڏون ۽ قدرتي آفتون، موسمياتي ڦيريون گهيريون ۽ انهن جا اثر، خوفناڪ جانورن جي چيرڦاڙ مختلف بيماريون ۽ موت اچي وڃن ٿا". [12] هو فطرت کي قدرتي رنگن سان گهٽ، عقيده پرستيءَ جي نظر سان وڌيڪ ڏسڻ لڳا. ڇو ته هنن کي ڪنهن نه ڪنهن ريت ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو هيو. اوائلي انسان جنهن به جاءِ تي رهيو فطرت جو محتاج ۽ حاجتمند رهيو. سندن خيالن موجب فطرت روزي روٽيءَ سان گڏ حاڪم، بي رحم، بي قياس ۽ آزاريندڙ پڻ آهي. ان ڪري ان کي راضي رکڻ عقيدو بڻجي پيو. ان سڄي عمل جي ڪارڻ فطرت پرستي وجود ۾ آئي.

قديم تهذيبن ۾ فطرت جي ڌڪاءَ ۽ دهشت کان بچڻ لاءِ پوڄا پاٺ کي وجود ۾ آندو ويو. جنهن سان هو پنهنجي ويجهي شئي جو نظرانو ڏيئي، فرحت ۽ بخشش محسوس ڪرڻ، پنهنجي جسم

ڪي نوڪدار ڪنڊن سان نشانبر ڪرڻ ۽ ڪنهن ويجهي ساٿيءَ يا سزاوار کي موت جو ڪاج بڻائي، ان کي راضي ڪرڻ وغيره ۾ مشغول بڻجي ويو. ان جو سبب پنهنجو پاڻ بچائڻ، وڻائڻ ۽ سُرخُرو رهڻ هو. ان کان سواءِ پنهنجي وهم ۽ خود جي تسڪين بہ هئي.

زينت جبين پي ايڇ ڊي جي ٿيسز ۾ فطرت پرستيءَ جي سبب کي بيحد سولو ڪري سمجهايو آهي:

”جڏهن انسان جو دنيا ۾ ظهور ٿيو تہ ان جو سڀ کان پهريون واسطو فطرتي منظرن سان پيو. فطرت جي جمال يعني ميون، گلن، وڻن ٻوٽن ۽ انهن جي فائدي پهچائڻ وارن عنصرن، انسان تي خوشگوار اثر وڌا. پر جڏهن ان جو واسطو فطرت جي جلال يعني ڪڪرن جي گجگوڙ ڪنوڻ جي چمڪاٽن، ٻرندڙ جبلن، ٻوڏُن، زلزلن ۽ هيبتناڪ جانورن سان ٿيو تہ انهن کان خوف کائڻ لڳو. انهن ٻنهي حالتن ۾ هن مظاهرن کي پنهنجي وس ڪرڻ ۽ خوش ڪرڻ جو جتن شروع ڪيو ڇو تہ اهي انساني زندگيءَ کي آمهون سامهون هيون. اهڙيءَ طرح جڏهن انسان کي فطرتي منظرن مان فائدو پهتو تہ ان پنهنجي فهم جي حساب سان انهن کي پَرستَشِ جي لائق سمجهيو. مثال طور؛ وڻ ٻوٽا، ميوا، فائدو پهچائيندڙ جانور جيئن، ڳئون وغيره ۽ جنهن شئي مان نقصان جو انديشو هيو، ان جي پرستش شروع ڪئي، جيئن نانگ وغيره.“(13)

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو تہ:

”جڏهن شروعات ۾ انسان اڪيلو ٻي يارومددگار، فطرت اڳيان بي وس هو ۽ ڊرتي هن لاءِ جنگ جي ميدان جي مثل هئي، ان وقت موت، خوف، دهشت، تجسس ۽ فطرتي حالتن کي ڏسي ماڻهن وٽ روح ۽ ديوتائن جا تصور ٿيا ۽ مذهبن جي هڪ سادي شڪل پيدا ٿي“.(14)

ان سڄي صورتحال مذهبن کي جنم ڏنو. مذهب ماڻهوءَ جي عقيدن جو بنياد بڻيا.

”مذهبي يا نيم مذهبي جذبات جون ٽي الڳ الڳ ڌارائون انهيءَ سڄي ماجرا مان سجاڳي سگهجن ٿيون: (1) آسماني نظارا: سج، سَيارَہ ۽ تارن جون گردشون ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ هيبت ۽ حيرت انگيزي، (2) موسمن ۽ زمين تي نباتات ۽ اناج جي افزائش جي لاءِ نهايت اهم ويجهڙائپ ۽ (3) جنس تَوَلد جي ڳُجهہ متعلق. واضح طور تي هي ٽئي ڌارائون ڪافي حد تائين پاڻ ۾ جڙ ملي ويون آهن.“(15)

يعني چئي سگهجي ٿو تہ انسان ڪجهہ پنهنجي رضا خوشيءَ سان تہ ڪجهہ فطرت جي دهشت کان ان کي پنهنجو معبود بڻايو. ان جي پرستش ڪئي ۽ پاڻ کي فطرت پرست سڏرايو. بابلي، سميري، مصري، يوناني، سنڌو سڀيتا يا ايشيا کنڊ جون قديم ڏندڪٿائون پڙهي ڏسجن تہ ان ۾ فطرت

جي پرستش عام جام نظر ايندي، ان ڪري فطرت سان وابسته وهم ۽ عقيده هڪ وسيع موضوع آهي.

### 2.2.2 فطرت جا مظهر

فطرت جو هي ٻيو قسم آهي. هن ۾ ڪائنات جا هزارين نظارا ۽ منظرنگاريون شامل آهن. يعني زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪي به منظر ڏسجن ۽ پسجن ٿا، اهي فطرت جي مظهرن جا شاهڪار آهن. هي فطرت نگاريءَ جو اهم قسم آهي. ڇو ته ادب جي تخليقڪار جي پهرين نگاهه فطرت جي مظهرن تي پوندي آهي. هن جا ڪجهه اهم ۽ لازم عنصر آهن، جن وسيلي شاعر پنهنجي شاعريءَ کي ڪمال بخشيندا آهي. انهن ۾ جيڪي خاص عنصر آهن، انهن کي مختصرن بيان ڪجي ٿو ته جيئن موضوع کي چڱيءَ ريت پرکي ۽ سمجهي سگهجي.

#### 2.2.2.1 آسماني نظارا:

دنيا جي ادب ۾ آسماني نظارن کي اولين فوقيت حاصل آهي. هر هڪ اديب ۽ شاعر ان جي منظرن کي تنهائيءَ جي عالم ۾ پنهنجو رقيب ۽ هم راز محسوس ڪندو آهي. ان کي اندر جو حال اورڻ، پرين جو روپ جاچڻ، محبوب کي سنهيو پهچائڻ سان گڏ، فطرت جو عظيم شاهڪار سمجهندو آهي. سندن تخيل ۾ هزارين منظر رقص ڪندي نظر ايندا آهن جيئن: سج لهڻ ۽ اڀرڻ جا منظر، سج جي لالڻ، چانڊوڪي، چنڊ جو جهڙ مان نڪرڻ، چنڊ جو سُڪل وڻ مٿان نظر اچڻ، تارن جي جهرمٽ، اونداهيءَ ۾ ڪتي، ٽيڙو ۽ نکٽ تارن جو چمڪڻ، ڪهڪشائون، سج ۽ چنڊ گرهڻ جو اپ کي رت جهڙو بڻائڻ، سج ۽ چنڊ جو پاڻيءَ ۾ عڪس، جبلن جي چوٽين مان خوبصورت ڏيک، سياري جي راتين ۾ کيرڌارا جو نروار ٿيڻ، ڪڪرن جي ڪاراڻ ۽ انهن جي ٻيهڪ، کنوڻين جا چمڪاٽ، مِينهن جون ڪڻيون، پورنماسي رات ۾ وسڪارو، سج جو ٻڏڻ، پرهه ڦٽيءَ جو پهر، ماڪ جي موتين ۽ ڏنڏ سان ڏنڏلا منظر وغيره وغيره.

#### 2.2.2.2 موسمون:

موسمون انسان جي مزاج جو محور هونديون آهن. جنهن سبب انسان جي طبع ڪڏهن چيڙاڪ ته ڪڏهن خوشگوار هوندي آهي. موسمن جي حوالي سان ئي خطا، علائقا، ملڪ ۽ اتي رهندڙ قومون پڻ سڃاتيون وينديون آهن. انهن قومن جي ادب مان اندازو لڳائبو آهي ته، مزاجن اهي قومون تيز ۽ ويڙهاڪ آهن يا ٺڏيون ۽ ڍڄڻيون. سنڌي ادب کي به ان پئماني تحت پرکي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر اسحاق سميجي پنهنجي هڪ مضمون ۾ شاهه ۽ سچل جي ڪلام جو جائزو وٺندي، ٻنهي شاعرن جي مزاج تي موسمن جي اثر ۽ بدلاءَ تي تفصيلي لکيو آهي. شاهه وٽ نرم مزاجي ۽ مام ڀريل رمز ملندي،

جڏهن تہ سچل وٽ شوخي ۾ تاءُ ملندو. اهو فرق صرف موسم جي ڪري آهي. ڇو تہ لاڙ ۾ موسم سرد ۽ اُتر ۾ گرم رهندي آهي. هي تہ موسمن جو انسان تي اثر جو ذڪر هيو. پر ڏٺو ويو آهي تہ موسم جو اثر نہ صرف انسان تي بلڪ حيوانن تي پڻ اثرانداز ٿيندو آهي.

موسمن کي شاعر ڪيئن ٿا محسوس ڪن, انهن جا ڪيترائي مثال آهن جيئن: مندن جي متجڻ سان ماحول ۾ خوشگواري, موسمِ بهار ۾ گلن جي نکرڻ جو وقت, وڻن جي نون گونچن سان ڀريل هلڪو سائو رنگ, سرد موسم ۾ گلن ۽ پنن جي مٿان ڇٽيل ماڪ جي موتين جي مالها, سياري ۾ پکين جو سيءُ کان جهنڊ هٽڻ جو منظر, جانورن ۾ پنهنجي بچاءَ جي قوت جا منظر, پنن جو هڪ ٻئي کي آغوش وٺڻ, گرمي جي موسم ۾ هر هڪ وڻ جا پن ڪليل ۽ رنگا رنگي, لُڪن ۽ گرم هوائن جا ڏکوئيندڙ پلَ, پري پري تائين نظر ايندڙ تِرورا, موسمِ خزان ۾ پنن جي ڇڻڻ ڪري, وڻن ج ٽارين خالي ٿيڻ جو منظر, پنن جو زمين تي ڪرڻ ۽ مختلف رنگن ۾ وڇائجي وڃڻ وغيره وغيره.

### 2.2.2.3 جبل:

جبل اوائلي انسانن ۽ ڪيترن ئي جيتن جٽين, جانورن ۽ پکين جي لاءِ آرام گاهہ رهيا آهن. ادب ۾ انهن سان ازلي ناتو جڙيل ڏسجي ٿو. شاعرن جي فطرت ۾ پهاڙ ڪڏهن خوبصورتي, ڪڏهن دهشت, تہ ڪڏهن سهاري جي علامت رهيا آهن. تخيل جي دنيا ۾ انهن جو مثال هيرن جي کاڻ کان گهٽ ناهي. پر جبلن بنا فطرت جي دنيا ڄڻ ڪوئلي جي کاڻ آهي. فطرتي منظرنگاريءَ ۾ ان جا ڪيئي مثال آهن, جيئن: جبلن تي بيٺل وڻ ۽ ساوڪ جا منظر, انهن جي ننڍ وڏائيءَ مان نظر ايندڙ سج ۽ هلڪي هلڪي ڏنڌ, مينهن کان پوءِ جبلن جي پاسن ۾ اندلٽ جو نروار ٿيڻ. ٽڪرين تي جانورن ۽ پکين جي هلت ۽ اڏام جو منظر, رنگ برنگي پٿرن جو ڏيک. انهن جي مٿان ڪرندڙ آبشار ۽ انهن جي هيٺان پاڻيءَ جو ڏيک. پاسن مان ڦاٽي نڪرندڙ چشما, نئن جو منظر وغيره.

### 2.2.2.4 پاڻي:

پاڻي هر هڪ جيوت جي بنيادي ضرورت آهي. پاڻيءَ بنا جاندار شين جي فطرت ڪنهن تباهہ ٿيل ڏيک کان گهٽ ناهي. پاڻي ئي آهي, جيڪو زميني منظرن کي هڪ مڪمل ڪائنات بخشي ٿو. ان جي ڪيتري ضرورت آهي؟ هر ڪوئي محسوس ڪري سگهي ٿو. ادب جي دنيا ۾ ان کي استعاري طور استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪيترا ئي مثال, حوالا, منظر ۽ عڪس ان جي اهميت کي واضح ڪن ٿا. مثال طور: پاڻيءَ جو مختلف رنگن ۾ هجڻ, پاڻيءَ ۾ ڪرندڙ سج جا ڪرڻا, پاڻيءَ جي وٽ تي وڻن جو ڦٽڻ, گلن جو پاڻيءَ اندر نڪرڻ, پنن جي مٿان پاڻيءَ جا ٽيپا, صاف شفاف پاڻيءَ ۾ نظر ايندڙ ٿُڏَ, دريائن جو وهڪرو, ڪنن جا ڪڙڪاٽ, نديون ۽ ڍنڍون جن جي ڪڙن سان بيٺل ٻوٽا ۽ وڻ,

ٿڏڙي هير جو لڳڻ ۽ مٿان بوندن ڪرڻ، بوندن تي زمين جو مهڪي پوڻ، مٽيءَ مان سلن جو اپرڻ وغيره.
ان کان علاوه سامونڊي نظارا، سمنڊ جي لهرن جو آواز ۽ پاڻ ۾ ٽڪرائڻ، ڇولين جي مستي، ڪناري تي پيل واريءَ جو جهان، ان تي بيٺل پکي ۽ مختلف جانور، پاڻيءَ جي مٿان گج ۽ ان جي غائب ٿيڻ جو منظر، ساموندي مڇين جي مستي، صاف پاڻيءَ ۾ نظر ايندڙ بوٽا وغيره.

### 2.2.2.5 زمين:

هزارين سالن جي تاريخ رکندڙ زمين پاڻ ۾ ڪيترين ئي شيون دفن ڪري چڪي آهي. ته در ته ڪيترن ئي قسمن جا نشان سمايل آهن. قديم دور کان وٺي اڄوڪي دور تائين ڪيترا ئي جيوت خوشيءَ ۽ سڪون سان زندگي گهاري ويا ۽ گهاري رهيا آهن. انهن جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ خوبصورتيءَ جا منظر هميشه قائم ۽ دائم رهيا آهن. جيتري آسمان جي اهميت آهي، ان جي پيٽ ۾ زمين جو وقت سوايو نظر ايندو. منظرن ۾، زمين جي مختلف رنگن جو ميڙ، چڪڻ ۾ ڪنهن ڦاٿل جانور يا پکيءَ جو منظر، ڏٿن جي پيرن مان اٿيل کيهه، واچُوڙن ۾ اڏيل مٽيءَ جو ڏيک، بيابان ۽ رڻ پٽ تي جيتن جٽين جون قطارون، فصلن ۽ پوکن ڦٽڻ مان ايندڙ سرهاڻ، گل ڦل، بوٽا، وليون، ماٿريون ۽ ٻيا سوين منظر شامل آهي.

### 2.2.2.6 ريگستان:

سنڌي ادب تي سرسري نظر ڦيرائي ڏسبي ته ان ۾ ٿر جو ذڪر نمايان طور ملندو. ٿر ماروئڙن جي ڪري حب الوطنيءَ جي اعليٰ نشاني آهي. ان ۾ ڪافي فطرت جي گهرائي پڻ آهي. ٿر يا ريگستان جي فطرتي سونهن ۽ ان سان گڏ ڪنن زندگي هر هڪ کي اتساهيندي رهندي آهي. ڪڏهن ماڻهو ان مان لطف اندوز ٿيندو آهي ته ڪڏهن روئڻهارڪو ٿي پنهنجو پاڻ ان تان فدا ڪندو آهي. ٿر چترڪار جي نظر ۾ ڪنهن عظيم فن پاري کان گهٽ ناهي. ان جي رنگن جي ميلاپ سان جڻ وجود ۾ آيو هجي ۽ ان ئي هن جا اهي منفرد ڏيک پيش ڪيا آهن، جن مان ڪجهه هي آهن: واريءَ جي نه ڪٽندڙ دڙن، پٽن ۽ ڊٻن جو ڏيک، ريگستاني جيوت جي هلت چلت، مينهن جي وسڻ کان پوءِ ٻوٽن جو نڪرڻ، جانورن جي مستي، لڪن جي تپش ۾ پڪل ميوا، مور، ڊيلون، رڃ، هرڻ سميت مختلف جانورن جا منظر، ثقافتي رنگارنگي وغيره.

### 2.2.2.7 جهنگ:

جهنگ قدرت جو عظيم شاهڪار آهي، جنهن جي ابتدا ازل کان ٿيل آهي. سوين وڻ، ٻوٽا ۽ جڙيون ٻوٽيون جن سان اوائلي انسان پنهنجي گهرج پوري ڪندو هو. ميون سان گڏ هُو جڙيون ٻوٽيون هٿ ڪري پنهنجي مرض جو علاج ڪندو هيو. ڪي اهڙيون به ٻوٽيون هيون، جن کي کائي پنهنجي

بک پوري ڪندو هيو. چو تہ جڏهن اوائلي انسان جانورن ۽ پکين کي پالتو بڻائڻ ۽ ان سان محبت ڪرڻ شروع ڪئي تہ هو گوشت خور بجاءِ سبزي خور بڻجي ويو ۽ هن جنگلن ۾ پنهنجي ضرورت پوري ڪئي. ايستائين جو قبيلن جي صورت ۾ رهڻ باوجود هن جنگل طرف رخ ڪيو. اتي رهائش پذير ٿي فطرت جي اونهائين کي جاچڻ لاءِ تجربن کي پنهنجو مسڪن بڻايو. ڪافي نقصان کائڻ کان پوءِ نيٺ هو سڦل ٿي ويو. ڪيتريون ئي ڪنن گهڙيون ڏسڻ باوجود بہ هن فطرت کي هٿئون ڪين ڇڏيو. انهيءَ ورجاءَ سبب هو فطرتي منظرن کي پسڻ جو عادي بڻجي ويو ۽ روز بہ روز انهن جي اهڙي نموني منظر ڪشي ڪندو رهيو: گهاٽن ۽ ڳتيل وڻن جو پاڙ ۾ ڳانڍاپو اوچائيءَ تان نظر ايندڙ انهن جي ننڍ وڏائيءَ جي سونهن ۽ رستن تي وڪڙ کائيندڙ موڙ، پکين ۽ جانورن جي مٺين ٻولين جي گونجار، انهن جي رهائش جي جوڙيل خوبصورتي، تري ۾ ڦٽل نون وڻن ۽ مٿان ڪريل پنن جو منظر، گهاٽن وڻن جي ڇانوَ ۾ ٺڏڪار، ڪنهن ڪنهن جاءِ تان ڪرڻن جي ڪرڻ جا منظر، ساوڻ ۽ وڻڪار جي تازگي، وسڪاري ۾ بڇاءُ ۽ پنن جي خوبصورتي، جهنگلي جانورن جي پاڻ ۾ زندگي گهارڻ، جهنگ مان گذرندڙ هوا جا سوساٽ، جهنگن مان وهندڙ پاڻيءَ جا چشما وغيره.

#### 2.2.2.8 باغ:

باغ جو تعلق گلن، وڻڪاري ۽ نون قسمن جي جڙين ٻوٽين سان آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجي ڪوشش سان مختلف ڇڪيون ۽ ٻج ڇٽي، ان کي خوبصورت ۽ دلڪش بڻائيندو آهي. باغ ۾ گلن جا سوين قسم فطرتي منظر پيش ڪندا آهن. مکڙين تي ويٺل پوپٽ، ماکيءَ جون مکيون انتهائي سهڻو ڏيک پيش ڪنديون آهن. گلن جا تيز ۽ هلڪا رنگ سوين ڏيک ڏيندا آهن. سڳند ۽ سرهاڻ ڪشش ۾ اضافو ڪندي آهي.

### 2.2.3 انساني فطرت:

انسان فطرت جو سنواريل سڌاريل حصو آهي، جيڪو فطرت جي گهراين کي جاچڻ جي سگهہ رکي ٿو. جنهن جي من ۾ هزارين فطرتي رنگ وسن ٿا. هن جي اندر ۾ هڪ الڳ فطرت وجود رکي ٿي، جنهن کي 'نفسيات' (PSYCHOLOGY) پڻ سڏي ٿو. اندر جون جوڙجڪون ۽ بناوتون اهڙيون تهيل آهن. جن سان هو فطرت جي منظرن کي جاچي پنهنجي من جي آس پوري ڪري سگهي ٿو. هو فطرت کي ٻين جيوتن جي ڀيٽ ۾ الڳ محسوس ڪري ٿو. ان کي پنهنجي خيالن ۾ وجهي، ان کي اعليٰ سطح تي ڪٽي وڃي ٿو. جڏهن تہ هو پاڻ فطرت جو حصو آهي، ان جي باجود هن پنهنجي اندر پڻ فطرت کي وجود ڏنو آهي. فطرت کي پاڻ ۾ سمايو آهي. منور هاشمي جي چواڻيءَ موجب، نيچر "... جيڪو يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو مطلب پيدائش ۽ آفرينش آهي. يوناني زبان ۾ ان لفظ کي

بنيادي صفتن يا پيدائشي معنائن ۾ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي، انهن معنائن ۾ هر شئي پنهنجي فطرت رکندي آهي، پوءِ جبل هجن يا درياءَ، باهہ هجي يا پاڻي، انسان هجي يا حيوان..." [16] اهڙي نموني انسان بہ پنهنجي فطرت رکي ٿو. انهيءَ ڪري قدرتي فطرت ۽ انساني فطرت الڳ الڳ ٿي بيٺيون آهن. مظاهرِ فطرت ۾ ان جو حصو ڪنهن خوبصورت منظر کان گهٽ ناهي، پر جڏهن ان جي اندروني فطرت جي جاچ ڪجي ٿي تہ هو مظاهرِ فطرت کان ڪجهہ ڏور آهي. ڇو تہ هن جي من جي آنڌ مانڌ، تڪليفون ۽ رچنائون وغيره پنهنجون رچيل آهن. هن جي دل ۾ جيڪا احساس ۽ شعور واري حالت آهي، اهو خود شناسيءَ ۽ خود ساختہ هجڻ جي علامت آهي. انهيءَ ڪري ڪيس الڳ سڃاڻپ يعني انساني فطرت جو نالو ڏنو ويو آهي.

## 2.3 فطرت جي مظهرن جا رخ

شاعريءَ ۾ فطرت کي مختلف طريقن سان پرکيو، سمجهيو ۽ استعمال ڪيو ويو آهي. فطرت جي ذريعي سماج جي گهرائيءَ، عشق جي انتها، احساسن جي دنيا ۽ زماني جي گردشن وغيره کي بيان ڪيو ويندو آهي. ادبي لاڙا، تحريڪون ۽ تمثيلون وغيره فطرت کي هڪ سٺي سماج لاءِ پاڻ ۾ سمائي، ماڻهن اڳيان نروار ڪري، پنهنجو ڪم ڪن ٿيون. جيئن: رومانوي تحريڪ ۾ فطرت جي ذريعي سماج کي چٽڻ، ترقي پسند تحريڪ ۽ جاگيرداري نظام ۾ فطرت کي ظلم خلاف علامت ۽ استعاري طور استعمال ڪرڻ، انقلابي شاعريءَ ۾ فطرت کي شامل ڪري سماج جي ويجهو اچڻ، جديديت ۾ فطرت کي سماج جي ڳانڍاپي ۽ ردوبدل لاءِ استعمال ڪري، سج، چنڊ، ڪتين ۽ ٻين شين کي هڪ نئين انداز سان علامت ۽ استعاري ۾ سمائڻ وغيره.

اهڙي نموني مظاهرِ فطرت جا رخ پڻ ٿين ٿا، جن ۾ اڪثر شاعر پنهنجي محبوب جي سونهن، سوپيا تان فدا ٿيڻ، پيڙا ۽ وڇوڙي جي حالت ۾ اچڻ ۽ تنهائيءَ جو شڪار ٿيڻ سان فطرت جي تجسيم ۽ فطرت سان مشابهت ڪري شاعريءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندا آهن. اهي رخ هي آهن:

(1) فطرت جي تجسيم — Personification Of Nature

(2) فطرت سان مشابهت — Analogy of Nature

(3) فطرت جو تصيلي ذڪر — Description of Nature

### 2.3.1 فطرت جي تجسيم (Personification Of Nature)

تجسيم جي لفظي معنيٰ آهي، "بي جان شئي کي جاندار ڇوڻ، ان کي شڪل يا صورت ڏيڻ وغيره" ان جو انگريزي متبادل لفظ PERSONIFICATION آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "انسان يا

حيوان جي خاصيت يا ڪيفيت ظاهر ڪرڻ.“ يعني شين کي انساني شڪل ڏيئي، ان سان مخاطب ٿيڻ جي حالت. جنهن مان ايئن ظاهر ٿيندو آهي ته، اهي جڻ زنده جاويد آهن ۽ روبرو ڪچهري ڪري رهيون آهن.

”شاعريءَ ۾ فطرت (جي تجسيم) لاءِ ايئن فرض ڪيو ويندو آهي، جڻ ته ان جو انسانن وانگر جسم ۽ وجود هجي، جنهن جي اندر ۽ ٻاهر ايئن ئي موڊ ۽ موسمون تبديل ٿينديون آهن، جيئن انسان ۾ ٿينديون آهن. فطرت سان مخاطب به ٿي سگهجي ٿو ته اها به اسان سان ڳالهائي سگهي ٿي؛ ڇاڪاڻ جو شاعر جو تخيل اهو ڪجهه ڏسي سگهي ٿو جيڪو عام ماڻهن جي اک کان لڪل هوندو آهي“ (17)

اڳيئن دور يعني ڏندڪٿائن واري دور ۾ فطرت جي تجسيم لوڪ ڪهاڻين ۽ قصن وغيره ۾ عام جام نظر اچي ٿي. پر انهن ۾ انسان جون اهڙيون ته خوبيون ٻڌايون وينديون هيون، جيڪي ممڪنات ۾ ئي نه هيون. ڪي ته آڳاٽي زماني جا ماڻهو فطرت جي تجسيم کي عبادت طور تي استعمال ڪندا هئا. وڻن وغيره کي انسان يا ديوتا وانگر سمجهي، ان کان روزي روٽي گهرندا هئا. ڪي ته پنهنجون تڪليفون دور ڪرڻ خاطر قربانيون ڏيندا هئا. پر ظاهري طور تي فطرت جي تجسيم انسان کي قدرت يا فطرت سان جوڙي رکي ٿي. ڇو ته اسان جو معيار فطرت جي حوالي کان ٻڌل آهي. علم، هنر يا ادب ۾ ان جو اظهار وقت بوقت ڪيو ويو آهي. هر هڪ ڇاڻوءَ جي پنهنجي سگهه ۽ قوت آهي، جنهن سان هو فطرت جي تجسيم ظاهر ڪري ٿو.

فطرت جي تجسيم کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ نموني طور به بيت شاهه سائين پيش ڪجن ٿا:

چندَا! چُڱَئِن حَقُ، جي وِڙهين وِچرين،
ٻه اَکِيُون ٽِئو نَڪُ، تو ۾ ناهِ پِرِيَنِ جِهو.
(گربخشاڻي، 244)

چانگي چَئي چُڪياسِ، مٿاءَ اَڪَ نه اُلَهي!
جِه وَلِ گهٽا وِهائِتا، اُنَ سين آرِ لَڳِياسِ،
چوڏارِي چندَنَ وَڻَ، پَچِي پُوجَ پِياسِ،
راڙِي رَتُ ڪِياسِ، هِنَ ڪُڏا ٿُوري ڪَرَهي!
(گربخشاڻي،257) (18)

ڪنول نه ڳُومائبو، او ماڪيءَ جي مَڪِ!
ٻَل تون اِن مان ڇَڪ، اِن ۾ ماکِي اَڻ–مَئي!
(شيخ، 62) (19)

مٿين بيتن مان سمجهي سگهجي ٿو ته شاعرن فطرت جي تجسيم کي ڪهڙي نموني پيش

ڪيو آهي. هو فطرت سان ڪهڙي نموني ڳالهه ٻولهه ڪري دل جو احوال پيش ڪن ٿا.

### 2.3.2 فطرت سان مشابهت (Analogy of Nature)

مشابهت جي لفظي معنيٰ "هڪجهڙائي، مطابقت، تشبيهه، يڪسانيت، مطابقت، برابري، لاڳاپو وغيره" آهي. انگريزي لفظ Analogy جي وضاحت هن ريت ملي ٿي:

> An analogy is a literary technique in which two unrelated objects are compared for their shared qualities".[20]

(مشابهت ڪرڻ هڪڙو ادبي فن آهي، جو ٻن غير متعلق شين کي پيش ڪرڻ لاءِ هنن جون خاصيتون مشترڪ ڪندو آهي)

هن رُخ ۾ فطرت جي ذريعي تشبيهه ڏئي، محبوب سان ڀيٽيو ويندو آهي. ڪڏهن ڀيٽ متانهين درجي جي هوندي آهي، جنهن سان سجڻ جي سونهن برابر ۽ لاڳاپو واضح ٿي بيهندو آهي. اڪثر شاعر فطرت سان مشابهت واري رُخ تي شاعري ڪندي نظر ايندا آهن. جيو تہ هي رخ آسان ۽ ڳالهه سمجهائڻ ۾ سولو هوندو آهي. هن کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ ڊاڪٽر فهميده حسين جو حوالو ڏجي ٿو:

> "شاعريءَ ۾ فطرت جو ٻيو رُخ تشبيهه ۽ استعاري ذريعي هڪجهڙائي يا برابريءَ سان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جيئن ماڪ ڦڙن کي رات جو لڙڪ چوڻ، چنڊ کي رات جي پيشانيءَ تي تلڪ سان تشبيهه ڏيڻ يا اُماس جي رات ۾ وشال آسمان ۾ چمڪندڙ تارن کي 'ستارن پريل چُني' چوڻ وغيره" [21]

فطرت سان مشابهت جا خوبصورت مثال هيٺ ڏجن ٿا:

مان ئي آهيان اوڙڪون مان ئي سارو مينهنُ،
پوءِ بہ تو سان نينهُن، مُنهنجو سانوڻَ سِج جان
(شيخ اياز 34)

جهُڙالي آڪاسَ ۾ نيري ڪڪرِ جيئَن،
تُنهنجي سار بہ اِيئن، ڪنهن ڪنهن مهل اچي پَئي.
(شيخ اياز 62) [22]

### 2.3.3 فطرت جو تفصيلي ذڪر (Description of Nature)

فطرت جي هن قسم ۾ فطرتي منظر ۽ نظارا اچي وڃن ٿا. هن قسم جي ٿورڙن لفظن ۾ ڳالهه ڪجي تہ هيءُ عنوان صرف ۽ صرف فطرت جي گهرايين، فطرتي خوبصورتين، فطرتي ٻهرن وغيره جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. يعني هن ۾ شاعر سڌيءَ طرح فطرت سان مخاطب ٿي ڪري، شاعري ڪندو آهي. مظاهرِ فطرت ۽ فطرت جو تفصيل بيان ڪرڻ ساڳي ڳالهه آهي، انهيءَ ڪري، هن کي

وڏيڪ بيان ڪرڻ بي معنيٰ ۽ اضافي ٿيندو.

## 2.4 طبيعت، جبلت ۽ فطرت ۾ فرق

اسان وٽ طبيعت، جبلت ۽ فطرت کي ساڳيءَ معنيٰ طور استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ هي ٽئي لفظ پنهنجون الڳ الڳ معنائون ۽ مفهوم رکن ٿا. فطرت جي معنيٰ (جيڪا مٿي بيان ڪئي وئي آهي) پيدائش سان گڏ جبلت ۽ طبيعت پڻ ڪئي وئي آهي. ان جو ڪارڻ شايد قدرت جي پيدائش جي ڪري جوڙي وئي آهي. باقي مطلب ۽ مراد معلوم ڪري ڏسجي تہ فطرت کان ڪافي ڏورانهين آهي، جيڪا شايد لغت نويسن جي نظر کان دور رهي آهي. هتي مختصرن انهن ٽنهي لفظن جي وضاحت ڪجي ٿي تہ جيئن محقق، اديب ۽ عام پڙهندڙ ان جي مقصد کي واضح طور سمجهي سگهن.

### 2.4.1 طبيعت

طبيعت جي لفظي معنيٰ "مزاج، خصلت يا خصوصيت" وغيره آهي. عمومي طور تي هي لفظ جاندارن ۽ بيجان لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جاندارن مان مراد حيوانات گل، ٻوٽا ۽ وڻ وغيره آهن. اسين پنهنجي ماحول ۾ اهڙن وڻن ۽ گلن مان واقف آهيون، جن جي طبيعت نازڪ ٿيندي آهي. اهي موسمن جي حساب سان پڻ ڄاتا ويندا آهن. جيئن بيد جو وڻ، گرمي جي موسم ۾ پاڻ ئي ڏارجي ڪري پوندو آهي. اسان ان جي طبيعت (خصوصيت) اها ڪري ڄاڻيندا آهيون تہ "بيد جو وڻ گرميءَ جو پاڙي آهي". ان مان اسان کي ان جي طبيعت (خصوصيت) معلوم ٿي نہ ڪي فطرت.

بيجان شين جي لاءِ پڻ طبيعت لفظ استعمال ٿيندو آهي، جن ۾ پٿر ۽ پاڻي وغيره اچي وڃي ٿو. جيئن چوندا آهيون تہ آڪسيجن جي طبيعت (خصوصيت) اهڙي آهي تہ اها سڙندي ۽ باهہ ٻارڻ ۾ مدد ڏيندي آهي. ڪيترين ئي شيون آهن، جيڪي پنهنجي خصوصيت جي ڪري ڄاتيون وينديون آهن ۽ انهن لاءِ طبيعت (خصوصيت) لفظ استعمال ٿيندو آهي. اڄوڪي دور ۾ ان لفظ کي انسانن لاءِ پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو جيئن: "امڙ جي طبيعت ناساز آهي"."چاچو طبيعت جو بخيل آهي". هن جو سڄو دارومدار خصوصيت تي آهي. ايئن چئجي تہ "هڪ اهڙي خصوصيت جيڪا ڪنهن تاثر جو بنياد بڻجي وڃي ان کي طبيعت چئبو آهي." (23)

### 2.4.2 جِبِلتَ

جبلت جي لفظي معنيٰ آهي 'پيدائشي قوت'. جيڪا هر هڪ حيوان کي پنهنجي نوعيت وارن خاص عملن لاءِ آماده ڪري پوريءَ طرح ادا ڪرائيندي رهي. اردو ۾ هن کي 'غزيره' سڏيو ويندو

آهي. جيڪو گھٽو ٿڌو جانورن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ انسانن لاءِ نہ برابر جهڙوڪ استعمال ٿيندو آهي. "حيوان ڪنهن خاص اندروني خصوصيتن جا حامل آهن. جيڪي انهن جي زندگيءَ جي رهنمائي ڪن ٿا ۽ حيوانن ۾ نيم آگاهي 'نيم شعوري' واري حالت چاتي وڃي ٿي. جنهن طرز تي هو رستي کي سجاڻين ٿا ۽ هيءَ حالت ڪسبي ناهي بلڪ اڪتسابي ۽ جبلي آهي." [24] (هن جي لاءِ فارسيءَ جو لفظ "سرشت" بہ استعمال ٿيندو آهي). مثال طور: پکين جا بچا بنا ڪنهن تربيت جي اڏڻ شروع ڪندا آهن. مينهن يا ڏڳيءَ جي ڦرن کي انسان جي چاول پار جيان پستان وات ۾ ناهي وجهبو بلڪ هو خودبخود اڏڻ شروع ڪندو آهي، پر ٿن ڪوشش ڪان پوءِ جڏهن اٿي بيهندو آهي تہ پستان ڳولهي پنهنجي بک ۽ اڃ پوري ڪندو آهي. ان سڄي ماجرا کي حيواني جبلت چئبو آهي. انهيءَ ڪري هي لفظ بہ فطرت کان ڪافي ڏورانهون نظر اچي ٿو.

### 2.4.3 فطرت

"هن لفظ جو لاڳاپو انسانن سان هوندو آهي ۽ لفظ 'فطرت'، 'طبيعت' ۽ 'جبلت' وانگر هڪ تڪويني مفهوم رکندو آهي يعني انساني سرشت جو هڪ حصو آهي. تڪويني مان مراد اها آهي تہ هي اڪتسابي يا ڪسبي ناهي. هي 'جبلت' کان وڌيڪ آگاهي ڏيندڙ شئي آهي. انسان جيڪو ڪجھ ڄاڻي ٿو ان علم بابت آگاهي حاصل ڪري سگهي ٿو يعني انسان ڪجھ 'فطرتي' جو حامل آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو تہ ان ۾ ڪجھ 'فطرتي' آهي." [25]

مطلب تہ فطرت انسان جي رت ڄُڻن ۾ شامل هوندي، ان جي سکيا ۽ تربيت ٿيندي رهندي آهي.

**حوالا:**


1) **English Wiktionary. Available under CC-BY-SA license.** http://www.yourdictionary.com/nature#EHQKu2VYmlcKx5S8.99
2) **Wikipedia, the free encyclopedia**. https://en.wikipedia.org/wiki/Nature
3) **The Penguin Concise Thesaurus**. Edit by: Rosalind Fergusson, Martin Manser, and David Pickering. Published By: The Penguin Group 2000, 2002 . (P: 518)
4) **Oxford Advanced Learner's Dictionary of current English**. A .S Hornby. OXFORD UNIVERSITY PRESS. (eighth Edition 2010) (P: 1019)
5) **THE AMERICAN HERITAGE® DICTIONARY OF THE ENGLISH LANGUAGE**, FIFTH EDITION by the Editors of the American Heritage Dictionaries. Published by Houghton Mifflin Harcourt Publishing Company. 2011.
6) جبين، زينت، ***"اردو نظم میں فطرت نگاری"***. (پي ايچ ڊي) ڊپارٽمينٽ آف اردو عليگڙھ مسلم يونيورسٽي، عليگڙھ انڊيا. 2013. ص: 8

7) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **جامع سنڌي لغات**. (تحقيق ۽ تصنيف) جلد ٻيو (ڇ_ڪ) سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد. 2005. ص: 1318

8) فيروزُ الدين، مولوي، الحاج، (مؤلف) ***"فيروز اللغات اردو جامع "***.(نئون ايڊيشن)، فيروز سنز لميٽيڊ، لاهور. 1967. ص: 840

9) ***"اردو کی پہلی آن لائن لغت"***- قومي تاريخ و ادبي ورثہ ڊويزن، حڪومتِ پاڪستان2017.

10)علي اڪبر، [تاليف] **"لُغت نامہ"** شماره مسلسل:79 شماره حرف 'ف' 1 تهران. شرکت شاپ افست گلشن. دي، 1341هجري شمسي. ص: 279

11)جبين، زينت، ***"اردو نظم میں فطرت نگاری"***. (پي ايچ ڊي) ڊپارٽمينٽ آف اردو، عليگڑھ مسلم يونيورسٽي، عليگڑھ، انڊيا. 2013. ص: 531

12)ميمڻ، عبدالغور، ڊاڪٽر. **سنڌي ادب جو فڪري پس منظر**. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد. 2017. ص: 23

13)جبين، زينت، ***"اردو نظم میں فطرت نگاری"***. (پي ايچ ڊي) ڊپارٽمينٽ آف اردو، عليگڑھ مسلم يونيورسٽي، عليگڑھ، انڊيا. 2013. ص: 12

14)ميمڻ، عبدالغور، ڊاڪٽر. **سنڌي ادب جو فڪري پس منظر**. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد. 2017. ص: 143

15)ياسر جواد (ترجمہ)، ***"انسان، خدا اور تہذیب"***. جان جي جيڪسن، نگارشات پبلشرز، 24_مزنگ روڊ، لاهور. 2016. ص:99

16)هاشمي، منور، ***"اقبال کے اردو کلام میں فطرت نگاری اور ایک ہمعصر شاعر سے تقابلی جائزہ"*** (پي ايچ ڊي)، شعبہ اردو سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، سنڌ. 2002. ص: 06

17)فهميده حسين، ڊاڪٽر. **شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري**، سنڌي **ٻولي**_تحقيقي جرنل.جلد ڇهون_شمارو ٻيو، اپريل_جون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. . 2013. ص: 33_32

18)گربخشاڻي، هوتچند مولچند. **"شاهہ جو رسالو"** (ڇئن جلدن ۾). آر.ايچ. احمد ائنڊ برادرس بڪسيلرس، پبلشرز، شاهي بازار، حيدرآباد. 1967.

19)شيخ،اياز. **اڇا چنڊ پس پرين**.نيو فيلڊس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد. 1990

20) **"Literary Terms. Analogy"** *Literary Terms*. 1 June 2015. Web. 3 Nov. 2016. https://literaryterms.net/

21)فهميده حسين، ڊاڪٽر. **شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري**، سنڌي **ٻولي**_تحقيقي جرنل.جلد ڇهون_شمارو ٻيو، اپريل_جون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. 2013. ص: 33

22)شيخ،اياز. **اڇا چنڊ پس پرين**.نيو فيلڊس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد. 1990.

23)مطهري، آیت الله، شهید، مولانا ریاض حسین جعفري (مترجم). **"*فطرت*"** اداره منهاج الصالحین،جناح ٹائون، ٹوکر نیاز بیگ، لاهور. 2006. ص: 36

24)ساڳيو. ***فطرت***. ص:37

25)ساڳيو. ***فطرت***. ص: 40، 41

## باب ٽيون

# سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري

سنڌ ڌرتيءَ تي ڌارين جي ڪاهن ۽ حملن جي ڪري سڄو ادبي خزانو رُلي ويو ڪجھ سڙي ويو تہ ڪجھ حملي آور قومون ساڻ کڻي ويون. جيڪو بچيو ان مان صرف ۽ صرف چند مثالي نمونا بچيا. جن جي تحت چئي سگهون ٿا تہ هيءَ قوم بہ علم جي اٿاھ سمنڊ کان واقف هئي. پنهنجو علم و ادب رکندي هئي. شروعاتي شاعريءَ بابت ڪجھ روايتون ملن ٿيون. جن ۾ پٿن، ڀانن ۽ سگهڙن جو چيل ڳاهون، اسماعيلي داعين جو ڪلام، ماموئي فقيرن جا بيت وغيره، شامل آهن.

سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت قديم دؤر کان ملي ٿي. ڇو جو جيڪي ڪلام جا نمونا ۽ نشان مليا آهن، انهن ۾ فطرت جو رجحان ۽ فطرت سان ناتو ظاهر ٿئي ٿو. اوائلي ڪلام جيڪو تاريخ جي ڪتابن ۾ سومرن جي دؤر کان ڄاڻيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو ان جو مختصر جائزو ورتو وڃي، تہ ان ۾ فطرت جا اولڙا ۽ عڪس نظر اچن ٿا. سومرن جي دؤر ۾ پٿن ڀانن جون مشهور ڳاهون ملن ٿيون. انهن ڳاهن ۾ رزميہ يا جنگي ۽ عام واقعا شاعري ۾ بيان ڪيل آهن. جيڪي ان وقت جي واقعن ۽ حالتن کي ظاهر ڪن ٿا. اهڙين ڳاهن ۾ فطرت سان پيٽ ڏيئي، بهادرن جي واکاڻ ظاهر ٿئي ٿي. گڏوگڏ مقامي ڪيفيت ۽ صورت واضح ٿئي ٿي. جيئن:

سورج سنئون نہ اُڀري، ڌرتي ڌاڄ نہ ڏي،
اُڀ سپ ڪنهن اُڇو اُپ نہ اُڇو ڪوءِ،
جَرَ نہ ڪٽن ڪنگرين، راءُ نہ ڳنڊيين ويڻ.
وسين تان وس، عالم لڳوئي آسري،
هاٿي ڪيم ترس، جو مندون موٽي آئيون.
(جوٽيجو35)

آخري ڳاھ فطرت جي تجسيم کي ظاهر ڪري ٿي. شاعر ان سان مخاطب ٿيندي عالم جي اميد کي ظاهر ڪري رهيو آهي. پٿن ڀانن جي ڳاهن کانپوءِ اسماعيلي داعين جا گنان ملن ٿا. گنان جا ڪيترائي مشهور شاعر ٿي گذريا آهن. پير صدرالدين جو گنان جي شاعريءَ ۾ اعليٰ مقام آهي. سندس ڪلام ۾ ناصحانہ نڪتن سان گڏ ڪٿي ڪٿي فطرت جي عنصرن کي نشانبر ڪيو آهي:

ٻانها تنهنجو تڪيو ڪنبن ۾ ڪوڙ،
پسي رتا گلڙا، مَر وڃائج مور.
(جوٽيجو42)

سومرن کان پوءِ سمن جي دؤر ۾ پڻ ابتدائي بيت ۽ ڳاهون ملن ٿيون. جن ۾ پڻ فطرت

جي نظارن ۽ شين سان پيٽ ڪندي شاعري پيش ڪئي وئي آهي. هن ئي دؤر ۾ماموئي فقيرن جا بيت ملن ٿا. جيڪي ان وقت جي مقامي منظر کي ظاهر ڪندي فطرتي شين سان تعلق ڏيکارين ٿا:

هاڪ وهندو هاڪڙو پڇندي ٻنڌ اروڙ
ٻهه مڇي ۽ لوڙهه سمي ويندا سوکڙي
(جوڻيجو44)

هن ئي دؤر ۾ هوٿل ۽ اُڍي جو داستان ملي ٿو. جنهن بابت چيل ڳاهون ۽ بيت فطرت جي مشابهت واري رخ کي ظاهر ڪن ٿا. ان بابت خوبصورت تشبيهون ۽ استعارا ڏيئي شاعرن عاشق ۽ معشوق جي ڪيفيت ۽ تڙپ کي ظاهر ڪيو آهي.

اُتر سيگهون ڪيڍيون، ڏونگر ڏمريا
هيئڙو قتڪي مڇيءَ جين، سجڻ سنيريا
(جوڻيجو29)

اُڍا توسين آر، ڪر وسين نہ سپ چمار
شل تر _ ٻاٻيهڙي تي مران!
(جوڻيجو31)

پاٽي مٿي پن، جئن ٿو ٻڏي اپڙي
تيئن هوٿل منهنجو من، لوڙهي وڏو لهريين.
(جوڻيجو32)[1]

هن ئي دور ۾ شيخ حماد جمالي، درويش نوح هوٿياڻي، شيخ عبدالجليل چوهڙ، مخدوم احمد ڀٽي، اسحاق آهنگر (ٿيان مان جهرڪ، وهان پرينءَ جي ڇڄ) هنان فقير جهڙا شاعر ملن ٿا. ان ڪانپوءِ قاضي قادن جو دؤر شروع ٿئي ٿو.

## 3.1 سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ فطرت

لوڪ ادب جنهن کي دهقاني يا عوامي ادب پڻ سڏيو ويندو آهي. لوڪ ادب ۾ عوام جي رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون، وهم، ڀرم، سوڻ، روايتون، حب الوطني ۽ فطرتي رنگ وغيره اچي وڃن ٿيون. لوڪ ادب ذريعي قومي ثقافت ۽ تمدن جي خوبصورتي نروار ٿئي ٿي. انهيءَ سان گڏوگڏ ٻوليءَ جي خزانو نشابر ٿئي ٿو. جنهن ۾ نج عوامي لهجا ۽ ڪردار ظاهر ٿين ٿا. لوڪ ادب جاندار ۽ غير جاندار شين کي پاڻ اندر سمائي ٿو. لوڪ ادب هر هڪ قوم جي ادبي سجاڻپ ۽ ثقافت جو وارث ۽ محافظ هوندو آهي. سندن بيان ڪيل شيون ثقافت جو اهڃاڻ بڻجي ويندڀون آهن.

لوڪ ادب کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ نثري ۽ ٻيو نظمي. نثري حصي ۾ لوڪ ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون. جڏهن تہ نظمي حصي ۾ لوڪ شاعري اچي وڃي ٿي. لوڪ شاعريءَ ۾

واقعاتي، روايتي، وندر ۽ ورونهه، هنر ۽ ناصحانه، سماج ۽ ثقافت، نج لهجا ۽ ٻولي سمايل هوندي آهي. ان جون ڪجهه اهم صنفون: لوڪ گيت، ڳيچ، سهرا، لولي، سينگار، ٻيلڻ، ڏهس، مورو وغيره آهن. اسان جو موضوع لوڪ شاعريءَ ۾ فطرت آهي. انهيءَ ڪري ان تي غور و فڪر ڪندا سين.

لوڪ شاعريءَ جون جيڪي به صنفون آهن، انهن ۾ هر هڪ جو فطرت بابت اندازِ بيان مختلف هوندو آهي، يعني فطرتي شين کي الڳ الڳ پسمنظر ۾ واضح ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ عوامي منظرن، مقامي نظارن سان گڏوگڏ فطرت جو گهرو مطالعو نظر اچي ٿو. وڻ ٽڻ، گل ڦل، پکي پکڻ، مچيرن توڙي جو مال متاع سان گڏوگڏ موسمن جو ذڪر عام جام ملي ٿو. لوڪ گيتن ۾ فطرت مختلف طريقن سان واضح ٿيل آهي. هونئن ته انهن جو موضوع خوشين تي دارومدار رکي ٿو پر مقامي ماڻهن جي سياءَ ۽ مزاج ۾ فطرت جو اونهايون ۽ محبت پريا ڏيک سمايل آهن. ”لوڪ گيت هميشه مٽيءَ جي ٻڻ بنياد مان پيدا ٿيندا آهن. جيئن وڻ ٻوٽا بنا مٽيءَ جي پيدا نه ٿا ٿي سگهن ۽ نه ئي انهن جي نشونما ٿي سگهي ٿي، ائين ئي لوڪ گيت به مٽيءَ ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن ۽ مٽيءَ ۾ وڌندا ويجهندا آهن. ان ڪري ئي لوڪ گيتن ۾ مٽيءَ جي خوشبو لازمي طور هوندي آهي“.[2] انهن جي تاريخ رالف وليم جي نظر ۾: ”لوڪ گيت نه نوان آهن نه پراڻا. اُهي ته هڪ جهنگل جي درخت وانگر آهن جن جون پاڙون ماضيءَ ۾ اونهيون آهن پر اُن درخت ۾ لڳاتار نيون شاخون، نوان پن ۽ نوان گل اڀرن ٿا“.[3] نموني طور فطرت سان تعلق رکندڙ ڪجهه لوڪ گيت پيش ڪجن ٿا:

### 3.1.1 مورو

مورو لوڪ گيتن جو هڪ قسم آهي. جيڪو سڄي سنڌ، لس ٻيلي ۽ قلات مڪران جي علائقن جو مشهور گيت آهي. موري ۾ ڇلڙي (لوڪ شاعريءَ جي صنف) جهڙا مرڪزي نڪتا، محبت ۽ مجاز، وصال ۽ وڇوڙي، محبوب ۽ عاشق جا موڪيل سنيها سمايل هوندا آهن. محبت جو پيغام هن جو مرڪزي نڪتو هوندو آهي، انهيءَ ڪري هن کي ”سنيهڙو“ يا ”ليهڙو“ پڻ چيو ويندو آهي. مورو کي نڙ تي سهڻي انداز سان ڳايو ويندو آهي. جڏهن ته هن کي سرندي يا ساز بنا به ڳائي سگهجي ٿو. مورو جي پهرين مصرع ۾ ڪنهن شئي يا جاندار جو نالو ڏيئي ٻي مصرع ۾ مجازي ڪيفيت جو اظهارِخيال ڪيو ويندو آهي. اڪثر ڪري فطرت جي ڪنهن نه ڪنهن شئي کي سامهون آڻي مورو چيو ويندو آهي. جيئن: جبل، ٽڪر، اٺ، ڏاند، گهوڙو، مينهن، پکي، ٻني، وڻ، ڪنڊيون، ٻير، ڪڻڪ، ٻاجهري، نڪٽ وغيره. يعني ڪائنات مان ملندڙ هم خيال لفظ جن کي هم قافيه طور به قطب آڻي سگهجي ۽ پنهنجي سڪ به سمائي سگهجي. مثال طور:

مورو ناهي ٿورو، حاڪم! موڪل ڏي،
جبل مٿي هاٿي__ دلبر سان دل ڦاٿي،
حاڪم! موري موڪل ڏي..

جبل مٿي لَيون _ اڳيون ڳالهيون ويون،
حاڪم! موري موڪل ڏي..
جبل مٿان هَٿي _ دلبر دل آجهٽي،
حاڪم! موري موڪل ڏي..
جبل مٿان ڳيري _ مَرَن تنهنجا ويري،
حاڪم! موري موڪل ڏي...(بلوچ، 72)

### 3.1.2 همرچو

هي لوڪ گيت جو هڪ قسم آهي. جيڪو ٿر ۾ لاڙ ۾ ڳايو ويندو آهي. عام روايتي همرچي ۾ پوڪن، گاهن، وسڪارن وغيره جو ذڪر هوندو آهي. ڪافي منظر ڪشي ٿيل هوندي آهي. عام ماڻهن جا خيال عموما فطرت سان ويجهڙائي ڏيکاريندا آهن. نموني طور هڪڙي همرچي جون ڪجهه سٽون پيش ڪجن ٿيون:

آئي موسم مِنهانءَ ري لا_ الا همرچو هوڙي لا...
آپي ۾ آڙنگ ٿيو آهي الا_ الا همرچو هوڙي لا...
اُتر ۾ ڪارِنءَ ڳَڪرِنءَ هولا_ الا همرچو هوڙي لا...
تڙ تڙ ٻولي تاڙيو لا_ الا همرچو هوڙي لا...
وادِ لِيا پيا و اڪِينءَ هولا_ الا همرچو هوڙي لا...
تِتر گر ڙيَ آپي ۾ لا_ الا همرچو هوڙي لا...
آيو سانوڻ نيڙو هولا_ الا همرچو هوڙي لا...
پرجي آسي برسارو لا_ الا همرچو هوڙي لا...
جهرمِر بَرسي مينهڙلو ڙي لا_ الا همرچو هوڙي لا...
رَڙڪي پريو رَڙيارو ڙي لا_ الا همرچو هوڙي لا...
وَڙيو ڏڪڻ روڳُو بائيرو ري لا_ الا همرچو هوڙي لا...
سهيلي سٽڪا ڏئي ٿي هولا_ الا همرچو هوڙي لا...
ٻَر ٻَر ڪري ٿي ٻَڪرار لا_ الا همرچو هوڙي لا...
ڏُوڪي پريا ڏورا هولا_ الا همرچو هوڙي لا...
ٽُڙ ڦُڙ پريا ٽو ٻِڙلا لا_ الا همرچو هوڙي لا...
پَلرُ پاٽي پٽانءَ تي لا_ الا همرچو هوڙي لا...
تَل ٿُرائينءَ تار ٿيا لا_ الا همرچو هوڙي لا...
ٻڙي تان آيو ٻڙ سارو لا_ الا همرچو هوڙي لا...
گاسِ اُڳِي ڪريا گهيرا هولا_ الا همرچو هوڙي لا...

معنيٰ: مينهن جي موسم آئي. آسمان ۾ آڙنگ ٿيو آهي. اُتر ۾ ڪارا ڪڪر اپريا آهن. ٽڙ ٽڙ تي تاڙو پيو ٻولي. ڪڪر پيا آسمان ۾ ڊوڙن. ٽتر ڪرڙي آسمان ۾ ظاهر ٿي آهي. سانوڻ جي مند ويجهي آئي.پرجي ايندو وسڪارو. جهر مر ڪري مينهن پيو وسي. مينهن وسي رڙياڙو (تعلقي ڇاڇري ۾ گڊڙي جي آس پاس آباديءَ جو نالو) ڀ پري ڇڏيو آهي. ڏڪڻ جو ڪو واءُ وريو. کِنوڻ ڀ چمڪاٽ پئي ڪري. مينهن وسي ڊورا پري ڇڏيا آهن. ڍنڍون تلاءَ مينهن پري ڇڏيا آهن. مينهن جو پاڻي پٽن تي پکڙيو پيو آهي. تليون ترايون سڀ تار ٿيا آهن. وري تان وسڪارو آيو. هر هنڌ گاهہ اپريا آهن.(بلوچ, 259ـ260ـ261)

## 3.1.3 باد‌ليئو

هي لوڪ گيت ٿرپارڪر جي خطي ۾ ٿري محاوري ۾ چيل آهي. هن گيت ۾ برسات وسڻ کان اڳ جو نظارو بيان ٿيل آهي تہ هاري ناري, ٻنيون ٻارا ٽٽا ڪيڙي سگهن; گاهہ جي ڪمي سبب ڍڳين کير سڪائي ڇڏيو آهي; کوهن جو پاڻي سڪي ويو آهي. جنهن ڪري پاڻهياريون حيران ۽ پريشان آهن.

وراڻي: باد‌ليئا! تون برس 'امراڻي' ري رس
تو بنا هاري هَرپِئا نہ ڪيڙي, تو بِلکي ڦِري ٻِتُوئاري ري__
باد‌ليئا! تون برس 'امراڻي' ري رس
تو بنان کُوئي پاڻي سُڪيو بِلکي ڦِري پڻهاري ري__
باد‌ليئا! تون برس 'امراڻي' ري رس
تو بنان ڳئوئان ڏوڌ نہ ڏيئن, بِلکي ڦري ڏوجهاري ري__
باد‌ليئا! تون برس 'امراڻي' ري رس...

معنيٰ: اي ڪڪر! تون عمرڪوٽ تي اچي وس. تو کان سواءِ هاري ٻني ٽٽا ڪيڙين ۽ ٻتوئاري پريشان آهي. تو کان سواءِ کوهن پاڻي سُڪي ويو آهي ۽ پڻهاري پريشان آهي. تو کان سواءِ ڍڳيون کير نٿيون ڏين ۽ ڏهڻ واريون پريشان آهن. (بلوچ, 314ـ315)[4]

ان کان علاوه لوڪ گيتن جا ٻيا هي قسم **رائڻڙ وَرُ** (وسڪاري جي موسم ۾ زالون ڳائينديون آهن) **ورسارو** (چوماسي مينهن جي موسم) **چوماسو** (سانوڻ جي مند ۾ هڪ جيڏيون ڳائينديون آهن) مينهوڳيءَ سان تعلق رکن ٿا.

## 3.1.4 سينگار شاعري

سينگار شاعريءَ ۾ عورت جي مجازي سونهن کي چار چنڊ لڳائڻ لاءِ حسن جي تعريف ڪئي ويندي آهي. هندي شاعريءَ کان شرنگارس شروع ٿيندڙ سنڌي سينگار شاعريءَ تائين پنهنجو خوبصورت سفر پورو ڪري ٿي. ان ۾ حسن جا 8 تہ ڪٿي وري 16 سينگار بيان ڪيا وڃن ٿا. ان ۾ عورت جي ظاهري سونهن, چال چلت, اٿڻي ويهڻي سان گڏوگڏ ڪم ڪار وغيره, جي تعريف ڪئي

وجي ٿي. لوڪ شاعرن پدمڻيءَ يا ڪٽي چٽجي تہ عورت جي حسن ڪي چار چنڊ لڳائڻ لاءِ اٺاويهہ اوصاف فطري ۽ ظاهري حسن لاءِ مقرر ڪيا. جن ڪي اڳتي هلي انهن ئي انهن ڪي ڏار ڪيو. سورهن سينگار عورت جي فطري سونهن ۽ سوڀيا لاءِ مقرر ڪيا ۽ جڏهن تہ ٻارهن سينگار عورت جي پنهنجي سينگار لاءِ مقرر ڪيا.

سورهن سينگار سڌوسنئون فطرت سان تعلق رکن ٿا. عورت جي جيڪا فطري سونهن يا ڪشش آهي، ان ڪي سگهڙ فطرت جي حسين رنگن يا جاندارن سان تشبيهون ڏين ٿا. جنهن سان پدمڻيءَ جي خوبصورتي ۾ بيهڪ چڱيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي. اهڙن سورهن فطري وصفن ڪي شاعر هيئن ظاهر ڪيو آهي:

”چار چَلَنَت، چار اَڏَنَت، چار ڦول،ڦَلَ چار،
اهي سورنهن ئي سينگار، اَبَرَنوِيَ اٺ چار“.

يعني تہ محبوب حسن جي سورنهن فطري وصفن سان سينگاريل هجي، جن مان چار وصفون زمين تي هلندڙ جاندارن (چلنت) واريون سهڻيون هجن، چار وصفون اڏامندڙن (اڏنت= پکي وغيره) واريون هجن، چار وصفون گلن (ڦول) واريون هجن ۽ چار وصفون ڦلن (ڦل) واريون هجن: حسن جا فطري سينگار اهي ئي آهن، باقي اَبَرَنوِيَ يعني بناوتي سينگار ٻيا جدا ٻارهن (اٺ + چار) آهن“. (بلوچ، 27-26)

لوڪ شاعرن فطرتي رنگن ۾ تشبيهن ذريعي پدمڻين ڪي پنهنجي سونهن ۾ سندرتا سمجهي، هترادو هار سينگار يا جوهرات ڪي ترجيح گهٽ ڏني آهي. ڇو جو ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ ماڻهو گهٽ آمدنيءَ سبب پنهنجي عورتن ڪي فطرت سان مشابهت ڏيئي، انهن جي حسن ڪي چارچنڊ لڳائين ٿا. ٻهراڙيءَ جي عورت ڪي فطرت جا رنگ دلڪش ۽ دلفريب بڻائين ٿا. انهن جي لاءِ سورنهن فطري سينگار گهڻي ۾ گهڻي اهميت رکن ٿا. اهي فطرت سان محبت جي آفاقي نشاني پڻ آهي. ڇو جو محبوب بہ فطري رنگ ۾ رنڱيل پسند اچي ٿو. اهڙن فطري سورهنِ سينگارن ڪي سگهڙن هن ريت بيان ڪيو آهي:

”مرگهہ نين، ڪيهر لڪ، اسپ گهونگهٽ، گج گام
ڪوئل ٻولي، طوطي نڪ، مور ڳچي، پاريوَر قدام
سوسن بال، مک ڪنول، ڏند چنبيلي، اڌر گل لالا فام
اونڌ سوپاري، نِپيپُو پپيهل، مگُ ڦرانگلي، نَدي آم.

يعني تہ هرڻ جهڙيون اکيون، شينهن (چيتي) جهڙي سنهي چيلهہ، گهوڙي وارو گهنڊ ۾ ناز، هاٿي واري سهڻي ٽور، ڪوئل جهڙي مني ٻولي، چٽون جهڙو ڪنڊو نڪ، مور جهڙي سهڻي ڳچي ۽ ڪبوتر جهڙا گلابي پير، سوسن گل جهڙا نرم ڪارا وار، ڪنول گل جهڙو

سهڻو منهن، چنبيلي گل جهڙا سفيد ڏند ۽ لالہ جي گل جهڙا لعل لب، سوپاريءَ جهڙي گول نندي ڪڙي، ليمي جهڙا پستان، مڱ جي ڦريءَ جهڙيون سنهيون آڱريون ۽ انب جي هيٺين چوٽي جهڙي سهڻي ڪاڏي. (بلوچ، 31-30)[5]

عورت جي حسن کي چمڪائڻ لاءِ انا ويهہ سينگار ڪارگر هوندا آهن. پر اڪثر ڪري سگهڙ عورت جي فطري سورهن سينگارن کي بيان ڪندا آهن، جيڪي ظاهري ۽ جسماني هوندا آهن. جن ۾ سورنهن فطري وصفون پڻ هونديون آهن.

تلِيهرَ ترَنگ، اُپِي جهاڙي جهاڙَ پِرِ
جنهن جا وَرن وَساوَڙَ وِتُرا، اُلَدَهہ جيها انگ
ڪيست لڪِي ڪامٽي، نِيچا نينَ ڪُرَنگ
ڪُنگو ڪوڏ ڪرائِيُون، پِرُون پونرَ پوَنگ
جلوو جوبن روپ جو، ماهہ گهڙيو سر گنگ
سيڻن "سليمان" چئي، سُسايا سارنگ
وجُون منجهہ مهنگَ، ڪنبِي پيئيُون ڪڪريون.

واسينگ وارن واري، وڻ پرسان بيهي پيئي نهاري، سندس رنگ (حُسن) مِينهن وساڙي کان بہ زياده ڳاڙهو ۽ مخملي آهي، ۽ عضوا مکڻ جهڙا نرم آهن. هن محبوب جي ڪمر شينهن جهڙي لڪدار، ۽ نماڻا نيڻ هرڻ جهڙا آهن. ڪرائيون ڪُنگوءَ وانگر ڳاڙهيون ۽ نرم، ۽ ڪوڏَ جيان اَڇيون ۽ لسيون ۽ پونرَ ڪارا پِرون نانگ جهڙا آهن. محبوب جو حسن ايئن پئي ڀڪيو جئن (رات جي وقت) پاڻيءَ مٿان چنڊ (تارن سميت) ڪِڙي بيهي. سليمان شاعر چوي ٿو تہ سيڻم اهڙا تہ سهڻا آهن، جو برساتي فضا کي بہ تيڙي پکيڙي ٿا ڇڏين يعني محبوب اهڙو تہ حسين آهي، جو بادلن جي آبدار فضا (آسماني مثل مانڊاڻ) کي بہ بي رونق بڻائي ٿو ڇڏي مهبوب جي حُسن کي ڏسي، خود وجون (تاب نہ جهلي) ڪڪرن جي اونداهي ۾ پيهي ويون. (سنديلو162-163)

### 3.1.5 پروليون ۽ ڳجهارتون

لوڪ شاعريءَ ۾ ٻاراڻا ٻول يا ٻاراڻي شاعري فطرت جي رنگن سان پريل آهي. هنن ٻولن ۾ مقامي ماحول جي فطرتي نظارن سان گڏ قدرتي شين، لفظن يا اصطلاحن کي آندو ويو آهي تہ جيئن ٻار فطرت کان واقف ٿي، انهيءَ جي ويجهو ٿين ۽ سوچ ويچار ڪري پنهنجي ذهني سگهہ کي وڌائين. لوڪ ادب ۾ اڪثر اهڙيون پروليون آنديون وينديون آهن جن سان ٻارن جو ذهن تيز ٿئي ۽ هو سوچن تہ هنن جا خيال ۽ ذهني سگهہ شين کي جلديءَ ۾سمجهي سگهي. لوڪ شاعري اڪثر ڀراڙين جو مشغلو هوندي آهي. انهيءَ ڪري ٻاراڻا ٻول تخليق ڪري ٻارن کي ذهين نشين ڪرايو ويندو آهي.

اڪثر ماڻهو ڪم ڪار ڪندي يا رات جو ڪليل آسمان هيٺ ٻارن کي پروليون ڏيندا ۽ وٺندا آهن. انهن سڀني پرولين ۾ فطرت جون جهلڪيون ۽ منظر واضح هوندا آهن. لوڪ شاعريءَ جي صنف پرولي گهڻي ڀاڱي فطرتي شين تي دارومدار رکي ٿي. هن ۾ فطرتي شين کي ڳجهو رکي يا وري ڪنهن اهڙي شئي کي لڪ ڏيڻ لاءِ انهن لفظن جي مدد ورتي ويجي ٿي. فطرت جا هڙئي قسم ڪنهن نہ ڪنهن ريت فطرت سان گهرو تعلق رکن ٿا. ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي جبلت ۾ فطرت سمايل هوندي آهي انهيءَ ڪري هو هر شئي ۾ ان جو اظهار ڪندا آهن. ٻارن لاءِ تخليق ڪيل ڪجھ فطرتي رنگ ۾ رنگيل پروليون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

اُٺ وهنجي نڪتا، گهڙا ڪين ٻڌن
پرديسي پکيئڙا، وينا اُڃ مرن. (**ماڪ**) (سنديلو18)

ڏيڻي: چار وڻ 'چوري' ڏيو!
پڇڻي: پرڪڻ وينو پٽ تي
چڪيائين نار
گل ڪريو هڪڙو
وڻ چريا چار. (سنديلو19)

ڏيڻي: ترار کي پاڻي پياري ڏيو!
پڇڻي: لڪڙ هلي، لڪڙ چلي
لڪڙ ۾ 'منارو' پي چڙهيو تارو
تاري هنيو منڊ، پي چڙهيو چنڊ
چنڊ ڪئي گرڙي، پي چڙهي ڪرڙي
ڪرڙي لاٿا آنا، پي چڙهيا ڪانا
ڪانن ڪئي هير، پي چڙهيا مير
ميرن ڏني پٽي، پي چڙهي اُٺي
اُٺي ڪئي راڙ پي چڙهي ترار. (سنديلو 20)

اڏامي ٿو عرش تي، پکي بہ ناهي
ڪن پڇ ڪئي جهڙا، مئو بہ ناهي
ڏينهن رات ويهي حجري ۾، مُلو بہ ناهي
رات ساري سمهي نٿو فقير بہ ناهي
اونده ۾ اُلرون ڪري، چور بہ ناهي
سچ ۾ اوتارو سندس، ساقي بہ ناهي
ٻڌايو تہ ڇا آهي؟

پيچٽي: چمڙو (سنديلو 21)[6]

### 3.1.6 هنر شاعري

هنر فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معني فن، ڪاريگري يا دانائي آهي. هي ڳجهارت جو قسم آهي. جنهن ۾ شاعر پنهنجي شعوري سگهه سان انتهائي ڳوڙهي نموني جا راز سمائي پيش ڪندا آهن، جن کي سگهڙ، ڏاها ۽ عاقل ماڻهو پروڙيندا آهن. هنر ۾ جاندار ۽ غير جاندار شين کي سمايو ويندو آهي. هنر شاعري ۾ مٽيادار منظر جوڙيل ۽ انهن جي اندر پنهنجا خيال کي واضح ٿيل هوندا آهن. يعني ظاهري ڏيک فطرت يا فطرتي شين سان پُر آهي پر ان جي اندر هنر جي فن سان پنهنجو مطلب سمايل آهي. هڪ لفظ سان ملندڙ جلندڙ لفظ پيش ڪري ان کي ٺوڙيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن هنر ۾ پکي لفظ آيو تہ پوءِ پکين جا نالا ڪنيا ويندا آهن، جي زمين تي هلندڙ جانور جو نالو ايندو تہ پوءِ انهن جا نالا ڪٽي انهيءَ کي پيچبو آهي. ڪيترائي اهڙي قسم جا بيت آهن، جن ۾ جاندارن يعني پکين، مڇين، گلن ٻوٽن وغيره جو ذڪر ڪيل آهي. هنر ۾ فطرت جي ڳالهہ ڪجي تہ انتهائي گهرا ۽ انوکا منظر پيش ڪيا ويندا آهن. انهن ۾ اهڙو تہ لِڪُ رکيو ويندو آهي جو پيچندڙ فطرت جي تهہِ کي اٿلائيندو پٿلائيندو ان جي گهرائي جاچي ٺهہ پهہ جواب ڏيندو آهي. اهڙن بيتن مان چند نموني هيٺ پيش ڪجن ٿا جن مان فطرت جي گهرائي ۽ اونهائي ظاهر ٿئي ٿي:

"سرٽيون تو وٽ سومرا، ڏي ڪتياٽيون تن
هيڙها تو وٽ سومرا، اتي ڪونجون ڪيئن ٽڪن
هو چيو پرمارن، ميٽا نہ کائج مارئي.

(1_ سرٽيون = سرڻ پکي جمع سرٽيون سي + راٽيون. ڪتياٽيون = ننڍڙو نيرڙو پکي (ڪتياٽي جمع ڪتياٽيون) ڪٽون + آٽي

2_ هيڙها = پکي: هھڙا. ڪونجون = پکي: ڪوجهيون

3_ پرمارن = پرمار پکي. پر (گذريل سال) + مارن. ميٽا = ميٺو پکي ؛ مِٺا (ڪاڏا)

1. سومرا تو وٽ جيڪي راٽيون آهن، تن کي اهي کٽون (پلنگ) آٽي ڏي، مون لاءِ ڇو آنديون اٿئي
2. تو وٽ اهڙا حسن وارا ماڻهو موجود آهن، اتي (مون جهڙيون) ڪوجهيون رهي ڇا ڪنديون!
3. مون کي مارن چئي ڇڏيو تہ (عمر وٽ) مٺا طعام نہ کائج. (بلوچ، 216)

"تِڪ ڏسي ترسي پيا، اُتي اوتارا
سج چنڊ لُڙ ۾ لَٿيا، اُتي اوتارا
سهڻيءَ ساهڙ جا ڏنا، اُتي اوتارا
پوٽيا پٽجن ڪينڪي، اُتي اوتارا
اُتي اوتارا، اڙيا "موهن" جا محبوب سان

(موهن فقير)

(1_ او+تارا= اهي تاروئڙا جيت 2_ اهي تارا آسمان جا 3_مڪان ماڳ 4_اکين جا تارا 5ـ تارُن (مَن جون)

1. درياء ۾ پاڻيءَ جي تک ڏسي تاروئڙا جيت بہ بيهي رهيا (پر سهڻي گهڙي پئي)
2. جهڙ جي انڌوڪار سبب چنڊ ۽ تارا بہ لڙاتجي ويا
3. سهڻيءَ پري کان ميهر جا اوتارا پئي ڏٺا
4. پر سيءَ ۽ ننڊ کان سهڻيءَ جي اکين جا تارا بہ پورجي ويا
5. انهي هوندي بہ سهڻي، جنهن کي تار ميهار جي من ۾ لڳل هئي، سا اوڏينهن ڪاهيندي وئي.(بلوچ،150) (7)

### 3.1.7 قافيون

لوڪ شاعريءَ ۾ قافيون پڻ لکيون ويون آهن. جن جو بنياد عشقيہ موضوع، درد ۽ پيڙاء رهيو آهي، پر انهيءَ ۾ موضوعاتي اضافو ڪندي سگهڙ شاعرن نيون راهون ۽ نوان خيال شامل ڪيا آهن. جيئن توحيد پرستي، يعني حمد و ثنا، عشق جون اونهايون، عشقيہ لوڪ داستانن سان گڏوگڏ رزميہ داستان شامل ڪيا آهن. نصيحت آميز ڳالهيون ۽ واقعاتي بيانن سان گڏوگڏ مناظرِ فطرت کي پڻ بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ موسمون، آسماني نظارا، پوکون وغيره اهم آهن.

لوڪ شاعرن مناظرِ فطرت ڏيئي پنهنجي خيال جي گهرائي، پنهنجي درد ۽ احساس کي ظاهر ڪيو آهي. ان ئي طرز تي محمد فقير کٽياڻ جي هڪڙي قافي پيش ڪجي ٿي، جيڪا بهار ۽ بوندا باديءَ تي چيل آهي. جنهن ۾ گلن جي ٽڙڻ، انهن جي خوشبوئن سان گڏوگڏ پکين جي لاتين ۽ سرسبز شين کي ظاهر ڪيو آهي.

بسنت بهاريا باغ بهار، برسر بوند بهاري لائي

1. سروُ صنوبر سورج سوسن، گهُيلئي گل گلابي گلشن
ڪيتڪي ڪيفن لالان جهَرڪن، ڪيتي ڪُليئي ڪنهٽار
اکيان وچ اظهاري آئي
2. نازبوءِ نرگس تڪمان ٽُل ٽُل، گونتا گوهر غنچا گُل گُل
ڪيتي حال حسن دي هُل هُل، هرجاءِ هِت هُت حق هُبڪار
بنيا بيک بحال بقائي
3. سرخ سبزي سِر سناسي، زنگي سنبل ويک عباسي
گاڪي پُوريا پيم پلاسي، چم چم چنن ڪر چمڪار
چِيتڪ چشمان چوٽ چڙهائي
4. موتيا مشڪي محسن منور، جعفري جڙاء احمر انور

صاف صنم تي سهڻا سرور، محبت والي ميگهہ ملار
مئي پِي "محمد" موج مچائي. (بلوچ، 1152)

لوڪ ادب سلسلي جو ويهون ڪتاب "قافيون" آهي جنهن ۾ ميران محمد شاهہ بهار جي موسم تي خوبصورتيءَ سان ان جا منظر ۽ قدرتي ڏيکن کي ظاهر ڪيو آهي:

برسي بوند بهاري وي، ٽڙيا گُل گلابي بلڪل

1. مينهن منداڻتا آيا موتي، سارنگ جي تي ساري وي
ڪِنوڻ ڪِنويو پئي ڪِليو خوشيءَ مان، ڏي بشارت باري وي
ايندم يار اڱڻ تي عامل

2. وجد ۾ وجهندو واءُ وصالي، وليون وٽڪاري وي
گل گلابي ٿهہ ٿهہ ٽِڙيا، ٿمي ٽيپن سان تاري وي
باغ باغيچو ٿيو سڀ گل ڦل

3. چهہ چهہ چمن ۾ پسبي پلپل، خوب خوشي خِنڪاري وي
سنبل، سوسن، مگرو، موتيو توٽي گل آناري وي
باغ ۾ ڏسبي خوشدل بلبل. (بلوچ، 1291-1292)(8)

لوڪ شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي هر لفظ کان واقف هوندي، پنهنجي خيالن ۽ پنهنجي جذبات جو اظهار ڪندا آهن. هنن جي اندر ۾ وطن سان محبت ۽ لڳاءُ هميشہ اپرندي نظر ايندو آهي. هو مقامي ماحول ۽ شين جو گهرو مطالعو ڪري ڪي ئي منظر شاعريءَ ۾ سمائيندا آهن. مقامي شين کي ڪڏهن محاوري طور تہ ڪڏهن استعاري طور قطب آڻيندا آهن. هنن جو اندازِ بيان ۽ ٻول هميشہ سادي ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ هوندو آهي. هو روزمره استعمال ٿيندڙ لفظن کي ترجيع ڏيئي، (حب الوطني کي ظاهر ڪندا آهن). هنن جي فطرت هنن جي ڌرتي هوندي آهي. هو پنهنجي ڌرتيءَ جي وڻن ٽڻن، مال متاعن، جهرن جهنگلن، ٿرن برن، رهڻين ڪهڻين، ريتن رسمن وغيره کي عام فهم ٻوليءَ ذريعي منظر ڏيئي پيش ڪندا آهن. هنن جي ڪلام ۾ سانگي ۽ ماروئڙا ۽ انهن جي چال چلت ۽ گڏ عام جام ملن ٿا. جيئن هڪڙي بهادر ۽ جوڏي جي بيهڪ، ساز و سامان سان گڏ، گهر جو پسمنظر ۽ فطرتي رنگ کي واضح ڪيو آهي:

سانگي منهنجا، سنمک سهڻا، ٿا پٽ مٿي پهرن،
هٿ ڪهاڙيون، ڳنن ڳاڙهيون، ويڙن ۾ وڙڪن،
چوڙن چيلا، اٽن سوبلا، تڙ مٿي تڙڪن،
چنن ڏوَنرا، پين ڏوَنرا، ساڳ مٿي سرچن،
اڏن چوَنرا، ٿورائي ٿورا، منهن ماروئڙن،
ڪرڙ ڪڪوريا، ڪنڊ وريا، موريا، ڦوڳ ڦلاريا، جهليا گل بہ گولاڙن. (بلوچ، 70)

اهڙي نموني جڏهن لوڪ شاعر فطرتي شين سان تشبيهه ڏين ٿا. انهيءَ ۾ ڪمال جي سونهن جوڙي ڇڏين ٿا. انسان ڪيڏو بہ حسن جو پوڇاري ڇو نہ هجي، پر جڏهن لوڪ شاعرن جون ڪنهن بہ انسان لاءِ تشبيهون جوڙيل نہ ٿو پڙهي جڻ ان جو حسن اڌورو رهجي وڃي ٿو. يعني لوڪ شاعرن جو حُسن کي بيان ڪرڻ جو هڪ پنهنجو ئي ڏانءُ آهي. هي فطرتي شين جون گهرايون ماپي انسان سان ڀيٽي، ان کي چارچنڊ لڳائي ڇڏين ٿا:

"عجب پرين پيارا، جاني جيئَن جيارا،
چڱاعن عجيبن_ پرين، ڪٺوريءَ ڪلن
مون من موهيو معشوقن، هاڻ حال جيئَن هنجن
چيلهہ چيتو جيئَن چلن، ڪرايون تہ ڪنگوءَ ون
چڱا هٿ حبيبن، ننهن تہ رتا آڱرين
ٻولڻ چتونءَ جي چانگار، سا تان هيجئون پائي هار
سا تان وينې واسي وار، ڪيڍيو سينڌ ڪري سينگار
نڪ تہ سونهي منجهہ نراڙ تنهن ۾ ڦلي فهمدار
ڪرايون تہ مور ڪنڌ، پيريو ٻڌي بازو بند
ڪٺولي کي مٿي هنڌ، پالير وانگي ڪندا پنڌ..."

پنهنجي سجڻ جي صفت ۾ شاعرعام فهم مگر نهايت سهڻيون ۽ دلچسپ تشبيهون استعمال ڪيون آهن. هنجن جئَن هلڻ، چيلاٽي جيئَن سنهي چيلهہ، ڪنگرر جي گرين يا مور جي ڪنڌ جهڙيون ڪرايون، چتونءَ جيئَن ٻولڻ، پالير يا پاريهل وانگي قدم قدم تي رکي تلڻ، نهايت پياريون تشبيهون آهن". (بلوچ، 72)[9]

## 3.2 ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسي

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي شروعات ڏهين صديءَ ڌاري ٿي . ڪلاسيڪل شاعريءَ جو پهريون ۽ مجيل شاعر قاضي قادن کي سمجهيو وڃي ٿو. ڪلاسيڪل شاعريءَ جا موضوع مختلف هئا. جيئن وحدت الوجودي فڪر، توحيد، سماجي، اخلاقي، فطري وغيره. ڪلاسيڪل شاعري نج سنڌي شاعري آهي، جيڪا مقامي ماڻهن جي جوڙيل آهي. هيءَ شاعري ڇند وديا جي علم تي ٻڌل آهي، جنهن جا پنج گهاڙيٽا (دوهو سورٺو بيت، وائي ۽ ڪافي) آهن. سنڌي شاعريءَ جي هن دور ۾ فطرت جي پڙ شروعات ٿئي ٿي. هن دور جا شاعر فطرت جي مشاهدو ۽ منظرڪشي ڪندي پنهنجي تصور جو نمونو پيش ڪن ٿا. روحاني ڳالهيون يا تصوف جا نقطا هجن، سماجي مسئلا يا عشقيہ قصا هجن، انهن ۾ فطرت جي منظرنگاري عام جام ملي ٿي. ڪلاسيڪل دور کان اڳ آکاڻين ۽ قصن جو باقائدي رواج هيو. ماڻهو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃي آکاڻيون ۽ قصا ٻڌائيندا هئا. اجوڪي دور ۾ اسين

جيڪي قصا پڙهون ٿا، ان ئي طرز تي جوڙيل قصا (پر انهن جا نالا ۽ ماحول الڳ)، اهي ٻين تهذيبن تائين پهتا يا ٻين تهذيبن کان هتي پهتا،(ڪجهه مقامي پڻ هئا) ڇو جو انهن جي پاڻ ۾ هڪجهڙائي اهيو ئي ثابت ڪري ٿي. پوءِ اهي عشقيه، سماجي يا مذهبي ڇو نه هجن. انهن ۾ ڦير گهير ايندي وئي ۽ هر هڪ تهذيب پنهنجي پنهنجي حساب سان انهن کي پاڻ ۾ سمائيندي وئي. مثال طور: سورٺ راءِ ڏياچ واري قصي ۾ ٻيجل جو ڪردار هوبهو يوناني ڏندڪٿائون ۾ ايڊيپس (Oedipus) جي نالي سان ملي ٿو. اهڙي نموني سان مذهبن ۾ پڻ هڪجهڙايون ملن ٿيون. پر انهن آکاڻين ۽ قصن ۾ فطرتي هيبتناڪ منظر، فطرتي شين بابت بهادريءَ جا قصا، جانورن ذريعي انسان سان ڳالهه ٻولهه، (يعني جانورن مان ڪردار کڻي انسانن کي سمجهائڻ ۽ اپارڻ جي ڪوشش) ڏندڪٿائون ۾ فطرتي خدا (ڪوڙا) جوڙي پيش ڪرڻ وغيره انتهائي درجي تي ملن ٿا. يعني ڇئي سگهجي ٿو ته ادب ۾ فطرت جو واسطو شروع کان هيو ۽ ماڻهو فطرت کي پنهنجو جان نشين سمجهي ان سان گهرو تعلق رکندا هئا. اهڙو واسطو نسل در نسل انسانن ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي.

ڇئي سگهجي ٿو ته ڪلاسيڪل دور ۾ فطرت نگاريءَ جو گهرو اثر رهيو آهي. ڪلاسيڪل شاعر انهن سينن لوڪ قصن کان واقف هئا ۽ هو انهن قصن جي ذريعي فطرت جا عڪاس بڻجي ويا. ڇند جي کهڙي به صنف هجي هو فطرتي ڇٽن سان ان کي سينگاري پيش ڪندا رهيا. ڪلاسيڪل شاعر فطرت جي مقامي منظرن کي پنهنجو محور ۽ مرڪز بڻائي زماني کي راحت بخشيندا رهيا.

هتي اسين ڪلاسيڪل جي ڪجهه اهم شاعرن جي ڪلام ۾ فطرت جي عڪاسيءَ کي پيش ڪندا سين. ڇو جو هي موضوع الڳ سان ايم فل جو آهي پر اسين جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت کي سمجهڻ لاءِ گذريل دورن جو هتي مختصراً جائزو پيش ڪندا سين.

### 3.2.1 قاضي قادن

قاضي قادن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي روايت رکندڙ پهريون شاعر آهي. تصوف جا اوائلي نمونا ملڻ ڪري ڳهڻا ته ان کي پهريون صوفي شاعر پڻ سڏين ٿا. قاضي قادن عالم، فاضل ۽ صوفي هيو. جنهن جو ڪلام تحريري شڪل ۾ موجود مليو آهي. قاضي قادن جي رسالي ۾ فني گهاڙيٽا، دوها ڇند ۽ سورٺا ڇند وغيره شامل آهن. قاضي قادن ڪلاسيڪل شاعريءَ کي جدت ۽ نواڻ بخشيندي، ان جو خوبصورت بنياد رکيو آهي. سندن شاعريءَ ۾ فني ۽ فڪري تجربا ڪري ڪلاسيڪل شاعريءَ کي سڌاري سنواري پيش ڪيو. سندس ڪلام ۾ ڪيترين ئي تشبيهون، استعارا اصطلاح ۽ تمثيلون ملن ٿيون. قاضي قادن جي ڪلام جا موضوع اعليٰ انساني، اخلاقي، سماجي ڪردار وغيره جا گڻ سمايل آهن.

قاضي قادن جي رسالي ۾ فطرت جا اولڙا ۽ عڪس پڻ نظر اچن ٿا. هن وٽ فطرت کي ڏسڻ،

پسڻ ۾ جاچڻ جو هڪ پنهنجو ئي انداز آهي. فطرت جي تجسيم سان گڏوگڏ فطرت جي مشابهت ۾ فطرتي رنگن جي ذريعي سماج کي نصيحت ڪري ٿو. جنهن بہ شعر ۾ فطرت جو عنصر رکي ٿو انهيءَ پنيان ناصحانہ راز نظر اچي ٿو:

جان جان ڳنڍِيَ ڪانهَ، تان تون تُرهي تاتِ ڪَر
ڪــپــرَ ســنــڌِي دانـــهَ، مــَتِ اوچــتِــي اُلـــهــي.
(بلوچ، 96)

وڄُ، بـــادَلَ ۾ واءُ، ڊِڄُ نہ لـــهــريــن لـڳِــيــو
سَــڌَرَ ســونهان چاءُ، ٻيڙي ٻَڌڻُ ناهِ ڪـو
(بلوچ، 99)

مٿيين سورٺي ۾ فطرتي منظر ڏيئي، قاضي قادن هوشيار ۽ خبردار ڪندي چيو آهي تہ جيستائين ڪنڌيءَ تي ڪانهن بيٺل آهن، تيستائين پنهنجي ٻيڙيءَ جي سنڀال ڪر. ڇو جو پاٽي وڌڻ سبب ڪپرَ ڪِري پوندي آهي. اندروني معنيٰ ۾ ڏسجي تہ هو فطرت جي ذريعي اهيو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي تہ فطرت ۾ ڪنهن وقت، ڪو بہ ڦيرو اچي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري پنهنجو پورو ڌيان پنهنجي ٻيڙيءَ ڏانهن رک، ايئن نہ ٿئي جي نقصان ۾ پئجي وڃي. اهڙي نموني ان ڪان هيٺين سورٺي ۾ همٿ ۽ بهادريءَ ڏي اشارو ڪندي چوي ٿو تہ پاڻ سان اهڙو ناڪئو (سونهون، ٻيڙي هلائيندڙ)ساڻ ڪڻ، جيڪو قدرتي آفتن کان بچاءِ توکي منزل تي رَسائي. قاضي قادن فطرت جو خوفناڪ منظر پيش ڪيو آهي. لَهرن وڄ ۾، وڄ ۽ واءُ فطرت جو اهڙو خوفناڪ ۽ دردناڪ منظر ٿا پيش ڪن، جن کي سوچيندي ئي عضوا ڪاندارجي ٿا وڃن. فطرت جا انيڪ منظر هوندا آهن. شاعر انهن مان پنهنجي مطلب ۽ مراد وارا موضوع ۾ منظر آڻي پيش ڪندا آهن. ڪجهہ پُرسڪون فطرتي منظرن جي ذريعي پنهنجي ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪجهہ وري انهن جي ابتڙ.

قاضي قادن سورٺي ۾ دوهي ۾، ڪنول ۽ ڏيڏر کي پاڻيءَ مٿان ڏسي، من کي موهيندڙ فطرتي عڪس پيش ڪيو آهي. ڪنول ۽ ڏيڏر جي پاڻ ۾ پيدا نہ ٿيندڙ محبت ۽ ان جي اهميت کان ناواقف ڏيڏر، پاتال ۾ مٿي ڪائڻ جو عمل، هي سڀ فطرت جي گهرائيءَ ظاهر ڪن ٿا:

سَرَ هيڪڙي وَسنِ، جَرَ ۾ نِيہ نہ ڳـڏئو
ســارَ نہ ســالُورِن، مـٿي ڳـنولُ ڦُلاريـو
(بلوچ، 127)

جي سالُورو سُڌَ لَهي، ڳنولان سَندِي ڪاءِ
تـہ پَـيــو پــاتــال ۾، هــونـد نـہ مِـٿي ڪـاءِ
(بلوچ، 128)

قاضي قادن وٽ اهڙي قسم جا ڪافي فطرتي منظر ملن ٿا. رسالو پڙهڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ تصوف وانگر هن وٽ فطرت جا اولڙا پڻ گهرا آهن. آخر ۾ قاضي قادن جا اهي فطرتي نظارا پيش ڪجن ٿا. جن جي پڙهڻ کانپوءِ اسان جي ذهن ۾ فطري عڪس جڙي وڃن ٿا. ڪي گهڙيون اسان جو ذهن فطرت طرف مائل رهي ٿو:

سائِـرَ ڏيـئـي لَـتَ، اوچـي نِـيـچـي ڀـوڙئـي،
هيـڪـائِـين هيـڪُ ٿـيو، ويـئَـي سَـڀَ جِـهَـتَ.
(بلوچ، 79)

مٿيون بيت سهڻيءَ بابت چيل آهي. قاضي قادن ڀهريون شاعر آهي، جنهن سهڻيءَ بابت هڪڙو بيت چئي ان جي قصي کي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ شامل ڪيو. سندن بيت ۾ فطرت منظر نظر اچي ٿو.

ڳـڏهين ٻيرين ٻُورُ، ڳـڏهين ڦُلُ نہ هِـڪـڙو
ڪڏهين پِريان پُورُ، ڳـڏهين سِـڪـان سَـڏَ کي.
(بلوچ، 130)

پاڙي ۾ وَڻُ هيڪڙو، سو مون گهڻو سُهاءِ،
نارِ وِهاري سَجّڻان، ڇَڙي ڀي وَٽراهِ.
(بلوچ، 156)[10]

### 3.2.2 شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو

قاضي قادن کانپوءِ جنهن جو تحريري ڪلام فن ۽ هيئت ذريعي بهترين جڙيل ملي ٿو اهو شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو آهي. سنڌ جي اوليائن، بزرگن، شاعرن ۽ صوفين مان شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پنهنجي عظمت، بزرگي ۽ شاعريءَ جي ڪري تمام گهڻو مشهور آهي. سندن ڪلام چند وديا تي ٻڌل آهي. گهاڙيتن ۾ سورٺا، دوها ۽ بيت شامل آهن. شاهہ ڪريم ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ نواڻ آڻيندي، سڀ کان پهريائين لوڪ قصن جو بنياد رکيو. شاهہ ڪريم جي ڪلام جي افاديت ۽ آفاقيت سنڌي شاعريءَ جي لاءِ پارس پٿر جيان ثابت ٿئي ٿي. شاهہ ڪريم جي ڪلام کي پڙهندي سندس پڙ پوٽو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي مقامي روايتن، لوڪ قصن ۽ حب الوطني وغيره جي اثر جي ڪري لوهہ مان سون ٺهجي وڃي ٿو. پر سون ڪو عام نہ، بلڪ اهڙو سون جنهن جي چمڪ ۽ تجلي، جنهن بہ شاعر جي مٿان پئي ٿي اهو خود سون جي تهن سان ڍڪجي، سون جيئان ٿي وڃي ٿو. پوءِ ان جي قيمت بہ بيٺي ٿي وڃي ٿي.

شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ فطرت جي تجسيم ۽ مشابهت مقامي رنگ ۾ رنگيل ملي ٿي. گهڻي ڀاڱي ڪلام ۾ فطرت جي ذريعي ڀيٽ ڪئي وئي آهي پر ڪلام م فطرت کي تمام گهٽ ڳايو آهي. پر

تشبيهون ۽ استعارا شامل ڪري مظاهرِ فطرت ڪي بيان ڪيو آهي. شاهه ڪريم جي سورتن، دوهن ۽ بيتن جي سٽن مان شاهه ڪريم جي فطرتي رنگن جون جهلڪيون، فطرت سان مشابهت ۽ مقامي ماحول سان جڙيل خوبصورت نظارا وغيره هيٺ ڏجن ٿا.

- ”وائي ٻِيي مَ پُلُ، مروئان، موران پڪَٽا“
- ”مٺ پيڙيائي پلي، جُھُ اُپَٽي تہ واءُ“
- ”پاٽيهاري سِرِ ٻَهڙو، جر تي پکي جئن“
- ”ڪَارين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُوَنِ“
- ”تہ ڪرمندي ماڪوڙي، کوهہ ۾ پيئي ڪڇي اُپُ“
- ”ڪِهِ سَرَ سندا هَنجَڙا، ڪٿي ٿا لمن“
- ”سائر ڏي نہ لَٽَ، اوچي نيچي سپ ڪِنهِن“
- ”پاٽيءَ اُتي جَهوپَڙا، موروَ اُچ مرَن“
- ”جو پُڻُ پيئي رات، تہ سائِر هوءَ سوهٽي“
- ”هنج تتهين هوءِ، اوني ۾ اوڙاهہ جو،
اِي ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇَاڇَرِ ۾ ڇيرون ڪري“ (11)

### 3.2.3 لطف الله قادري

ميان لطف الله قادري (1611_1679ع ) ڪلاسيڪل دور جو عالم، صوفي ۽ شاعر هيو. سندس مشهور ڪتاب ”تحفة السالڪين“ ۽ ”منهاج المعرفت“ آهن. انهيءَ سان گڏوگڏ ”سنڌي رسالو“ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ خاص جڳهہ والاري ٿو. سندس ڪلام ۾ وحدانيت، وحدت، انسانيت جي ذڪن جي پرچار، مرشد ۽ جوڳين جو بيان، عشق جون گوناگون ڪيفيتون انهيءَ سان گڏوگڏ فطرت جا منظر وغيره شامل آهن. ڪلاسيڪل شاعرن جي موضوعن طرف ڏيان ڏجي اهي هڪ ئي قسم جا نظر ايندا. فرق صرف اهيو هوندو آهي تہ ڪي شاعر ان ۾ جدت ۽ نواڻ آڻي پاڻ سرخرو ٿي ويندا آهن، تہ ڪي وري ڪلام ڪي انتها درجي تي ڪٽي پاڻ ميجائيندا آهن. ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ وقت جي حساب سان هر هڪ شاعر ڪا نہ ڪا نئين روايت شامل ڪئي آهي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ هن پنهنجي اندازِ بيان ۽ موضوعن ۾ پڻ جدت آندي آهي. لطف الله قادري جي ڪلام ۾ پڻ نواڻ نظر اچي ٿي. سندن فطرت ڪي ٿورو گهٽ بيان ڪيو آهي پر ٻين موضوعن ۾ اعليٰ خيالن جي وسعت شامل آهي. وحدانيت جو موضوع اعليٰ درجي جو ملي ٿو. هو فطرت جي اونهائيءَ ڪي پروڙي وحدت طرف ڪٽي اچي ٿو. مناظرِ فطرت جون تشبيهون بيان ڪري پنهنجي موضوع ڪي عروج بخشي ٿو. ’پاٽي‘ هن جي لاءِ وحدانيت جو وڏو ۾ وڏو مثال آهي. انهيءَ ڪري بيتن ۾ پاٽيءَ سان تشبيهہ ڏيئي پنهنجي خيال ڪي منظر ذريعي ظاهر ڪري ٿو. پر ادب ۾ پاٽيءَ ڪي استعاري طور پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي. ان ڪري لطف الله قادري فطرت جي ٻين مظهرن ڪي ڇڏي پاٽيءَ ڪي ترجيح ڏني آهي. پاٽيءَ سان سوين منظر سلهاڙيل

آهن. پاڻي جنهن جاءِ تي بيٺل يا روان دوان آهي اتي خوبصورت منظر جُوڙي ٿو. ۽ هر جاندار جو ان سان هرروز واسطو پڻ پئي ٿو ۽ هر هڪ ان کي پنهنجي پنهنجي گهرج مطابق، ان کي گهرائيءَ ۾ پَسي ٿو. اهڙن فطرتي منظرن کي سمجهڻ لاءِ هيٺيان بيت ئي ڪافي آهن.

جي ذاتِ گَڏِي ذاتِ کي، ته لِهِي نه سگهي ڪوءِ،
سوئِـي پاڻـي ڪُوهَـرين، سوئـي سَمُـنـدين هـوءِ،
سوئـي وَهـي واهـڙين، سـو ئـي دريـائـن هـوءِ،
آه مِـڙوئـي هـيـڪـڙو جـي، پـروڙي ڪـوءِ
(بلوچ، 79)

سوئي دَريا، دَورُ سو، سو تارُو، سو تانگَ،
سوئي تَڙ تِڪ سا، سا ڪَنڌِي، سا سانگ،
سيئي ڪُنَ، ڪَپَرَ سي، وَرَ وراڪا وانگَ،
سي ئي اُهجَ آنگَ، سوئي اَصلُ دَرياءُ سو.
(بلوچ، 86) (12)

### 3.2.4 ميون شاهه عنات رضوي

ميين شاهه عنات رضويءَ جو نصرپور سان تعلق هيو. هو اعليٰ ذوق رکندڙ صوفي ۽ شاعر هو. سندن اولاد مان فرزند سيد محمد شريف شاهه ان جو فرزند بلال شاهه ۽ ان جو پٽ قطب شاهه بهترين شاعري ڪندا هئا. ميين شاهه عنات جي ڪلام (ڪتاب) ۾ سيد شريف شاهه ۽ قطب شاهه جو ڪلام پڻ گڏوگڏ شامل آهي. ميين شاهه عنات وائيءَ جو خلقيندڙ ۽ وائيءَ کي عروج بخشيندڙ آهي. وائيءَ سان گڏ بيتن، دوهن، سورٺن ۽ مولودن کي پڻ بلنديءَ تي پهچايو آهي. شاهه عنات رضويءَ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ پهريون پيرو روايتن، موضوعن، سُرن، قصن وغيره کي شامل ڪيو. ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو ته:

”ميين عنات اهي تاريخي داستان ئي نه، بيا ڪئين موضوع ۽ ڪردار به سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ڪيا. هن هڪ ئي موضوع تي بيشمار بيت ۽ وايون لکي، سُر لکڻ جي روايت قائم ڪئي. مثال ان کي سُر يا سرود سڏي، شاعريءَ کي موسيقيءَ جي قريب آندو. هن سنڌي شعر کي هڪ نئون اسلوب ۽ معياري لب لهجو عطا ڪيو. ٻولي ايتري ته اصلوڪي، زندگيءَ سان ڀرپور، رسيلي ۽ پُر اثر استعمال ڪيائين، جو بعد ۾ ان کي ئي شاهه لطيف جي شعر جي ٻولي ٻڌجڻ جو به شرف حاصل ٿيو. ميين عنات سنڌي سماج جي عوامي زندگيءَ جون نسل در نسل جذباتي ۽ ذهني ضرورتون پوريون ڪندڙ لغت ۽ لفظيات کي شعر لاءِ ڪتب آندو ۽ انهن جي روح ۾ موجود ترنم ۽ تجنيسي قوتن کي ڪتب آندو. هن شاهه ڪريم جي جماليات کي به ڪمال اوج بخشيو.

پلي ڪِي پيئونرن، جي واس وڻڻ آئيا.
تنين کي ڪوُنرن، ڏنا هنڌ هِنيين ۾.

ميين عنات سنڌي قديم شاعريءَ کي لوڪ، رزميہ، قصي گو روايت مان ڪڍي، فني ۽ فڪري سطح تي هڪ نئين ۽ ڪلاسيڪل روايت جي درجي تي پهچايو. ان روايت جا خد و خال واضح ڪيا ۽ ان کي صحيح معنيٰ ۾ رنگ ۽ روپ، ون ۽ واس عطا ڪندڙ پهريون شاعر آهي." (13)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب "سنڌي سينگار شاعري" ۾ شاهہ عنات جي سينگار شاعريءَ جو بہ پهريون شاعر سڏيو آهي. جنهن ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سڀ کان پهرين سينگار شاعريءَ کي شامل ڪيو. هو لکي ٿو تہ:

"صوفي شاعرن مان ميون شاهہ عنات غالباً پهريون شاعر هو جو سنڌي سينگار شاعريءَ جي مضمون کان متاثر ٿيو ۽ انهيءَ ۾ بيت چيائين. هيئين بيت ۾ ميين شاهہ عنات سانگِئي جلال (لوڪ شاعر) واري فطري ماحول جا اهڃاڻ ڏيندي چيو آهي تہ:

لارَ لَـئـيـنـدي وچـڙا، چيـهـي پيـر رَتـاس
ڪُڙيون ڪُنبهي ورنيون، مـوتـي منهن ڳـُـتـاس
پسوا! مينگهہ، ميون چوي، جوهر جال جَـڙياس
جهُومُـڪ بَـئـنسرياس، وَسي مينهن پُسائيا.

يعني تہ 1. مينهن جا ننڍڙا (لار) وچڙا ٻڌندي (لئيندي)، پهرين وسڪاري تي موريل چيهي گاهہ تي هلڻ سان ان گاهہ جي رس سببان سندس پير ڳاڙها ٿي پيا آهن. 2. ۽ انهيءَ ڪري قدم کڻڻ وقت سندس ڪڙيون ڳاڙهيون ڪُنهبي ورنيون نظر اچن ٿيون. (مِينهن جي ڦڙين) سندس حسين چهري تي جڻ موتي مڙهي ڇڏيا آهن. 3. ميون چوي ٿو تہ، ڏسو تہ سارنگ جي وس ڪيترا نہ اهڙا جواهر سندس بدن توڙي ڳهن تي جَڙي ڇڏيا آهن. 4. مينهن جي بوند سندس جهومڪن ۽ نٿ کي پڻ آلوده ڪيو آهي. (بلوچ، 56) (14)

شاهہ عنات جو مٿيون بيت مقامي فطري ماحول جي عڪاسي ۽ خوبصورت منظر کي ظاهر ڪري ٿو. سندن سُرن ۾ وحدانيت، تصوف جا گِهرا نُڪتا، لوڪ قصا (ڪجهہ اڳ وارن شاعرن جي ڪلام ۾ موجود هئا، پين قصن کي خود شامل ڪيو)، راڳڻين، فطرت جي رنگين عڪسن ۽ نظارن، مقامي ماحول جي روايتن، تشبيهن، محاورن، استعارن ۽ علامتن وغيره کي شامل ڪيو آهي. ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ شاهہ عبداللطيف ۽ شاهہ عنات رضويءَ اعليٰ درجي جي فطرت کي بيان ڪيو آهي.

شاهہ عنايت وٽ اعليٰ فطرتي منظرن سان گڏ فطرت جي تجسيم، فطرت جي مظهرن سان

مشابهت ۽ فطرتي علامت نگاري وغيره عام ملي ٿي. هتي پهرين فطرت جي تجسيم بابت مثال پيش ڪجن ٿا:

چَندَا! ٿُهنجي باتِ، مونکي آهي مَنَ ۾،
الله لڳ، عِناتُ چئي، تون اَچو منجهه رات،
تَنَ جنهن جي تاتِ، سي ڏسي تون ڏيکار مون.
(بلوچ، 101)

بادل! وسئو وَسُ، ڪر پيرو ان پُون،
ڏَڻ جَڻ مِرن ماڙهئين، اچ لاهيندڙ تون،
واحد ڪر وَسُون، تہ اَهُکي لَهي عناتُ چئي.
(بلوچ، 275-276)

سرود ڪنياٽ ۾ شاهه عنايت چنڊ سان ڳالهيون ڪندي، پرين جي ديدار جي گذارش ڪري ٿو. هو چنڊ کي پنهنجو رازدار سمجهي ان سان تڪليف ۽ پيڙاءَ وارو حال اوري ٿو. ڪجهه بيتن ۾ وري چنڊ کي پرين سان پيٽ ڪندي نظر اچي ٿو. عاشقن ۽ شاعرن جو فطرت جي تجسيم سان گهرو تعلق هوندو آهي. هو زماني وارن کي پنهنجي حال ٻڌائڻ کان پاسو ڪندا آهن. انهيءَ جو وڏو سبب راز فاش ڪندڙ ماڻهو هوندا آهن. جنهن جي ڪري عاشق مايوس ٿي فطرت سان حال اوريندي ۽ فطرت سان ڳالهيون ڪندي نظر ايندا آهن. اهڙي نموني شاهه عنايت سرود سارنگ ۾ بادل يعني جُهڙَ کي تلقين ڪندي نظر اچي ٿو. جانورن سان گڏ انسانن جي تڪليف ڏسي ان کي چئي ٿو تہ انهيءَ هنڌ وسڪارو ڪر يا ان زمين کي پِساءِ جيڪا بنجر ٿي وئي آهي ۽ ان تي بہ جتي جيوت تڪليف جو شڪار آهن. مينهن وسڻ ڪانپوءِ جانورن ۽ انسانن ۾ جيڪا خوشيءَ جي لهر اٿي ٿي، انهيءَ تي پڻ بيت چوي ٿو.

شاهه عنايت جي ڪلام ۾ فطرت جي مظهرن جي مشابهت اعليٰ درجي جي ملي ٿي. هو تشبيهن ذريعي ڪمال جا منظر پيش ڪري ٿو.

سِجُ سُياڻِي جا ڪري، تهڙي لالائي لِڳَنِ،
پَلَڪَ پِريان جي نہ پاڙيان، چنڊُ ايُ سين تارنِ،
شمسَ سَهائي اڳرو، مُنهن ۾ محبوبَنِ،
ڪئين قنديلَنِ اڳري، پيشانيِ پِرينِ،
هِيُ جو جُلوو جوت سنديِنِ، تنهن تان ڪوڙين قربانيون ڪريان.
(بلوچ، 104)

ڪِ ڪو هَنيوءِ مَنڊُ، ڪِ سامي! تون سچي ڪريين،
جوڳي تئنءَ جَهرڪِئو جينء چوڏهينَ ماه چَنڊُ،
سُرهو گهڻو سرڪنڊُ، بابوُ ٿو بُويُون موئي.

(بلوچ، 228)

شاهہ عنايت جي ڪلام ۾ فطرت ۽ مقامي ماحول جا فطرتي منظر عام جام ملن ٿا. سندن بيتن ۾ چوڏهين رات، چٽائي چنڊ جي، رات سهائي، تارا، قطب، ڪتيون، پرهہ، نئين سج نهارڻ، اُلٿي سج، جهڙ، مينهن، پريا تڙ ترائيون، پون سنئين، آڳر، ٻر، سائر، درياء، لهريون ريج، گاهن گلزاريون، وڻ پکين پک، ولهون اتر واءُ، واءُ وڻن تان، جهولا لڳن جهوڪ، قرقل اڪڙيون، انب ايلاچيون، توڏ، چندن ڏاريون، ڪنڍن منجهہ قرار، لڏ ليمي لام، چنڊيان ڪِهہ اکين سين وغيره وغيره شامل آهن. شاهہ عنايت رضويءَ جو لاڙ ۽ ٿر سان گهرو لاڳاپو ۽ واسطو رهيو آهي. انهيءَ ڪري ڪلام ۾ گهڻين جڳهن تي اتان جي مقامي ماڻهن جي رهڻين ڪهڻين بابت منظرڪشي ۽ فطرت جي خوبصورتيءَ کي چٽيو آهي. جيئن:

قَر قُلَ، قوتا، پارِچا، اَڳَرَ ۽ عَنبير،
ههڙو وڻج وني ڪري، وجهہ وڻجارا وير،
پُٽي پاڙِ مَ مَڪُري، اڳيان سائِرَ سُجي سيرَ،
ڪونهي اُهک، عنات چئي، جَرَ جوکاري نيرَ،
گهر تنين جي کيرَ، ساڀ جني جي سَچيون.
(بلوچ، 117)

ڪِهہ، ڪُوڙيءِ ڊِهَ مَکٽِي، جِت ڳاڱيون ڳَمَ ڳَنڊِيرَ،
پيريو پُرٿَ، پَچتي، ميڙين منجهہ ملـيـرَ،
هُلرو لُلرو لَنب، لاٽِي، هنجن واچوٽو وِيرَ،
ڊيڀِي، ڊِامَڻُ، ڊَڪِٽِي، ڪانُو ڪِرتو ڪَرِيرَ،
سِڻَ سِيارچَ، ساڏوهِيون، ساريان منجهہ سَريرَ،
تن کي واحد ميهنَ وَسائِيا، ٿاهَرِئا ٿَرَ ڏِيرَ،
سيد چئي، ساٽِيهَ جي گَهرِ کٽيرين کِيرَ،
ثابت رکي سيرَ، پَرچي اوءَ پنهوارَ سين.
(بلوچ، 136-137)[15]

## 3.2.5 شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اعليٰ ذوق رکندڙ انسان، سنڌي ٻوليءَ جو باڪمال شاعر، انسانيت جو پرچارڪ، سچائيءَ جو علمبدار، تصوف جي گهرائيءَ کي عروج بخشيندڙ عشق جي اونهائيءَ جو عالم، ڏکويلن جي اکين جو ٻاٽي، حُسنُ جو پارس پٿر، ثقافت ۽ تهذيب جو سُپوٽ، ٻوليءَ کي جان بخشيندڙ فطرت جو مصور، ڪائنات جو گهڻ رخو جاڻو فن ۽ موضوع تي عبور رکندڙ . انهيءَ سان گڏوگڏ ڪيترن ئي خوبين جو مالڪ آهي. سندس رسالي تي هن وقت تائين ڪافي تحقيقي ڪم (انيڪ موضوعن تي) ڪيو ويو آهي. ان حساب سان شاهہ جي رسالي ۾ فطرتي موضوع جي حوالي کان

پڻ ڪافي ڪم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري سندن زندگيءَ جي تعارف کي پاسي تي رکي شاهه جي فطرت طرف ڌيان ڏيون ٿا.

سنڌي شاعرن مان جيڪڏهن ڪنهن هڪ شاعر کي فطرت جو شاعر چئجي ته اهو ٿيندو شاهه عبداللطيف ڀٽائي. جيڪو فطرتا فطرت جي ڪائنات ۽ مقامي ماحول جي منظرنگاريءَ جو باڪمال شاعر آهي. هن ڳالهه جي وضاحت ڪندي مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو ته: "شاه صاحب هڪ فطرتي شاعر آهي، شاعر جيڪي اکين سان قدرت جي ڪتاب ۾ ڏسندو آهي سوئي بيان ڪندو آهي، هن جي سامهون سنڌ هئي." [16] اسين ٻين ٻولين ۾ فطرت جا شاعر پڙهندا آهيون جيئن انگريزيءَ ۾ وليم ورٿ ورڊس وغيره. اهڙي نموني سنڌيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي فطرت جو عظيم شاعر پڙهي سگهجي ٿو. هن وٽ سوين موضوع ملن ٿا پر فطرت جو موضوع انهن سڀنن مٿان ڇانيل آهي. پوءِ فطرت جي تجسيم هجي يا فطرت سان مشابهت، مظاهرِ فطرت هجي يا فطرت جو تفصيلي ذڪر يا فطرت جو خوفناڪ منظر وغيره، سڄي جو سڄو رسالو انهن سان ڀرُ لڳو پيو آهي. سندس رسالي ۾ فطرت پوري روشني ڇانيل آهي. گهڻا سُر فطرت سان ڀرُ آهن ته ڪن سُرن ۾ فطرت جا اوائل کان اڻ ڇُهيل رنگ پڻ سمايل آهن.

هيٺ جَرُ، مَٿي مَڃَرُ، پاسي ۾ وَڻَراهَ،
اَچي وجي وِچَ ۾، تَماچِيءَ جي ساءَ،
لڳي اُتَرَ واءَ، ڪِنجُهرُ هِندورو ٿِئي.

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَڃَرُ، ڳَنڍيءَ ڪونرَ تَرَنِ،
وَرِئي واهونُدَنِ، ڪِنجهُرُ ڪَتُوُرِي ٿِئي.
(آڏواڻي، 302) [17]

مٿين بيتن ۾ شاهه صاحب ڪينجهر جي هيٺانهين، مٿانهين ۽ پاسن واري فطري نظاري کي ظاهر ڪيو آهي. ڪينجهر جي پاڻيءَ مٿان بيٺل وڻن جا جهڳٽا ۽ وڻڪار، ڪنارن سان بيٺل ڪونر (نيلوفر، ڪنول) پيا تَرَن ۽ نڪرن ته جڻ ڪينجهر جوهر ۽ سرهاڻ سان واسجي وڃي ٿو پر جڏهن اُتر واءُ (اتر جون ٻه معنائون نڪرن ٿيون. هڪ اُتر طرف کان ايندڙ ٿڌڙي هوا ۽ ٻي اُتر معنيٰ واڌ يعني واڌارو هوا) لڳي ٿو ته جڻ ڪينجهر هندورو ٿي پوي ٿو. پيار جا پکيڙا (نوري ۽ ڄام تماچي) اهڙي هندوري ۾ راحت ۽ سڪون ماڻيندا هوندا. هيءَ هڪ فطرت جي گهرائي ۽ مشاهداتي سگهه جو ڪمال آهي، جيڪا فطرتا شاعر جي سهڻن عڪسن کي نروار ڪري ٿي ۽ سندن تخيل ۾ ڪائنات گردش ڪندي نظر اچي ٿي.

شاهه لطيف پنهنجي ڌرتيءَ جي فطري نظارن، ڏيکن ۽ منظرن کي عام جام بيان ڪيو آهي. انهيءَ جو وڏو سبب مقامي ماحول هيو. ڇو جو شاهه صاحب ڪڏهن پرڏيهه ڪونه ويو هو.زندگيءَ جي

آخري ڏهاڙن ۾ ايران جي سفر لاءِ سوچي رهيو هو تہ ڪن مريدن طرفان منع ڪرڻ سبب اهو خيال ٽاري ڇڏيائين. چوڻ جو مقصد تہ شاهہ صاحب پنهنجي ملڪ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ملڪ نہ ويو انهيءَ ڪري سندن ڪلام تي مقامي رنگ رنگيل آهي. تنوير عباسي شاهہ جي مقامي ۽ عام فطري منظرن بابت لکي ٿو تہ:

”سنڌ جو هر نظارو سندس شاعريءَ ۾ موجود آهي. ٿر، بر، رائو رڃ، ڏنگا چارا، ڍنڍون ڍورا، پاٽيءَ تي ترندڙ ٻيڙيون، ڪنول جا گل، بندر بازاريون، جهاز، جهازن جا سڙهہ، ٻيڙياتا، سامونڊي، اُنن جون قطارون، پکين جا ولر، ڪونجون، ڪانءَ، هنج، درياهہ، ان جي مستي، ڇولين جو شور، سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، لهندڙ سج، ڦٽندڙ باک، موکيءَ جا مٽ، مينهن جا وسڪارا، ڪُنڊيون مينهون، ڀنل نيڻ، ڀنل ڀنيا وار ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا عڪس آهن.“ (18)

اهڙي ئي نموني جڏهن شاهہ صاحب پنهنجي ڏک ۽ پيڙاءَ جو اظهار امید ۽ آس جي قوت، سڄڻ جي ملڻ جي تڙپ، وغيره کي مقامي مظهرِ فطرت ذريعي ظاهر ڪيو آهي. سندن مشاهدي جي قابليت سان نظارن کي لفظن جي ڪڙين ۾ جوڙي پيش ڪيو آهي:

سَرَ نِسرِيا پاندَ، اُترَ لڳا، آءُ پِريِن!
مون تو ڪارَڻ ڪاندَ! سَهسين سُڪائون ڪيون.

سَرَ، لوهِيڙا ڳِيَئا، ڪُسَرَ نِسَرِئا،
تو ڪِنءَ وِسَرِئا، ڍولئا! ڏيِهَ اَچڻَ جا؟
(گربخشاڻي، 136) (19)

سنڌ جو سرُ هڪ عام ٻوٽو آهي. جيڪو ڍنڍن، ڍورن، ڪنارن، ٻَنَن ۽ واهن جي ڪپرن وغيره تي قدرتي طرح ڦٽي اُسرندو آهي ”سَرَ نسرڻ“ بابت سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن کي گهڻي ڄاڻ هوندي آهي. هو سر جي نسرڻ کي مند جي علامت سمجهندا آهن. شديد گرميءَ ۾ ڪانهن ۽ سرَ نسرندا آهن. ان ڪانپوءِ سر جي چٽَ پچندي آهي ۽ ٿڌڙي موسم شروع ٿيندي آهي. اهڙي موسم ۾ سامونڊي ۽ وڻجارا واپس ورندا آهن. پر متين بيتن ۾ شاهہ صاحب انهن جي نہ ورڻ، ڪي ئي سُڪائون (عام ماڻهن جو عقيدو جنهن سان مراد پوري ٿيئي ۽ پوءِ هو انهيءَ باس جو ڇيلو ڪونهٽ يا ڪا ٻي شئي وچي ڏيئي اچن) باسڻ، ڪُسَرَ نسرڻ، پرين جي واپس نہ وَرَڻ ۽ موسم جي تبديليءَ بابت فطري نظاري کي پيش ڪيو آهي. مند جي مٽجڻ جي خوشيءَ ۾ سامونڊين جو نہ هجڻ جو ڏک هڪ فطري عمل آهي، ڇو جو جنهن جا پرين پرديس ۾ هجن انهن کي مند جي مٽجڻ سان خوشيءَ جي لهر اٿڻ ناممڪن آهي.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جيئرا جاڳندا فطري عڪس نظر اچن ٿا. اهڙن عڪسن بابت شاهہ جي پارکن جي ڇا نڪتہ نظر آهي، انهيءَ کي هيٺ پيش ڪجي ٿو:

ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

”لطيف فطرت جو اهڙو مشاهدو ماڻيو هو ۽ وٽس اهڙي قوت هئي جنهن سان هن اسان جي اڳيان جيئريون جاڳنديون تصويرون چٽي بيهاريون آهن.. ۽ اڳتي لکي ٿي ته ”سندس فطرت جي عڪاسي اهڙي ته فطري ۽ اصلوڪي لڳندي آهي جو اصل منظر اکين اڳيان اچيو بيهي“ (20)

ڊاڪٽر تنوير عباسي شاهه جي فطرت بابت لکي ٿو ته:

”شاهه لطيف جي شاعري ڪتابن جي مطالعي بدران فطرت جي مشاهدي مان ڦٽي نڪتي آهي، ان ڪري ئي سندس شاعري عڪسن سان پري پئي آهي. هن پنهنجي چوڌاري وسندڙ دنيا کي چڱيءَ طرح ڏٺو وائٺو آهي. ان کي پوريءَ ريت محسوس ڪيو اٿائين“ (21)

ساجده پروين پنهنجي لکيل ايم اي جي مونوگراف ۾ پروفيسر غلام حسين جلباڻيءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿي ته:

”شاهه مصور فطرت يعني فطرت جي تصوير چٽيندڙ آهي، فطرت جا دلڪش ۽ دلفريب نظارا ۽ اندر جا جذبا اهڙي ته باريڪ بينيءَ سان ڪمال هنر سان چٽيا اٿس جو قدرت جا نظارا زنده ٿي پڙهندڙن جي اڳيان جلوه گر ٿي ڦري رهيا آهن.“ (22)

پروفيسر سروپچندر شاهه لطيف جي فطرت جي محبت بابت هن ريت لکي ٿو:

”جبلن، ماٿرين ۽ کليل ميدانن ۾ گهمڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. برسات جي موسم ۾ باغ ۽ راڳ جو چهچٽو ۽ لقاءُ ۽ فطرت جو جمال ۽ ڪمال کيس ڪشش ڪري، گهر کان ٻاهر ڪڍندا هئا، اُتي هن جي دل قدرت جي دل سان يڪسان ٿي ويئي ۽ جيڪي خيال من ۾ پر گهٽ ٿيا، سي قدرت جي پوري ترجماني ڪري رهيا هئا. قدرت جي موهيندڙ نظارن، سندس روح کي راحت ڏني ۽ سندس قلب کي قوت بي اختيار سندس وات مان شعر جا سندر موتي ريلا ڏيئي نڪتا“ (23)

### 3.2.6 سچل سرمست

سچل سرمست پهريون شاعر آهي جنهن گهڻين صنفن کي ڳايو ۽ نئين صنفن کي شاعريءَ ۾ رائج ڪيو. هن پنهنجي ڪلام ۾ مقامي ڇند تي ٻڌل گهاڙيتا، ڪيل ڪجهه عروضي بحر وزن جا، ته کي پنهنجا ايجاد ڪيل گهاڙيتا جن ۾، بيتَ، وائيون، ڪافيون، سي حرفيون، ڪبتَ، غزلَ، مستزاد فرد، مرثيا، مثنويون، قطعا، گهڙوليون، جهولڻا وغيره شامل آهن. موضوعن جي حوالي کان سچل

سرمست وحدت، شريعت، حقيقيت ۽ معرفت، انسانيت، پائيچاري، سلامتيءَ ۽ رواداريءَ سان گڏوگڏ، رومانوي لوڪ قصن ۽ تصوف جي رمزن ۽ تمثيلن، سياسي، سماجي، انقلابي ۽ ثقافتي ريتن رسمن سان گڏوگڏ، عاشقن، عارفن ۽ صوفين جي احساساتي امنگن جي پرچار ذريعي، فطرت، قدرت ۽ خلقت وغيره وغيره کي پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيو آهي.

سچل سرمست پهريون سنڌي شاعر آهن جنهن وٽ انيڪ موضوع ملن ٿا. فطرت جي ڳالهه ڪجي تہ هن وٽ فطرتي منظر، فطرت جي گهرائي، مقامي ماڻهن جو فطرت بابت رويو، جاندارن جو فطرت سان لاڳاپو، فطرت جي تجسيم ۽ فطرتي منظرن جي مشابهت وغيره عام جام ملي ٿي. ڪلام ۾ لهجو ۽ ٻولي آسان هئڻ ڪري فطرت واضح ۽ چٽي نظر اچي ٿي.

ٻَـهہ ٻـَهہ ڪـنـدا آيا، ٻيهر ٻَـڪَـروالَ،
ڪـڪـر جي ڪڙڪاٽَ ڪان، ويا ٿِهِي مالَ،
اَهُـن ۾ اچِي پَـئِـي، چونـگـن سـنـدي چـالَ،
مـنـدائـتـي مـنـدل ڪـيـا، جـر اُنـا جـالَ،
پَـلَـر سـان پُـسِـي پـيـا، پـنـهـوارن پَـلال،
جهُري پيون جهوپيون، جهانگيڙن اَجهالَ،
نَنگو ڳـج نہ نِڏر ڪي، نِماڻن نَنگ پالَ،
جَنِ جا هِهڙا حالَ، تن پَرور پَت رکيج تون!
(انصاري،348)

هن بيت ۾، سچل سرمست مندائتي مينهُن جو ڪڙڪاٽن وارو فطرتي نظارو، حقيقت ۽ هيٺائيءَ تي ٻڌل مقامي ماڻهن جو منظر پيش ڪيو آهي. جڏهن پلرسان جهوپيون ۽ پلال (مال کي کارائڻ لاءِ سارين جو سڪل گاهہ) پُسي ٿو تڏهن جهانگيڙن جي جيڪا حالت ٿئي ٿي ان حقيقت جي منظرڪشي سهڻي انداز ۾ ڪئي آهي.

ڪلاسيڪل شاعرن سُر سارنگ کي سچي جو سچو فطرت منظرن سان پُرُ ڪري ڇڏيو آهي. ان جي نالي مان ئي فطرت تجليون ڏينديِ نظر اچي ٿي. هر هڪ شاعر سندن شاعريءَ ۾ سارنگيءَ کي آڻي فطرتي نظارن کي جوڙي ڇڏي ٿو. اهڙي ئي نموني سچل سرمست جي سر سارنگ ۾ فطرت جا سوين منظر سمايل آهن، هي سچي جو سچو سُر فطرتي منظرن سان پر ٿيل آهي.

پورب سندي پار جا، ڪڪر ڪارونيار،
وِڄُن ۽ وَڄڻ سان، چڙهن ٿا چوڌار،
اُيي کي اَيِيندي، لڏئون سِنڌُڙيءَ سار،
ساوا ٿيا سَنگهار، مولي سنديءَ مِهرَ سان.
(انصاري، 348)

وَسِي پيو وڏَ ڦڙو پنِيون پِٽَ پَريون؛
پَٽاريون پِٽُن تان، وٽاٽين پريون؛
ڪِيرن جون ڪَريون، چاڙٻين ڏنائون چاه مان.
(انصاري، 349)

سارنگ سارِي رات، رٽن مٿي ريج ڪيا؛
پَکن پرڙا سوئيا، پِره ڦٽِيءَ پِرِيات؛
پَٽَن تي پڏرا ٿيا، ڱُلَ ڦُلَ ياتون ياتِ؛
وائِي سپ ڪنهن وات، ”سچل“ سارنگ ساٺ جِي.
(انصاري، 350)

سارنگ آيو صبر ۾، بوندن ڪيئي بَس؛
رنگا رنگِي رسِ، قَزح ڱَڍِي نيل تي.
(انصاري، 352)

سچل سرمست جي ڪلام ۾ مينهوڳيءَ جي موسم ۽ ان جي ذريعي پيش ايندڙ نظارا ۽ ڏيک فطرت جي سچائيءَ کي واضح ڪن ٿا. اسان جي مقامي ماحول ۽ خاص طور تي ٻهراڙيءَ ۾ جيڪا خلقت ۽ قدرت سمايل آهي ان کي واضح ڪيو آهي. پهرين بيت ۾ سچل سائين سارنگ جي ان نظاري کي پيش ڪري ٿو. جنهن وقت ڪڪر، ڪنوٽيون مِڙِي ڪري سنڌڙيءَ مٿان گهي اچن ٿيون. انهيءَ نظاري کي سنگهارَ ڏسي سَرهائي ماٽين ٿا. ڇو تہ مينهن جي پاڻيءَ سان هنن جي فصل ۽ مال متاع ۾ موج ۽ تازگي اچي ٿي. سندن پيئڻ لاءِ جَهجهو پاڻي جمع ٿئي ٿو. اهڙي سڄي منظر کي سچل پاڻ پَسي ٿو. ٻئي بيت ۾ مينهن جي ڪري جيڪا جاندارن ۾ خوشيءَ جي لهر اٿي ٿي انهن مان پٽارين يعني مينهُنِ جي چاهہ جو فطرتي منظر کي پيش ڪيو آهي. پٽارين جي مٿان بوندون پوڻ ڪري جسم صاف، بت تازو ۽ چهرو ٻهڪندو رهندو آهي، انهيءَ ڪري هو ڪير جون چاڙٻيون خوشيءَ سان ڏينديون آهن. هن منظر کي ٻهراڙيءَ جو ماڻهو سٺي نموني سمجهي سگهي ٿو. سچل جو تعلق پڻ ٻهراڙيءَ سان هو، انهيءَ ڪري هن جو سيني فطرتي منظرن ۽ مقامي ماحول جو چڱيءَ ريت مشاهدو ماٽيل هو. ٽين بيت ۾ سچل سرمست مينهن پوڻ کانپوءِ پِرهہ ڦٽيءَ جي منظر کي سهڻي انداز ۾ ظاهر ڪيو آهي. هن بيت ۾ ڪمال جون فطرتي تصويرون جوڙي پيش ڪيون آهن، پڙهڻ وارو کي لڳي ٿو ڄڻ اهي عڪس ڄڻ هينئر اکين اڳيان گذريا هجن. ”پکين پَرَڙا سويا“ ڪمال جي سٽ آهي. سڄي رات مينهن پوڻ ڪري پکي پِڄي پوندا آهن. پرهہ ڦٽي ٿيندي ئي آکيرن مان نڪري پَرن کي سوئيندا ۽ ڇهنب سان کولي خشڪ ڪندا آهن. بوندن سان ڌوتل وڻ ٽِڻ ۽ ويٺل پکي فطرت جي انتها آهن. سڄي ماحول ۾ مينهن جي تازگي هئڻ ڪري پرڀات جا پهر سپ ڪنهن لاءِ سرهائيءَ جو سبب پڻ هوندا آهن. آخري بيت ۾ سارنگ جي بند ٿيڻ کانپوءِ رنگين دنيا نروار ٿي ويندي آهي. هر شئي ڌوپي صاف ۽ چٽي ٿي

بيهندي آهي.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ فطرت جو ڏهڪاءُ ۽ دهشتَ پڻ سمايل آهي. هن فطرت جي هيبتناڪ منظرن کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

اَول اَنڌي آئِي، پويان ٿي برساتِ،
رعد جي رڙين ۾ پيٽي نہ هُئِي باتِ،
ويچارين ورن جي، وائِي هُيَڙِي واتِ،
مٿان وسَڻ هيٺان چِڪڻ، سيءَ ميون سپ رات،
پِرهہ ڦٽي پِرڀات، ڪٽڪان ڪانڌين گڏيون.
(انصاري، 251)

هڪ وسَڻ پيو وڄَڻ، ٿيون لَهي پيو سيءُ،
جهوري وڏئين جهوپيون، ڇَن وڏائين ڇيءُ،
رنُن جو رڻَن ۾، واهَ وسيلو ٿِيءُ،
حال جنين جو هيءُ، تَن پَرور رک پناهَ ۾!
(انصاري، 251)

وندر جي ئي وڻن ۾، زور ڪري زاري،
ڇڏي ويا ڇَپَرين، ڏوپڻ هِيءَ ڏاري،
هڪ واچوڙو واٿَ تي، ٻي وسي ٿي واري،
بِرهہُ آهي باري، هَي هَي هوتياڻِن جي.
(انصاري، 174) [24]

پهرين بيت ۾ سچل فطرت جي دهشتناڪ منظر کي پيش ڪندي چوي ٿو تہ، پهرين آنڌي آئي، پوءِ برسات کي آندائين. خوف سبب ورن جي وات چوٻول پڪڙيو پيو هو. مٿان مينهن پيو وسي، هيٺان وري چِڪَ (گپ). سيءُ جهجهو هئڻ ڪري، سڄي رات تڪليف ۾ گذارين ٿا. صبح ٿيندي ئي ڪانڌَن زمين ۾ ڪٽڪون گڏيون. انهيءَ ڪان هيٺين بيت ۾ پڻ تيز برسات پوڻ سبب جيڪا مارونڙن مٿان مصيبت اچي ٿي انهيءَ ڏيک کي پيش ڪيو آهي. هن ٻنهي بيتن ۾ سچل سارنگ جي دهشتناڪ منظر کي ظاهر ڪيو آهي. جانور تہ ڇا پر انسان بہ فطرت جي خوف سبب ڏائنجي ۽ ڏڪي ويندو آهي. ڪنوڻين جا ڪي ڪي ڪڙڪاٽ جاندارن جا جگر ڏاري وجهندا آهن. اهڙي نموني آخري بيت ۾ سسئي جي واتان فطرت جي هيبت کي ظاهر ڪندي، پڙهندڙ جا لڱ ڪانڊاري ڇڏي ٿو. **ڇڏي ويا ڇَپَرين** يعني جبلن جي ڏکهي قطار جيڪا پاڻ تہ نہ ڪٽي پر انسان جي زندگي ضرور ڪٽائي. اهڙيءَ قطار جنهن ۾ انسان جهڙي پاسي نظر ڦيرائي، تهڙي پاسي سواءِ اڪيلائيءَ ۽ تنهائيءَ جي ٻي ڪا شئي نظر نہ اچي تہ اهڙي صورتحال ۾ انسان جا عضووا ڏڪي ويندا. وري واچوڙن جا سوساٽ ۽ خوفناڪ

آواز سان گڏوگڏ واريءَ جو وسڪارو انسان جي لاءِ اذيت بخش فطري منظر آهي. ايئن ٿو لڳي ڄڻ سچل پاڻ اهڙي مرحلي مان گذريو هجي. سچل جي ڪلام ۾ فطرت گهڻي تعداد ۾ پنهنجا جلوا ڏيکاريندي نظر اچي ٿي. اڪثر فطري نطارا قومي رنگ ۾ رنگيل آهن. فطرت سان گڏوگڏ سچل حقيقت نگاري، مقامي ماحول ۽ ثقافتي رنگ جي مظاهرِ فطرت کي پڻ پيش ڪيو آهي.

## 3.3 عروضي شاعريءَ ۾ فطرت

عروضي شاعريءَ جا اهڃاڻ ڪلهوڙن جي دور ۾، نور محمد خستہ، حافظ عالي، مرزا تقي ۽ ٻين شاعرن جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. سندن ڪجهہ ڪلام فارسي طرز تي رچيل پڻ ملي ٿو. ساڳئي دور ۾ ٺٽو ۽ شڪارپور جي شاعرن جي شاعريءَ ۾ پڻ عروضي ڪلام ملي ٿو. مخدوم عبدالروف ڀٽي جا مولود ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي مناجات ۾ پڻ عروضي شاعريءَ جا بنيادي نمونا ملن ٿا. چئي سگهجي ٿو تہ عروضي شاعريءَ جا اوائلي نمونا ڪلهوڙن جي دور ۾ نظر اچن ٿا. ان کانپوءِ ٽالپرن جو دور اچي ٿو. انهيءَ دور ۾ فارسي سرڪاري زبان هئي ۽ گهڻي ڀاڱي شاعرن ۽ عالمن فارسيءَ ۾ ئي تصنيفون پيش ڪيون. عروضي شاعريءَ جو باقائده دور ٽالپرن جي دور کي چيو وجي ٿو. جنهن جا شروعاتي ۽ مشهور شاعر سيد ثابت علي شاهہ، سچل سرمست ۽ ڪجهہ ٻيا آهن. اهڙي نموني عروضي شاعري ترقي ڪندي اڳتي وڌندي رهي. پوءِ دور مٽبا رهيا ۽ صاحبِ ديوان شاعر نروار ٿيندا ويا. جيئن: آخوند گل محمد هالائي، شمس الدين بلبل، فاضل شاهہ، آخوند محمد قاسم هالائي،مرزا قليچ بيگ وغيره.

چند وديائي شاعري وانگي عروضي شاعريءَ کي پڻ پنهنجون مخصوص صنفون آهن. جن ۾ قصيدو، غزل، مثنوي، رباعي، مسدس، مخمس، قطعہ، مستزاد، ترجيح بند، مناجات، فرد وغيره شامل آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ هي مشهور صنفون آهن، جن تي اڪثر شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. پر انهن مان جنهن صنف اوج ماڻيو اهو غزل آهي. سنڌي شاعرن غزل ۾ احساسن، اڌمن، جذبن سان گڏوگڏ ذهني، فڪري، سماجي يا سياسي نشونما کان علاوه عورت جي تعريف ۽ مليل درد جي پيڙاءَ سان لاڳيتو حسن جي رنگينين، خوبصورت خيالن، فطرتي رنگن يا منظرن وغيره کي عام جام بيان ڪيو آهي. هتي موضوع ۽ ماحول کي مدِنظر رکندي عروضي شاعريءَ کي بيان ڪيو ويندو.

اسان وٽ عروضي شاعري هڪ مڪمل فارسي (ايران جو) ڪلچر کڻي آئي. جڏهن تہ سنڌي شاعري ۽ سنڌ جو ڪلچر پنهنجو هڪڙو قدرتي جهان رکي ٿي. جنهن ۾ پنهنجا فطرتي رنگ ۽ مقامي نظارا آهن، جيڪي فارسيءَ جي ڀيٽ ۾ نمايان آهن پر نئون علم (علم عروض) سنڌي شاعرن تي اثرانداز ٿي ويو. هتان جي مقامي شاعرن عروضي شاعريءَ ۾ پاڻ مڃايو. ايران جو ماحول، منظرنگاري، فطرتي رنگ، رسمون، لاڙا، تمثيلن ۽ علامتن سان گڏ استعارا ۽ تشبيهون سڀ جو سڀ عروضي شاعريءَ جي زينت بڻيا.

ان سڄي ماحول بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پي ايچ ڊي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته.

" ايران ۾ باغ و بهار ماحول آهي سو فارسيءَ ۾ کُلي پڌرو ٿيو آهي. گلن ڦلن ۽ وڻن ٽڻن جو ذڪر فارسي شاعريءَ ۾ بنيادي حيثيت وٺي بيٺو آهي. اُهي گل جيڪي ايران ۾ ڦٽندا رهيا تن جو رنگ روپ شاعريءَ ۾ وڌيڪ کُليو. ايران کان ٻاهر جا شاعر، جن فارسي شاعريءَ جي اهڃاڻن جي تقليد ڪئي، تن ايران جي انهيءَ باغ و بهار ماحول مان گهڻو استفادو ڪيو. جيتوڻيڪ انهن گلن ٻوٽن مان ڪيترا ٻين ملڪن ۾ به پيدا ٿين ٿا پر ٻاهرين شاعرن کي اِها شاعرانه توصيف ۽ توضيح ايران کان ملي. ايران وارن پنهنجي ماحول مان جيڪي ڪجهه شاعرانه اُهڃاڻ ڪري ورتو، هند سنڌ جي شاعرن اُن جي تقليد ڪئي. آهستي آهستي اُن جو اثر ۽ تقليد جي نوعيت ۾ فرق آيو پر بنياد قائم رهيو." [25]

فارسي شاعرن جيڪي موضوع، خيالَ ۽ لفظي خزانا پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا. ان ئي طرز تي سنڌي شاعرن پڻ شاعري ڪئي. ساغر و مينا، سراحي سان گڏوگڏ فطرتي يا قدرتي نظارا جن ۾ "موسمون (بهار، خزان، صبا، برسات)، گل، (سنبل، سوسن، گل لاله، نرگس، سمن، نسرين، ياسمين)، پکي (بلبل، ڪوئل) برسات، آسماني نظارا" وغيره اچي وڃن ٿا. هن قسم جو موضوع وسيع آهي. تنهن جي ڪري سنڌي شاعرن فطرت کي ڪيئن سمجهيو ۽ بيان ڪيو. انهيءَ تي ڌيان ڏجي ٿو. ۽ بيان ٿيل مناظرِ فطرت کي شاعرن ڪيئن پيش ڪيو آهي . انهيءَ جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

### 3.3.1 موسمون

ڌرتيءَ جو سج جي ويجهي ۽ پري ٿيڻ سان موسمون پيدا ٿينديون آهن. هر هڪ موسم جي پنهنجي پنهنجي خصوصيت ۽ خاصيت هوندي آهي. موسم جي حساب سان شاعرن جو مزاج ٺهندو آهي. جيئن ٿڌي مزاج وارا شاعر ۽ گرم مزاج وارا شاعر وغيره. شاعرن جي ڪيفيت تي اڪثر موسمون اثرانداز ٿينديون آهن. بهار ۽ سَرءَ جي موسم استعاري طور استعمال ڪئي ويندي آهي. عروضي شاعرن مختلف موسمن کي مختلف فطرتي منظرن ۾ بيان ڪيو آهي. جن خاص موسمن کي بيان ڪيو ويو آهي انهن مان بهار ۽ خزان خاص آهن.

#### 3.3.1.1 بهار

بهار جي موسم جنهن کي بسنت رُت پڻ سڏيو ويندو آهي. هيءَ موسم هميشه سياري کان پوءِ ايندي آهي، جيڪا ٻن کان اڍائي مهينن تائين هلندي آهي. هن موسم ۾ نوان گل، ٻوٽا ۽ وڻ ٽڻ وغيره نکري نروار ٿيندا آهن. انهيءَ سان گڏوگڏ ڪومايل ٻوٽا ۽ گل سرها ٿي ويندا آهن. باغن ۾ ساوڪ ۽ سرهائي هوندي آهي.گل ۽ ٻوٽا خوشبودار ۽ چمڪدار ٿيندا آهن. هر پاسي کان ڪيترائي فطرتي منظر واضع بيٺا هوندا آهن. پکي پکڻ پنهنجي مستيءَ ۾ ٻوليون ڳائيندي ۽ جهومندي نظر ايندا آهن.

شاعرن ۽ چترڪارن لاءِ بهار راحت طلب شئي هوندي آهي جنهن ۾ هو اڪثر پنهنجا خيال پيش ڪندا آهن ۽ پاڻ کي پرسڪون محسوس ڪندا آهن. سندن خيال ۽ تصويرون بين موسمن جي ڀيٽ ۾ ڏاڍيون نراليون هونديون آهن. بهار نہ صرف شاعرن ۽ چترڪارن لاءِ پرسڪون هوندو آهي بلڪ هر جيوت ان مان سڪون حاصل ڪندو آهي. بهار جي موسم ۾ فطرت جي گهرائي خوش اسلوب منظر ۽ خوش رنگ ساوڪ شاعر جو من موهي وجهندي آهي.

بهار جي موسم بابت رحيم بخش 'قمر' انتهائي خوبصورت نموني سان فطرتي سونهن کي بيان ڪيو آهي. هر هڪ بند ۾ انتهائي سهڻا منظر ۽ انهن ۾ ٿيندڙ سرگرميون، مناظرِ فطرت جا اڻ ميا منظر خوش اسلوبيءَ سان بيان ڪيا آهن. سندن خيال ۽ سوچ فطرت طرف گهرو لاڙو ڏيکارين ٿيون. هن نظم ۾ رحيم بخش بهار جي سڄي پسمنظر کي واضح ڪيو آهي. ان ۾ مکڙين جي ٽڙڻ، پونرن ، بلبلن ۽ جهرڪن جو شور ۽ مستي، يعني قدرت جي تخليق ڪيل هر تخليق بهار جو لطف وٺي رهي آهي:

ٽڙيون مکڙيون باغ ۾ گل عجيب
پرن پونر شور ۽ بلبل عجيب.
وڻن تي ٿا ڪن جهرڪ پڻ غل عجيب،
ڪٿي آهہ صلصل ۽ سنبل عجيب.
پکين ۾ ٿي هو هو جي پچار،
ٽڙيا گل، ۽ غنچا ٿي باغ و بهار.

ٿين خوب مسرور "پوپٽ" وري،
گلن تي رهاڻيون بہ ڪن سرسري،
نچن ۽ ڪڏن سرڪ پونرا پري،
ڦلن تي ٿي ماکيءَ سندي مک چري،
ڪري عرق نوشي گلن اپار،
ٽڙيا گل ، غنچا ۽ ٿي باغ و بهار.

ڦٽا گنجڙا ڇهڇ ساوا ٿيا
مٿن ماڪ مينهن جا موتي جيهَا
اهي مثل موتين جي هر ڪنهن ڏٺا
ٿيا جاڻ باغن ۾ ميوا مٺا.
ڪري تند ٿهڪن ٿيون تاريون ۽ تار،
ٻڙيا، گل، ۽ غنچا ٿي باغ و بهار
(سرشار، 165)

### 3.3.1.2 خزان

خِزان فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ سَرَءُ سڏيو ويندو آهي. سَرءُ هميشہ اونهاري کان پوءِ ايندو آهي. يعني پهرين سيارو پوءِ بهار اونهارو ۽ پوءِ سرءُ. هن موسم ۾ پن رنگ مٽائڻ ۽ ڇڻڻ شروع ڪندا آهن. هن موسم ۾ پن ڳاڙهي، پيلي، نارنگي ۽ ناسي رنگ جا ٿي ويندا آهن ۽ سياري اچڻ سان اهي مڪمل ڇڻي ڪِري پوندا آهن. هن موسم ۾ بي رونقي ۽ زوال هوندو آهي. بلڪ هيءَ موسم زندگيءَ جي هر منفي اثر جو استعارو هوندي آهي. هن موسم ۾ هر جاندار جي زندگيءَ تي اڪثر منفي اثر پوندا آهن. سَرءَ جي موسم شاعرن، ليڪن ۽ چترڪارن لاءِ انتهائي ڪارائتي هوندي آهي. هن موسم جي پنن ڇڻڻ سبب خوبصورت منظر ۽ عجيب رونق پيدا ٿيندي آهي جيڪا هر فن پاري لاءِ اثر انداز ٿيندي آهي. عروضي شاعريءَ ۾ اڪثر هن موسم جي درد جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. ڪيترائي شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ هن موسم کي استعاري ۽ تشبيهہ سان گڏوگڏ مناظرِ فطرت ۽ فطرت جي تجسيم ڪندي نظر ايندا آهن. جيئن:

خزان ۾ چمن جو نظارو نہ هوندو،
بهاري ۾ بلبل بهاري ڪري وٺ.
(سرشار، 44)

شاعر بلبل کي هدايت ڪندي بهار جي موسم جو مزو وٺڻ لاءِ چئي رهيو آهي. خزان ۾ پن ڇڻڻ کان پوءِ يعني چمن، جهڙو بهار ۾ لڳندو آهي تهڙو خزان ۾ نہ رهندو. هو خزان جي درد کان واقف هوندي ان کي بهار ۾ خوش ۽ سرهو رهڻ جي تلقين ڪري رهيو آهي. هو ٻئي هنڌ بلبل سان مخاطب ٿيندي، باغائيءَ ذريعي بهار جي حقيقت ٻڌائي خزان جي تڪليف بيان ڪري رهيو آهي. يعني هو فطرت جي تجسيم ڪندي بهار ۽ خزان جي منظرن کي واضح ڪري رهيو آهي.

بهاري تي ڏِسين بلبل، مگر ڪجهہ باغبان کان ٻُڌ،
بهاري جي حقيقت واقفِ دورِ خِزان کان ٻڌ.
(سرشار، 32) [26]

### 3.3.2 صبا

پوربي هوا جيڪا صبح جي ٿڌڙن پهرن ۾ لڳندي آهي جيڪا نون گلن، ٻوٽن ۽ گونچن وغيره کي فائدو ڏيندي آهي. صبا کي اڪثر شاعر تشبيهہ طور يا سنهيي طور استعمال ڪندا آهن.

شمس الدين بلبل فطرت سان ڳالهيون ۽ صبا سان ڳالهيون ڪندي چئي ٿو تہ:

اي صَبا جا پيڪ، مون سان ڪر پلائي پال هڪ،
نئين ٻڌائج نياز سين، اج هوت کي احوال هڪ.
چئينس: مان جهڙيڪِ تهڙو تہ بہ تہ تنهنجو آهيان،

گرچہ مان بدڪارآهيان، نيڪ ڪو اعمال هڪ.
(بلبل، 104) [27]

سيد فاضل شاھ هن ريت صبا سان مخاطت ٿيندي نظر اچي ٿو:

صبا کي مون ڏنو ساري سراسر،
حقيقت حال ڏي هوشيار جو خط(58)
(فاضل، 49) [28]

### 3.3.4 برسات

جنهن کي مينهن يا بارش وغيره پڻ سڏيو ويندو آهي. برسات هڪڙي خوبصورت ۽ وڻندڙ موسم هوندي آهي، جنهن ۾ هر ساهواري شيءِ مزو ماڻيندي پرسڪون ٿيندي آهي. وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا ڌوپي صاف ٿي ويندا آهن. برسات پوڻ سبب مٽيءَ مان دلڪش مهڪ اٿندي آهي. جيڪي جاندارن جي من ۾ اڻ ڳڻيون امنگون پيدا ڪندي آهي. شاعر وري برسات کي مختلف معنائن ۾ وٺندا آهن. ڪي پنهنجي ڏک ۽ درد سبب ڳڙيل ڳوڙهن جي علامت سمجهندا آهن تہ ڪي وري خوشي ۽ سرهو محسوس ڪندا آهن. ڪيترائي ئي شاعر فطرتي رنگ ڏسي، انهيءَ کي پنهنجو محور بڻائيندا آهن. عروضي شاعرن ساغر و مينا، گل لالہ ۽ بلبل سان گڏوگڏ برسات تي پڻ شاعري ڪئي آهي. سنڌي عروضي شاعرن ڪيترائي اهڙا شعر لکيا، جن ۾ برسات جا فطرتي منظر نمايان نظر اچن ٿا.

آخوند گل محمد هالائي نامور شاعرن جي قطار ۾ بهترين شاعر طور ڄاتو سڃاتو ويندو آهي. علم عروض جي شاعرن جي فهرست ۾ سڀ کان پهرين آخوند گل محمد جو ڪلام ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. سندس ڪلام سوين رنگن سان پُر آهي. آخوند گل جي شاعريءَ بابت ديباچي ۾ لکيل آهي تہ:

”آخوند صاحب مرحوم جو شعر نج سنڌي ٻوليءَ جو دلچسپ نمونو آهي. ڪنهن بہ شعر ۾ جيڪي خاص خوبيون هئڻ گهرجن سي آخوند صاحب مرحوم جي شعر ۾ موجود آهن جيئن تہ: (1) علمي مايو (2) فطرت جو اڀياس (3) وقت جي هلندڙ وهنوارن، ڏندن ۽ رسمن رواجن جي خاص ماهيت (4) بلاغت ۽ فصاحت (5) وزن“. [29] اها حقيقت آهي تہ آخوند صاحب جي ڪلام ۾ اهي سڀ خوبيون نمايان نظر اچن ٿيون. فطرت جي تجسيم، فطرت سان مشابهت ۽ مناظرِ فطرت وغيره سهڻي انداز ۾ ملن ٿا. فطرت ۾ مينهن ۽ مينهوڳيءَ جي موسم کي خوب ڳايو آهي. اڪثر منظر مقامي ماحول ۽ منظرن جي عڪاسي ڪن ٿا. جڏهن ليسوڙا ميوو ٿا جهلين، گاه ويءِ ٻيلن تي جڏهن ٿُپ ٿين ٿا، مينهن سان پِڳلَ ۽ پريل، ڊِٽ پٽ. بنجر، بر، ٿر ۽ مينهن کان پوءِ نکريل گل ٻوٽا وغيره، انهن سان خوش ۽ سَرها مال ۽ ماڻهو. هي سڀ منظر مقامي منظرن ۽ فطرتي رنگن طرف اشارو ڪن ٿا. هنن کي خوبصورت طريقي سان آخوند گل محمد هالائيءَ هيئن بيان ڪيو آهي. جيئن:

وڻ ماديون ٿين، نَرّ گل ڇاٽيو جهلن قرّ،

ميوا جهلن مند تي ليسوڙيون ليارا.
(گل, 3)

ڀون منيءَ تي ٽا ٽين پوڪون ڀُڙا
گاه وِيَّ ٻيلا ڪلر ٿُٻ ٿُٻ.
(گل, 13)

وسن جئن مينهن پاٽي ۾ چَروُن چيجَ,
ڀچن پوڪون ڀين سانگي ڀلر ڀيجَ.
اُڪوڙي نندٻ, سنجهي جاڳ رب لئي,
ڀِڄائي ڀنُجرَ ڀَر ٻرُ جئن ڀڄي ڀيج.
(گل, 41)

آئي رت سانوڻ سندي مينهن وسي ڪئڙا ملار,
ڍٺ وسيا ۽ ڀٽ وسيا سرها ٿيا سانگي سنگهار.
هڪ طرف گاجيون ۽ گوڙيون ٻي طرف ڪوٽيون ڪنون,
مينهن ٺاٺا ڪيو ٺمن باهيون ٻرن چوڏس هزار.
ڪيا منڊل برسات برسي گل ٽڙئا پوٺن مٿي,
زعفران و سنبل و نرگس ڪلئا ڪنٺهار.
(گل, 67-68)

الله بخش اڪيلي هڪڙي غزل ۾ برسات جي سڄي منظر ۾ هڪڙي نئين اميد کي واضح ڪيو آهي. پنهنجي دل کي آٿت ڏيندي, دل تون مايوس نہ ٿي, ڪوئل جي ڪوڪار ٻڌائي ٿي تہ ملهار يعني جهڙالي موسم ڇائنجي وئي آهي.

ٿي نہ تون مايوس اي دلِ, ڇائنجي آيو ملهار,
ٿي ڪري ڪوڪار ڪوئل, ڇائنجي آيو ملهار.
لاهہ گهونگهٽ بادلن جو ٿي ڪِنوڻ ڪِلندي اَچي,
زلف رَيڙهي, تن مان تون ڪِل, ڇائنجي آيو ملهار.
بِرهہ جي بوندن مِلِي برسات جي رِم جهم رَچي,
تون اي محبوب رِل مِل ڇائنجي آيو ملهار.
ويو وڇوڙو پرت پاٽي خاڪ پيتو ٻئي گڏيا,
هم گريبان آب ۽ گِل ڇائنجي آيو ملهار.
پرت جو پيغامِ فطرت رقص و موسيقي ٻهَم,
نِنهن جو ناقوس نازل ڇائنجي آيو ملهار.
سپ ٿيا ”سرشار“ ڪم سَوَلا جو سيد ڪئي نظر,

مست ساقي، مست محفل چائنجي آيو ملهار.
(سرشار، 41)

مولانا عبدالغفور "مفتون" همايوني ڪلاسيڪل طرز تي عروضي شاعري ڪئي آهي. سندس ديوان ۾ برسات بابت خوبصورت ڪافي لکي آهي، جيڪا مارئي جي سور کي واضح ڪري ٿي. جڏهن ڪڪر اتر طرفان اچن ٿا تہ هن جو من ماروئڙن طرف زور پري ٿو ڇو جو برسات سان ماروئڙا آباد ٿيندا آهن ۽ برسات سبب هو وطن ورندا آهن. پر هتي مارئي سانگيئڙن جو انتظار سبب تڙپي رهي آهي، تہ هو مون کي جلد وٺڻ ايندا. مولانا مفتون صاحب ان (مارئي) جي سور جي انتها ۾ فطرتي رنگن کي هيئن بيان ڪيو آهي:

ڪافي

ويٺي نهاريان واٽ وو،
مسڪين سانگين ڏي،
ڪڪر ڪارا پارون اُتر جي، ساڻ حڪومت پاڪ پرور جي،
آيا ڪري ڪڙڪاٽ.
وڏ ڦڙي ڪيا ڏاڍا وسڪا، ڦڙيءَ ڦڙيءَ تي ڦهڪون ڦهڪا،
ڇوهون ڇٽي پئي ڇاٽ.
مئي ميڪائيل جو امر جو ٿيڙو، جهن جهڙن کي ڪنو جو ڪيڙو
لسي لئي ڪِري لاٽ.
ڪنيبون خوب ڪليون ٿي پٽن تي، نڪتيون سبزيون صاف پٽن تي،
گاهن ڪيڙا گهاٽ. (مفتون، 51-52) (30)

### 3.3.3 گلَ

گل قدرت جي انتهائي خوبصورت تخليق آهن. هر قسم جو گل من کي موهيندڙ هوندو آهي. گل مختلف قومن ۾ مختلف قسمن جي علامت طور ڄاتا ويندا آهن. ڪڏهن گلن کي اهڃاڻ بڻائي نروار ڪيو ويندو آهي، تہ ڪڏهن وري ثقافت يا قومي نشانيءَ طور ظاهر ڪيو ويندو آهي. گلَ هڪڙي ڪيفيت بہ پيدا ڪندا آهن تہ خوشگوار ماحول ۾ طبيعت بہ. گلن جا ڪيترائي رنگ هوندا آهن. ڪجهہ اڇي رنگ جا تہ ڪجهہ ڳاڙهي ۽ نيري رنگ جا، تہ ڪجهہ وري پيلي رنگ جا. گلن کي رنگن جي حساب سان الڳ الڳ مفهوم ۾ سمجهيو ۽ استعمال ڪيو ويندو آهي. اڇو گل امن جي علامت سمجهيو ويندو آهي. ڪارو گل ماتم جي نشاني سمجهيو ويندو آهي. گلاب جي مختلف رنگن جون مختلف علامتون آهن جيئن:

**ڳاڙهو گلاب** محبت جي اظهار جي علامت آهي.
**اڇو گلاب** پاڪيزگي ۽ معصوميت جي علامت آهي.

**گلابي گلاب** فضل ۽ خوشي جو سبب سمجهيو ويندو آهي.
**پيلو گلاب** حسد ۽ بي وفائيءَ جي علامت سمجهيو ويندو آهي.
**نارنگي گلاب** خواهش ۽ جوش جي علامت سمجهيو ويندو آهي.
**گهرو ڪارو گلاب** ماتم يا ڏک جي علامت سمجهيو ويندو آهي.

ڪجهه اهم گلن تي نظر ڪجي ٿي ته انهن کي ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ علامت ڪري ۽ پنهنجي قوم ۽ ادب ۾ ياد ڪيو ويندو آهي. گل دائودي (هن گل جو هڪ وڏو پسمنظر آهي) روس ۾ مهرباني ۽ رحمت جي علامت سمجهيو ويجي ٿو. هندو ڌرم ۾ ۽ سنڌي ادب ۾ ڪنول جي گل کي، زندگي ۽ پيداوار ۽ ٻڌن (ڌرمي ماڻهن) لاءِ پاڪيزگيءَ جي علامت سان گڏوگڏ جاڳڻ جي علامت پڻ سمجهيو ويندو آهي. هي گل هميشه گند ڪان مٿي ۽ خوبصورت هوندو آهي. ان وانگر مهاپرش به نيارا هوندا آهن. تنهن جي ڪري ان گل کي اهميت ڏني ويندي آهي. ڪنول گل کي شاعريءَ ۾ پڻ بيان ڪيو ويو آهي. جيئن شاهه صاحب فرمائي ٿو ته *"ڪنول پاڙون پاتال، پونر پري آڪاس"* استاد بخاري چئي ٿو ته، *"ڪنول گل مان ڪوڪو نه ٿيندو نه ٿيندو، "بخاري" ڪان دوکو نه ٿيندو نه ٿيندو"* وغيره. تلسي جنهن کي اسين نازبو پڻ سڏيندا آهيون. هندو ڌرم وارا ان کي، سڀُورو يا پلارو ٻوٽو سمجهندا آهن.

اهڙي طرح سنبل، سوسن، گل لاله، نرگس، سمن، نسرين، ياسمين پڻ ڪو نه ڪو پسمنظر رکن ٿا. هنن مان ڪي گل بهار جي اچڻ سان رونما ٿيندا آهن ته ڪي وري سرءَ جي زينت بڻبا آهن. هنن گلن کي اڪثر شاعر پنهنجي درد و فراق ۽ پيڙاءَ سان گڏ محبوب جي حسن کي چارچنڊ لڳائڻ ۽ ان جي سونهن کي اُتم درجو ڏيڻ لاءِ تشبيهن، استعارن وغيره ۾ استعمال ڪندا آهن. عمومي طور تي سنڌي شاعرن عروضي شاعريءَ ۾ گلن کي فطرتي منظرن، علامتن ۽ تشبيهن طور استعمال ڪيو آهي. هتي هڪڙي ڳالهه واضح ڪرڻ لازمي آهي، گلن جي بيهڪ يا بناوٽ جي حساب سان پڻ شاعرن تشبيهون وغيره استعمال ڪيون آهن. ان ڪري گُلن جي چڱي ڄاڻ رکي عروضي شاعريءَ کي سمجهجي ته ان جي مجازي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهه اچي ويندو. مثال طور ڪنهن گل ۾ ڪارو داغ ٿيندو آهي، ڪنهن ۾ ڳاڙهو يا پيلو اهڙي طرز تي ان شعر جو عمومي طور مفهوم الڳ بيهي ٿو. هيٺ گلن تي بيان ڪيل ڪجهه اهم عروضي شاعري پيش ڪجي ٿي.

بهار آئي ڦليا گل ڦل، آها، هاها، اُهو هُوهُو!
کليا هرجا سمن سنبل، آها ها ها...
ڏسو نرگس عجب نسرين، رياحين برگ ياسمين،
سونهن ٿا سروَ تي صلصل، اها، ها ها...
ٿيا مرغِ چمن نالان، رهيا گل ڦل سيئي حيران،
اٿيو غوغا، اهو غلغل، آها ها ها...
ڪيڏي اچ صد زبان سوسن، سوين سورج ٿيا روشن،

هُليو هيڪار جو هُل هُل، آها هو هو...(بلبل، 116)

شمس الدين ’بلبل‘ بهار جي ذريعي مختلف گلن کي ظاهر ڪيو آهي. ڇو جو بهار ۾ سوين گل نِڪري نروار ٿيندا آهن. سندن خوشبو هوا ذريعي سڄي گلستان ۾ ماحول کي پر سڪون ڪندي آهي. هر موسم ۾ گلن جي فطرتي ڦٽڻ جو الڳ الڳ وقت مقرر ٿيل آهي. ’بلبل‘ بهار ۾ نِڪريل گلن جي نظاري ۾ منظرن کي نروار ڪيو آهي ۽ انهن جي خوشي ۾ رونق کي محسوس ڪندي فطرتي منظر پيش ڪيو آهي. ’بلبل‘ ان دور (عروضي شاعريءَ جي دور) ۾ سنڌي عروضي شاعريءَ ۾ نيون تشبيهون، نوان استعارا، نيون تمثيلون، ترڪيبون، سلاست ۽ بلاغت وغيره کي شامل ڪري ادبي پهلوئن کي برقرار رکيو آهي. سندن ڪلام ان دور جون سڀ تقاضائون پوريون ڪري رهيو آهي. باغ سان پنهنجي يار جي صورت کي ڀيٽيندي ڪيڏو نه نيچرل غزل لکيو آهي:

هن سبب دل آهه مائل، منهنجي گل گلزار تي،
باغ ڇڻ سارو سراپا آهي، صورت يارَ تي.
برگِ گل تي هئن لڳي ٿي، خوشنما شبنم پرين،
قطره قطره آب جا، ڪن زيب جئن رخسار تي.
جئن سونهن ٿا پيچ سنبل ۽ سمن ريحان جا،
جئن ڳِرهَه ٿي گول ٿئي، هنَ ڪڪلِ خمدار تي.
ياد اچ آئي چمن ۾، ان جي چشمِ نيم باز،
پئي نظر جڏهين، چمن ۾، نرگسِ بيمار تي.
سَروَ بي سر، بَر هوا آهي سدا محوِ ثنا،
مست آ مجنون جيان، اُنَ جي قدِ هموار تي.
روح کي ٿو خوش لڳي، تنهنجو پرين رنگين لباس،
ان سبب رايو گهڻو منهنجو رهي، گلنار تي.
پنهنجي عاشق جي عيَادت، ڪر ته ڪڏهين اي عجيب
فاتحه، گل پيو پڙهن ٿا، ’بلبلِ‘ بيمار تي.
(بلبل، 128)

هن غزل ۾ ’بلبل‘ محبوب کي باغ سان تشبيهه ڏني آهي. باغ جي سڄي خوبصورتي پنهنجي محبوب جي لاءِ سمجهي ٿو. سندن محبوب سڄي جو سڄو فطرتي سونهن سان ڀريو پيو آهي. گلن جا رنگ، خوشبو ۽ خوبصورتي وغيره محبوب کي سونهي ٿي. پنهنجي حالت ۽ ڪيفيت کي گلن جي ذريعي تشبيهه ڏيئي رهيو آهي.

’ديوان سرشار‘ ۾ الله بخش عقيلي نرگس جي داغ (نرگس اندران ڪارو ۽ ٻاهران پيلو هوندو آهي) سان ڀيٽ ڪندي پنهنجي يار جي جدائيءَ جا گهرا ۽ تڪليف وارا داغ ظاهر ڪيا آهن. هن کي

وڇوڙي جا اهڙا تہ داغ لڳا آهن، جو نرگس جي گلن سان ڀريل باغ بہ هن جي برابر نہ آهي. يعني الله بخش عقيلي فطرت سان مشابهت ڪندي نرگس جي باغ جو ۽ پنهنجي تڪليف جو منظر پيش ڪيو آهي.

اي داغدار نرگسِ باغِ خيال ڇَڏو،
جُز هجرِ يار ٻي ڪي ڏِنئي داغدار داغ.
(سرشار، 14)

عقيلي صاحب فطرت کي استعاري يا تشبيهہ طور قطب آندو آهي. اندر جا احساس يا خيال، محبوب جا سور، اندر جون پيڙائون ۽ رچنائون فطرتي شاعريءَ ۾ بيان ڪيون آهن. سندس ڪلام ۾ ٻولي عام فهم استعمال ٿيل آهي. ڪٿي ڪٿي فارسيءَ جا لفظ پڻ استعمال ڪيا آهن. گهڻي ۾ گهڻو ڪلام عشق بابت چيو آهي. عشق ۾ آيل درد و فراق ۽ زماني کان مليل عذيتون ۽ انهن ذريعي فطرت جي گهرائيءَ کي محسوس ڪرڻ ۽ فطرت جي تجسيم ڪرڻ آهي.

گُلِ رعنا نہ لُڏ، بادِ صبا ڪجهہ ٻيو ٻڌائي ٿي.
ادائي ناز کي ان جي ادا ڪجهہ ٻيو ٻڌائي ٿي.
ڪنول آبِ روان ۾ تِڙي مُرڪي، جُهلي، جهُومي،
مگر موجِ حياتِ بي بقا ڪجهہ ٻيو ٻڌائي ٿي.
(سرشار، 90)

يعني گلِ رعنا ( هي گل اندران ڳاڙهو ۽ ٻاهران پيلو ٿيندو آهي) تون لڏڻ بند ڪر ڇو جو صبح جي ٿڌڙي هير ڪجهہ ٻيو ٻڌائي رهي آهي. اداڪاري ڪندڙ کي ادائگي ڪجهہ ٻيو ٻڌائي رهي آهي. ڪنول جو گل هلندڙ پاڻيءَ مٿان تڙي مرڪي جهومي ۽ لڏي ٿو پر حياتيءَ جي مستي ڪجهہ ٻيو ٻڌائي رهي آهي. هنن سٽن ۾ شاعر فطرت جي تجسيم ڪري رهيو آهي. هو گلِ رعنا سان ڳالهائي زندگيءَ جي هڪ ٻي حقيقت ٻڌائي رهيو آهي. جيڪا فنا جي طرف وڌي رهي آهي.

خليفو گل محمد هالائيءَ هڪ غزل ۾ محبوب جي هر شئي کي گل سان ڀيٽيو آهي. فطرت ذريعي محبوب سان مشابهت ڪندي ان جي اکين، زلفن، منهن ۽ رخسارن سان گڏوگڏ رنگ روپ ۽ جسم و جان کي بہ گل سان تشبيهہ ڏني آهي. ان جي اچڻ سان تازگي ۽ خوشبو پيدا ٿئي ٿي. مقطع بند ۾ پنهنجو نالو گل ۽ ديوان گل ٻنهي کي ظاهر ڪيو آهي. يعني گل هر شئي ۾ گل کي ڇٽو ڪري قدرتي منظر ۾ محو نظر آيو آهي. اهڙي خوبي ڪنهن ڪنهن شاعر ۾ هوندي آهي جيڪو بحر وزن سان گڏ خيالن کي هوڏي هوڏي ٿيڻ نہ ڏي. غزل جون چند سٽون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

تنهنجون اکيون گل، زلف گل، منهن گل، آهن رخسار گل،
رنگ روپ ۾ گلفام تون شل هئَين سدا اي دوست گل.
ٻوٽين تہ مکري وات ٿيو اهتين تہ گل اثبت ٿيو

موهين مون کي ان مام تون شل هئَين سدا اي دوست گل.
تون جسم گل ۽ جان گل آءُ اسم گل ديوان گل،
بئي گل ٿيا هڪ نام تون شل هئَين سدا اي دوست گل.
(گل، 120)

آخوند محمد قاسم هالائي محبوب جي ٻُلن تي پگهر ڏسندي گل تي پيل ماڪ سان ڪيڏي نہ خوبصورت تشبيهہ ڏني آهي.

ڏس پگهر مهل ٻُلَ سندا پريُن،
گُل سندي منهن مٿي پوي جيئَن ماڪَ.
(قاسم، 96)[31]

مشهور شاعر محمد بخش واصف جي ڪلام ۾ فارسي ماحول نظر اچي ٿو. اندازِ بيان سان گڏوگڏ فطرتي منظر ۽ ماحول ساڳيو ايران وارو آهي. اڪثر شعر مناظرِ فطرت کي چُهن ٿا. پر گڏوگڏ شعرن ۾ تشبيهہ استعمال ڪئي آهي. مثال لاءِ هڪڙو بيت هيٺ ڏجي ٿو:

سروقد، گل آهہ رخ، خط نازبو. سنبل هي زلف
ڪهڙا ڪاريگر نہ آهن نقشبندان ـبهار.
(واصف، 56) [32]

آخر ۾ مير عبدالحسين سانگيءَ جو گلن تي بيان ڪيل خوبصورت فطرتي منظرن سان ڀريل غزل جو ڪجهہ حصو بيان ڪجي ٿو جنهن ۾ سانگي صاحب ڪيترن ئي گلن جا نالا شامل ڪيا آهن. انهن جي سندرتا تي ٻڌل ڏيکن ۽ حقيقتن کي بيان ڪيو آهي. بهار کانپوءِ چمن جي سرهائي، جنهن ۾ بلبل چهڪندي ۽ گل ٽڙندي نظر اچن ٿا. خوبصورت گلن جا رنگ ۽ انهن جي خوشبو سانگي صاحب جي من کي راحت ۽ تازگي بخشي ٿي.

بلبلن جا چار سُو آهن چمن ۾ چهچها،
۽ ٽڙيل ٽارن تي گل ڏسجن ٿا هر جانب هزار
ڪيو معطر اڄ چمن کي ياسمين و نسترن،
جنبشِ بادِ صبا سنبل جو ڪيو گل تارتار
آهي نيلوفر کان ٿيو صحنِ چمن سڀ نيلگون،
زعفران و ارغوان ڏي آهي نرگس جي نهار
ٿي رهي هردم گل سوري جي سورج ڏي نظر،
سوسن و ريحان ۽ صد برک اهن بيشمار
هئي زياده شال دائم آبر وِ ي باغبان،
سبزه زارِ بوستان ڏي ٿي رواني جونبار...
(سانگي، 23)[33]

### 3.3.4 پکي

جاندار جيوت آهن. جيڪي مختلف قسمن ۾ ورهايل هوندا آهن. ڪي خشڪيءَ وارا تہ ڪي پاڻيءَ وارا، ڪجهہ شڪاري تہ ڪجهہ وري عام. ڪي مٿانهين تائين اڏن تہ ڪي وري هيٺائين

تي رهڻ پسند ڪن، ڪي وڻن تي آکيرا ٺاهن ته ڪي وري زمين ۾ جبلن ۾، ڪي منڙو ٻولين ته ڪي وري سادڙو ڪي انسانن سان رائل مائل ٿي وڃن، ته ڪري وري انهن جي ويجهو ٿي نه اچن وغيره وغيره. هر هڪ قوم جا پکي مختلف ٿيندا آهن، جيڪي اڪثر قومن جي سڃاڻپ طور ڄاتا سڃاتا ويندا آهن. ان ڪري جيڪي پکي سفر ڪري ايندا آهن انهن کي ولر کان وڇڙيل پکيءَ جو درد، ڪليل آسمان تي اڪيلي اڏرڻ جو منظر، باغيچي ۾ تنها ويهي ٻولڻ وغيره شاعرن جي دل کي تڪليف رسڻ وارو منظر هوندو آهي. اڪثر ڪري پنهنجي تڪليف فطرت جي ڪنهن نه ڪنهن تخليق ۾ محسوس ڪندا آهن. پر پکين کي هو پنهنجو هم درد سمجهي فطرت جي تجسيم ۾ ان سان مشابهت ڪندا آهن. ڪجهه پکين کي شاعريءَ ۾ علامت ۾ استعارو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. عروضي شاعريءَ جي زينت بلبل آهي. ان سان گڏ ڪوئل ۾ ٻين پکين کي به بيان ڪيو ويندو آهي. جيئن:

رکي بلبل برهه پيرو، ٻڌي جيئن ساڻ گل گهيرو،
اندر ۾ آهي عاشق جي پريان جي پارجو اخلاص.
(قاسم، 84)

آخوند محمد قاسم هالائي بلبل جي پريت ۾ گل ساڻ ٻڌل گهيرو، عاشق جي اندر ۾ پرين جي پار سان هڪ هڪڙي فطرتي نظاري سان تشبيهه آهي. بلبل جي گل سان محبت آفاقي آهي ۾ اها فطري پڻ آهي. انهيءَ کان متاثر ٿي شاعر عاشق جي اندر جو حال اوري ٿو.

انسان جو فطرت سان قديم دور کان وٺي لاڳاپو رهيو آهي. هن ان کان هميشه اڳيري ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر مثالن، قولن ۾ چوٽين ۾ فطرت کي ئي قطب آڻي ٿو. اهڙي ڪوشش محمد قاسم پڻ ڪئي آهي. هونئن ته سندس ديوان ۾ نصيحت ڀريا نڪتا، مذهب جي پرچار سان گڏوگڏ عام عوامي سمجهاڻيون ملن ٿيون. پر گڏوگڏ فطرت جون جهلڪيون پڻ نظر اچن ٿيون. ’ديوان قاسم‘ جي مهاڳ ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته،”مرحوم محمد قاسم فطرت تي به شعر لکيا آهن. جهڙوڪ ساوڻ جا ڏينهن، برسات، قدرت، وڻ ٽڻ ٻوٽا، بهاري بوندون ۾ دنيا بابت. جڏهن بهاريءَ جون بوندون پونديون هيون تڏهن اُنهن تي غور سان نظر ڦيرائي پوءِ پنهنجي شعر جو ڪم شروع ڪندو هو. قدرت بابت گهڻا ئي شعر لکيا اٿس جن ۾ خدا جي قدرت جو بيان چٽيءَ طرح سمجهايو اٿس.“ (34)

قاسم هالائي فطرت جي ذريعي سماجي حالاتن ۾ درد ڀرين عاشقن جا نقشا چٽيا آهن. ٻئي هنڌ بلبل سان ڀيٽ ڪندي لکي ٿو ته:

عاشقن لاءِ ته بيحال وتن بلبل جيئن،
برهه جي باغ سندي بُوءِ بهاري گهرجي.
(قاسم، 181)

عاشق بلبل وانگي بيحال لڳا ٿا وتن، انهن کي بهار واري موسم ۾ ڪيفيت گهرجي ته جيئن

هو محبوب سان ميلاپ ڪري، خوشحال ۽ سرها ٿي سگهن.

شمس الدين ’بلبل‘ فطرت ذريعي محبوب جي حسن کي چارچنڊ لڳائڻ لاءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهارِ خيال ظاهر ڪري رهيو آهي. هڪڙي مقطع ۾ پنهنجي تخلص ذريعي بلبل جي درد جو قصو بيان ڪيو آهي. بلبل جو ۽ شمس الدين بلبل جو سور مڙئي ساڳيو آهي. انهيءَ ڪري هي ٻئي ڳَٽتين ۾ ڳري رهيا آهن.

هي باد بهاري جو آه انجام خزان تي،
’بلبل‘ نہ سهي گل سان، پيو ڳَٽتين ۾ ڳهي اپ.
(بلبل، 70)

’بلبل‘ جي شاعريءَ ۾ فطرت جا چند نمونا ملن ٿا. شايد عروضي شاعريءَ جي معروف صنف غزل جو اهم موضوع (عورتن سان پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪرڻ) ڪجهہ اهم هيو. پر هو ڪنهن نہ ڪنهن محل فطرت طرف موٽي اچي ٿو. عمومي طور تي سندن موضوع عشقيہ ۽ سماجي پهلو چٽيءَ طرح واضح بيٺا آهن. هڪ ٻئي هنڌ بلبل جي حقيقت بيان ڪندي پنهنجي وڇوڙي جو درد بيان ڪري رهيو آهي:

قَفَس ۾ بند بُلبل ڪيئن خزان جا ڏينهن گهاريندي،
جو هُن جي خود بهاري آهہ نظارئہ چمن جو ڏي.
(سرشار، 25)

مير عبدالحسين سانگي فزا جي موسم ۾ گلن جي سرهائي ۽ بلبلن جي چهچٽن جو منظر پيش ڪندي لکي ٿو تہ:

| | |
|---|---|
| شاهدِ گل ٿيو آهي رونق فزا، | چار سُو بلبل جا آهن چهچها |
| صحنِ چمن ۾ پيون آهن اشرفيون، | آهي سخاوت ڪئي باغ سخا |
| لاڏ مان سُنبل جون ٿيون جعدون لڏن، | آهن کنٽهار کُليا جا بجا (سانگي، 98) |

”ديوان قمر“ ۾ پکين بابت انتهائي وڻندڙ ۽ فطرتي منظر سان ڀريل غزل وغيره ملن ٿا. پکين جي اڏڻ، پکين جون قطارون، پکين جا ولر يا ٽولا، پکين جون ٻوليون وغيره وغيره سڀ جو سڀ دلفريب منظرن کي ظاهر ڪن ٿيون. پکين جي مناظرِ فطرت کي نموني طور هيٺ پيش ڪجن ٿا:

پريان ڏس پاڪ پاڻيءَ تي ٿا لهورا ترن طائر،
قطارن تي قطارون ٿي، ولر ٻڌجي ورن طائر،
مثال در جرڪن چڻ ٿا، ڍنڍين تي ڍرن طائر،
ڏسي سبزيون ڪنارن ساڻ، دل ۾ ٿا ٺرن طائر،
اٿي پريات جو دريا ۾ ”آڙي پر پسائي ٿي،
ادا! اٺ راتڙي روئي مڙين ڪان موڪلائي ٿي.

چٽن، چيهن، جنبولن جي، ٽئي ڇهڪار ۾ هو هو
وڻن تي چوطرف ڳيرن جي ٿي، ڳٽڪار ۾ گهو گهو
جلائي جان وچڙين جي، ڪري ڪوئل مني ڪو ڪو
ڪبوتر، مور ۾ مئنا، سيئي ڪن مرغ ٿا تو تو
وجائي "آر" ٿي سرندو تہ "ڪٽچي" ڳيچ ڳائي ٿي،
ادا! اٺ راتڙي روئي مڙين کان موڪلائي ٿي.

وڻن جي ٽارين تي ٿي چڙين، جي چوطرف چون چون،
وسائج مينهن تاڙن جون، تنوارون ٻڏبيون تون تون،
جتن جي قافلي سان ٿي مني، هونگار ۾ هو هو
ڪناري نهر جي "ڏيڏر" بہ ڳائن راڳ ٿا رون رون،
لنوين ٿي لاٽ "ٽيٽهر" مني ٻولي ٻڌائي ٿي،
ادا! اٺ راتڙي روئي مڙين کان موڪلائي ٿي.
(قمر، 174-175)

انهن کان علاوه ڪجھ اهڙا بہ عروضي شاعريءَ ۾ شعر ملن ٿا، جن ۾ فطرت جي تجسيم سان گڏوگڏ فطرت جو مشاهدو ۽ فطرت سان مشابهت ٿيل آهي. اهڙن عروضي شعرن کي شامل ڪجي ٿو تہ جيئن عروضي شاعريءَ ۾ فطرت جي عنوان کي مڪمل ڪري پنهنجي موضوع طرف وڌي وڃجي:

فلڪ کي فخر آهي، چنڊ نوراني مٿي، اهڙو
اسان جي ماهرو جو منهن سڄو انوار مه مه مه.
(بلبل، 125)

مبالغي آرائي واري پيٽ ڪندي، بلبل پرين جي منهن کي انوار سڏيو آهي مٿين شعر ۾ هو فلڪ ۽ چنڊ کي انساني سوچ مطابق سمجهي پيش ڪري ٿو. بلبل جي خيال مطابق آسمان ۾ جيئن چنڊ نور آهي تيئن زمين تي منهنجو پرين تجلا ڏيندڙ آهي. ان جو سڄي جو سڄو چهرو چمڪاٽ ڪندڙ آهي.

هي هفت افلاڪ ۾ ستارا، غروب ٿي جو طلوع ڪن ٿا،
اُهي بہ حُسنِ ازل کي هر هر جهُڪي پيا ڪن سلام شايد.
(سرشار، 22)

سرشار هتي ستارن جي غروب ۽ طلوع ٿيڻ کي اشارو ڪندي حسنِ ازل کي سلام ڪرڻ کي ظاهر ڪيو آهي.

ڪر چڱي پوک ڪاڻ ڪڙمي ڪار،

ڪيئَن ڪٽن ڪٽڪ جي چِٽين جُوار.
(قاسم، 67)

هتي شاعر انسانن کي اصلاح ڪندي ٻڌائي ٿو تہ جيئن ڪڙمي جوار چِٽي ڪٽڪ نہ ڪٽندا آهن تيئن اوهان جو ڪردار بہ هوندو آهي. يعني هو فطرتي عمل ۾ انسان جي نفسيات بابت سمجهايو آهي. ۽ اهڙي آفاقي حقيقت کي واضح ڪيو آهي جو جوار چِٽي ڪٽڪ لٽجي اهيو ممڪن ئي ناهي.

ديوان قمر مان چوڏهين جي چنڊ واري غزل کي پيش ڪجي ٿو جيڪو پاڻ ئي ڳالهائيندو ۽ اوهان کي سمجهہ اچي ويندو:

رنگ قدرت جا پسائين چوڏهينءَ جا خوب چنڊ،
روح کي راحت رسائين چوڏهينءَ جا خوب چنڊ.
پنهنجي چانڊوڪي ٽڏيري ٿو پکيڙين چوطرف،
پاڻ ڪرن سان گسائين چوڏهينءَ جا خوب چنڊ.
تنهنجي چانڊوڪيءَ ۾ چمڪن واريءَ جو ڪڻيون،
سونهن سڀ جي ٿو وڌائين چوڏهينءَ جا خوب چنڊ.
تنهنجي چانڊوڪيءَ ۾ چمڪي "ماڪ" موتين مثال،
تون ستارن جو تہ سائين چوڏهينءَ جا خوب چنڊ.
تون "ڪتين" "تيڙن" قطب، ۽ ڪهڪشان جو بادشاهہ،
ٿو شعاعِ شمس پائين چوڏهينءَ جا خوب چنڊ
ٿو ڪڏهن ليڪ اُڀرين خوشنما خنجر مثال،
اي "قمر" ڪامل تون آهين چوڏهينءَ جا خوب چنڊ.
(قمر، 87-88)

## حوالا:


(1) جوٽيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر. **سنڌي ادب جي تاريخ.** (جلد پهريون) سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. 2004.

(2) گدواڻي، پرسو جيسارام، ڊاڪٽر. **سنڌي لوڪ گيت_ ٻوليءَ جي اوسر.** سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. 2010. ص: 120

(3) مالهي، گوبند. **لوڪ گيتن جو گلدستو.** ساهتيہ اڪاديمي، نيئن دهلي، انڊيا، 2002. ص:06

(4) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **لوڪ گيت.** سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو. 2006.

(5) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **سنڌي سينگار شاعري**، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو. 1986.

(6) سنديلو عبدالڪريم، **"لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"** انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو. 1973.

(7) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **سنڌي هنر شاعري**. سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو. 1991.

(8) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **قافيون**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو. 1990.

(9) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **ٻيلاين جا ٻول**. الوحيد پريس ڪراچي. 1951.

(10) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (تحقيق ۽ ترتيب). **قاضي قادن جو رسالو**. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ. 1999.

(11) ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر. **شاهه ڪريم جو ڪلام**. (وڳايل ۽ سنواريل). روشني، پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ. 1990. ص: 187= 188= 189= 192= 195= 196= 193= 195= 192

(12) بلوچ، نبي بخش،ڊاڪٽر(تحقيق ۽ تصحيح). **شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام**. ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ. 2010.

(13) سميجو ڊاڪٽر اسحاق. **ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: ميون شاهه عنات رضوي(هڪ اڀياس)**. حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، ٽنڊو الهيار. 2019. ص: 7-8

(14) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصنيف). **سنڌي سينگار شاعري** . سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ 1986 .

(15) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (تحقيق ۽ تصحيح) **ميين شاهه عنات جو ڪلام**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ 2010.

(16) وفائي، دين محمد، مولانا. **شاهه جي رسالي جو مطالعو**. وفائي پبلشنگ هائوس، ڪراچي 1962 . ص:09

(17) آڏواڻي، ڪلياڻ. **شاهه جو رسالو**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2013 .

(18) عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. **شاهه لطيف جي شاعري**، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ 2015 . ص:159

(19) گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر **شاهه جو رسالو**. (ٽن جلدن ۾) شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد. 1979 .

(20) فهميده حسين، ڊاڪٽر. **شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ**. شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ 1993 . ص: 321_ 322

(21) عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. **شاهه لطيف جي شاعري** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2015 . ص:159

(22) پروين، ساجده، ڊاڪٽر. **شاهه لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ جي شاعريءَ ۾ رومانويت** (تقابلي جائزو) سچائي اشاعت گهر، دڙو ڊجيٽل ايڊيشن، (2019) سنڌ سلامت ڪتاب گهر 2017 . ص:46

(23) شاد، پروفيسر سرُوپچندر، **سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر**. (تحقيقي مضمون) ساحل

پبليڪيشن، حيدرآباد. ڊجيٽل ايڊيشن 2018. سنڌ سلامت ڪتاب گهر .2017. ص: 168

(24) انصاري، عثمان علي (مرتب)، گل محمد تنيو (سنوارينڌڙ). **" رسالو سچل سرمست جو" (سنڌي ڪلام)** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 1994.

(25) جوڻيجو عبدالجبار،ڊاڪٽر. **سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر.** (پي ايڇ ڊي) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي. 1980. ص: 161

(26) عقيلي، الله بخش 'سرشار'. **ديوان سرشار.** سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 2006.

(27) 'بلبل'، رئيس شمس الدين، غلام محمد 'گرامي' (مرتب). **ديوان بلبل.** سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 1982.

(28) سيد، محمد فاضل شاهہ، محمد صديق مسافر. **ديوان فاضل.** سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد. 1937.

(29) هالائي، گل محمد، آخوند. قاضي عبدالغفور هالائي. **ديوان گل.** سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد. 1933. ص: 2_3

(30) همايوني، مولانا عبدالغفور. **ديوان مفتون.** (مرتب: نياز حسن قائم الدين همايوني) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 1973.

(31) هالائي، محمد قاسم، آخوند. شرح لکندڙ: مرزا قليچ بيگ ۽ سڌاريل: ميرزا اسد بيگ. **ديوان قاسم.** پوڪرداس اينڊ سنس بوڪ سيلرز اينڊ پبلشرس، سنڌ. 1939.

(32) واصف، محمد بخش. **ديوان واصف.** آر ايڇ احمد برادرس، بوڪسيلرس، حيدرآباد. 1955.

(33) سانگي، عبدالحسين،مير. **ڪليات سانگي.** سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. 1969.

(34) هالائي، محمد قاسم، آخوند. شرح لکندڙ: مرزا قليچ بيگ ۽ سڌاريل: ميرزا اسد بيگ. **ديوان قاسم.** پوڪرداس اينڊ سنس بوڪ سيلرز اينڊ پبلشرس، سنڌ. 1939. ص: 35_36

(35) الحاج، رحيم بخش، 'قمر'. **ديوان قمر.** امين ڪتاب گهر، پبلشرس، بوڪسيلرس، رسالہ روڊ، حيدرآباد. 1967.

**باب چوٿون**

# جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري

انسانن جي ارتقائي تاريخ ۾، اوائلي انسان فطرت جا پوڄائڪ طور سڃاتا وڃن ٿا. تحقيق ذريعي جيڪي ڪنڊرات سامهون آيا آهن، انهن مان فطرت پرستيءَ جا سوين روپ ۽ انهن جي پرستش جا انيڪ قسم نروار ٿين ٿا. شروعاتي انسان جن شين کان خوف کائيندا هئا يا جنهن کي روزي روٽيءَ جو ذريعو يا فائدو پهچائيندڙ سمجهندا هئا، انهيءَ کي پنهنجو ديوتا طور پوڄي، جيون جي هر شئي صدقي ڪرڻ، جانورن يا ويجهي شين جون قربانيون ۽ پنهنجو پاڻ کي اذيتون ڏيئي، انهن کي راضي رکڻ جا حيلا ۽ جتن ڪري، پاڻ کي سرخرو سمجهي، پلوڙ سڏرائيندا هئا. وقت گذرندو ويو انسان جو شعور ۽ ذهني سگهه وڌندي وئي. هن کي فطرت کان ملندڙ مايوسي، محرومي ۽ تڪليف اهيو سوچڻ تي مجبور ڪيو تہ اسين جنهن شئي جي پرستش ڪريون ٿا، اها اجان ٻئي ڪنهن سگهاري طاقت جي محتاج آهي ۽ ان جو خلقيندڙ ٻيو ڪوئي آهي. ائين وقتاً بوقتاً انهيءَ ۾ ڦير گهير آئي، مختلف نالن سان ڄاڻندا ۽ سڃاڻندا رهيا. هنن شعور آفتہ ماڻهن انهن کي راضي رکڻ، برتر ۽ معروف ڪرڻ لاءِ اوائل ۾ زباني قصن ۽ ڏند ڪٿائي شاعريءَ ذريعي انهن کي خوب ساراهي عوامي ريتن، رسمن ۽ ثقافتن ۾ شامل ڪيو. جڏهن قلم عروج ماڻي رهيو هو تہ هنن پنهنجي ڪماليت کي لوڪ اڳيان رکي، انعام اڪرام حاصل ڪيا. اهيو سلسلو صدين کان شروع ٿيو ۽ هلندو پئي آيو. پر ڪلاسيڪل دور ان کي ڪجهہ نوان موڙ ۽ نوان رُخ ڏنا. جنهن سان فطرت_پرستيءَ کي ڇڻ ڏچڪو رسيو. ماڻهو فطرت کي فطرت پرستي نہ بلڪہ فطرتي نظارن ۽ ڏيکن ذريعي جاچڻ ۽ محسوس ڪرڻ لڳا. هن دور ۾ فطرت کي استعارن ۽ تشبيهن، ناصحانہ نڪتُن ۽ عشق جي اونهاين وغيره ذريعي عوام اڳيان پيش ڪيو ويو.

اهڙيءَ طرح ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ فطرت جو جهان سمايل آهي. ڪلاسيڪل شاعرن فطرت جي رنگن کي حقيقت سان جوڙي پيش ڪيو آهي. ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ ٿر بر، رائو رڃ، ڍنڍون ڍورا، وڻ ٽڻ، وڻراهہ ڪنول جا گل، اٺن جون قطارون، پکين جا ولر، ڪونجون، ڪانءَ، هنج، سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، وڏ ڦڙا، منڊائتا مينهن يا انهن جا وسڪارا، وڄ، بادل، واءُ لهندڙ سج، پره ڦٽي پرڀات وغيره جي مقامي ۽ فطري منظرن کي محبوب سان لاڳاپو ڏيکاري يا سماجي ربط ۽ انسانيت جي پرچار ڪري، پنهنجي خيالن کي محور بڻائي ظاهر ڪيو آهي. ان کان پوءِ عروضي شاعريءَ جو دؤر شروع ٿيو.

عروضي شاعريءَ ۾ فطرت جون ڪجهہ منظرڪشيون نظر اچن ٿيون. سندن موضوع عشقيہ ۽ ناصحانہ هيو. پر انهيءَ ۾ عمومي طور تي شاعر، سواءِ گل محمد گل جي، سيني ايراني ماحول جي تقليد

۽ تتبع ڪئي آهي. هو پنهنجن اهنجن، ايذائن، جذبن ۽ امنگن سان گڏ محبوب جي وڇوڙن کي فارسي يا فارسيءَ تان کنيل ترڪيبن، محاورن، استعارن ۽ تشبيهن ذريعي پنهنجا ويچار ۽ احساس پيش ڪندا هئا. ڪلام ۾ اڪثر ڪري فارسي زبان جا لفظ قطب آٽي فطرتي نظارن جو تخمينو پيش ڪندا هئا. عروضي شاعريءَ ۾ اڪثر شاعرن فطرت جو مشاهدو ڪرڻ بجاءِ، فارسي شاعريءَ ۾ آندل بهار، خزان، سنبل، سوسن، گل لاله، نرگس، ياسيمن، بلبل ۽ ڪوئل وغيره کي پنهنجي داخلي دنيا ۾ شامل ڪري، محض تقليد ۽ تتبع سان، تشبيهون ۽ استعارا جوڙي، ڏکن ۽ ڏاکڙن کي ظاهر ڪيو آهي. ڪجهه اهڙا شاعر به هئا جن مقاميت جي عنصر کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر فارسيءَ جي اثر سبب اهي منظر بي سوده لڳڻ لڳا. انهيءَ سڄي شاعريءَ جڻ ته سنڌي قوم کي آشنا و بيگانه، مايوس ۽ بي چين ڪري ڇڏيو. ساڳي طرز تي رچيل بي اثر شاعري، پڙهي پڙهي جڻ بيزار ٿي ويا هئا. حالات ۽ ”وقت جي بدل سدل سان قومن جي احساسن جمالياتي تصور ۽ اخلاقي معيار ۾ خود به خود ڦيرو ايندو رهيو آهي. اِهو ڦيرو قومن جي ادبي ذوق تي پڻ اهڙي ريت اثر انداز ٿيندو آهي جهڙيءَ ريت سندن روزمره جي زندگيءَ تي. اهڙين حالتن ۾ اِها قوم پنهنجن اديبن، خاص طور شاعرن مان، نين تخليقن جي پڻ تقاضا ڪرڻ لڳندي آهي ۽ قوم جي اهڙيءَ خاموش تقاضا جي جواب ۾ نوان ادبي لاڙا، رخ، رويا ۽ تخليقون وجود ۾ اچڻ لڳن ٿيون. پر جڏهن ڪا قوم پنهنجي هيٺائيءَ سبب اهڙي قسم جي گهر پيش ڪرڻ جي جريت نٿي ڪري ته ڪو نئون جوهر پاڻمرادو ظاهر ٿي اِن ماٺ جي مهر پڃندو آهي“ (1)

اهڙيءَ تقاضا ڪرڻ وارن لاءِ سنڌي شاعريءَ ۾ گهڻي ضرورت محسوس ڪئي وئي. مقامي ماحول ۽ ان جا خوبصورتي نظارا اهميت وڃائڻ لڳا هئا، جو انهيءَ ماٺ واري ماحول ۾ ڪشنچند بيوس پڙاڏي جيئن پاڻ کي شامل ڪيو. هن سنڌي شعر کي نوان موڙ نوان رخ ۽ نوان موضوع ڏيڻ شروع ڪيا. ”شروعات ۾ ته بيوس به ايراني اثر کان آجو نه هو. هن جيتوڻيڪ ڪٿي عروض کي مدنظر رکيو مگر مواد ۽ مزاج ۾ انوکي تبديلي آڻي، پنهنجي انفراديت قائم رکي. بيوس سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن گل و بلبل جي بي روح ايراني اُڌاري شاعريءَ کي ”تڙُڪَنا“ ڇڏي، سنڌ جي عام اکين ڏٺن نظارن کي پنهنجي موضوعن لاءِ منتخب ڪيو.“(2)

تجرباتي دور ۾ ڪشنچند ’بيوس‘ مقامي روايت (جيڪا سالن کان هلندي پئي آئي) انهيءَ کي اپنائي نواڻ کي ظاهر ڪيو. هن جو پهريون مجموعو ”ساموندي سپون“ ڪجهه فارسي هيئت واري قالب ۽ ڪجهه نئين قالب تي ٻڌل آهي. ’بيوس‘ جديد شاعري جي پهرين ڪڙيءَ کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪا جدت ۽ نواڻ جي ڪري ڪجهه تنقيد جو شڪار ٿي وئي. شروعات ۾ ڪا به نئين جاڳرتا يا نئون گهاڙيٽو يا نئون پيغام، نئون خيال، نئون فڪر هميشه فرسوده خيال وارن ماڻهن جي وَرِ چڙهي مخالفت جو سبب بڻبو آهي. جديد شاعريءَ تي پڻ اهڙي مخالفت ڪئي وئي، ڇو جو

”تجرباتي يا نئين شاعري ڪا رڳو پنهنجي وقت جي روايتي شاعريءَ کان انحراف جو نالو ڪونهي، چو تہ ڪا بہ شيءَ هوا مان اوچتو پرگهٽ ڪانہ ٿيندي آهي، بلڪ اها پنهنجي وقت جي روايتي شاعريءَ مان ئي ڦٽي نڪرندي آهي. البت، جيئن جيئن فڪر ۽ نظر جا پيمانا بدلبا رهن ٿا ۽ زندگيءَ ۾ نئون سماجي شعور، نئون مزاج ۽ نئون زوق پيدا ٿيڻ لڳندو آهي تہ اهڙي عبوري دور ۾ شاعري پنهنجو انوکو رول ادا ڪندي آهي، تہ جيئن پراڻي ڳالهہ ۾ نئين معنيٰ پيدا ٿئي. اها جدت ۽ جرات، ٻنهي جو ميل هوندي آهي، تنهنڪري ان جو اثر شدت سان محسوس ڪيو ويندو آهي“. [3]

ڪشنچند بيوس سنڌي شاعريءَ کي نوان اسلوب، نوان موڙ ۽ رخ، نوان موضوع، نيون ترڪيبون، محاورا، اصطلاح، نيون تشبيهون ۽ استعارا ڏنا. بيوس سليس ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾، مقامي نظارن ۽ فطرتي رنگن کي پنهنجي شعرن ۾ سمائي ظاهر ڪيو. ”هِن اُن عروضي شاعريءَ کي اُڌاري وٺڻ کان منع ڪري، ”پنهنجي سهنجي“ جو سبق سيکاريو. ڪيس ڏاريائپ کان ڏار ڪري، پنهنجائپ جي پُونجي رکڻ جي تلقين ڪئي، اڳين روايتي ريت ٽوڙي، تقليدي روش کان پاسو ڪري، سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئين جَهلڪ ڏني ۽ آزاد ۽ عين فطرت مطابق حياتي بخشي. هن جي ئي نوَن جديد نغمن کان جديد، فطري ۽ قومي شاعريءَ جو دور شروع ٿيو“.[4] ان جي اهڙي انقلابي قدم ڪانپوءِ جديد شاعرن ۾ روح پرجي ويو. هنن ”روز مرهہ جي زندگيءَ جي منظر ڪشي: سنڌي شاعرن محفل ۽ ساقي، باغ ۽ بوستان، شمع ۽ پرواني، گل ۽ بلبل جي ذڪر کي ڇڏي، گاهہ ۽ گولاڙن، ٻرپٽن ۽ ٻنن، ڍنڍن ۽ دڙن، مهراڻ ۽ چولين، واءُ ۽ واچوڙن، اُسن ۽ لڪن، چيٽ ۽ ڦڳڻ، پرهہ ڦٽيءَ ۽ نما شام جا نظارا پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيا.“ [5]

يعني مقامي رنگن سان جديد شاعريءَ جي شروعات ٿي، جنهن ۾ فطرت جو اثر الڳ ٿي بيٺو. آهستي آهستي عالمن فطرت بابت پنهنجا نظريا پيش ڪيا ۽ جديد دور وجود ورتو، نون لاڙن ۽ تحريڪن سان نروار ٿيو گڏوگڏ جديد شاعرن فطرت کي مختلف رنگن سان ڏٺو. فطرت جي تجسيم، فطرت سان مشابهت ۽ فطرتي نظارا تہ عام جام ملن ٿا پر جديد شاعرن انهن رخن ۾ اضافو آڻيندي فطرت جا ڪيترائي نوان موڙ ۽ موضوع نروار ڪيا آهن.

جديد شاعريءَ ۾ صبح هڪڙي علامت آهي. چو جو صبح هميشہ هر رات ڪانپوءِ ايندو آهي. شاعر سماج جي حرام خوريءَ حرامڪاري ۽ جهالت کي نشانبر ڪندي، فطرت جي اهڙي لفظ کي چونڊيو آهي، جنهن مان هڪ نئين آس ۽ اميد جا ڪرڻا، مٽي اسرڻ ۽ اپرڻ جو شعور ملي ٿو. هيءَ علامت جديد شاعريءَ ۾ سماج جي لاءِ جدوجهد جو سبب بڻي آهي. هر عام و خاص جي مفلسي،

مايوسيءَ ۽ نااميديءَ ڪانپوءِ اهي ئي لفظ اپري ايندا آهن. تہ ’نيٺ تہ صبح ٿيندو‘، ’هر رات ڪانپوءِ صبح ئي ايندو‘ آهي. انهيءِ سان گڏوگڏ پرپات، روشني ۽ چانڊوڪي کي پڻ ساڳئي پسمنظر ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هي اهي عظيم خيال آهن جن تحت شاعريءَ ۾ جدوجهد جو سمنڊ اُپري نروار ٿيندو آهي:

ڪئَن وڪامن ٿيون غريبن جون هڏيون پيسن تي!
جي خدا پاڻ سمهيو ڀي ڪي جڳايان ڪئَن مان؟
تو ٿئَي صبح مگر پاڻ اجا خواب لهن،
مست اکڙين کي حقيقت بہ پسايان ڪئَن مان؟
(شيام 104)[6]

وڏنديِ اوندهہ ڏئي تيِ ساک
ٿينديِ جاڻ اجهو پرپات!
(شيام 14)

سج اُپرندي ئيِ رات جي اُونده تہ ختم ٿيِ،
گهٽ آهہ روشنيِ سو تہ آهي الڳ سوال!
(شيام 20)

آهہ ڪاراڻ پيِ منجهس، ليڪن
چنڊ جي چانڊنيءَ جيِ ڳالهہ ڪريون!
ختم اوندهہ جون ڪر اِهي ڳالهيون
اڄ تہ ڪا روشنيءَ جي ڳالهہ ڪريون!
(شيام 25)[7]

”مزاحمتي ادب مهڙ کان ئي سنڌ ۽ سنڌين جي سڃاڻ رهيو آهي. سنڌي ماڻهن جي بهادري، رياستي جبر خلاف مهاڏو اٽڪائڻ، غربت جي ماريل ماڻهن جون ڪٿائون، روح جو اندريون ڪرب، عشق ۽ محبت جون ڪهاڻيون، رنج ۽ ملال جا احوال ۽ عام ماڻهن جي مادي خوشحالي لاءِ ووڙڻ، سياويڪ خوابن جي ساڀيا لاءِ سنڌي شاعرن ۽ اديبن وڏي جوش، جذبي، امنگ سان هيٺو هوندي بہ لفظن کي هٿيار بڻائي ڦورن، غاصبن ۽ ڏاڍن سان ويڙهہ ڪئي آهي“.[8] نئين جاڳرتا ۽ جدوجهد، انقلاب ۽ نئين اميد کي ظاهر ڪندي فطرت جي طوفانن کي استعاري اندر آڻي پيش ڪرڻ جديد شاعريءَ جو اڻ مٽ مثال آهي:

عيش جي پيڙهہ پٽيون، رنج کي برباد ڪريون
ڪنهن بہَي ڊول تي دنيا وري آباد ڪريون!
آنڌيوُن ساڻ کڻون، زلزلہ اڳواڻ ڪريون،
بحر جي دل ۾ بپا گوڙ ۽ گهمسان ڪريون،

ناؤ کي لهر ڪريون، لهر کي طوفان ڪريون،
عين طوفان ۾ نئين زيست جو سامان ڪريون،
جرڪندڙ رنگ محل ٻوڙي ڪريون اونداهي
جهنگ ۾ رنگ رچي پوءِ پٽيون ڪا ساهي!
(شيام، 113)

جهونو سج چنڊ ۽ تارن جو نظام آهه فريب
ڏينهن ۽ رات جو تون فرق مٽائين مجانءِ!
(شيام، 48)

ڪئي نہ ڪنهن پيءِ ڪٽيءِ جي روشن
انڌاري رهنديءِ نہ واٽ، ساٿي،
هوا جي جهونڪن ڏيا وسايا
تہ چنڊ تارا اجا بہ آهن! (شيام، 75)

او! ننڊ پيل غفلت ۾ ٻُڏل، ويو سج لڙي ڪو سڏ تہ ڏيو
هي وقت وڏي آواز اوهان کي، روز پُڪاري يار پيو
چا؟ ٻاٽ، انڌيرن ۾ بہ اوهان کي، ڪونہ ڪپي ڪو لاٽ ڏيو
هٿ پير هٽو ۽ ڪنڌ کڻو ڪيڏو نہ اجايو وقت ويو
ڪجهہ اک پٽيو، اوڳا نہ ٿيو، هو ٽهن جا معيار ڏسو!
اي! منهنجي وطن جا ماڻهو! جاڳو! قومن جا ڪردار ڏسو!
(سجاولي، 209)[9]

ٽڙندا ٿابڙنداسين پر اڳتي هلندا هلندا سين
لهرن وانگر اٿندي ڪرندي ماڳ ڏي وڌندا هلندا سين
جيئن ڪرڻن جي تيرن جي وسڪاري ۾ مرڪن ٿا گل
موت جي منهن ۾ تيئن اسان پيءِ ٽلندا کلندا هلنداسين.
(عباسي،66) [10]

شاعريءَ ۾ تشبيهہ ۽ استعارو خيال، احساس ۽ محبت کي ظاهر ڪرڻ جو بهترين ذريعو هوندو آهي. شاعر پنهنجي من جون رچنائن ۽ ياڳنائن کي تشبيهہ ۽ استعاري سان پيش ڪري، پڙهندڙ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪرائيندو آهي. پڙهندڙ ۽ تجزيو ڪرڻ اهي تشبهيون ۽ استعارا پنهنجي لاءِ قطب آڻي، بحث مباحثي طور قطب آڻيندو آهي. شاعرن جا محبوب ڪيترائي هوندا آهن، پر ڌرتي ۽ سڄڻ اول ۾ ئي هوندا آهن. جديد شاعريءَ جو اوائلي مول متو انهن ٻن موضوعن تي عام جام نظر ايندو آهي. انهيءَ ڪري جديد شاعريءَ ۾ محبوب، پرين ۽ سڄڻ کي فطرت ۽ فطرتي نظارن سان تشبيهون ۽ استعارا بيان ڪرڻ شاعرن جو اوئلي نقطو هوندو آهي. شعوري ۽ لاشعوري طور اهي عنصر شاعري ۾

شامل ڪري ڇڏيندا آهن. تشبيهون تہ اڳهين دور ۾ بہ ڏنيون ويون آهن پر جديد دور جون تشبيهون ۽ استعارا انوکا۽ نرالا پڻ آهن:

سونهن سوِپيا جا گلن جي ڏسجي،
ٿي چمڪ جيڪا چمن جي ڏسجي،
آهہ سڀ منهنجي پرينءَ جو پاڇو،
ٿي سندس ساک حسن جي ڏسجي.
(فاني، 78)[11]

تازي گل ۽ ماڪ جي نرمي
سواس هيِ ڪنهنجا سرها سارا؟
ڪارا نيڻ بہ ڏاک جا داڻا
مد جا خواب لهن متوارا؟
(شيام، 12)

اهڙيءَ طرح جديد شاعريءَ ۾ فطرت کي ڪيترن ئي نمونن سان بيان ڪيو ويو آهي. جيئن: سماج ۾ فطرت ذريعي نقش ڪڍڻ ،غريبي مفلسيءَ ۾ فطرتي برابريءَ کي ظاهر ڪرڻ، فطرت جو تجسس ۽ پاڻ ۾ ڳجهي گفتگو ڪرڻ، فطرت جا استعارا ڏيئي اميد کي وڌائڻ يا اميد ڏيکارڻ، ٻارن جو فطرت ڏانهن رجحان وڌائڻ لاءِ لاءِ فطرتي شاعري بيان ڪرڻ. ترقي پسند تحريڪ ۾ فطرت کي علامت طور استعمال ڪرڻ، انقلابي شاعريءَ ۾ فطرت کي شامل ڪري سماج جي ويجهو اچڻ، سماج جي ربط ۽ ردوبدل کي ذهن ۾ رکڻ، سج چنڊ ۽ تارا ڪيتون وغيره هڪ نئين انداز ۾ بيان ڪرڻ، فطرت کي هڪ الڳ موڙ ڏيڻ، جاگيرداري نظام ۾ فطرت کي علامت ۽ استعاري طور استعمال ڪرڻ، عورت ۽ مرد جي برابريءَ جو فطرت ۾ عنصر جاچڻ وغيره جديد دؤر جا اهم موضوع آهن.

# فطرت جا ڪجھ اهم شاعر

## 4.1 ڪشنچند ’بيوس‘

جديد سنڌي شاعريءَ جو موجد، سرجيندڙ ۽ شاعريءَ کي نوان موڙ ڏيندڙ ماڻڪ شاعر ڪشنچند ’بيوس‘ آهي. ’بيوس‘ فطرتن بيباڪ، خوش مزاج، پارن سان محبت ۽ ڌرتيءَ سان پنهنجائپ، انسانيت جو علمدار، فطرت، سونهن ۽ سوپيا جو پيروڪار رهيو آهي. هن ادبي کيتر ۾ شاعريءَ سان گڏ ناٽڪ وغيره پڻ لکيا آهن. پر هن جي مڃتا ۽ سڃاڻپ شاعري آهي. هن جي شاعريءَ کان هر عام و خاص اديب، شاعر ۽ مفڪر متاثر رهيو آهي. هن جي شاعريءَ ۽ زندگيءَ تي ڪيترائي تبصرا، مقالا ۽ تحقيقي مضمون لکيا ويا آهن. ’بيوس‘ کي سنڌ توڙي هند جي شاعرن ۽ اديبن ڪافي هنڌن تي پروگرامن ذريعي، سندس جي زندگي ۽ ادبي پورهيي کي ساراهيو آهي.

سنڌ جو مهان قوي شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ جي وجود بابت لکي ٿو ته: ”جي اسان جي ادبي ارتقا ۾ بيوس جو وجود نه هجي ها ته شايد منهنجي شاعريءَ جو رنگ روپ نه هجي ها“.(12)

ڪتاب ”شيرين شعر“ جي مهاڳ ۾ هوتچند مولچند گربخشاڻي لکي ٿو ته:

”مسٽر ڪشنچند سنڌي شعر لاءِ هڪ نئين واٽ گهڙي آهي. سندس شعر جو ڳچ حصو طبعي شعر آهي، يعني قدرتي وشين بنسبت آهي. مصنف جي مشاهدي جي قوت پڻ سگهاري ڏسجي ٿي. قدرت جا نظارا، جي رواجي طرح هوند گهڻن کي خيال ۾ به ڪين اچن، سي پروڙي، اُنهن جو چيدن لفظن ۾ چٽو نقش چٽيو اٿس.سندس خيال جي دور به تيز ٿي ڏسجي، جنهنجي وسيلي هن جي خسيس ڳالهين مان به باريڪ نقطا پروڙي پيش ڪيا آهن.“(13)

هري دلگير ڪشنچند ’بيوس‘ جي شاعريءَ، موضوعاتي فڪر ۽ قديم روايت جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

”بيوس پنهنجيءَ ڪوتا ۾ نئين قسم جو مواد پيريو. هن نرالي ۽ نياري تصوير نگاري آندي ۽ ان کي نوان روپ ڏنا ۽ ائين هن سنڌي ڪوتا جي ذائقي ۾ هڪ نئون موڙ آندو. هن پراڻيون چنل، ڪٽل صوفياڻيون ۽ ويدانتي ڪهاڻيون، آتما جي پرماتما سان ملڻ جون مدي خارج مشابهتون، جي شاهه ۽ سندس هم عصر شاعرن جي هٿن ۾ نهايت تازيون ۽ دلڪش ٿي لڳيون... سي اوس اڇلائي ڦٽيون ڪيون. آزاديءَ جي اَندولن ۾ سندس ٺاهيل گيت هر هڪ جي زبان تي هئا.. هن سنڌي شاعريءَ ۾اِنقلاب آندو... هُو ويهين صديءَ جي سنڌي

ساهتيہ ۾ چئجي ڪٽي تہ وڏ ۾ وڏ اهميت رکندڙ هستي هو.“ [14]

سنڌ جي املھہ ماڻڪ رسالي مهراڻ ۾ ان جي شخصيت تي تبصرو ڪندي لکيو ويو آهي تہ:

”بيوس، پنهنجي سليس ۽ سلوڻي، عوامي ۽ فطرتي شاعريءَ جو موجد هو. ائين چوڻ ۾ وڌاءُ ڪونہ آهي، تہ ”بيوس“ پهريون شخص آهي، جنهن گل ۽ بلبل واري، ايراني ۽ اردو رنگ کي ڇڏي، ٺيٺ سنڌي زبان ۾ طبع آزمائي ڪئي، ۽ قومي فطري خيال پيش ڪيا. سندس زندگي هڪ آدرشي استاد جي حيثيت سان شروع ٿي، ۽ هڪ باڪمال قومي ۽ عوامي شاعر ٿي، هيءَ دنيا ڇڏيائين“ [15]

هنن چند مشهور حوالن مان ڪشنچند ’بيوس‘ جي اهميت، خاصيت، مزاج، نواڻ، اسلوب ۽ افاديت چڱيءَ ريت معلوم ٿئي ٿي. سندن ڪلام جون انيڪ خوبيون ظاهر ٿين ٿيون. ڪشنچند ’بيوس‘ شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي سليس ۽ عام فهم لفظن ذريعي، ترڪيبون، محاورا، اصطلاح، استعارا ۽ تشبيهون جوڙي پيش ڪيون آهن. ’بيوس‘ جي مقبوليت جا اهم سبب مقامي منظرڪشيون، مقامي ماحول، سادي مقامي زندگي، عشق و پيمانہ کان هٽي ڪري سماجي اصلاحي شاعري وغيره آهي.

ڪشنچند بيوس فطرت جو ترجمان شاعر آهي. جيڪو فطرت جي هر وقت ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو. ان شاعريءَ ۾ فطرت جون انيڪ خوبيون ملن ٿيون. هن جو ابتدائي شعر جيڪو هن سورنهن سالن جي عمر لکيو اهو پڻ برسات جي عنوان سان هيو. يعني هو شروع کان ئي فطرت طرف مائل هو. هن مقامي ۽ قدرتي ماحول جي منظرنگاري ڪري، ڪمال جا عڪس جوڙي ڇڏيا آهن. هن جي هر موضوع ۾ فطرت نمايان نظر اچي ٿي. هو ڏٽيءَ جي ايڪانت ۽ واڪاڻ ڪندي لکي ٿو تہ:

سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ _ قدرت وارا!
نرمل جوتي نور نظارا.

1. ڪوٺان ڪوٺ بٽايءِ ڏرتيون _سهسين سج چنڊ تارا ڪتيون،
   جن جو اَنت نہ پارا . . . قدرت وارا!
2. گلن اَندر سرهاڻ ڏرين ٿو_موتين سان مهراڻ ڀرين ٿو
   هيرا لعل هزارا . . . قدرت وارا!
3. جڏهن وٺن تي واءُ اچي ٿو_ پن پن مان پڙلاءُ اچي ٿو
   چم چم جا چمڪارا . . . قدرت وارا!
4. ڇهنب چٽن ۽ ڇيهن ڪولي _ بلبل ڪوئل ٻولي ٻولي
   مور نچن ناميارا . . . قدرت وارا! (ساموندي سپون، 16) [16]

ڪشنچند بيوس اڪثر ڪري موضوع ڏيئي گيت، غزل ۽ نظم لکيا آهن. جيڪي ان سڄي

پسمنظر کي واضح ڪن ٿا. هو فطرت جي شين جا موضوع ڏيئي، منظرن کي واضح ڪري ٿو. اڪثر موضوع پڙهڻ سان ئي فطرت جو ڪو نہ ڪو عڪس جڙي بيهي ٿو. هن جي مشاهداتي سگهہ ۽ ڪمال جي باطني دنيا سڏيءَ ريت فطرت سان تعلق رکن پيون. هو فطرت جو روزاني گهرو مشاهدو ماڻيندو هو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي مطابق: ”اکين جي علاج لاءِ ڳئون جو کير تجويز ڪندو هو. ايڪانت ۽ سڪون لاءِ لاڙڪاڻي جي گيان باغ ۾ وڃي فطرت جي حسن کي پسندو هو. جيڪو پوءِ شاعريءَ ۾ جهلڪڻ لڳو.“ (17)

باغ ۾ بهار

قلواڙ قوھ مان قَري، قولن جي ڏوم ڏام،
چا لام لام تي تڙيا گل لالُ عام جام،
گيندو، گلاب ديد کي ڏئي اشرفيون انعام،
شبنم وسائي شوق مان موتين منيون مدام،
قدرت چا غاليچہ وڇايو ڌرتيءَ تي گلڪاريءَ جو،
ڦاڳہ ڦُٽو منهن مکڙين کوليا پاڳہ وريو ڦلواريءَ جو،
بلبل چهہ چهہ لائي ٿِي ۽ ڪوئل تال وئائي ٿي،
ڊيل خوشيءَ جا کيل ڪري چا مور کي ناچ نچائي ٿي.
(شيرين شعر، 6)

ڪشنچند ’بيوس‘ وٽ بهار نمايان نظر اچي ٿو. بهار جي وڻندڙ مهڪندڙ ۽ سڳند ڀريل موسم هر هڪ جيوت جو من موهي وجهندي آهي. ’بيوس‘ جي ظاهري ۽ باطني دنيا فطرت جي رنگن سان ڀريل هئي. لاڙڪاڻي جي چٽني پاسن ڏانهن ساوڪ ۽ خوشحالي هئي ۽ آهي. جنهن ’بيوس‘ جي مزاج ۽ طبيعت تي گهرو اثر ڇڏيو پئي. هو اتندي ويهندي فطرتي نظارن کان واقف ٿي رهيو هو. هن جي پسنديده موسم بهار هئي، جنهن کي گهڻن هنڌن تي عنوان ڏيئي بيان ڪيو آهي. انهن مان ڪجهہ فطرت ڀريا شعر پيش ڪجن ٿا:

ٿو رسي هر ٻوٽي، غنچي، هر شجر کي خوش پيام،
ٿيو پون مکڙيون ٽڙي تارين تي ۽ گل بيشمار.

سبز پوشي مخملي تهہ آهہ ڌرتيءَ تي چڙهيو،
چشم تر لئہ آهہ ’بيوس‘ هيءَ نزاڪت نيڻ نار.
(ڪليات بيوس، 82)

ڦٽيُون گونچن منجهان تاريون، نيُون نياريون مزي واريون،
ڪُليُون خوش رنگ گلڪاريون، سموهي سبز پوشين جو.
(ڪليات بيوس، 212)

ڪشنچند ’بيوس‘ بهار جي آمد ڪانپوءِ مکڙين جو ٽڙڻ ۽ گلن جو نڪارجڻ، سبز پوش مخملي تهه، گونچن مان ٽارين جو ڦٽي نڪرڻ وغيره جي فطرتي منظرن جو گهرو ۽ اونهو مشاهدو ڪري استعارا جوڙي پيش ڪيا آهن.

ڪشنچند ’بيوس‘ هڪ هنڌ ’آسمان‘ جي عنوان سان نظم لکيو آهي. جنهن ۾ فطرت جا انتهائي خوبصورت منظر جوڙيا آهن. ’بيوس‘ جي اڪثر شاعريءَ ۾ مقامي منظرنگاري تجلا ڏيئي رهي آهي. هن فطرت جو مشاهدو ڪيو ۽ ان کي پنهنجي مقامي منظرن سان اصطلاحن ۽ تشبيهن ذريعي جوڙي رکيو آهي. هو پنهنجي آس پاس مروج ۽ دستوري واقعن جو فطرت سان اهڙو سنگم ڏيکاري ٿو جو فطرتي نظاري سان گڏيل مقامي منظر انتهائي خوبصورت تصوير جو ڏيک ڏيئي ٿو:

گجگوڙ جيئن گجي ٿي، مُرليءَ جي ڌُم مچي ٿي
نانگڻ ڪنوڻ اچي ٿي، لهريون هڻي نچي ٿي
تنهنجو اندر ڇڄي ٿو، رُئندي پنجر پڇي ٿو.

سهڻا لغڙ سدائين، ٿو اندلٺ مان ٿاهين
بادل مَٿان اُڏائين، ڇا راند ٿو رچائين
ڇا صبح سون ڏنگي، ڇا شام لعل رنگي
(ڪليات بيوس، 81.80)[18]

اهڙيءَ طرح جڏهن ’بيوس‘ جي ’سهائي راتڙي‘ پڙهجي ٿو ته ان ۾ خوبصورت استعارا قدرتي ماحول ۽ سنڌ جي سونهن کي نروار ٿئي ٿي. فطرت پريا جذبا پڙهندڙ جي من تي انتهائي انوکا عڪس ظاهر ڪن ٿا. شاعر فطرتن فطرت جي جهان ۾ محو نظر اچي رهيو آهي. سليس ٻولي ۽ رواني فطرتي منظرن کي ويتر خوبصورت بڻايون بيٺا آهن:

سهائي راتڙي
ڇهڇٽو ڇا مچائي ٿي، سهائي راتڙي،
رنگ طرحين جا رچائي ٿي سهائي راتڙي
1. ورق روپا ويا چڙهي ڪئن آڻ لکا آڪاس تي،
تن اندر تارا لڪائي ٿي سهائي راتڙي.
2. آهه چانڊوڪي _ رتل ڪرن اندر ڪيڏو لقا!
برف جا بادل بڻائي ٿي سهائي راتڙي.
3. ڪي پٽن پوشاڪ چانديِ پرچ جي، چمڪڻ لڳا،
ڪير ڌرتيءَ تان وهائي ٿي سهائيِ راتڙيِ.
4. چنڊ جي صابڻ چڪيءَ سان ٿو ڪري ساگر سنان،

ڍير گج لهرين تي لائي ٿي سهائي راتڙي.

5. ڏس چمن چؤنڪ ۾ ڇهه ڇهه ڇڪيون لائي ٽڪيون،
پنوَر بلبل کي پلائي ٿي سهائي راتڙي.

6. آهه ڇهري چندڊ جي تي نت ڇڪورِ چت چريو،
مور چاهي کي نچائي ٿي سهائي راتڙي. (شيرين شعر، 34)

انهيءَ سان گڏوگڏ ٻارن جي فطرت سان گهرائپ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ترنم ڀريا گيت ۽ نظم لکيا آهن. هو پاڻ استاد هو. هن جو گهر ۽ تدريسي اداري ۾ ٻارن سان ڪافي گهرو تعلق هو. ٻارن کي لطف وٺرائڻ، دلچسپي وڌائڻ، ذهني سگهه کي اپارڻ، انهن جي اصلاح ڪرڻ لاءِ، ڪيترو ئي ٻاراڻو ڪلام تخليق ڪيو. هن فطرتي جِنسيت ذريعي عام جاندارن جا انتهائي خوبصورت منظر جوڙي ڇڏيا آهن. هو انهن جي پاڻ ۾ دل ڇڪائيندڙ ۽ مٺڙي ڳالهه ٻولهه ڪرائيندي، ٻارن لاءِ نصيحت آميز گفتا ۽ فطرت جو شوق پيدا ڪري رهيو آهي. انهن ۾، تڏ ۾ ماڪيءَ مک، ڪڙڪٻيتو، طوطيءَ جي آهه، پکيءَ جي پڪار، مٺڙو گهوڙو، پنپوري، بدڪون ۽ ڪتو، ڪڪڙون ڪون، وغيره شامل آهن. نموني طور ڪتاب "ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون" مان ڪجهه شعر هيٺ پيش ڪجن ٿا:

**مِٺڙا گهوڙا اوري آءُ**

خُوب خوشيءَ سان داڻو کاءُ،
پنهنجي مُنهن تان لاهه لغام،
تازو گاهه هلي چَرُ جام.
جتي چرڻ لاءِ آهي گاهه،
اُتي وهي ٿو سهڻو واهه.
اُن واهي مان پاڻي پيءُ،
ڍَءُ ڪري تون گدگد ٿيءُ.
(ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون، 34)

**پنپوري**

کُنبهي رتڙي لال ڪنوار،
هَلُ تہ پنپوري ڏٺون بزار.
ڏينپوءَ جهڙو سونو رنگ،
پر نہ هٽين ٿي ڪنهن کي ڏنگ،
تنهن لئہ توسان آهي پيار،
هَلُ تہ پنپوري ڏٺون بزار.
(ڇهه ڇهه پئسا ٻہ ٻہ پايون، 36)

اهڙي نموني جڏهن ٻارن لاءِ آسماني نظارا ۽ انهن جي منظر نگاري ڪري ٿو تہ هو فطرت جي سوين خوبصورت منظر، رواني ۽ ڳائڻ واري ٻوليءَ ۾ جوڙي پيش ڪري ٿو. جنهن سان هلڪو فطرتي منظر ٻہ خوبصورت نظر اچڻ لڳي ٿو. هن وٽ برسات ۽ سارنگ جي نالي سان ڏاڍا خوبصورت فطرتي منظر ۽ انهن ۾ استعمال ڪيل تشبيهہ من کي موهي وجهي ٿي. ٻارن سان گڏ جوان پڻ انهن خوبصورت منظرن مان مزو ماڻين ٿا:

سارنگ

بادل گجندا پڇندا آيا،

ڌُهل نقارا وڄندا آيا،
ڪنوڻ اچي ٿي ناچ نچي ٿي،
ڏُومر ڏامر سان موج مچي ٿي.
ڦِنڙي ڦِنڙي بوند وسي ٿي،
دِل کي راحت خُوب رَسي ٿي.
(ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون، 58)

برسات

رعد رڙڪا، گوڙ گڙڪا، خوب ڪڙڪا ٿو ڪري،
پڻ تنبورا ساز، سرندا سارنگن جي تار ۾.
مينهن جي مانداڻ ڪان سارا چمن چانداڻ ٿيا،
ڦوهه ۾ گل ڦل ڦٽي پيئڙا، ڪِلي هر ٿار ۾.
پي پپيهو خوب پاٽي، ڍوء منجهان ڍاپيو گهمي،
بلبليون چيها چَتون آهن لڳا للڪار ۾.
(ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون، 64)

ڪشنچند ’بيوس‘ جو مشهور نظم ”غريبن جي جهوپڙي“ جيڪو پنهنجي اندر هڪڙو جهان سمائي ٿو. غريب جي حالات ۽ مفلسيءَ کي چٽيءَ طرح واضح ڪري ٿو. هي نظم ايئن ٿو لڳي ڄڻ ڪنهن چترڪار جي پينٽنگ هجي، جنهن کي ڏسڻ سان سڄو ماحول چٽو ٿي، اندر ۾ احساس ۽ حيرت ڀريا جذبا جاڳائي ٿو. هي سڄو مقامي منظر پڙهندڙ جي اکين اڳيان اڀري اچي ٿو. هن نظم جي بندن ۾ جهوپڙيءَ جي حوالي ڪان مختلف مفهوم سمايل آهن. انهن مان هڪڙو بند اهڙو به آهي جيڪو فطرت جي قدرتي شين کي واضح ڪري ٿو. جنهن ۾ پرسڪون ٿيندي ئي فطرت جون جهلڪيون ۽ فطرتي منظر محسوس ٿيڻ لڳن ٿا. جن جي ذريعي جهوپڙي جي اهميت ۽ افاديت جي خبر پوي ٿي:

سج چنڊ واجهه ٿو وجهي جنهن جي وِٿين منجهان،
ترڪيو اچن ٿا ترِورا تارن ڪتين منجهان،
پُٽڪا ڪندي پچي هوا جنهن جي پتين منجهان،
ڇِٽڪار ڪري مينهن ٿو ڦُڙڪي ڇتين منجهان،
قدرت سندي ڪمال، صحت لاءِ سوڪڙي،
الا! جُهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي.
(ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون، 61) (19)

## 4.2 هري دلگير

جديد سنڌي شاعريءَ کي ڪشنچند ’بيوس‘ ۽ سندس شاگردن پراڻي روايتن مان ڪڍي

نئين روايت ۾ آندو. اهڙن شاعرن جي فهرست مان هري دلگير پڻ هڪ آهي. هري دلگير جديد شاعريءَ جو خوش مزاج ۽ معشوقاڻي طبيعت جو شاعر آهي. جنهن جي شاعريءَ ۾ نراسائي ۽ نااميدي تمام گهٽ آهي. هو فطرت، سونهن، سوڀيا سان گڏ حقيقت پسنديءَ جو شاعر آهي. هولارام ”هنس“ دلگير لاءِ ڪيڏو نہ زبردست لکيو آهي، تہ:

”جڏهن جڏهن آءٌ سنڌي زبان جي مايہ ناز شاعر شري هري دلگير جو شعر پڙهندو آهيان تہ هن صاحب جو فن ۽ فڪر منهنجي دل جي ڪئنواس تي اَجرڪ جي چِر ۽ گهڙي جي چٽساليءَ مثل اُڪرجي ويندو آهي. شاعري هن صاحب جي شعور ۽ لاشعور ۾ جنم وٺي سچ ۽ سونهن جو روپ ڌارڻ ڪندي آهي.“ [20]

دلگير جي ڪلام ۾ نهايت سليس ۽ رواجي ٻولي استعمال ٿيل آهي. جيڪا پنهنجي ئي ماحول سان جڙيل آهي. ان ئي ٻوليءَ ذريعي هند ۽ سنڌ جا سوين فطرتي نظارا جوڙيا آهن. ’بيوس‘ جي قطار ۾ هئڻ ڪري مقامي ۽ فطرتي نظارن سان گهرو لڳاءُ هو. مشتاق گبول ”هري دلگير: نئين سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهم رتن“ جي عنوان سان ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ لکي ٿو تہ:

”بيوس وانگر دلگير جي شاعريءَ ۾ بہ فطرتي حسن جا جلوا جابجا پکڙيل نظر ايندا ۽ بيوس وانگر، هن جي شاعريءَ ۾ رومانويت بہ پنهنجي مخصوص رنگ ڍنگ ۾ موجود آهي... هريءَ جي ڪلام ۾ حسنِ فطرت Beauty of Nature جا جلوا نظر اچن ٿا.“ [21]

هري دلگير جي شاعريءَ ۾ فطرت واري عنصر کي ڏٺو وڃي، تہ هن هر صنف ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ريت منظر جوڙي فطرت سان ويجهڙائي ڏيکاري آهي. پوءِ اهو غزل هجي، يا نظم، گيت هجي يا هائيڪو ان ۾ ڪمال جي فطرت نگاريءَ ڪئي آهي. غزل عورتون سان محبت ۽ اکير جي لاءِ لکيو ويندو هو. جنهن کي جديد شاعرن مختلف موضوعن ۽ رخن سان واڌارا آڻي غزل کي عروج بخشيو آهي. اهڙن رخن مان فطرت جو عنصر پڻ نمايان آهي.عروضي شاعرن جي ڀيٽ ۾ جديد شاعري فطرت جو جهان پاڻ ۾ سمائي ٿي. هن دور جا سڀ شاعر ڪنهن نہ ڪنهن ريت فطرت جو ويجهو آهن. اهڙيءَ طرح هري دلگير جي ڪلام ۾ فطرت جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو. ”دلگير جي هنن غزلن ۾ قدرت جي بيان کي خاص اهميت آهي. مشڪل سان ڪو اهڙو غزل ملندو جنهن ۾ قدرت جي ڪنهن عناصر جو بيان نہ هجي. هنن غزلن ۾ ڪليون مرڪن ٿيون، گل ٽڙن ٿا، پونئرا پُوپُو ڪن ٿا، پوپٽ گلن تي مڙن ٿا، هوا هيج مان هلي ٿي. ڪويل ڪوڪي ٿي، چنڊ چمڪي ٿو تارا ٽمڪن ٿا؛ مطلب تہ قدرت پنهنجي سونهن سان هر هنڌ موجود آهي.“ [22]

هيءَ مُندَ مڌر، پيو چيٽ ٽڙي _ پيا رنگبرنگي ڦول ڪِڙي،

پر ڪانہ تِڙي دل جي مڪڙِي _ جو منهنجو بهار نہ آيو آ.
جهڙ ڇايو آ، ٿي بوند وسي _ هرڪائي سکي ساجن سان هسي،
پر منهنجي اکين مان باهه وسي _ جو نيڻن ٺار نہ آيو آ.
(وڻ وڻ وايون، 22)

بلبلين ۾ گيت ڳائي، ڇيچ وڻ وڻ ۾ هٽي،
ناچڻي بڻجي نچائي تارِي تارِي زندگي.
ناز مان ڪرن جي ساڙهي کي سا پاسيرو ڪري،
ماهتابي مُنهن پسائي ٿي ڪُمارِي زندگي.
ماڪ جي موتين جي مالها پائي، مشڪي گل بڻي،
سبز غاليچا وڇائي ٿِي بهاري زندگي.
ٿي اُڏائي بدبدا پنهنجي هٿن سان نهر ۾،
پڻ ڪري هر لهر ۾ ٿي ناچ جارِي زندگي.
(ماڪ ڦڙا، 59)

هري دلگير ’بيوس‘ وانگي ڪجهہ گيتن، غزلن ۽ نظمن مٿان رنگ برنگي عنوان ڏئي، فطرت جي عڪاسي پيش ڪئي آهي. جنهن تي جهڙو عنوان رکيو آهي، تنهن جي اندر انهيءَ عنوان سان ملندڙ جلندڙ پنهنجا خيال، فطرتي منظر ۽ سماجي وارداتون پيش ڪيون آهن.

هن ڪائنات جي لاءِ ’سج‘ تمام اهم ۽ ضروري آهي. جيڪڏهن سج نہ هجي، تہ اڄ اسين هن حالت ۾ نہ هجون ها! اسان سان گڏ هيءَ ڪائنات بہ نہ هجي ها! ان شيءِ (سج) جي هن ڪائنات کي ڪيتري ضرورت آهي؟ ’دلگير‘ ان جي اهميت کي محسوس ڪندي، فطرت جي دلفريب ۽ دلڪش منظرن ذريعي سمجهايو آهي:

سورج

ڪتيون تارا سدائي جوت پنهنجيءَ سان تون جرڪائين،
تون پنهنجي ڇهري جي چمڪاٽ سان ٿو چنڊ چمڪائين،
وجهي پاڻيءَ ۾ پنهنجا اولڙا، تنهن کي ٿو ڀڪائين،
سرشتي کي سراپا نُور جي چادر ٿو پهرائين...
تون پنهنجو موڪلين پيغام ٿو پرڀاتي ڪرڻن ۾:
”اي ڪوئل! جاڳ، ڪوُڪوُ ڪر وڃي تون سبز برڇن ۾،
اُٿي گل! ماڪ سان منهن ڌوءُ _ وڃي تون ٻهڪ ٻوٽن ۾...
ڪرم تنهنجي ڪان سامونڊي بخار آخر ٿو بادل ٿئي،
بڻائين بحر جيان بر کي، سدا گل جهنگل ۾ منگل ٿئي،

جڳت جي دل تتل ۾ بوند برساتيءَ کان تاڏل ٿئي...
(ڪوڏ، 11.10)

اهڙي نموني ”پريات“ جي عنوان سان هڪڙو رنگين نظم لکيو آهي. جنهن ۾ پريات جي اڇڻ واري خوبصورت منظر کي واضح ڪيو آهي. انتهائي نفيس فطرتي ڳالهيون شامل ڪري فطرت جي تجسيم ڪئي آهي.

صبا سُرَ ساڻ باتيون خوب ڳاتيون،
اُٿيِ سپنن مان بلبل لنوندي لاتيون،
ڪيون ’ڪوُڪوُ‘ سان ڪوئل بره باتيون،
ٻُڌيِ، مڪڙين پنن مان پاتيون جهاتيون،
مِڙن لءِ محبتي محفل مچي وئي،
پريا جڳَن سونهن جي ديوي اچي وئي.
(ڪوڏ، 43)[23]

عنوان ” ساجن ايندو“ ۾ ته انتهائي خوبصورت فطرت جا منظر پيش ڪيا آهن. هو سجڻ جي انتظار ۾ تڙپي رهيو آهي پر ان جي من جو بوجهه فطرت جي منظرن سان هلڪو ٿئي ٿو تنهن جي ڪري هو سجڻ جي اچڻ جا عڪس جوڙي رهيو آهي. ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ يعني مٺڙي آواز ۽ گلن جي وڻندڙ خوشبو ۾ ايندو، سجڻ آسمان تان ايندو ۽ تارا اچي جهولي ۾ وجهندو، ڪرڻن جي ڏاڪڻ مان مراد سج جا ڪرڻا پر هتي رات جو منظر آهي انهيءَ ڪري چنڊ ۽ تارن جي ڪرڻن سان ٺهيل ڏاڪڻ تان لهي ايندو، چو جو منهنجي دل ٻولي ٿي، اڄ منهنجو ساجن ايندو، اهيو جيڪو مان خواب ڏسي رهيو آهيان اهو ضرور ساپيا يا سچو ٿيندو:

ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ ۾ ڇپندو _ ڦولن جي خوشبوُ ۾ ڇپندو،
جهولي ۾ هوُ تارا وجهندو _ ڪرڻن جي ڏاڪڻ تان لهندو،
دل ٻولي:_ ”اڄ ساجن ايندو“ منهنجو سپنو ساپيا ٿيندو!
(ماڪ ڦڙا، 55)

هري دلگير فطرت جي مڙني عناصرن کان چڱيءَ ريت واقف آهي. هن جي داخلي خيالات تي فطرت جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. هن فطرت جي تجسيم يعني ان سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کانپوءِ فطرت سان مشابهت ڪندي پنهنجي من جي ڀاونائن سان ڪيتريون ئي سهڻيون تشبيهون، ٺاهوڪا استعارا ۽ انوکيون ترڪيبون ڏنيون آهن. هو ڪڏهن محبوب کي فطرت سان ڀيٽي ٿو ته ڪڏهن وري فطرت کي محبوب سان ڀيٽي ٿو:

چنڊ سان چانڊاڻ گڏ، جڳَن ڦول سان سرهاڻ گڏ،

هير سان هلڪاڻ گڏ، جئَن آب سان آلاڻ گڏ،
دل چوي ٿي مان بہ توسان سدا گڏجي رهان،
پَل بہ هڪڙو ڪينڪي ٿيان ڌار، پر فرصت نہ آهہ . .
(ماڪ ڦڙا، 83)

جئَن چانديِ جا ٽڪرا چمڪن،
ننگيون رئندڙ مڪڙيون مشڪن،
پل لَي چمڪي ڀاڳہ ۾ جيون،
ڏن جو روپ مٽان، اختيار،
ڪير لهي نرڏن جي سار؟
(ماڪ ڦڙا، 24)

تنهنجو مرڪڻ مند بهار،
گل ڦل ٽڙي پون چوڌار،
خوشبوءِ جي ڇڻ ڪلي هزار،
مرڪ مٺي، تون مرڪ سدا.
(ماڪ ڦڙا، 41)

چمڪي ۾ تکيِ، شمس جان تلوار ٿيِ منهنجيِ،
بس! موت جي آزار جان جهونگار ٿيِ منهنجي،
طوفان جي گرداب جان رفتار ٿيِ منهنجيِ،
جادو جو اثر، برق جان گفتار ٿيِ منهنجيِ.
(ماڪ ڦڙا، 28)

هري دلگير جو نثري نظمن يا نثري ٽڪرن تي ٻڌل ڪتاب ”جهنگلي گل“ ملي ٿو. جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي فطرت سان مشابهت ۽ فطرت جي تجسيم ڪندي، پنهنجي ذات جي احساسن، خيالن سماجڪ ڳالهين کي انتهائي سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. دلگير جي نثري ٽڪرن ۾ ڪيترين ئي فطرت جون جهلڪيون معلوم ٿين ٿيون. هو پنهنجي جيون سان فطرت جي گهرائيءَ ۾ وڃي جاچ پڙتال ڪري پاڻ کي ڪڏهن ان ۾، تہ ڪڏهن ان کي پاڻ ۾ سمائي ٿو.

ڪاش، مان ساگر وانگر
ڏيئَي سگهان وحشي ٿمڪ
ڪاش، مان لهرن وانگر
ڪري سگهان ناچ،
ڪاش، مان تيز طوفان وانگر ڪري سگهان ڪڙڪاٽ،
سانوڻي بادل وانگر

گهمِي سگهان ڇيڳرو ۽ وسائي سگهان وسڪارا،
۽ وَسِي وَسِي،
آزاد اُپ ۾،
ٿي وڃان ختم. (جهنگلي گلَ، 23)[24]

هائيڪو يا ٽيڙو فطرت نگاريءَ ۽ منظرنگاريءَ جي عڪسن سان ڀريل شاعري هوندي آهي. جنهن ۾ شاعر فطرت جا ڪيترائي انوکا منظر آڏي پيش ڪندا آهن. انهيءَ سان گڏوگڏ سماجي وارداتون ۽ حالتون جن ۾ ڪو نه ڪو عڪس يا تصوير جڙي بيهي ان کي پيش ڪيو ويندو آهي. هري دلگير پڻ هائيڪو تي طبع آزمائي ڪئي آهي. فطرت جي ڳالهه ڪجي ته انتهائي حسين منظر جوڙي پيش ڪيا آهن. جن کي پڙهڻ سان منظر اکين اڳيان تري اچن ٿا. هو عام ڪان عام فطرتي منظرن کي تشبيهن طور آڏي پڙهندڙ جي من تي ڪافي گهرو اثر ڇڏي ٿو ۽ هائيڪو جو روح به برقرار رکي ٿو. مثالن لاءِ به هائيڪو پيش ڪجن ٿا:

اُپ ۾ اِستر چنڊ،
لڏي ڪڏي پيو ڍنڍ ۾،
هي ڪهڙو آ منڊ!

ڏِگهو ڪجيءَ جو وڻ،
پڪڙي بيٺو چنڊ کي،
تارين ۾ آ جڻ!
(سدا هجن هوت حيات، 6.4)[25]

## 4.3 ڪيئلداس فاني

ڪيئلداس 'فاني' شيخ اياز جو استاد هو. استاد جي هر معاشري ۾ وڏي اهميت ۽ افاديت هوندي آهي. هن جو سماج ۾ اعليٰ ڪردار هميشه لائق شاگرد پيدا ڪندو آهي. جيئن ارسطو جهڙو استاد سڪندر اعظم جهڙا شاگرد پيدا ڪندو آهي جيڪو سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ساڳيءَ طرح 'فاني' شيخ اياز جو استاد هو. جنهن شيخ اياز کي چنڊي ڦوڪي ان کي نئون روپ ڏيئي، سنڌ توڙي هند ۾ ان کي اتم ۽ اعليٰ ڪري ڇڏيو. شيخ اياز جي شاعريءَ جي پيڙهه 'فاني' پڪي ڪئي. ان ڳالهه جو اعتراف شيخ اياز اڪثر ڪتابن ۾ ڪيو آهي. هڪڙي هنڌ لکي ٿو:

'فاني' منهنجي زندگيءَ ۾ ۽ منهنجي شاعريءَ جي اوسر ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ مان هن جا ٿورا نه ٿو لاهي سگهان. جي "فاني" منهنجي رهنمائي نه ڪري ها، ته منهنجي شاعري اتي نه پهچي ها، جنهن جاءِ تي اڄ آهي." [26]

يعني ڪيئلداس ’فاني‘ شعر جي دنيا کان چڱيءَ ريت واقف هيو جو ڪيترن ئي سيڪڙات شاگرن جي اصلاح ڪري، انهن جي حوصلہ افزائي ڪندو هو. ’فاني‘ صاحب جديد شاعريءَ جي صنفن سان گڏ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي گهاڙيتن تي خوبصورت ڪلام لکيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ سياسي سماجي خيالن سان گڏ عشقيہ موضوع ملن ٿا. محبوب جي وڇوڙي ۾ ان طرفان مليل پيڙا ۽ آزار کي چڱيءَ ريت ظاهر ڪيو آهي. هن جي اڪثر ڪلام ۾ درد جي گهرائي، زماني کان ملندڙ اذيت ۽ تڪليف جابجا نظر اچي ٿي. هن زماني جي ظاهري ۽ باطني اهنجن کان واقف ٿي، اصلاحي شعر لکيو آهي. پر هن گڏوگڏ نواڻ ۾ فطرتي منظرن کي انوکي انداز سان بيان ڪيو آهي:

”هن سنڌي شاعريءَ کي پنهنجو دور ۾ رنگ ۽ روپ متيندي ۽ ترقيءَ جي منزل ڏانهن ويندي چڱيءَ طرح ۽ چٽيءَ نظر سان ڏٺو آهي. پاڻ بہ ”بيوس“ جي دور جو ڪوي آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ ڀرپور ڪوششون ڪيل اٿس. ورهاڱي کان اڳ سنڌي شاعريءَ کي فارسي تشبيهن، ٻوليءَ ۽ محاورن واري ڍير مان ڪڍي، ان کي سنڌي ٻوليءَ جي روح ۽ رنگ سان رڱڻ ۾ سندس وڏو ڀاڱو آهي. جنهن جي مجتا جي ساک خود ”بيوس“ بہ ڀري آهي.“ (27)

تارا تنهنجي لاٽ، ڪسجي ويندي ڪن ۾،
هٽندءِ چنڊ چماٽ، ڪري پوندين پٽ تي.
(سمنڊ سمايو بوند ۾، 18)

تو بن گل _ لالاڻ چپي ٿي،
ساوڪ ۽ سرهاڻ چپي ٿي،
چانڊوڪي چانڊاڻ ڊپي ٿي،
اونده آهہ اُماس،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.
(سمنڊ سمايو بوند ۾، 30)

ڪيئلداس فاني پنهنجي محبوب سان پنهنجي هئڻ جو گهرو احساس فطرتي نظارن سان تشبيهہ ڏيندي بيان ڪيو آهي. هو اسم ذات جي گهرائيءَ مان واقف ٿو لڳي. ڇو جو هو محبوب کي خاص نالا ڏيئي پاڻ کي آسمان جي نيلاڻ ۽ گل جي سرهاڻ ٿو سڏي. ۽ انهن سان اهڙو لاڳاپو ٿو ڏيکاري جو اهي عنصر الڳ نظر نہ ٿا اچن. يعني تصوف ۾ جيئن انسان کي خدا جو ڀاڇو ۽ سمنڊ جي لهر سڏيو ويندو آهي، ائين ئي هو آسمان جي نيلاڻ ۽ گل جي سرهاڻ کي پرين جو حصو سمجهي ٿو. هن سڄي گيت اهڙا خوبصورت استعارا بيان ڪري پنهنجي هئڻ جي تمنا کي ظاهر ڪيو آهي:

اُس اندلٺ سج چنڊ ستارا،
شفق افق جا سرخ نظارا،
مان نپ نيلاڻ هجان ها، مان جي...
منهنجي صحبت مان ڪڪ ٿي پئين،
مون مان شايد تون ٿڪجي پئين،
تون گُل مان سرهاڻ هجان ها، مان جي..
(سمنڊ سمايو بوند ۾،43)

’فاني‘ جڏهن سج لهڻ ڪانپوءِ محبوب جي لاءِ بيقرار، بيچين ۽ بي آرام ٿي، رات جي فطرتي منظرن ۾ من جي ڪيفيت تي ڪمال جا عڪس جوڙي ڇڏيا آهن. هن رات جي وقت ٿيندڙ وارداتُن ۾ پرين جي دوريءَ، پکين جي لاتن ۾ مکڙين جي وٽندڙ خوشبو جو گهرو مشاهدو ڪيو آهي، جنهن سبب فطرت ۾ پنهنجي حقيقي احساسن کي ويجهو آڻي پره ڦٽيءَ جو انتظار ڪري رهيو آهي. شيخ اياز چوي ٿو تہ ”فاني لفظن جو سنگتراش آهي. هو انهن کي گهڙي، چلي، مَهٽي سهٽي هڪ خوبصورت نظم ۾ مجسم ڪندو رهيو آهي. فانيءَ جون ڪي سٽون جادوءَ جو اثر رکن ٿيون. سندس لفظ خوبصورت چار آهن، جن ۾ هو اڏامندڙ جذبن کي نهايت اٽڪل سان ڦاسائي ٿو.“ [28]

وسي ٿي ڪرڻن جي برسات، اجان اڌ رات،
پره جي پيرن تي پريات، اجان اڌ رات.
رات جي چادر ۾ آ چنڊ،
محبت جو آ وچ ۾ منڊ،
تڪڻ جي تارن کي آ تات، اجان اڌ رات.
اجان پکين جي ڇه پهہ بند،
اجان مکڙين جي بند سڳنڌ،
لنوي ڪوئل نہ ڪٿي ڪا لات، اجان اڌ رات.
(سمنڊ سمايو بوند ۾،49)

’فاني‘ جي اڪثر ڪلام ۾ رات ۽ پرهہ ڦٽيءَ جي پهرن جا منظر نظر اچن ٿا. هن جي ڪلام مان ايئن لڳي ٿو تہ ڄڻ هو راتين جا اوجاڳا ڪري، پرهہ جي پهرن تائين لکندو رهيو هجي. هن جي دردن جو داستان رات جي اونداهيءَ ۾ اپري نروار ٿئي ٿو. هڪ هنڌ **رات** جي عنوان سان خوبصورت تشبيهون ۽ استعارا جوڙي، ٻوليءَ جي رواني‌ءَ سان منظرڪشي ڪئي آهي. هو رات جي دردناڪ پهرن سان شروع ٿي پرهہ جي پهرن تائين پنهنجي احساسن ۽ خيالن جي آنڌ مانڌ کي پيش ڪري ٿو. هن جا اهي احساساتي جذبا فطرت جي گهرائي ۽ مشاهداتي سگهہ سبب ڪمال جا لڳن ٿا:

سج سنياسي رتن ڪري ٿو ڪري ورڻ جي وائي،
شام سنياسڻ ويس شفق جو پائي اپ مان آئي.
دريا ٻيئي ٻانهون کوليون سمهي پيون ساٿيون ٿي ڇوليون،
بن اپون ۾ پون پنن ۾ سپ ۾ سانت سمائي.
نيڻ نکنڊن پل ٻه نه ٻوٽيا جهٽ جهٽ ڏيئي اباسون جهوٽيا،
عرش فرش کي ڪاري چادر پرڪرتي پهرائي.
مکڙيون مشڪڻ جي لئه آتيون پکين اپ ۾ پاتيون جهاتيون،
رات مٿان پريات ڪٽي سوغات صبح جي ڇائي.
(سمنڊ سمايو بوند ۾153)

’فاني‘ جڏهن پنهنجي خوبصورت اباڻي ڌرتي ورهاڱي کانپوءِ ڇڏي هندوستان هليو ويو ته ان وڇوڙي جيءَ کي جهوري وڌو. ڇو جو جن ماڻهن سان يادون جڙيل هجن، جيڪي پاڻ ۾ ساهه وانگي ڳنڍيل هجن انهن جي وڇوڙي جو شدت ڀريو درد اپرندو آهي. ان جي تڪليف شايد ڪو بي وطن ٿيل ماڻهو ئي محسوس ڪري سگهي. هو اهڙي وڇوڙي ۽ تڪليف واري عمل کي پکين ۽ سنگ جي ڳنڍيل داڻن جي ڇڄڻ واري فطرتي عمل سان بيان ڪيو آهي.

پکي وڻ ڇڏي ڇو اچانڪ اڏاڻا،
ڇڏي ماڳ پنهنجو وڃي ٿيا ويڳاڻا.
پڳا ڏار وڻ جا ڏنو وڻ به ڏلڪي،
ڇڏي سنگ مان ٿي ويا داڻا داڻا.
(سمنڊ سمايو بوند ۾65)

”فاني“ فطرت بابت تمام اونهو مشاهدو ڪيو آهي، هن جا شاعريءَ ۾ استعمال ڪيل محاورا، ڪنايه، اصطلاح، استعارا ۽ تشبيهون فطرت جي انوکن نظارن کي نروار ڪن ٿا. هن جي مشاهداتي سگهه سبب اهي عام نظارن کان مختلف نظر اچن ٿا. هو ڌرتيءَ جو لاڳاپو فطرتي رنگن سان جوڙي پنهنجي خيال جي اڏام کي پيش ڪري ٿو. هو زندگيءَ جو اهڙو تجربو پيش ڪري رهيو آهي جو عام ماڻهو ان تائين سوچي به نه ٿو سگهي:

ڪٿ چنڊ بادلن مان مشڪندو ڏٺو اٿم،
ڪٿ حسن برپٽن ۾ پٽڪندو ڏٺو اٿم.
ڌرتيءَ جا دک پهاڙ ڏسي ٿو ڦِسي پوي،
چشمو جبل جي چشم مان وهندو ڏٺو اٿم.
(سمنڊ سمايو بوند ۾ 97)

ڪيئلداس ’فاني‘ ’زندگيءَ جي شام‘ جي عنوان سان هڪڙو دلڪش ۽ حسين فطرتي تصويرن

سان جڙيل نظم لکيو آهي. جنهن ۾ هو زندگيءَ جي انتهائي ڳوڙهن نڪتن کي ظاهر ڪندي، وقت جو ڪاٿو شام جي پلن سان لڳائي رهيو آهي. سج جي اجهامڻ سان رات ٿيندي آهي ۽ اهڙيءَ رات ۾ هر جيوت خاموش ۽ پرسڪون ٿي ويندو آهي. پر ان کان پهرين شام جيڪا نراسائي، نااميدي ۽ زوال کي ظاهر ڪندي آهي. ڇو جو شام کان پوءِ ئي رات ايندي آهي جيڪا جهالت ۽ موت جي علامت آهي. پر هتي شاعر پنهنجي زندگيءَ جي شام يعني پنهنجي آخري پَلن، سج لهڻ کان پوءِ ٿيل ڳاڙهاڻ مان جوڀن جي لالائيءَ جو ختم ٿيڻ سان هلڪي هلڪي اونداهيءَ کي محسوس ڪري، فطرت جي مظهرن سان مشابهت ڪئي آهي.

زندگيءَ جي شام

اُوندهہ نگريءَ مان ٿو سورج ڪري وڃڻ جون وايون،
تارا ٻڌجي نيپ _ منڊل جون اکڙيون پرجي آيون.
سرڪي ڊِرڪي وئي شفق مان جوڀن جي لالائي،
انڌيريءَ کي شام هٿن کان هوريان وٺندي آئي.
ساگر ۾ سورج جا ڪرڻا تڙڳن ٽپت وجهائي،
ويندا وڃن پرندن کي ٿا گهر جي واٽ وٺائي.
ڇايا ديوي وار کنڍيڙي چاڻ اڇي اولاهون،
ٻاٻيهي پڻ اکيون ٻوٽيون ڪڙڪو ناهہ کجيءَ ۾،
سمنڊ سطح هن سانت سمي کان ڪونهي گوڙ گجيءَ ۾.
(سمنڊ سمايو بوند ۾، 157)

ٻئين نظم ۾ انسان جي اچڻ ۽ وڃڻ جو فطرت جي نظارن مان مثال کڻندي پنهنجي مفهوم ۽ مقصد کي سمجهايو آهي:

آڪاس تان آيو هو ستارن جو ستارو،
سورج جو ترورو ٻڌيو ڌرتيءَ جو دلارو،
جنهن زندگي جو هرش سان هر هڪ ٿي پل پليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!
شبنم ٿي لٿي ابر جي باريڪ تهن مان،
گل چونڊجي، فردوس جي، آيو هو چمن مان،
موتي هو صدف جي هليو آيو هو دهن مان،
پنهنجي خوشي نہ آيو نہ پنهنجي خوشي چليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!
(سمنڊ سمايو بوند ۾، 159)

## 4.4 نارايڻ شيام

نارايڻ شيام سنڌ ۽ هند جي وڏي مرتبي وارو لافاني شاعر آهي. شيام جديد سنڌي شاعريءَ جي ساڳي زنجير جي ڪڙيءَ مان آهي، جنهن کي 'بيوس' شروع ڪيو جيڪا جديد شاعريءَ جي اهم ۽ منفرد حيثيت رکي ٿي. هيءَ ڪڙي (شيام) ٻين ڪڙين کان انوکي نئين اسلوب ۽ جدت سان جڪڙيل آهي. هن ڪڙيءَ جديد شاعريءَ کي نوان موضوع نوان گهاڙيٽا ۽ نيون راهون ڏنيون. جڏهن ان سڄي زنجير تي نظر ڦيرائي ڏسبي ته نارايڻ شيام واري ڪڙي سڀني کان بلڪل الڳ نظر ايندي. هن جو فن، فڪر ۽ موضوع جديد شاعريءَ جي نئين موڙ کي ظاهر ڪري ٿو. يعني شاعريءَ ۾ نوان فني گهاڙيٽا، نوان فڪري مضمون، نوان جذبا، نئين تشبيهن ۽ استعارن سان آندل منظرن کي صاف سلوٽي ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ آڻي منفرديت حاصل ڪئي آهي. "بوند لهرون ۽ سمنڊ" جي مهاڳ ۾ تنوير عباسي شيام جي ڪلام ۽ اسلوب بابت لکي ٿو ته:

> "اسان جي دور جي شاعرن ۾، سنڌ توڙي هند ۾، نارايڻ شيام کي وڏي اهميت حاصل آهي. هو انهن ٿورن شاعرن مان آهي، جيڪي اسان جي دور جي شاعريءَ جي وهڪري کان الڳ ٿلڳ، پنهنجي ذاتي اسلوب جي ڪري نرالا ۽ انوکا ٿا لڳن. نارايڻ شيام سنڌيءَ جي جديد شاعريءَ، توڙي ترقي پسند شاعريءَ جي بنياد وجهندڙن مان هڪ آهي."
>
> هو ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي لکي ٿو ته:
>
> "نارايڻ شيام سنڌيءَ جو اهو نرالو شاعر آهي، جيڪو پنهنجي نرالي اسلوب، لهجي ۽ مزاج، فڪر، ٻوليءَ، موسيقيت ۽ ڪامياب تجربن سببان، سنڌي شاعريءَ جي موجوده دور جي وهڪري ۾ رهندي به، اُن وهڪري کان ڌار هڪ انوکي، نرالي ۽ دائمي حيثيت رکي ٿو". [29]

شيام جي نرالي ۽ نئين اسلوب کانپوءِ فطرت تي نظر ڦيرائي ڏسجي ته هن جي ڪلام ۾ فطرت چترڪار جي عڪسن کان به وڌيڪ خوبصورت ۽ نمايان ظاهر ٿئي ٿي. هو هر وقت فطرت جي اونهائين کي جاچي لکيو رهيو هو. سندس ڪلام ۾ ڪيئي منظر جديد شاعرن جي ڀيٽ ۾ تمام مختلف ۽ گهرا نظر اچن ٿا. هن عام کان عام منظر کي به فطرت جي تجسيم يا فطرت سان مشابهت ڪري پيش ڪيو آهي. "شيام جي سڄي شاعريءَ جو پس منظر پرڪرتي آهي. پرڪرتيءَ جا نظارا به اُهي آهن جي روزمره شهري زندگيءَ ۾ ڏسندا رهون ٿا. چنڊ، تارا، اُفق، اونداهي، چانڊوڪي، گل، پوپٽ، پونر، پکي، وغيره. جمالياتي تخليق جي تهه ۾ آهن جذبن جون رنگينيون جن جو ڇيد ٿي نه ٿو سگهي."[30]

اي ساجن!

(1)

مڪڙيءَ جي دل پچي هِير، خوشبو ڪڻي اڏامي
باغيِ تي رنگ، گل کان پوپٽ بڻيِ اُڏامي
تاريءَ مان گل هوا ۾ ڪڏهين ڇڻيِ اُڏامي
ٻوٽي کان خود ڇڏائي تاري پلاند پنهنجو
توتي نہ حرف ساجن! جڳہ ۾ نہ ڪوئي ڪنهنجو!

(2)

پربت تي جڏَن پوي ٿو سورج جو نور نرمل
نڪري ملڻ ندي سان ٿو آبشار اوجل
ساگرطرف نديءَ جي ڊوڙي تي ڏار بيڪل
ساگر جو جل ڪَڪَر ٿيِ پربت تي لڙڪ هاري
مونکان پري ٿي ساجن! سگهنديم ڪڏَن وساري؟

(ماڪ ڦڙا، 146)

جڏَن پنکڙين تان ماڪ، ٿي سورج ڪِرَن پڻَي
نڪريِ گهڙيِ لَي سونهن ڪنول جي اُجڙ ٿئَي....!

(ماڪ ڦڙا، 143)

نارايڻ شيام فطرتي شين جي گهرائيءَ ۾ وڃي انهن جي تڪليف، تجسس يا جبلتي جدوجهد کي محسوس ڪري، پاڻ ۾ ڳالھ ٻولھ ڪندي ڏيکاريو آهي. انسان يا جاندار پهريون دفعو ڪو بہ ڪم ڏسندو آهي، تہ ان ڪم کي پاڻ ۾ جاچڻ، پرکڻ ۽ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هن جي اها ڪوشش آهستي آهستي تجسس بڻبي ويندي آهي. اهڙو تجسس ڪائنات جو هر ساهوارو محسوس ڪندو آهي. شيام ڪَليءَ يعني مکڙي يا اڻ ٽڙيل گل جي اجاٽائيءَ جو تجسس محسوس ڪندي، پرسان بيٺل گل جي سڳند ۽ نزاڪت جو حيرت ڀريو احساس ۽ فطرت جي پاڻ ۾ ڳجهي ڳالھ ٻولھ کي خاڪائي صورت ۾ پيش ڪيو آهي:

ڪلي تي پاڻ ئي گل

چمن ۾ ٻوٽي جي هڪ لام تي پنن هيٺان،
پِرهہ جي هير کان وانجهيل هئَي ڪَلي هڪڙي،
اِنهي ڪري سا ڪلي اڻ ٽڙيل رهي نہ ٽِڙي،
اجاڻ گل جي هئَي سهڻي رنگ، خوش بوُ کان،
انهي ئي ٻوٽي ۾ ٻي شاخ تي اڳئَين جي مٿان،
عجيب حسن نزاڪت سان بيٺو ڦول ڪِڙي

مڏوُ مکيون، ڪجھ پوپٽ، ڪي پونر آيا مڙي
ڏٺو ٿي ڪئن نہ ڪليءَ بار بار حيرت مان!
(ماڪ ڦڙا، 97)

آس
هي ٿورو سک ونندو آخر گهرو آنند روپ،
ننڍڙي مکڙي ڀڄي جڏهن ٿي آخر ڦول انوپ،
پُلجي ٿي نہ نراس پکڙا،
آس ۾ جيون راس! (ماڪ ڦڙا، 116)

نارايڻ شيام فطرت جي ذريعي انتهائي خوبصورت تصويرون جوڙيون آهن. مقامي ماحول ۽ فطرت کي ڳنڍي نهايت ئي سهڻا ۽ منظرن سان ڀريل نقش ڪڍيا آهن. شيام هائيڪو جو شروعات ڪئي آهي، ان جي اصلي روح کان واقف ٿي، هائيڪو سان گڏ هر صنف ۾ فطرتي تصويرون پيش ڪيون آهن. ”چترڪار بہ تصويرون چٽيندو آهي، پر نارايڻ شيام تصويرن ۾ چٽا پٽا عڪس ۽ منظر سمايا آهن جيڪي چترڪار کان وڌيڪ نمايان آهن. نارايڻ شيام جو فطرت ڏانهن گهڻو مشاهدو ۽ ڌيان رهيو آهي. هو هر وقت فطرت جي گهرائيءَ تي پهچي، پنهنجي تصويرن ۾ ان کي هميشہ لاءِ زنده ڪري ٿو ڇڏي“. (31)

وليون وڻن تي وريون ۽ ٽڙيون ولين ۾ ڪليون
هوا پريندي سندن رنگ ۽ هڳاو جي ساک،
ورائي ٻانهون ولين جان ڪريون ڪي رنگ رليون
پري ڪو ڦول اسانجي بہ رنگ ڀاو جي ساک؛
(ماڪ ڦڙا، 165)

اِجهو اُس پئي چنبڙي اِئن گلن کي
ٻُکيو چنبڙي جڏهن اَبهم ٽڻن کي!
(ذات ۽ حيات، 317)

نارايڻ شيام فطرتي نظارن جو مشاهدو ماڻي، انهن جي آفاقيت کي پروڙي، حقيقي منظر پيش ڪيا آهن. جن نظارن کي عام ماڻهو ڏسي اڻ ڏٺو ڪندا آهن هو انهن جي گهرائي جاچي لکي رهيو هو. اهڙا فطرتي منظر پڙهندي عڪس اکين اڳيان تري اچن ٿا.

اَلائي ڪم اِهو نوريئڙن جو هئو ڪِ هوا جو
مگر ڪريل هُيا ڪيڏا نہ ٻيرَ ٻيرِ جي هيٺان!
سرءُ جي مُند، ٻسا وڻ پنن ڇڻڻ جي ڪري ٿيا
مگر لڳي ٿو ڪشادو وڌيڪ باغ اڳي کان!

(ڏات ۽ حيات، 217)

نارايڻ شيام جي شاعري دورن ۾ ورهايل آهي. ڪتاب **"ڏات ۽ حيات"** ۾ مڪمل غزل گڏ ڪري ڇپرايا ويا آهن. آخري دور جي غزلن کي "بوند لهرون سمنڊ" جي نالي سان سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ تنوير عباسيءَ شيام جي سڀني ڪتابن مان جائزو وٺي ٻاهٺ صفحن جو اڀياس لکيو آهي. ان کان علاوه ڪتاب "راهون پنڌ پيون" مصطفيٰ نانگراج مڪمل غزل گڏ ڪري ڇپرايا آهن. هتي اسين شيام جي شروعاتي ۽ بعد وارن غزلن ذريعي فطرت جي مفهوم کي سمجهنداسين ته شيام فطرت کي ڪهڙي دور ۾ ڪيئن ڏسي رهيو هو.

شيام پهرين دور ۾ فطرت کي صرف ۽ صرف تشبيهه طور استعمال ڪيو آهي. هن جي اڪثر غزلن ۾سچڻ سان محبت، پرين جو ڪجهه وڇوڙو، سماجي ۽ اصلاحي ڳالهيون، نئين جدوجهد ۽ روشن خيالي ذريعي سماج مان برائي ڪڍڻ جي ڪوشش، وغيره کي فطرت سان تشبيهه يا فطرت جي شيءِ جو استعارو ڏيئي لکيو آهي.

ڪنڊا ڪڍُن نه لڳن اي شيام
آهه گلاب جو قول حيات!
(ڏات ۽ حيات، 14)

شام تائين قول ٿي تون منهنجي لاءِ ڪلندو رهئين
صبح تائين ماڪ ٿي مان تنهنجي لاءِ رودن ڪندس!
(ڏات ۽ حيات، 18)

ڪنڊن کان ڇڏائڻ لاءِ ڇڪيو پنهنجو پَلُو شيام
پن پن ٿي ڇٽي هيٺ ڪريو قوُل گلا ب آهه!
(ڏات ۽ حيات، 34)

ڇا جي رعنائي، هجي ها نه اگر رنگيني
گل بنا ماڪ به ڇا ڪنهن کي ڪڏهن شيام وڻي؟
(ڏات ۽ حيات، 40)

شيام جي شروعاتي دور کان پوءِ ٻين دورن ۾ همٿ نه هارڻ اڳتي وڌندو رهڻ. يعني جڏهن نااميدي وڌي وڃي ته مايوس ٿيڻ بجاءِ اڳتي وڌندو رهجي، ڇو جو گهٽا گس ۽ سهارا پيا آهن. شيام واحد شاعر آهي، جيڪو فطرتي نظارن ذريعي ماڻهن کي اميدون جا ڏيئا اياري ڏيکاري ٿو. ان قسم جو گهٽي ياڳي اصلاحي شعر ملي ٿو. منزل جي ڳولها ستارن سان پيٽ، اونداهيءَ کي ڏڪار، واريءَ ڪٽا ڪٽي واپس ايندڙ گهُر وري ستارن جي ڪندڙ پاڻ پتوڙڻ جهڙا جذبا پڻ پيش ڪيا آهن. هن هر موڙ تي مايوسيءَ ۽ نااميديءَ کي ڦٽو ڪيو آهي. هن نئين جاڳرتا، مٽي ايرڻ جو ڏس ڏنو آهي. هو چاهي ٿو ته

سست ۽ ڪاهل ماڻهو جيڪي همٿ هاري ويٺا آهن اهي مٿي اڀري اچن، ۽ پنهنجي جيون کي چار چنڊ لڳائي سرهائي سان جيون گذارين. مون کي تہ شيام جي شاعري پڙهي حيرت ٿي ٿئي ان جي هر صنف ۾ فطرت سمنڊ جي ڇولين جيئان اٿلون کائيندي نظر اچي ٿي. وليم ورڊس ورٿ وانگي شيام جي شاعري بہ فطرتي نظارن سان ڀريل آهي. سوچيان ٿو فطرت بابت ڪهڙو شعر لکي ڪهڙو لکان! ان جي فطرتي شعرن تي مڪمل ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

ٻين دور کان شيام جي نظر آسمان طرف سگهاري آهي. هن جي تقريبن هر غزل ۾ ڪائنات جو ڪو نہ ڪو منظر، ان سان ڪا نہ ڪا ڀيٽ، ڪو نہ ڪو استعارو جوڙي پيش ڪيو آهي. هي اهو دور آهي جنهن ۾ شيام تي فطرت تمام حاوي نظر اچي ٿي. هن جي اڪثر ڪلام ۾ فطرت ڀري رات، ڀرهہ ڦٽي ڀرڀات، صبح جا سونهري ڪرڻا، شام جا سونهري رنگ، باغ ۽ بهار جي خوش آمدي، گل ۽ مکڙيءَ جي نکري نروار ٿيڻ، پکين جي منڙي ٻولي ۽ وڻن سان گهرو لاڳاپو جهڙا منظر جهلڪندي نظر اچن ٿا. هن جون خوبصورت فطرتي تشبيهون جيڪي هر شعر ۾ نظر اچن ٿيون، جن کي گهٽي تعداد ۾ پيش ڪيو آهي.

رڳو ڀير ڪڻ، گس ۾ چارا گهٽا
نہ دل لاهہ پانڏي، سهارا گهڻا!
اُجالو انڌاري جو دامن ڀري،
جِئين رات ڪارِي ستارا گهڻا!
(ڏات ۽ حيات، 50)

وڏي رات آهي پري صبح آهي
تہ ڪا شمع ٻاريون ڪوئِي ڪا ساريون!
اچن لاهيون چاڙهيون مگر ماڪ ٻڄي
ڪڏهن گل ڪڏهن سج جي ياڪر ۾ گهاريون!
(ڏات ۽ حيات، 79)

باک ڦٽيءَ جي لاءِ دعائون گُهرندي رات گنوايو
ورندو اوندهہ کي نہ پٽڻ مان شمع اُٿي ڪا ٻاريو!
(ڏات ۽ حيات، 92)

شيام غزلن ۾ هائيڪو جي عنصر کي شامل ڪيو آهي. غزل ۽ هائيڪو جو ميلاپ ڪري هڪ نئون فارميٽ جوڙي پيش ڪيو آهي. هائيڪو تہ آهي ئي فطرت ۽ عڪسيت جي شاعري. انهيءَ تسلسل کي برقرار رکندي، غزل ۾ منظرنگاري ۽ خوبصورت ڏيک ڏنا آهن. ڪٿي ڪٿي سماجي واقعا ۽ مقامي ماحول جا منظر پڻ نظر اچن ٿا. ڪيترائي ئي اهڙا غزل آهن جن جي بندن ۾ اهو فارميٽ نظر

اچي ٿو. تنوير عباسي لکي ٿو ته:

”شيام غزل ۽ ٻين صنفن ۾ هائيڪو جي ملاوٽ جو هڪ انوکو تجربو ڪيو آهي، جيڪو نه فقط سنڌي شاعريءَ لاءِ انوکو آهي، پر شاعريءَ جي دنيا لاءِ ئي انوکو آهي. پر شيام جو هي تجربو فقط تجربو نه پر هڪ ڪامياب تجربو آهي.“ (32)

دوُنهون سرهو هلڪي گرمي
درد جي ڏوُٽي چندن چورو!
(ذات ۽ حيات، 101)

منهنجي ڪڙڪيَ جيتري آڪاس ۾،
هيترا سارا اُڏاٽا پئي پکي!
(بوندَ لهرون ۽ سَمنڊ، 103)

گهر جي آڳر ۾ نوء ورني ويٺي وار سنواري،
پٽ تي ويهي ڪانءُ چهنب سان پنهنجا کنڀ لساري!
سرد هوا ۾ وڻي سَٽي پئي وڻ جي سڪٽي ٽاري،
يا لوڏي پئي ٻانهن مدد لئه ولهه ۾ ڪنهن ويچاري؟
(راهون پنڌ پيون، 143) (33)

پٽر ڪرندي ڍنڍ ۾ جيئن ٿيو آواز،
پر تي ٻيٺل وڻ منجهان پکيءَ ڪيو پرواز.
(بوندَ لهرون ۽ سمنڊ، 43)

## 4.5 شيخ اياز

سنڌ ڌرتيءَ تي پنائيءَ کان پوءِ جنهن شاعر جو نالو ڪنيو ويندو آهي اهو شيخ اياز آهي. اياز جديد سنڌي شاعرن ۾ مها ساگر ۽ انهن ۾ سرتاج شاعر آهي. هو هڪڙو اهڙو انمول ۽ قيمتي شاعر آهي جنهن جو ڪوئي مٽ ناهي. محمد ابراهيم جويي مطابق: ”شيخ اياز بنا ڪنهن شڪ شبهي جي سنڌي جديد شاعريءَ جو اُهو سج آهي، جنهن ڪيترن سيارن ۽ ستارن کي روشني ڏني ۽ دڳ لاتو آهي.“ (34) هن ڪائنات ۾ سج جهڙي ڪا به سگهاري شيءِ موجود نه آهي. ۽ شيخ اياز به جديد دؤر ۾ سج جيئان اُڀري، سيني کان مٿانهون ۽ سگهائتو بڻجي بيٺو.

شيخ اياز جي سڃاڻپ عمومي طور تي شاعر واري ڪئي وڃي ٿي. پر اياز جو نثر به اُملهه ۽ شاعراڻي سنگم جو ميل آهي. جيڪو ڏينهون ڏينهن سنڌي ادب ۾ خاص مقام ماڻي رهيو آهي. شاعريءَ جي ڳالهه ڪجي ته اياز جي هڙني گهاڙيٽن ۾ ڪمال جو فن، موضوع جي نواڻ، فڪر جي

گهرائي ۽ فطرتي رنگن جو سنگم آهي. هن جي نظم ۽ نثر بابت بخشل باغي لکي ٿو ته:

”شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ جو باني شاعر آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ کي نوان گس ۽ نوان لاڙا بخشي سنڌي شاعريءَ جي تصور کي وسيع تر بڻائي امر ڪري ڇڏيو آهي. ساڳيءَ ريت اياز صاحب جو نثر به پنهنجي اهميت ۽ افاديت جو پاڻ ئي ساکي ۽ پاڻ ئي مٽ آهي.“ (35)

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ فطرت جي عنصر جي ڳالهه ڪجي ته، فطرت جا رخَ يعني فطرت جي تجسيم، فطرت سان مشابهت ۽ فطرت جو تفصيلي ذڪر، جن ۾ سوين رنگ، ڏيک ۽ منظر تجليون ڪائيندي ملن ٿا. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز ۽ تاجل بيوس وليم ورڊس ورٿ واري حيثيت رکن ٿا. جن فطرت کي پنهنجو مول متو بڻائي شاعري ڪئي. ۽ نثر توڙي نظم ۾ ان جا عڪس ڏسي ۽ پسي سگهجن ٿا. هنن ٻنهي شاعرن جو پسمنظر (پنهنجي قول مطابق) فطرتي ماحول سان آهي، تنهن جي ڪري ئي فطرت جو گهرو ۽ شدت ڀريو تصور شاعريءَ ۾ ملي ٿو. شيخ اياز جي آس پاس وارو ماحول ۽ رهڻي ڪهڻي فطرت ڀري هو. جيڪا سندن ننڍپڻ ۾ ئي شامل ٿي، عمر جي آخري گهڙين تائين مشاهدي ۽ تجربي هيٺ ايندي رهي.

شيخ اياز چند ڳليون ۾ انتساب وديا پتيءَ (ميٿلي ٻوليءَ جو شاعر) جي نالي ڪيو آهي. هو ان جي فطرتي ماحول جو پسمنظر ڏئي، آخر ۾ پنهنجي ماحول بابت اشارو ڪندي لکيو آهي، ته:

”هو 1352ع ۾ مَڌُو بن ۾ ڄايو هو جنهن جي معنيٰ آهي ”ماکيءَ جو جهنگ“. اُتي انبن جا جُهمٽا، سارِين جا کيت، ڪمند جي پوک ۽ تلاوَ هوندا ها، جن ۾ پابوڙا ۽ ڪنول ڇانيل هوندا ها. اُتي بسنت ۾ وونئڻ رتول ڦوٽهڙي سان ٻوڪجي پوندا ها، سانجهيون ڪومل ۽ ڪوسيون هونديون هيون ۽ سومهياڻيءَ جو ماٺهو گهرن کان ٻاهر ٻُٽ ۾ سُمهندا ها. اونهاري ۾ گهنگهور گهٽائون ڇانئجي وينديون هيون. ڏينهنَ برکا سان ڪاراٽجي ويندا ها ۽ جتي چٽِي اُس چُپَندي هئي. اُتي هماليا جي چوٽين مان آڪاس جون ريکائون نظر اينديون هيون. مون به پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ ۾ اهڙي مُند ماسَ ۾ گهاريو، جيتوڻيڪ اُتي وڏا پهاڙ ڪين ها.“ (36)

جنهن شاعر جو ماحول اهڙو هجي ته اهو فطرت جي منظرن کان وانجهو نه رهي سگهندو. بلڪ مصور وانگر شاعريءَ ۾ فطرت جا سوين عڪس سمائي ڇڏيندو آهي. شيخ اياز پاڻ کي مصور شاعر چوندي گهڻن جڳهن تي مختلف فطرتي منظر پيش ڪيا آهن. ۽ واقعي به هو مصور شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ فطرت جي مصوري، ڌرتيءَ جي مصوري، سماج جي مصوري، محبوب جي مصوريءَ

جون سوين تصويرون ملن ٿيون. هن نثر توڙي نظم ۾ ان ڳالهہ کي چڱيءَ ريت واضح ڪيو آهي. جي ڪاڪ ڪڪوريا مان هڪڙو نثري ٽڪرو پڙهي ڏسجي تہ ڪيئن اياز فطرت کي بيان ڪري ٿو.

”ڪڏهن سکر آءُ تہ توکي پنهنجي بيتن جو پسمنظر ڏيکاريان اچي ڏس تہ ستارن جي سونهن جي ڇاڻ ڪيئن ٿي ڇٽي، چنڊ جا ڪرٽا وڻن منجهان واڻ ڪيئن ٿا ڪن. چنڊ جو گهَرو گهاءُ ڪيئن ٿو چڪڻ لڳي ۽ ڪيئن صدين جو سوداءُ جيءَ ۾ جاڳي پوي ٿو... ايئن ٿو محسوس ڪريان تہ پکيئڙن وانگر شعر چوڏاري پرڙا ڦڙڪائي ڳُٽ ڳُٽ ڪري رهيا آهن. پر لفظن جي ڪوڙڪيءَ ۾ نٿا ڦاسن.“ (37)

هاڻي شاعريءَ کي پڙهي ڏسو. ڪيئن نہ نثر ۽ نظم ۾ فطرت کي خوبصورت منظرن جي عڪاسي ڪئي آهي.

رات ڪجهہ پِني آهي،
واءُ ۾ نِمي آهي،
مينهن ڪُجهہ پيو آهي؛
آءُ ڪو مصور هان؟
چنڊ منهنجي در تي ڇو
بيهجي ويو آهي!
(لڙيو سج لڪن ۾، 569)

پيچ پنيءَ پيچ گهڙَ-
پويان پاڇا رات جا-
ڪيڏي ڪاري رات آ،
ڪيڏي لنبي ڳڙ!
پويان پاڇا رات جا.
اوندهہ اُتر واءُ ۾،
پاڻيءَ تي پَن- جَهڙَ-
پويان پاڇا رات جا.
(لڙيو سج لڪن ۾، 57)

بسنت رُت جي پياسَ لڳي آ،
گيت گُلن جئن باک ڦٽيءَ جو
ڳاڙهو مڌ پيارن ٿا،
منهنجو جيءُ جيارن ٿا-! (لڙيو سج لڪن ۾، 399) (38)

شيخ اياز جي هر صنف ۾ فطرت جون اونهايون ملن ٿيون. غزل کان نظم، ترائيل کان هائيڪو

تائين سڀ جو سڀ فطرت جي رنگن سان مالا مال آهن. شيخ اياز شاعريءَ جي چوٿين پنجين شعر ۾ تشبهيون ۾ استعارا استعمال ڪيا آهن. انهن جو ايترو جهجهو استعمال هن وقت تائين ڪنهن به ناهي ڪيو. فطرت سان مشابهت ذريعي پنهنجي خيالن، احساسن، جذبن جي اُپٽار ڪي دلفريبيءَ سان شامل ڪيو آهي. انتهائي خوبصورت ۽ سهڻين تشبيهن مان ڪجهه هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

اڄ ته اڪن جون نيرڙيون ڦلڙيون
ڪنهن بيوه جي اکرين وانگر
مُرجهايل مُرجهايل آهن
(چنڊ چَنبيليءَ ولِ، 59)[39]

ڪاري ڪٽڇيءَ جهڙي رات،
پريت اسان جي آ پچرو،
وڻ وڻ تي ڪوماٽا ڪانوَ
پن پن ۾ پڙلاءُ نه ڪو.
(ڪلهي پاتم ڪِينرو، 57) [40]

اونهاري جي رات، ستارا
ڪامڻيُن جي نيڻن وانگر ڪوسا آهن،
پيچ پنيءَ جي پيچيءَ وانگر چال هٽين ٿي،
ٿر جي وحشيءَ هرڻي وانگر! (لڙيو سج لڪن ۾، 399)

جڻ ته سائي پَنَ وانگر آهه، ساري زندگي،
سِج جا تِڙڪا پون ٿا!

ڏس ته پيلي گل جيان، سنسار سارو ٿي تِڙيو آ!
چَنڊ ٽڪريءَ تي ڪِڙيو آ!
چنڊ ائين آڪاس ۾ آ، جڻ ته ڪوئي ڦٽُ مڙيو آ،
ڪيرُ اهڙو گامڙيو آ. (سانجهي، سمنڊ سپون، 44.22) [41]

جئين ٿو چنڊ ڏِسي هيٺ رات مان گُهوري
خدا پيو ٿو سجيءَ ڪائنات ما گُهوري،
(چنڊ ڳليون، 37)

ڀڳت سنگهه کي ڦاسي جي منظوم ڊرامي ۾ شيخ اياز سڄي سياسي سماجي پسمنظر کي بيان ڪندي فطرت جي عڪسن کي ظاهري طور بيان ڪندي، باطني معنيٰ ۾ مفهوم سمايو آهي. انقلابي ڊرامي ۾ فطرت جي اهڙي گهرائي ڏيکارڻ ڪنهن جي تصور ۾ به نه ٿو اچي سگهي. پر شيخ اياز ان کي

خوبصورتيءَ سان نڀايو آهي:

آڪاس تہ ڪوئي وڻ آهي
۽ اُن جا پَنَ ستارن جان
تا تِمڪن جِهمڪن دُور مٿان
۽ جِيوَن اَنيوءَ آهہ اِئين
ڪو چُرندڙ پرندڙ جيتُ جئين
چوٽيءَ تي پوئين پَنَ مٿان
(آ جنهن ۾ جَڙَ جي سَگهہَ اجان)
پاتاار ڏسِي، پولار ڏسِي
سو تِم تم ڪارونيار ڏسِي
آ هر شيءِ جنهن جي گهيري ۾
ڪنهن آدِي جوت انڌيري ۾-
(لڙيو سج لڪن ۾، 679)

طوفان کي اڪثر ڪري علامت ۽ استعارو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. جڏهن انقلاب جو وقت هجي، سماج ۾ جدجهد جي لهر جاڳي، ماڻهو جفاڪشي ڪري طوفان وانگي دهشت ناڪ منظر پيش ڪن تہ پوءِ اهو علامت بڻجي ويندو آهي. يا جڏهن ماڻهن جا هجوم ڪا هلچل ڪن، گوڙ گمسان وڌائن تہ ان کي طوفان سان ڀيٽيو يا اصلاحي طور پيش ڪيو ويندو آهي. هونئن طوفان تيز ۽ دهشت ناڪ هوا کي چيو ويندو آهي. جنهن سان هر جاندار جا عضوا ڪانڊارجي ويندا آهن. انهيءَ جي دهشت جي منظر کي شيخ اياز محسوس ڪندي هن ريت بيان ڪيو آهي:

*

نيٺ اُهو طوفان اچي ويو
جنهن جِي وڻ وڻ جي ڇاتيءَ ۾ ڪنبڻي هُئي!
ڪيڏي آ گجگوڙ گهٽا ۾،
ڪاريءَ ٻوڙان ٻوڙ گهٽا ۾،
اُتَرِ ڏکڻِ وِچ وراڪا
چوڏاري چمڪات هوا ۾،
وستيون ساريون واڪا واڪا
تارين جا تڙڪات هوا ۾،
پاڙُن تائين ڏار ڏکن ٿا
پرلئہ کان پاتار ڏکن ٿا:
ڏيان اندر ڏڏڪار ائين جئن،
چولين جا چلڪات هوا ۾،
سارا سمنڊ پٽڻ کو چاهي
ايڏي اُجَ اُسات هوا ۾:
ڪيڏي اُبَ ولوڙَ گهٽا ۾
ڪاريءَ ٻوڙان- ٻوڙ گهٽا ۾!
(لڙيو سج لڪن ۾، 401)

فطرت جو تفصيلي ذڪري جديد شاعريءَ ۾ جهڙي نموني شيخ اياز ڪيو آهي، شايد ئي ٻيو

ڪو ان وانگر ڪري سگهي. هو فطرت جي انتهائي حساس منظرن کي سامهون آڻي ڏاڍيون پيار پريون تصويرون چُٽي پيش ڪيون آهن.

اندلٺ جن تي ڪتي ٿي، سي ٻٻُر ڦلڙيون تہ ڏِس!
وَن ڏس وٽر اهہ جا!
ائن اُتي جو واءَ تِن تي، جِسُ ٻُلي جيئن جِسُ،
وَن ڏس وٽر اهہ جا!
اوچتو ڪڪريون هَٽائي آهہ نڪتو سج سِسُ.
وَن ڏس وٽر اهہ جا!
لڙڪ آڻي سار ڪنهنجي، ٿي چوي مَن کي تہ ڦِسُ.
وَن ڏس وٽر اهہ جا!
(سانجهي، سمنڊ سپون، 27)

فطرت جي تجسيم انتهائي گهري ٿيل آهي. شيخ اياز شاعريءَ ۾ صرف فطرت سان ڳالهائڻ يا فطرت جو شاعر سان ڳالهائڻ تہ عام طور تي بيان ڪيو آهي. پر جڏهن فطرت خود سوچي ٿي، هوءَ ڇا چاهي ٿي؟ ان جي پيڙاءَ، ان جو فڪر شيخ اياز محسوس ڪري منظرنگاري ڪئي آهي. انهيءَ فطرت جي سوچ ويچار مان زماني جي شڪل ۾ سماجي احساس پڻ واضح ٿين ٿا:

هي نيرو آڪاس مٿان آ
آڌيءَ راتِ اَڪنڊُ!
راج ـ گهاٽ تي چنڊُ
بينو سوچي ٿو.
ڌرتيءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آ؟
ڏنڊُ بہ ايڏو ڏنڊُ!
راج ـ گهاٽ تي چنڊُ
بينو سوچي ٿو.
(راج گهاٽ تي چنڊ، 31) [42]

فطرت جي منظرن کي بيان ڪرڻ ڪانپوءِ شيخ اياز فطرت جي اهڙن منظرن کي پيش ڪيو آهي، جيڪي معاشري سان ملن جلن ٿا، يعني اهي اهڙو ڏيک پيش ڪن ٿا جو معاشري جي اهميت ۾ حقيقت واضح ٿئي ٿي. گڏوگڏ فطرت جو انوکو ۾ قسمتي ايندڙ ڏيک سامهون اچي ٿو. جو فطرت شين ۾ اٽڪيٽي ڳالهہ يا واقعا ٿين ٿا.

هي ڪهڙو بسنت آهي؟
پنن تي ماڪ موهيڙن وانگر لڳي رهي آهي!

پکين جا پَرَ
هڪبئي کي
ڪٽنچين وانگر ڳٽي رهيا آهن؛
(راج گهاٽ تي چنڊ, 163)

جدوجهد ۾ اڳتي ايرڻ هر جديد شاعر جي ڪلهي تي وينل ٻار جيئان آهي، جنهن کي هر موڙ تي سنڀاليندو ۽ خبردار ڪندو اڙانگا رستا پار ڪري منزل تي رسائي ٿو. شيخ اياز به ان ٻار (جدوجهد) کي فطرت جي عنصرن سان پيٽيندي، نئين جاڳرتا ۽ اميد جا ڪرڻا ڏيکاريندي منزل تائين پهچايو آهي. هن فطرت جي اهڙن عنصرن جو استعمال ڪيو آهي جو اهي اڳتي هلي علامت ۽ استعارو بڻجي وڃن ٿا:

رات سان رُوح نہ وِندراءِ، اِجهو باک ڦُٽي،
لاک لوئيءَ تي هنئين آهہ، اُفق ڄڻ تولاءِ!
(چنڊ ڳليون, 69)
هر نئين رات نئون صبح اُياري پيئي،
ڪيئن ڇئجي تہ اهو سلسلو ڪيسين هلندو!
(چنڊ ڳليون, 142)

شيخ اياز نثري ٽڪرن ۾ نظمن گڏوگڏ آزاد نظمن ۾ ڪمال جي رواني‌ءَ سان فطرتي منظر پيش ڪيا آهن. لفظن جي چونڊ ۾ انهن جي ادائگي شاعريءَ ۾ سونهن ۾ فطرت جي رنگن کي جان بخشين ٿا. اياز شاعريءَ جي فن کان چڱيءَ ريت واقف هو، انهيءَ ڪري اها خوبي هر گهاڙيٽي ۾ شامل ڪئي آهي. ۾ اها خوبي انفراديت جو باحث بڻجي بيٺي آهي. اهڙي خاصيت بابت سراج 'چَنڊُ چَنبيليءَ وَلِ' جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

"اياز جي سڀ کان وڏي شاعراڻي خوبي اِها آهي، جو هن جي فڪر ۾ خيال ۾ جيڪا لطافت يا رنگيني آهي، ان لاءِ هو لفظ بہ اهڙا ئي لطيف ۾ رنگين ٿو استعمال ڪري، ۾ پوءِ ان کي گهاڙيٽو يا هيئت بہ اهڙي ٿو ڏئي، جيڪا ان خيال جي لطافت سان هم آهنگ ٿي ٿي اچي." (43)

ڪجھ فطري منظرن سان ڀريل مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

*

پيچ پنيءَ جون سُهاوٽو سمو آهي؛
اڪ جون نيرڙيون ڦلڙيون هوا ۾ لُڏي لمي رهيون آهن؛
ڪيتريءَ نہ اُڪنڊ سان

ڪيتريءَ نہ اُڪير سان
ٻُٽ جون اکڙيون بادلن کي ڏسي رهيون آهن.
هن گهڙيءَ
انهن جو رنگ
کهڙو نہ متو لڳي رهيو آهي!
ڪير ڄاڻي تہ انهن جي نَس نَس ۾ وِهَہ جهڙي
ڪوڙاڻ ڀريل آهي!

❋

پکيئڙا قطارون ڪري اُڏامي ويا،
۽ ٻَٻري جي ٽِڪَ ۾
انهن جي پرن جو پڙلاءُ
ٻوساٽجي چڪو آهي.
پريان
ڪجهيءَ جا
ڇٽيل خوشا آهن،
يا مند جون
اُداس آڱريون
جن تي ڪوئي اڪيلو وَهيو،
مُنڍيءَ جي ڪاريءَ ٽِڪ جئن،
لڙڪي رهيو آهي!
۽ شايد
انهيءَ آسري تي
رهجي ويو آهي
تہ ويساکَ
وري ايندو،
ڦوڳ ڦلاربا،
۽ پکيئڙا
پرڏيهہ تان موٽي ايندا.(اياز.25.9) [44]

❋

پُسيءَ جا ڳاڙها گل
اُفق ۾ ڏسندا رهيا _
سارو ڏينهن

نٿهڻ اُس ۾
ڪانوَ جي اک ٿي نڪتي
پر پُسيءَ جا ڳاڙها گل
اُفق ۾ ڏسندا رهيا.
هاڻي سانجهي ٿي وئي آهي
ڪانگيرا ’ڪان‘ ’ڪان‘ سان گونجي رهيا آهن
۽ هُو سامهون شفق ۾ سارو آسمان
پُسيءَ جا ڳاڙها گل ٿي ويو آهي. (پتڻ تو پور ڪري, 3) [45]

”شيخ اياز سنڌ جي ٿرن، برن ۽ مختلف شهرن جا سفر ڪري، اتان جي لوڪ رس ۽ رنگ جو سواد ماڻي، ان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ فنڪاراڻي نموني سمايو آهي. هن پنهنجي ڪتاب، ’اڪن نيرا ڦُليا‘ ۾ جهڙي نموني ٿري جيوت، اتان جي زبان، ماڻهن جي پيار ۽ پورهئي، گلن ٻوٽن ۽ فطري منظرن جا حسين عڪس پيش ڪيا آهن، انهن کي پَسي سندس ڏات ۽ ڏانءَ کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي.

ڪارونجهر تي اوڙڪون، اڄ به ساڱيا مينهن،
ها، پر جوڀن ڏينهن، رهي رهن ڪينڪي.

هوءَ ڊاڳي ۾ ڊيل جئن، بيٺي آهي ڪير؟
آئي آهه سوير، ڊِلو ڪڇي چيلهه تي.“[46]

## 4.6 تنوير عباسي

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي سڃاڻپ ۽ مقام شاعري آهي، پر ان جي تحقيق، لطيفيات ۽ سفرناما به نثر جي جان آهن. تنوير عباسي رومانوي ۽ آدرشي شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي رومانويت ڀريون جهلَڪيون موجود آهن. بلڪل هو هڪ رومانوي ۽ پيار ڪندڙ شاعر هو چو ته ان جي شاعريءَ ۾ محرومي ۽ نااميديءَ جو عنصر نه برابر آهي. امداد حسيني تنوير جي لاءِ لکي ٿو ته:

”تنوير رنگن، خوشبوئن ۽ روشنين جو شاعر آهي. هو نفرت ۽ ڪنرپڻي کي ڌڪاري ٿو پيار ۽ ماڻهپي جي پرچار ڪري ٿو. سندس شاعريءَ ۾ دائميت ۽ آفاقيت جو عنصر آهي.“[47]

ٻين موضوعن کي ڇڏي تنوير جي فطرتي ڪلام تي نظر ڦيرائي ڏسجي ته، تنوير وڻ سج، چنڊ تارا، ڪتيون، ڪهڪشائيون، ڪِرڻا، جهڙ، مينهن ڪڪر بادل، بهار، مکڙيون، گل ۽ انهن جو ٽڙڻ، شبنم، ماڪ، پريات، پنکريون، صبح، رات، سمنڊ، لهرون، ڪنارا وغيره سڀ جو سڀ شامل آهن.

فطرت جي مظهرن جا رخَ انتهائي دلڪش ۽ وڻندڙ آهن:

هڪڙيءَ خاموش ۽ ٺڏيءَ رات
هو ڏنو چنڊ مکڙين کي جنم
جڻ لهي ويو هو ڪائنات جو غم
مرڪيون مکڙيون جڏهن بہ ٿي پرڀات
هير جيئن جيئن سحر لهرائي
ماڪ مکڙين جو منهن چمڻ آئي
جڏهن روشن ٿيو صبح جو آڪاس
ڪرڻا مکڙين جو هار بنجي پيا
چٽڪ سونهري چار بنجي پيا
ٿي وئي ساري ڪائنات اداس
مکڙين جو گلو گهٽيو ڪرڻن
تن کي مرجهائي ڇڏيو ڪرڻن.
(رڳون ٿيون رباب، 43) [48]

صبح جو گلشن ۾ هڪ مکڙي ٽڙي
ماڪ موتين جي مٿس مالها وڌي
ڪجھ گهڙين لءِ جهومي مرڪي ۽ نچي
۽ هوا جي پينگھ تي ويهي لُڏي
تير تاڻيا پنهنجي ڪرڻن جا سحر
جيڪي ويا مکڙيءَ جي سيني ۾ چڀي
۽ ويو مکڙيءَ جو منهن ڪومائجي.
(رڳون ٿيون رباب، 44)

شاعر چنڊ کي شاعريءَ ۾ علامت ۽ استعاري طور استعمال ڪندا آهن. شاعريءَ ۾ رات جي تنهائيءَ ۾ چنڊ سان ڳالهيون ڪندي، پنهنجا سور سلندي، اونداهيءَ ۾ روشنيءَ کي نروار ڪندي، سمنڊ، درياءَ يا ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ ان جي ڪِرڻ جي نظاري کي پَسندي، جهالت ۾ ان کي علامت ٻڌائي، ماڻهن کي مٿي اُڀاريندي نظر اچي ٿو. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ چنڊ علامت ۽ استعاري طور قطب آيل آهي. هو چنڊ جي فطرتي نظاري کي پَسي گهڻين جڳهن تي بيان ڪيو آهي:

چنڊ گهٽو ئي سهڻو پر ڪيئن پهچي پرين ساڻ
جنهن ۾ چانڊوڪيءَ سان گڏ آ مٺي مٺي سرهان
تنهنجي اچن اجرن ۽ سهڻن ڏندن جي تہ قطار

جڻ رابيل جي مکڙين جو فطرت پوبو آ هار.
ڪوڙيءَ ول جان وڏي سدائين پرين اسان جو پيار
جيئن پراڻو ٿئي، صندل جان تيئن تيئن ڏئي هبڪار.
(تنوير چئي، 200) (49)

جي ستارن ۾ توکي لڪائڻ گهران ٿو
تہ تون چنڊ وانگر ڪِڙي ٿو پوين
توکي مکڙين جي وچ ۾ رکان ٿو تہ تون
گل جيان هڪڙي پل ۾ ٽڙي ٿو پوين.
(رڱون ٿيون رباب، 42)

ڍنڍ تي چنڊ جو چهرو
چولين پئي ڇا ڇوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

مان لهرن ۾ چنڊ ڏسان ٿو
توکي آهي پار پچڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.
(ساجن سونهن سرت، 22.20) (50)

فطرت سان مشابهت هر عام و خاص شاعر جو مشغلو آهي. جنهن وٽ بہ فطرت جي ڄاڻ آهي اهو فطرت جي هڙني قسمن ۾ رکَن کي ڪنهن نہ ڪنهن ريت استعمال ڪري پنهنجي جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪري ٿو. اهڙو اظهار تنوير عباسيءَ بہ ڪيو آهي. پر فطرت جون اهڙيون تہ حسين ۽ دلڪش تشبيهون ڏنيون آهن جو منظر چٽا ٿي عڪسن بڻجي وڃن ٿا:

منهنجي لڙڪن جي اونهي پاڻيءَ ۾
تنهنجي صورت ڪنول جان آئي تري.
(رڱون ٿيون رباب، 96)

تنهنجيون اکڙيون مکڙيون،
منهنجا ڳوڙها ماڪ،
ڪڏهين ٿيندو تن جو ميلاپ.
(ساجن سونهن سرت، 27)

ڍنڍ جي منهن تي سندءِ نيڻن جيان،
آهي ڪيئن نيل ڪمل ويو لڪجي.
(ساجن سونهن سرت،50)

جيئن ساوڻ جي موسم سَرهي اچي

مينهن ڇم ڇم ڪري ڇير پائي نچي
مان بہ ڪڪرن جيان مست ٿي ٿو رلان
توکي ڳولڻ جي خاطر ٿو ٻوڙان ٻڪان.
(رڳون ٿيون رباب، 40)

اونداهين ڪارين راتين جان چايا آهن دکڙا من ۾
چمڪو ڏئي ۾ گم ٿي وئي آ ٽانڊاٽي جان آس انهن ۾
موت تہ ٿئي ڪو صبح سويرو
تنهنجو اکڙين ۾ آ ڪيرو
نور جا ڪرٽا نانگن وانگر منهنجي ساهہ ۾ سرندا رهندا
تو ڪانسواءِ ڪرٽا ڪنڊن جان منهنجي هانو ۾ هرندا رهندا
دل ۾ دکڙن جو ٿيو ديرو
تنهنجو اکڙين ۾ آ ڪيرو.
(رڳون ٿيون رباب، 19)

تنوير عباسي همسفر کي سڏيندي چوي ٿو تہ، اڄ موت کان پهرين ڪجهہ ڳائي وٺون، پونئَر ٻڌجي مکڙين مٿان ڦيرائي پائي وٺون ڇو جو زندگيءَ جو ڪو ڀروسو ناهي، موت هميشہ پاڇي جيئان گڏ آهي. انهيءَ ڪري هو فطرت جي نظاري مان مثال کڻندي، زندگي سان ڀيٽ ڪئي آهي. ماڪ جي ڇا عمر هوندي آ؟ انهيءَ سان زندگي کي تشبيهہ ڏيڻ ٻڌائي ٿو تہ زندگي واقعي ۾ ڪجهہ پل آهي. جيترو ٿي سگهي ان مان مزو ماڻي ونجي. پر گڏوگڏ ماڪ ۽ هير ٻڌجي سماج کي ڪجهہ ڏيئي وٺون، ڇو تہ زندگي ڪجهہ پل آهي:

روح ريجهائي وٺون اڄ تہ ڪجهہ ڳائي وٺون
پونئَر ٿي مکڙين مٿان ڦيرا ڪجهہ پائي وٺون
ماڪ ٿي گلڙن جو منهن ڪجهہ تہ چمڪائي وٺون
هير ٿي گلزار ۾ ڪجهہ تہ لهرائي وٺون
اڄ تہ لنو لائي وٺون موت کان اڳ ۾ سڄڻ.
(رڳون ٿيون رباب، 47)

تنوير عباسي مقامي ماحول جي اردگرد ڦرندي فطرتي نظارا پيش ڪري ٿو. هو ڦٽيون چونڊيندڙ کي جڏهن ڏسي ٿو تہ ان جي ڦٽين کي فطرت جي حسين رنگن ملائي انمول ٻڻائي ڇڏي ٿو.

اوندهہ ۾ ڦٽيون ٿيون ائين جرڪن
جڻ جهرمر لاٽي آ تارن
يا اپ ڌرتيءَ تي ڦهلايو

موتين سان پريل پنهنجو دامن

جيئن چنڊ جي آئي وسامن ٽيون
تارن جون اڀ ۾ ڪئي ڏياٽيون
تيئن هن جي پلاندن ۾ هي ڦٽيون
هڪ هڪ تي وڄن ٽيون گم ٽيندين.
(رڳون ٿيون رباب، 52)

تنوير عباسيءَ وٽ رات جا ڏيک، آسماني نظارا ۽ پرهه جا پهر عام جام ملن ٿا. هو مقامي يا عام روايتي منظرن کي فطرت ذريعي بيان ڪري ان کي اعليٰ مقام ۽ شرف بخشيو آهي. جيئن ننڍڙا ٻارڙا رانديون رچندا آهن تيئن تنوير به محبوب کي سڏيندي تنوير ۽ گلڙن سان رانديون رچائيندي فطرت جي منظرنگاري پيش ڪري ٿو:

آ چنڊ سان راند رچايون
لهرون تي ۽ هنج ۾ پنهنجي چانڊوڪيءَ کي لوڏيون
بادل ٽيون ۽ اُڀ ۾ چنڊ جي منهن کي لڪايون کوليون
اچ ته چڪور جيان من کي پنهنجي هاٽي چنڊ ڏي اڏايون
آ چنڊ سان راند راچايون
آ گلڙن سان لنو لايون
هير تي ۽ پريات جو پنهنجيون جهوليون پريون خوشبوءَ سان
ماڪ تي ۽ کي رنگ چورايون مکڙين جي ته ٻِلن تان
پونئَر تي گل گل جي چوڌاري ڦيرا هر هر پايون
آ گلڙن سان لنوَ لايون.
(رڳون ٿيون رباب، 23)

جديد شاعريءَ ۾ صبح کي علامت طور استعمال ڪيو ويو آهي. تنوير عباسي ان جي اپرڻ جو تمام شاندار مثال پيش ڪيو آهي. هو فطرت جي ٻين عنصرن کي انسان جي ننڊ مان اٿڻ واري نظاري کي پيش ڪندي، ساٿي کي ٻڌائي رهيو آهي ته صبح دور ناهي ساٿي. اوندهه ختم ٿيڻ واري آهي، ٿوري همٿ ڪر. تنهنجي همٿ سان آهستي آهستي صبح جا پهر نروار ٿي رهيا آهن. ۽ ٻئي نظم ۾ صبح جي هير جو نظارو چُٽيو آهي:

ڏس ته شفق مان صبح سياڳو
ڪر موڙي آ ننڊ مان جاڳيو
نور جو پهريون پهريون ڪرڻو

اونداهين جو سينو چيري
وڏندو اچي ٿو ڏيري ڏيري
چاڻ وسي ٿو نور ساٿي
صبح نہ آهي دور.
(رڃون ٿيون رباب, 27)

هير جي وِير هر هر چڙهي صبح جو
جيئن پپر جي پنن کي ڏڪائي ڇڏي
جيئَن اسر جو ٿڏي هير ٿڏڙا ڪيڍي
هلڪڙيون هلڪڙيون ڪتڪتايون ڪري
(رڃون ٿيون رباب, 41)

تنوير عباسي پنهنجي پاڻ کي پوئين پهر جو ڏيئو سڏيندي , وهائو تاري جو آڏرياءُ ڪري ٿو. وهائو تارو پرهہ ڦٽيءَ تائين چٽو ۽ ظاهر بيٺو هوندو آهي. جنهن کي ڏسي پراڻي زماني ۾ ساموندي سفر ڪيو ويندو هو. پر هتي تنوير زندگيءَ جي پڇاڙيءَ واري حصي جي ڳالهہ ڪري رهيو آهي. ٻئين ۾ پاڻ کي ڇٽندڙ پن سان ڀيٽيو آهي. جيڪو چيٽ جي ڦوتهڙي ۾ ڇٽي ٻيهر نئون سئنون ڦٽندو آهي.

پوئين پهر جو ڏيئو آهيان,
آءُ وهائو تاري جو
آدرياءُ ڪريان ٿو.

مان آهيان ڪو ڇٽندڙ پن,
چَيٽ جي ڦوتهڙي جو
آدرياءُ ڪريان ٿو.
(ساجن سونهن سرت, 99)

تنوير سچ جي اپرڻ خاطر سڄي ڪائنات جي بيتن وسائڻ واري آفاقي حيقيت کي واضح ڪندي خوبصورتيءَ سان انوکو ڏيک پيش ڪري ٿو.

هڪڙي ئي سچ کي روشن ڪرڻ لئہ
تارن جون ڪيئي شمعون وساٽيون.
(رڃون ٿيون رباب, 73)

## 4.7 استاد بخاري

استاد بخاري وڏي شان ۽ مرتبي وارو عوامي شاعر آهي. استاد سنڌ جي انهن مشهور شاعرن

مان آهي، جيڪي عوام ۾ گهڻي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. جن جو ڪلام هر وستي وستي واهڻ واهڻ، عام توڻي خاص، ننڍي توڻي وڏي، ڪڙمي توڻي ڪاسبي، عاشق توڻي معشوق، محفلن توڻي مجلسن ۾ پڙهيو ڳايو ۽ ساراهيو ويجي ٿو. استاد بخاري شاهه لطيف وانگر عوام جو پسنديده شاعر آهي. هن عوامي ماڻهن سان ويهي، عوامي ڳالهيون، قصا ۽ ڏک تڪليفون ٻڌي شاعري ڪئي آهي. ڪتاب "اوتون جوتون" ۾ انهيءَ ڳالهه جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته: "مون سڄي زندگي مارن سان ملي محفلن مچائڻ، ميدان ملهائڻ جو پڪو پهه به ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ سوچڻ، لوچڻ، ڳالهيون ڳرهڻ جو پڻ ـ ـ ـ ـآءُ اوهان سان ڳالهائيندس پر شاعريءَ ۾." (51) جنهن شاعر جي من ۾ وچن ٽيل هجي، ته جيئڻ به مارن ۽ عوامي ماڻهن لاءِ ته مرڻ به انهن لاءِ، لکڻ ۽ لوچڻ به انهن لاءِ. "استاد پنهنجي سموري علم، دانش ۽ آرٽ باوجود ابوجهه، اڻ پڙهيل، غريب عوام جو شاعر هو ڇو جو هو انهيءَ عوام جي وچ ۾ زندگي گذاريندڙ شاعر هو ۽ اها ئي عواميت ۽ لوڪ پسندي، هن جي لفظ لفظ، سٽ سٽ ۾ آهي." (52)

استاد بخاري وٽ انيڪ موضوع ملن ٿا. انهيءَ سان گڏ فڪري سوچ، صلاحيت، غور و ويچاريل ۽ چنڊيل ڇاٽيل سماجي خيال، عشق جون اونهايون، جدوجهد ۽ اڳتي وڌڻ، حسن جو جلوو ۽ ساڀيا، رومانويت سان گڏ جماليات عام جام ملي ٿي. استاد سونهن ۽ سوڀيا جو هميشه متلاشي رهيو آهي، ان ڪري شاعريءَ ۾ اڪثر هنڌن تي حسن و جمال جا موضوع ملن ٿا. استاد جي ٻولي انتهائي عام فهم ۽ سادي سلوڻي آهي. ڪجهه هنڌن تي نج ٻهراڙيءَ جا لفظ استعمال ڪيا آهن جيڪي ڪلام ۾ رواني‌ءَ سبب هندجي وجن ٿا. استاد جي ٻوليءَ بابت علي دوست عاجز لکي ٿو ته:

"استاد ذات جي ڏيهه ۾ نه رڳو لفظن جو عيسيٰ هو جنهن لفظن ۾ جان ۽ سِٽُن ۾ ساهُ وڌو، پر تخليق جي هڪ موج واري مرحلي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي دور جو مسيحا بنجي ويو جنهن نه رڳو شاعريءَ ۾ مسيحائيءَ جا معجزا ڏيکاريا، پر پنهنجي تخليق ۾ پاڻ به امر بنجي ويو." (53)

استاد جي ٻوليءَ موضوع ۽ فڪر بابت الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته:

"استاد سولي ۽ سلوڻي سنڌي جي انداز ۽ ڍنگ ۾ پنهنجي فڪري قوت ڀري، ان ۾ شاعري جون قوتون وڌيون آهن. ۽ مان يقين سان چوان ٿو ته ٻولي جي معصوميت، اثرائتي استعمال ۽ بيان جي رواني واري خصوصيت استاد جي مقابلي ۾ اسان مان مشڪل ڪنهن وٽ ملي... استاد جي شاعري قوم لاءِ نهايت ڪمائتي ۽ انتهائي جديد پڻ آهي. جنهن جا موضوع انسانيت جي عّظمت، انسان جي همٿ، قوت، تعميري صلاحيت کان سواءِ انساني دک درد، ڏولاوا، سور سڪرات، پيڙا ڏيکاريندڙ ڀرپور تخليقي صلاحيت جا پرتو آهن." (54)

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت جي ڳالهہ ڪجي تہ شروعاتي دؤر ۾ فطرت جون جهلڪيون پوريون ساريون ملن ٿيون. اڳتي هو فطرت جي ڪيترائي نمونا شامل ڪري پنهنجي مقصد ۽ مراد کي چِٽو ڪري پيش ڪيو آهي. هن جي سيني صنفن ۾ فطرت جي دلفريب عڪاسي ملي ٿي. هن فطرت جي تفصيلي ذڪر سان گڏ فطرت جي تجسيم ۽ فطرت سان مشابهت ڪئي آهي. هن اڪثر ڪري غزلن ۾ فطرت جي منظرڪشي ڪندي پنهنجي ڳالهہ جي مفهوم کي چٽو ڪري پيش ڪيو آهي. گهڻي ڀاڱي مقامي واقعن ۽ حالتن کي فطرت جي گهرائيءَ سان ڀري پيش ڪيو آهي. هن عام ڪان عام واقعي ۽ ڳالهہ کي فطرت جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلوءَ سان جوڙي پيش ڪيو آهي:

هزار پيرا ڳڪر ڳرم جو اُتو هيو.
اجا بخاري قسم ڪٽين جو اُجو هيو.
سُتا ستارا، هَوا هنيان ڪونگهرا مگر،
الائي ڪاٿي ٻهيو تہ پئي ٿي، ڪُتو هيو.
(گلدستي ۾ گيت، 100) [55]

شاعريءَ ۾ تشبيهہ ۽ استعارو شاعر جي خيال ۽ احساس جو سهارو ۽ شاعريءَ جي سونهن هوندو آهي. ڪو بہ اهڙو شاعر ناهي، جنهن پنهنجي ڪلام ۾ ڪا نہ ڪا تشبيهہ يا ڪو نہ ڪو استعارو استعمال نہ ڪيو هجي. استاد بہ انهيءَ مان لاڀ حاصل ڪري پنهنجي من جي گهرائيءَ کي ان ۾ سمايو هوندو. استاد هوندي تہ ڪيتريون ئي سهڻيون تشبيهون استعمال ڪيون آهن، پر جي استاد جون فطرت سان جڙيل تشبيهن جي ڳالهہ ڪجي تہ انتهائي دلڪش، خوبصورت ۽ نراليون نظر اچن ٿيون. گڏوگڏ استعارا پڻ خيال ۽ جذبات جي سونهن ۽ سندرتا کي بالا تر بڻائين ٿا.

منهنجون اکڙيون ڪاريون ڪڪريون،
تنهنجو سينو جاڙيون ٽڪريون،
نينهن نيارو ڏيک نرالو.
(اوتون جوتون، 62)

ڦُڙا ملندا ڦُڙن سان، وڏندي وڏندي بحر ٿيندا سين،
اسين مظلوم ٿي درياءَ وهنداسين، وهڻ ڏسجو!
(خوبصورت خيال جا سپنا، 24)

وئي ڳتي ڪيڏي تہ ڪاڏي ڪهڪشان،
جڻ ڏهاڳڻ جا ٻهي پيا هار۔ مانگ.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 30)

ڪڪريون حَسين چلڪٽا تارا ڳهڻ لڳيون،

ڦولار ڄڻ تہ سرنهن جي، ٻڪريون چري ويون.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 257)

ڪي ڪي وارَ ڳڳرَ جون ڇائون،
ڪي ڪي ڄڻ ڪاريهر وانگر.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 282)

آس هڪ ايري تي پئي، پر پوهہ جي سورج جيان،
روشني، سردي وڏي ڪئي قيد ڪوهيڙن ۾ آ.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 298)

ڪِلي، خزان ۾ نچن بهارون، رُئي تہ چيرون ۾ اوچنگارون،
رُسي تہ ويو ڄڻ ڪڪر اُڏامي، وَسي تہ هُن جو حساب ناهي.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 438)

انسان فطرت جو انتهائي اتم ۽ اعليٰ شعور وارو حصو آهي. جنهن جي سگهہ فطرت جي ٻين عنصرن کي پرکڻ، سمجهڻ ۽ ياڳي ياڻيوار ٿيڻ ۾ مدد ڪري ٿي. هو انهيءَ (فطرت) جي ڪنهن نہ ڪنهن ريت اصلاح چاهي ٿو. هو چاهي ٿو تہ هر هڪ جاندار ۽ بي جان شيءِ جو اپياس ڪري ان جي سار سنڀال لڏي وڃي. ان سان ٿيندڙ نا انصافيون ۽ تڪليفون هر هڪ محسوس ڪري ان جو خير خواه ٿئي ۽ آيل مصيبت کي حل ڪري پوءِ اها مصيبت جاندار يا غير جاندار سان هجي ان جو سندس ڏک هئڻ کپي. هو اهڙي پسمنظر کي ذهن ۾ رکي مقامي ماڻهن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. استاد فطرت ذريعي حقيقت پريا منظر ڏيکاري ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو آهي. نموني طور ٻہ قطعا پيش ڪجن ٿا:

ها، ماڪ سان گڏ نير وهائي ڪوئي!
۽ واءَ سان گڏ ڏوڙ وسائي ڪوئي!
انسانيت آهي ڪُني انسانن خود،
ماتم ملي فطرت سان مچائي ڪوئي.
(بخاريءَ جا قطعا، 10)

رڻ پٽ هُجي تہ نيڪ آ، صحرا هجي تہ وهوا،
سوڙهين گهٽين ۾ گهُلندي، طوفان ٿو لڄي ٿئي،
درياهہ، مينهن، ٻوڏون ٻوڙين ڳالهہ ٻي آ،
پنهنجي پَگهر ۾ ٻُڏندي، انسان ٿو لڄي ٿئي.
(بخاريءَ جا قطعا، 176)[56]

استاد اڳتي ايرڻ، هٿن تي هٿ رکي ويهڻ کي پسند نہ ڪيو آهي. هو چئي ٿو اوهان جي چاهيو

ٿا تہ جدوجهد ڪري اڳتي وڌون تہ توهان کي ڪوڙ ماڻهو ملندا جيڪي اوهان کي منزل تي پڄائيندا، جيئن سمنڊ کي ڪنارا هوندا آهن، جبلن کي گس هوندا آهن ان طرح منزل تي رسائڻ وارا بہ هوندا آهن. انهيءَ سان گڏ هڪڙو ٻيو قطعو ملي ٿو، جنهن ۾ فطرت جي نظاري ۾ هر دؤر جي هر ديو کان ڪانہ ڪا سوغات وٺڻ جي ڳالهہ ڪندي، هن دؤر جي ڌرتيءَ جي دودي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙا ٻئي قطعا هيٺ پيش ڪجن ٿا:

سمونڊن کي هوندا ڪنارا بہ آهن.
پهاڙن ۾ ووڙيو تہ چارا بہ آهن،
جي جرڪي جيئڻ جو پڪو فيصلو آ،
تہ هن جوءِ ۾ جيءَ جيارا بہ آهن.
(بخاريءَ جا قطعا، 24)

اڌ رات جي اوندهہ کان پرڀات وٺون ٿا.
گهمسان ۾ گجگوڙ کان برسات وٺون ٿا.
هر دور جي هر ديو کان هن ديس جا دودا،
مجبور ڪري ڪانہ ڪا سوغات وٺون ٿا.(122)
(بخاريءَ جا قطعا، 111)

استاد وٽ رڄ ۾ سڄ جهڙا خيال عام آهن. هو لڇڻ ۾ تڙپڻ کي انتهائي گهرائيءَ ۾ ڏيکاري ٿو. فطرتي نظارا بہ ان قسم جا نظر اچن ٿا. هو فطرت جي دردناڪ منظرن کي ڏسي وائسي پوءِ لکي ٿو. هن وٽ فطرت صرف ۾ صرف ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ کي حالت ۾ اشاري طور استعمال ٿيل نظر اچي ٿي. جيئن:

سورج جو ناهيرو ڪوڙي،
رُڃ جو ڪير ٿي سڄ ولوڙي،
تاسَ تڪيءَ جي آس تہ ڏس هو،
ريت تتيءَ تي اُس ٿي ٻوڙي!
(بخاريءَ جا قطعا، 37)

استاد جي فطرت ۾ ڪنهن ڪنهن مهل دهشت ڀري فطرت تجلا ڪائيندي نظر اچي ٿي. هو نرميءَ جو پهلو جهلي بہ جڻ نہ ٿو جهلي سگهي، ڇو جو ان دؤر جون اهي تقاضائون هيون ۾ شاعر جو من همشيہ سمنڊ جي ڇولين جيئان هوندو هو. ڪنهن وقت مانيڙو تہ ڪنهن وقت تيز طوفاني. استاد بخاري پنهنجي ڌرتيءَ جي مشهور عوامي ماڻهن سان گڏ انقلابي ماڻهن تي پڻ شاعري ڪئي آهي. جنهن ۾ ان جي سوچ جو محور اهو طوفان هيو جنهن ان (انقلابي) شاعريءَ ۾ دهشت ۾ دردناڪ منظر

جوڙي پيش ڪيا. هو روپلو ڪولهيءَ جي بهادري، دليري ۽ سورهيائي تي لکندي، منڍ ۾ ئي جنگ جي دهشت کي فطرت جي خوفناڪ نظاري سان ڀيٽي پيش ڪيو آهي:

زلزلو:
ڀُونءِ تي باهيون ڳهُليون-
ٽانڊا وٺا.
بجِليون ڪڙڪي ڪريون-
اوٺر اٿيا.
ڳڪريون ڇِرڪي لِڪيون،
ڊوڙيا ڪڪر.
سامهون ميدان ۾ باقي بچيا ڀربت، ٽَڪر،
پارڪر جا ڀُٽ، ڪارونجهر جا ڦَرَ. (ذرتي سرتي، 63) [57]

استاد ماڻهوءَ سان مخاطب ٿيندي، فطرت جي منظرن جا مثال ڏيندي سوال ٿو ڪري تہ سج تي ڪڪر، ڄَر مٿان ڄارو آخر ڇو آ؟ اهي شيون ڇا جي ڪري ٿيون آهن. هتي فطرت جو مشاهدو ماڻهي، سماج جي تماشن ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

سوچ- سِج تي ڪو ڪڪر ڇايو آ ڇو؟
ڄَر مٿان ڄارو الا، ڄايو آ ڇو؟
"لاک لاهيو سجَ جي، ابتو ٽنگيوس"،
باکَ، ڳاڙهو ڳيچ هن ڳايو آ ڇو؟
(گلدستي ۾ گيت، 120)

استاد فطرت جي تجسيم تي بہ شاعري ڪئي آهي. يعني ڪڏهن فطرت جي زباني تہ ڪڏهن پنهنجي زباني ڳالهہ ٻولهہ ڪري فطرت جي تجسيم کي ظاهر ڪيو آهي. هو فطرت جي اهڙيءَ طرح ڳالهہ ڪري ٿو جڻ سماج جو ڪو نہ ڪو پهلو اجاگر ٿي بيهي ٿو. فطرت جي زباني سماج جي عڪسيت ۾ تڪليف جو پهلو منظر کي جان بخشي ٿو. ڪنهن ڪنهن مهل پاڻ فطرت سان ڳالهائيندي هدايت ڪري ٿو ۽ پرين ۾ سماج جي لاءِ پنهنجو آئيڊيل ماحول جوڙي ٿو:

ڪڪري ڪڪري رنو، ٽڪري ٽڪري ڀِني،
واءِ، سهڪي ڇيو : ڪنهنجا ڳوڙها اُگهان!
(اوتون جوتون، 153)
جي منجهر جون مجبور ڇوليون ڇون ٿيون:
اباٽا اياٽا اپالا بہ آهن.
(اوتون جوتون، 157)

هوا کي چئو پرين جي گهر گهڙي، آهستي آهستي،
ٻڌي ٻانهون جهُڪي خوشبو چمي، آهستي آهستي.
ڪڪر پرتي هتو هاڻي تہ ڪا تارا زيارت ڪن،
پري ٽيو روشني پيرين پوي، آهستي آهستي.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 346)

استاد نہ صرف فطرت کي ڳالهہ ٻولهہ، تشبيهہ ۽ استعاري طور استعمال ڪيو بلڪ فطرت جي نظارن ۽ مظهرن مان متاثر ٿي پڻ شاعري لکي آهي. هن وٽ فطرت جو تفصيلي ذڪر بلڪل ئي نمايان ۽ مختلف آهي. هن اهڙا تہ منظر جوڙي پيش ڪيا آهن جو من کي سرور ۽ سڪون بخشين ٿا:

هوا ۾ ڳاڙهي گلاب جي بوءِ، سڄي ڪٻي ڪان اڇي رهي آ،
نظر نظر ۾ نچي رهي آ، خوشي خوشيءَ جو نکار بنجي.
ڪنول، هزارو عقيق ٿهڪيو رتن، چنبيلي، گلاب مهڪيو
پٽي پٽي ڪير چا پٽيندو، ٻٽي ٻٽي وئي قطار بنجي.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 132)

مُند، مينديءَ کي آهي ڇهڻي پئي،
هير، خوشبو ڪٽي ٻکي آهي.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 446)

مکڙي وهنتي ماڪ ڦڙي سان،
پوپٽ پَرَ سان ڍڪجي ٿي پئي.
(خوبصورت خيال جا سپنا، 453)

گل ڦل سهڻا جهر مر جهرڻا،
جيڏانهن ڪيڏانهن جلوه جاري،
(خوبصورت خيال جا سپنا، 690)

## 4.8 امداد حسيني

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ امداد حسيني انهن نامور ۽ مشهور شاعرن مان آهي، جن جي شاعري مٿانهين ۽ بلند درجي واري آهي. اصل ۾ امدا علمي ۽ ادبي دنيا ۾ گهڻ رخي شخصيت آهي، پر ادبي دنيا ۾ ان جي سڃاڻپ شاعر طور گهڻي مقبول آهي. امداد جي ڪلام ۾ جديد دؤر جا تقريبن سڀ پهلو نظر اچن ٿا. امداد جي شاعريءَ ۾ انيڪ موضوع ملن ٿا، جيئن: سياسي، سماجي، انقلابي، اصلاحي ۽ جدوجهد سان ڀريل، نئين اميد، پيار جا جذبا، محبوب جي ساراهہ، عام ماڻهن جي زندگي ۽ انهن سان ٿيندڙ رونما خوبصورت منظر، گڏوگڏ قومي احساس ۽ جذبا ملن ٿا. هو جديد دؤر جو انوکو رومانوي

شاعر آهي، جنهن جي لاءِ قمر شهباز ”ڪرڻي جهڙو پل“ ۾ لکي ٿو ته:

”امداد بنيادي طور رومانوي شاعر آهي. هن جي لفظ لفظ، سٽ سٽ، بند بند مان رومانيت جو هڳاءُ اچي پيو. سندس لهجو ٽڏو، ڏيمو ڇهندڙ ۽ سڌو (Direct) آهي. ائين جيئن چڻ ڪو ڳرانڙي پائي پيو ڳالهائي. ڪن ۾ هوريان هوريان سُريلي سُس پس پيو ڪري، سندس وار سنواري، تڪي نهاري، پنهنجي مخصوص مُرڪ جي گهراين ۾ لڙڪ لڪائي، من ئي من ۾، ڪڏهن پنبڻن کي، ڪڏهن پيشانيءَ کي، ڪڏهن ڪاڏيءَ جي تِر کي، پنهنجن واراسيل ٽتل چپن سان پيو چمي.“ (58)

فطرت جي ڳالهه ڪجي ته امدا فطرت جي هڙني عنصرن کي ڪنهن نه ڪنهن ريت پيش ڪيو آهي. هو فطرت سان ڪڏهن ڳالهيون ڪندي ته ڪڏهن ان سان پيٽ ڪندي نظر اچي ٿو. هن وٽ فطرت جون تشبيهون ۽ استعارا ملن ٿا، پر ڪنهن ڪنهن هنڌ فطرت کي علامت طور به قطب آڻي ٿو. هو فطرت جي ڪنهن اونهي اسراز جي نه بلڪ سادي ۽ سهڻي منظرن جو مشاهدو ماڻي پنهنجي احساس کي پيش ڪري ٿو. امداد مقامي ماحول جي منظر نگاري ڪندي فطرت جو اظهار ڪري ٿو. هن کي فطرت جي ويجهو آڻڻ وارو محبوب يا پرين آهي، جو ته ان طرفان حاصل ٿيندڙ خوشي، اهنج، ميلاپ ۽ وڇوڙو ۽ انهن ڪيفيتن سببان نڪتل ڪيئي شعر، جن ۾ فطرت سان ڳالهيون، پيٽ ۽ مظهرن جا رنگ بيان ڪيا آهن.

انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي خواب ۽ سپنا ڏسندو آهي. انهن جي لاءِ جدوجهد ڪندو آهي جڏهن ملي ويندا آهن ته همسفر ۽ عزيزن سان ونڊي خوشي ملهائيندو آهي. اهڙا سپنا جڏهن امداد جا پورا ٿيا ۽ جن ۾ محبوب جا به سپنا سمايل هئا. ته انهن کي خوشيءَ ۾ جهونگاريندي، فطرتي عنصرن سان تشبيهون ڏنيون آهن. هو خوشيءَ جو اظهار ۽ من جي سرهائيءَ کي ظاهر ڪري رهيو آهي.

تنهنجا منهنجا
منهنجا تنهنجا
سپنا ٿي ويا سَچُ سمورا
ٿي ويا پورا گيت اڌورا
تارن وانگر سُرَ چڙي پيا
مُکڙين وانگر ٽهڪ ٽڙي پيا
ڇُلڪي پيو آ چنڊ ساغر
اُٿلي پيو آ سڪ جو ساگر

(ڪرڻي جهڙو پل, 25)

امداد جي شاعريءَ ۾ خوبصورت تشبيهون ۽ استعارا شامل جن ۾ فطرت جون حسانڪيون, رنگينيون ۽ خوبصورتيون شامل آهن. هو فطرت جي نرم ملائم منظرن کي پيش ڪندي, ڪماليت کي پهتپ آهي. هن وٽ فطرت جا مشابهتي رنگ موضوع ۽ خيال کي ڪمال بخشيندڙ آهن. هو انهن چند فطرت جي شاعرن مان آهي جيڪي فطرت جي انوکن منظرن کي, ڪنهن پياري شيءِ سان پيٽيندا آهن:

ڪَتِي, تيڙُو تون, سِو, چندُ بہ تُون
نئن, نهر, ندي تُون, سمندُ بہ تُون
منهنجو ناز, نياز, گُهمندُ بہ تون
مان نُوري, تون ئي جام سَمُون
بس تون ئي تون!
(هوءَ, 127) [59]

آءُ تہ تَڏڙي چانوَ ڪيانءِ, آءُ تہ لهون بِئي لائَوَ
جڻ تہ آهيان وَڻُ, ڦَٽا ٿم گَونچ, جهليو ٿم پُورُ.
(ڪرڻي جهڙو پل, 37)

آءُ ڏارِيندو ڏَرِيندو ٿو رهان
ڏينهَن کي ڏُونگر جِيان
رات جو جلندو رهان ٿو ڪنهن ستاري وانگِيان
۽ اُهو روشن ستارو جيئَن نيٽن ۾ لٿو.
(هوءَ, 127)

اگڻ تي ستارن جي جهرمر جي وچ ۾
جڏهن چوڏهين رات جو چندُ چڙهندو
تہ سيني سان سينو ملائي نہ سگهندو.
(امداد آهي رول, 35)(60)

محبوب يا ڪنهن پياري ماڻهوءَ يا شيءِ کان پري هميشہ تنها ۽ اڪيلو محسوس ڪندو آهي. زندگيءَ جو هر پلُ جڻ ان ماڻهوءَ کي ڪائيندو آهي. اهڙي جيون جي لمحي امداد کي بہ متاثر ڪيو. هن پاڻ کي فطرت جي شين سان پيٽي دلبر جي دوريءَ جو احساس ظاهر ڪيو آهي. هو پنهنجي پاڻ کي سڪل وڻ سان پيٽي, تنهائيءَ ۽ تڪليف جو اظهار ڪيو آهي.

تو بن جيون
جهڙو ڪر بن!

جسم هجي جڻ ٽُڙ ۽ ٻانهون ڏار
انهن تي مور رڙن ٿا
پر ڪا نيل گگن وٽ
ٻوند هجي تہ وسي!
پاتالن وٽ
اوڳاڇڻ لئہ
رات آهي
ڦٽيل سوئر جهڙي رات
چٽني پاسي وَڄَ وڄن ٿا
ڏسائن وٽ هوائون آهن
پاڳل ۽ چڙواڳ هوائون
تيز لڳن ٿيون
ڏار ڳسن ٿا
باهہ لڳي ٿي ٻن ۾
اُلا وسن ٿا
ڊُونهن دکي ٿو من ۾ (ڪرٽي جهڙو پل، 120)

”امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جي انيڪ خوبصورتين مان هڪ اهم خوبصورتي هن جي شاعريءَ جي جاندار منظرنگاري بہ آهي. امداد جي شاعريءَ ۾ منظرنگاري دراصل Miniature Painting جيان آهي. جنهن ۾ منظر جي تمام تر جزئيات کي هو نهايت باريڪ بينيءَ سان پيش ڪري ٿو.“ (61)

امداد حسينيءَ فطرت جي مظهرن کي انتهائي حَسين منظر نگاريءَ سان پيش ڪيو آهي. گڏوگڏ مقامي ماحول جي تمام خوبصورت عڪاسي پڻ ڪئي آهي. بس ۾ ويهي، جڏهن کي ڏسي ٿو تہ لاجواب نظاري کي پيش ٿو ڪري، جيڪو عام ماڻهو شايد ئي محسوس ڪندو هجي:

بس کان ٻاهر ڏيک هو، سائو سائو گاهہ،
لهندڙ سج جا ترورا، ٽِلندي ٽِلندي شام.
(ڪرٽي جهڙو پل، 45)

ٻُڏندڙ سورج، ورندڙ ڏَڻ، وڻ ٽڻ، ۽ ڇٽندڙ پن،
ڪِڙڪي بند ڪيئي، ڪسجي ويو، سيڪجهہ منظر ڪان.
(ڪرٽي جهڙو پل، 72)

محبوب يا معشوق کي فطرت سان سنواري سينگاري پيش ڪرڻ ڪاٻيءَ پونر جي عاشقيءَ جو

سبب ڄاڻايو آهي. انهن سٽن ۾ امداد پونرو پاڻ کي ڄاڻايو ٿو ڏسجي. يعني شاعر جو من فطرت طرف مائل آهي ۽ هو پاڻ کي فطرت جو جزو ڄاڻائي پنهنجي خيال کي پيش ڪري رهيو آهي. ان کان هيٺين ٽٿري نظم ۾ امداد محبوب لاءِ فطرتي عنصرن کي ظاهر ڪري ٿو جيڪي محبوب جي لاءِ مختلف رنگينيون ۽ منظر جوڙي پيش ڪن ٿا. جڏهن محبوب جي واکاڻ جي اظهار ٿي ٿو وڃي ۽ سندرتا سان گڏ سونهن اجاگر ٿئي ٿي تہ پوءِ ميلاپ جون ڳالهيون ڪندي نظر اچي ٿو:

تنهنجا ڳل ماڪ سان ڌوتل
انگ چڙهڻ رنگبرنگي ڪپڙا
سُونهن سُرهاڻ ۾ وهنتل سنهتل
نہ چُمي تو کي تہ ٻيو ڪنهن کي چُمي
سِجَ جو پهريون ڪِرڻو ڪومل
نہ پِري توتي تہ ٻيو ڪنهن تي پِري
پريت مَن پونري جي آهي پاڳل!
(ڪرٽي جهڙو پل، 50)

رات بہ تو لئہ چنڊ هٽي تي چوٽيءَ ۾
تارن جا ٿي ڦلا ٽيڙي
ڏينهن بہ تنهجي لاءِ اُپاري ٿو سورج
باغ بہ تو لئہ رنگ رنگ جا تازا سُرها گُل ٿو ٽيڙي
وَڻ بہ تولئہ ڪن ٿا ڇائُون
توسان گڏ گهمڻ جي ڪارڻ ٿيون گُهلن هوائُون
سمنڊ بہ تنهجا پيرَ چُمڻ جي لاءِ لُڇي ٿو
۽ آئون؟
تنهنجي لاءِ لکان ٿو ڪوتائُون! (هوءَ، 29)

سماج جي ڏکن دردن هونءَ تہ گهڻو ڳايو آهي پر فطرت جي ذريعي ڏاڍا تصوراتي ۽ تڪليف وارا منظر پيش ڪيا آهن. بک ۽ بدحاليءَ جو ڏيک ۽ فطرت جي عام منظر کي اصطلاحيءَ رنگ ڏيڻ امداد حسينيءَ جو ڏانءُ آهي. فطرت ۽ سماج جو اهڙو ميلاپ ڪري، ماڻهوءَ کي ان جي اندرين ڪيفيت ڏيکاري آهي تہ هو مفلسيءَ ۾ ڪيئن ۽ ڇا سوچي رهيو آهي. امداد فطرت جي اهڙي منظر جي چونڊ ڪئي آهي جنهن کي تقريبن روز پسندا آهيون. ۽ روزاني اهو نظارو ڏسندي اسان جي من ۾ انهن بک کان ماريل انسانن لاءِ قدر ٿئي ۽ انهن جي لاءِ ڪجهہ ڪري سگهون. هو انهن نظارن ۾ آس ۽ اميد سان گڏ احساس ڏيکاري رهيو آهي.

*

رات جي دانگيءَ مٿان
چنڊ جو لولو ٿقيل
اڌ ڪچو
۽ اڌ سڙيل!
۽ ستارا
ٻارَ
ٻُک ڪان پاھ
چوڌاري مِڙيل!
اوچتو ڪارو ڪڪر۔
ھڪ راڪشس
آيو۔ ۽ لولي کي ڳِھي ويو!

*

رُکي سُکي ڪائي
سمھي رھو ھاڻي
سُپاڻ ڏسنداسين
تہ سِجَ جو لولو
لِيار لامن تي
ٽنگيو پيو ھوندو!

ٻُڪئي اھو ئي آٽت
تارا اَن جا داڻا آھن
چنڊ نہ آھي چڻ جنڊ آھي
رات نہ آھي دانگي آھي
اُن تي سورج – لولو ٿقبو! (ڪرٽي جھڙو پل، 97-108-123)

## 4.9 نياز ھمايوني

نياز ھمايوني سنڌي شاعريءَ ۾ انقلابي ۽ قومي شاعر جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ھن جي شاعريءَ ۾ سماج جي گھرائي، زندگيءَ جا اولڙا، حقيقتن تي ٻڌل سماجي ڳالھيون، انقلاب ۽ جدوجھد جا جذبا شامل آھن. ھو جديد شاعرن جي پيڙھ ۾ ھڪ الڳ ۽ نمايان جاءِ والاري ٿو "نياز ھمايوني، پنھنجي فن جي انفراديت اسلوب جي جدت ۽ خيالات جي ندرت جي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ اھو مقام حاصل ڪيو آھي جو رسمي تعارف جو محتاج ناھي. سندس انقلابي ۽ قومي شاعريءَ ۾ وقت جي ڳالھ ۽ زندگيءَ جو درد سمايل ھوندو آھي. ان ڪان علاوه ھن جو ڪلام ذوق جماليات جي لطيف ۽ نازڪ، مسرت انگيز ۽ سڪون بخش پھلو تي مشتمل ھوندو آھي. پاڻ نظم جو بادشاھ آھي، ھيئت جي نون تجربن ڪندي پنھنجي معاصرين احباب ۾ امتيازي حيثيت رکي ٿو." [62]

> "نياز ھمايونيءَ جي شاعري، سندس پرخلوص شخصيت جي صحيح عڪاس ۽ پنھنجي ماحول جي سچي ترجمان آھي. ان ۾ انفرادي ۽ اجتمائي زندگيءَ جو احساس ۽ اظھار ڪنھن نہ ڪنھن صورت ۾ موجود آھي. ھن جي شاعري شاناڻتي شاعري آھي، جنھن ۾ زندگيءَ جو عرفان، انسان جي عظمت جو ايقان ۽ ان جي روشن مستقبل جو امڪان جھلڪي ٿو." [63]

نياز جي شاعريءَ ۾ فطرت جي ڳالھ ڪجي تہ ان ۾ فطرت جون ڪيترين ئي تشبيھون ملن ٿيون. پر فطرت جو تفصيلي ذڪر يا فطرت جي تجسيم جو ڪو خاص بيان نہ ٿو ملي. ھو فطرت کي

صرف ۽ صرف تشبيهن، استعارن ۽ اصطلاحن تائين محدود رکي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ انقلابي پهلو ملن ٿا، جن ۾ ڪنهن ڪنهن هنڌ فطرت طرف پنهنجا خيال ۽ جذبا ظاهر ڪري ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جي ملندڙ چند پهلوئن کي هن ريت بيان ڪجي ٿو

نياز جي شاعريءَ ۾ رواني ۽ سلاست جا پهلو هر جاءِ تي معلوم ٿين ٿا. هو دودي سومري جي منظوم آکاڻيءَ ۾ روانيءَ سان شعر جوڙيندو ويو آهي. پر هن جي انهيءَ قصي ۾ فطرت جي موضوع کي بہ ڪجهہ هنڌن تي روانيءَ سان پيش ڪيو آهي. هو علاوالدين جي لشڪر کي ڪنڊن نانگن سان ڀيٽي فطرتي شيءِ جو اظهار ڪيو آهي:

لشڪر ائين جڻ لوڌ جو لاڙو گگدامن جي گهيرن تي
وات سندن جئن ڪنڊي نانگ جي ڪاڏي ڪڙڪي ڳيرن تي
پيٽ ائين جڻ پڳڙ ٻڌي ڪو هليو پرائي نيرن تي.
(ساٽيهہ جي ساک، 49) (64)

ننگر (چنيسر جي پٽ) کي جڏهن دودي سومري پنهنجو (صلح وارو) پيغام ڏيئي چنيسر ۽ علاوالدين ڏانهن اماڻيو تہ هن (ننگر) جي خيالن جي آنڌ ماند شروع ٿي وئي. پهرين تہ پيغام ڪٽي نڪتو پر وچ رستي هن کي پنهنجي ڪويل (گهرواري) ياد اچڻ شروع ٿي وئي. هن اهيو سوچي واپس ورڻ جي ڪئي تہ ان کي پنهنجو آخري پيرو منهنڙو ڏيکاريان هان، چو جو جيڪا اکين کان ڪڏهن بہ اوجهل ناهي ٿي، اها ڪيئن اڪيلي رهي سگهندي. پر جنگ جو عالم هو انهيءَ کي ۽ پهرين پنهنجي ڌرتيءَ کي اهميت ڏيندي، چنيسر ۽ علاوالدين ڏانهن هلڻ شروع ڪيائين. ننگر رستي ويندي ڪويل بابت سوچيندو پئي ويو. هن جي ذهن ۾ ڪويل جون ڪيئي ڳالهيون ۽ ان جي سونهن سامهون اچڻ لڳي. ان سڄي نظاري کي نياز آکاڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. هتي ڪويل جي جن لفظن ۾ فطرتي سونهن سان واکاڻ ڪئي وئي آهي اها نموني طور پيش ڪجي ٿي:

ڪويل جڻڪي ڪنول جو گل هئي، ڪوئل جيان گفتار سنديس
قوه جواني جڻ تہ جهڙيالي جهڙ ڦڙ جيان جنسار سنديس
چيڙا جڻ تہ چنار جون مکڙيون اکڙيون نينهن نکار سنديس

هن جي منهن تي مرڪ ائين: جڻ ماک ۽ ڪرٽا مکڙين تي
اک چنپ جا اهڃاڻ ائين: جڻ پوپٽ ڦاڙهہ جي ڦلڙين تي
هن جي هڪ هڪ ديد اها: جنهن دام وڌا ٿي درڙين تي.
(ساٽيهہ جي ساک، 56)

ننگر جي شهيد ٿيڻ (ننگر کي پيءُ چنيسر ۽ علاوالدين قتل ڪري ڇڏيو) کان پوءِ جنگ جو

اعلان ٿي ويو. نياز همايوني جنگ جي سچي دهشت ۽ ڍڪاءَ کي پيش ڪيو آهي، گڏوگڏ جوڌن ۽ جوانن جون خوبيون ۽ جنگ جي ماحول کي بيان ڪيو آهي. هو انسانن ۾ فطرت جي خوفناڪ منظرن کي سامهون آڻي جنگ جو رعب ۽ تاب ظاهر ڪيو آهي:

ڪاريهر ۽ ڪيهر ٻڇي اٿلي پيا انسان ميان
وڄڙين ۽ واسينگن وانگي تبر تراريون ڪان ميان.
ڪونڌر ڪڙديون ڪندي ويا سئنا مان ائين سير ڪري
گرڻ پکي جئن ارڏائي مان اڏري واءُ ۾ چير ڪري.
(ساٽيهه جي ساک، 69)

باز پون جيئن جهرڪين ۾ تيئن مهراٽين تي مارو ٿي.
سانجهيءَ وانگي ساٽا ٿي ڪي چانڊوڪيون چمڪائي ويا.
(ساٽيهه جي ساک، 70)

نياز همايوني پنهنجي ڏکن ڏاکڙن جي دنيا کي پاڻ محسوس ڪيو ۽ گڏوگڏ ساجن جي دنيا پنهنجي ابتڙ سمجهندي، انوکو اظهار ڪيو آهي. هو فطرت جي اهڙين شين جي چونڊ ڪئي آهي، جنهن جا مختلف پهلو ظاهر ٿين ٿا. گڏوگڏ انهن سان اهڙيون خوبصورت تشبيهون ڏنيون آهن، جو اهي احساس ۽ جذبا تمام حسين منظر ڏيندي، من جي هلڪائي محسوس ڪرائن ٿا. هو اڪثر هنڌن تي همسفر سان پاڻ کي ڀيٽي، پنهنجي حالت جو اظهار ڪري ٿو:

تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ الا.

تنهنجي دنيا ڪنول تي ڪرٽا
منهنجي دنيا جر جان اونداهيل
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ.

تنهنجي دنيا اندلٺ ريکا
منهنجي دنيا گدلا بادل
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ.

تنهنجي دنيا سج جا پاڇا
منهنجي دنيا چنڊ جان گهايل
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ.
(ڌرتيءَ جا گيت، 19) [65]

تنهنجي جواني چانڊوڪي جان

منهنجي حياتي ويرن وانگ
ملندي كندي وقت گذاريون
صبح جي منڙي هيرن وانگ
(ڏرتيءَ جا گيت، 25)

تشبيهون ۽ استعارا شاعريءَ جو ڏاج آهن، جن کي هر هڪ شاعر بيان ڪري انهيءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه نرالا وکر شامل ڪري ٿو. نياز همايونيءَ فطرت سان مشابهت جي عنصر کي جهجهي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هتي ڪجهه نمونا پيش ڪجن ٿا:

ٽانڊاڻي جان آس الا، ٽمڪي دل جي واهڻ ۾
اُڏمن اڻ تڻ لاتي هوءِ، باهه لڳي جڻ باهڻ ۾
چانڊوڪيءَ تي وير جيئن، لهي چڙهي ٿي چور ٿئي
دل ٿي چاهي تيئن ڪوئي، اوري اچي ۽ ڏور ٿئي.
(ڏرتيءَ جا گيت، 23)

اوندهه ۾ جئن واٺ پليل ڪو
ڏيئي جي لاٽ نهاري هو
(ڏرتيءَ جا گيت، 25)

ڪٽيءَ وانگي ڪنهن جي ڪارڻ، آڏيءَ آئي
ڪنيڙين وانگي جوت پسي ڪا، جهرمر لائي
(ڏرتيءَ جا گيت، 27)

هيج ڪري ائين نڪرن جيڏيون، المست ٿي تنهنجي جهونگر ۾
جڻ ته ستارا سونهريءَ تي جڻ ڪنول قطارون ڪينجهر ۾
(ڏرتيءَ جا گيت، 86)

سنڌ جاڳي پئي!
رات جي سانت ۾ ڪنهن ستاري مثال
صبح جي نور ۾ ڪنهن نظاري مثال
ماءُ جي روح ۾ راس لولي جئان
ڪنوار جي ذهن ۾ ڪنهن پرولي جئان

هير هي هنج ۾ مست سرهاڻ جان
وير جي ور تي المست چانڊاڻ جان
ڪوئي معصوم پينگهي ۾ مرڪي جيئن
ڪوئي محبوب يادن ۾ مشڪي جيئن

(ڏرتيءَ جا گيت، 98)

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جو موضوع عام جام ملي ٿو. هو زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي ظاهر ڪندي سوين نرالا ۽ حقيقي خيال پيش ڪري ٿو. زندگي جيئڻ لاءِ انسان انسان ڇا ڇا نه ٿو ڪري جهڙن موضوعن کي سمائي ٿو. ڪيترين ئي انوکين تشبيهون شامل ڪري سوچ کي لوچ ڏيئي ٿو. هو فطرتي رنگن سان پڻ حياتيءَ جي ڳالهه کي وڏائي ويجهائي ٿو. هن وٽ زندگي ڪنهن وقت جڻ بار وانگر آهي، جنهن کي بس گذارڻ چاهي ٿو. يعني هو حياتيءَ مان ايترو مطمئن ناهي، بس چاهي ٿو ته اها ڪک پن آهي، ۽ ٻيڙيءَ واري ساٿيءَ کي منٿون ڪندي پار پڄڻ ٿو چاهي! ڇو جو نياز جي زندگيءَ تي صبح جي تڙڪي تي ڪوهيري جو انڌڪار ڇڙهيل معلوم ٿئي ٿو.

هَي هَي حياتي ڪک پَن جڻ،
پَل پَل پاڻيءَ تِک:
رهنديءَ کي نه رهاءِ!
مون کي پار پُڄاءِ!
(ڏرتيءَ جا گيت، 24)

صبح جي تڙڪي تي ڪوهيري جو انڌوڪار آهه
شام جي پاڇي ۾ اونداهي جو ڪاروڻيار آهه
ظاهر ۽ باطن تي پکڙيل بيڪسيءَ جو جار آهه
(ڏرتيءَ جا گيت، 137)

جدوجهد ۽ جفاڪشي ڪندڙ ساٿين ۽ نوجوانن کي همٿائيندي، روانيءَ سان فطرت ذريعي راس نه ايندڙ سوز و ساز کي ڇنيندي هن ريت بيان ڪيو آهي:

گهلي ٿي هير جي ته مکڙين جا ڇهه ڇڄن ٿا اڄ
اچي ٿي بوءِ جي ته بُربلين جا ڳچ ڳڙن ٿا اڄ
پوي ٿي ماڪ جي ته تائلن جان گل سڙن ٿا اڄ
اچي نه رات ٿو ڪوئي پيي سوز و ساز ساٿيو

جي نوجوان حسرتون کُنيين جئان ڪڙن پيون
جي نوبهار الفتون گلن جئان ٽڙن پيون
جي يادگار ساعتون پکين جئان مِڙن پيون
انهن کان روح ڪن پلا ڇو احتراز ساٿيو!

او دلنواز دوستو_ او جانباز ساٿيو!
اڇو ته ڪو بلو ڪريون

بلند حوصلو ڪريون
جيئون جيئڻ جهان ۾، ٿي سرفراز ساٿيو! (ڌرتيءَ جا گيت، 107-108)

ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار نياز انتهائي دلفريبيءَ سان ڪيو آهي. هن سنڌڙيءَ جي سونهن ۽ سندرتا جي واکاڻ فطرت جي خوبصورت نظارن سان ڪئي آهي. ڌرتيءَ تي فطرتي شيون ڪيئن قربان ڪجن، اهو جذبو نياز کان سکي سگهجي ٿو. نياز جي هيٺين نظم جي ڪجهه حصن ۾ سمايل فطرتي سونهن سندرتا پسجي سگهجي ٿي.

تنهنجي ٻولي جڻ تہ اونداهيءَ ۾ ۾ تانداٽا آلا
تنهنجا گفتا جڻ تہ چانداٽين ۾ ماندااٽآ آلا.
موملين تنهنجيون مَرم واريون انهيءَ انداز سان
جڻ تہ ڪونجن جون قطارون جڻ تہ ڪي سُر، ساز سان
جن جي قدمن تي ستارا ٿا جهمڪن تون لک لهين!
(ڌرتيءَ جا گيت، 77)

وڻجارا جڏهن خالي هٿين واپس ورنِ ٿا، انهن سان جڙيل پوين جون اميدون ۽ وڻجارن جي جدوجهد مايوسيءَ جو شڪار بڻجي ويجي ٿي. پر جيڪي پورهيو ڪري واپس ورن ٿا انهن جو حشر ائين آ، جيئن ڇورن ڪنهن جي رت چوسي ڦٿو ڪيو هجي. هن سچي نظم ۾ مقامي ماحول ۽ عام ماڻهن جي اوکي زندگيءَ کي فطرت جي ڏيکن سان ظاهر ڪيو آهي:

رات وهامي رت روئندي ۽ اوندهہ سان ٻڇ ٻاڙيندي،
باک ڦٽي جيئن ڏائڻ وانگي پنهنجي جاڙي ڦاڙيندي،
ويچارن جا ڪنڌ ڪِري پيا ڦاٽن هانوَ هليا ويا،
پويان پيي ٽيا پُورا جڻ ڪي، ڪک پن ڇَرَ ۾ هليا ويا.
(ڌرتيءَ جا گيت، 115)

## 4.10 تاجل بيوس

سنڌ ڌرتيءَ هر دؤر ۾ مقامي رنگ سان رنگيل شاعر پيدا ڪيا آهن. اهڙن چٽن سان رنگيل تاجل بيوس بہ آهي. جيڪو پرخلوص شخصيت جو مالڪ هئڻ سان گڏ جديد شاعريءَ ۾ مقامي منظرن جو مالڪ پڻ آهي. جنهن جي ڪلام ۾ ڪيترائي چترڪار وانگر چٽَ چٽيل آهن. شيخ اياز جي چواڻيءَ موجب: "تاجل دراصل هڪ مصور شاعر آهي". ۽ سچ بہ اهيو ئي آهي، تہ هو لفظن ذريعي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي سهڻين تصويرون جوڙي پيش ڪري ٿو. تاجل جي داخليت ۾ فطرت جو سنگم آهي، جنهن جي ذريعي هن خارجي نظارن کي هر گهڙيءَ پَسي پيش ڪيو آهي. تاجل پُرتڪلف

لهجي کي ڏِڪاري، سليسُ ۽ سهڻي عام جي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. سنڌ جو مهان لکيڪ انعام شيخ تاجل بابت لکي ٿو ته:

”تاجل جي ذاتي زندگيءَ جا اولڙا، سندس شاعريءَ ۽ فن جي وسيع ڪئنواس تي به پسي ٿا سگهجن. مان سمجهان ٿو ته، هاڻوڪي سنڌ ۾ تاجل اڪيلو شاعر آهي، جنهن پنهنجي ڪوتا ۾ لفظن جو انتهائي مناسب ۽ نيچرل استعمال ڪيو آهي. هُن جي ٻولي ڏوتل پوتل، سينگاريل ۽ سوڌيل ٻولي آهي، جنهن جي رسائي ڪرڻ لاءِ ڪنهن به شعوري ڪوشش، يا روايتي عقل جي استعمال جي ضرورت ئي ڪانهي“ (66)

تاجل بيوس جي شاعريءَ ۾ فطرت جو جهجهي تعداد ۾ ملي ٿو. هن ڌرتيءَ جي هر ان خوبصورت ۽ خاص منظرن کي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ وطن سان محبت ۽ فطرت سان لڳاءُ معلوم ٿئي ٿو. جديد شاعريءَ جا ڪي چند اهڙا شاعر آهن جن جي هر فني گهاڙيٽي ۾ فطرت جو عنصر چٽيءَ طرح واضح ٿي بيهي ٿو. تاجل به انهن شاعرن مان آهي جن هر صنف ۾ فطرت جي مختلف رنگن کي پيش ڪيو آهي. شمشيرالحيدري ڪتاب ’جڏهن پونءِ بٽي‘ ۾ تاجل جي سوچ ۽ ماحول کي وليم ورڊس ورٿ جيان چاٽائي ان جي فطرت جي پهلو کي اُجاگر ڪندي لکي ٿو ته:

”تاجل هوندئن به شهري هوا کان گهڻو پري، هڪڙي ننڍڙي واهڻ ۾ جنم ورتو سنڌوءَ جي ڪناري، پکن ۽ پوکن ۾ - تنهن ڪري قدرتي نظارن، سادي سودي فطري ماحول ۽ ان جي وچ ۾ وسندڙن سادن سودن ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، سندن ريتن رسمن، ٻوليءَ ۽ پيڙائن جي مشاهدي ۽ مطالعي جو اهڙوئي ورثو پلئه پيو، جهڙو انگريزي شاعريءَ جي رومانوي دور جي عظيم شاعر ورڊ سورٿ کي ليڪ ڊسٽرڪٽ واري ماحول ۾ مليو هو ۽ جنهن جي اثر هيٺ ورڊ سورٿ انگريزيءَ جي ڪلاسيڪي دوَر واري مخصوص ۽ محدود زبان ۽ طبقي جي شاعريءَ کي رد ڪري، عام ماڻهن لاءِ ۽ عام ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي.“ (67)

تاجل بيوس ننڍي هوندي مينهون چاريندي پنهنجو ۽ پنهنجي پيٽ جي پيٽ پالڻ لاءِ سوچيندو ۽ لوچيندو رهيو. ٻنين ۽ جهنگن جو رخ ڪري، ڪڏهن تتيءَ ته ڪڏهن ٿڌيءَ، ڪڏهن لڪن، ته ڪڏهن پارن ۾، آسمان هيٺ ڪلاڪن جا ڪلاڪ جفاڪشي ڪندي ۽ گڏوگڏ وڻن ٽڻن، ٻوٽن ٻوڙن، گونچن گلن جو مشاهدو ڪندو رهيو. ۽ اهڙي مشاهدي ان کي ورڊس ورٿ وانگر فطرت جي شاعر بڻائي ڇڏيو. (ان ڳالهه جو اعتراف خود به ڪيو آهي) يعني هن فطرت کي پنهنجي باطن، سمجهه ۽ فهم ۾ شامل ڪري، شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلو پيش ڪيا آهن. تاجل ڪائنات جا ڏٺل ۽ محسوس ڪيل پهلو گڏوگڏ انهن ۾ گهاريل گهڙيون انهن کي بيان ڪيو آهي:

**حسين ڪائنات**

منهنجي ساري ڪائنات
چيٽ جون راتيون
اڀرو چنڊ اتاهين گهاٽ تان
سمنڊ جي پاتال ۾
ٿو ليئا پائي پيو
روشني
ڪيتن، دريائن، واهڻن، شهرن مٿان اوتي پيو
ڪير ــ ڏارا، نکٽ، ٽيڙو
رات جي پوئين پهر ۾
نرم رابيلي گلن کان روز شرمائن پيا
پاڻ کي ڳولهين پيا
پاڻ ۾ رابيل جڻ پوکين پيا
منهنجي ساري ڪائنات
جنهن ۾ سچ
فطرت کي ازلي روشنيءَ جي سهنري شفاف ــ
ڪرڻن جا وڳا ۾ ويس پهرائي ــ
جلا بخشي پيو
زندگي ۾ حسن ڀئي جهومن پيا
آءُ جڻ آزاد پنڇي
گڏ هوائن سان پيو اُڏندو وتان
زندگي ۾ حسن ڀئي جهومن پيا
منهنجي ساري ڪائنات
منهنجي ساري ڪائنات
(ڏوريان ڏوريان م لهان، 532)

”تاجل جي شاعريءَ ۾ سنڌ ديش جي ٻهراڙيءَ جي سموري سونهن سوڀيا مورت روپ وٺي اچي ٿي سامهون بيهي. ٿر جي انوپم سندرتا، ڪڇي جا ڀِن ڀِن روپ سنڌوءَ جو دم ۾ دهشت، منڇر جي مانائي، اَروڙ جي ارڏائي، ڪينجهر جي چنچلتا ۽ ڪارونجهر جي اَڏولتا تاجل جي ڪويتائن ۾ ساڪار ٿي اُٿن ٿا. تاجل پنهنجي ابتدائي زندگي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ گذاري آهي. هن ان ماحول سان، اتان جي وڻن ٽڻن، پکي پکڻن سان گڏجي سواس کنيا آهن ۽ اُن وايومنڊل جو هڪ حصو بڻجي ڏٺو آهي، تنهن ڪري ٻهراڙيءَ واري زندگي ۽ ٻهراڙيءَ وارن ڏيکن جو جيترو سَچِيو ورڻن هُو ڪري سگهيو آهي، اهڙو اڄ جو ٻيو ڪو ڪوي نہ ڪري سگهيو آهي. نارائڻ شيام جو تہ رايو آهي تہ پيٽائيءَ کان پوءِ ڳوناٺو هُڳاءُ جيڪو تاجل بيوس جي شعر ۾ ملي ٿو اُهو اياز ۾ گهٽ آهي.“ (68)

اوندھ جا اسرار
مجيين چو نہ ٿو ٻاٽ اوندھ جي عظمت کي ساڻي!
ازل کان وٺي روشنين جي سفر ۾ ــ
اجالن جي بارش،
ستارن جي جهومر،
اکين جي پنيان:
ساڳي ويران، سنسان دنيا.
نگاهن جا جلوا.
ڪڏهن ڪوهسارن تي پُرنور جلون جي جڳمڳ ــ
۾ فطرت جي هر چيز ٻهڪي پوي ٿي.
بظاهر ڪي مکڙا بہ جرڪڻ لڳن ٿا.
مگر پوءِ بہ هر ذهن تي ٻاٽ اوندھ جا پاڇا ــ
صبح شام،
ڪنهن جوُر وانگر گرم رت جون

اندر ئي اندر ۾، سُرڪيون
مضارن جان منظر. پريندیون رهن ٿيون.
نہ جهومر نہ جڳمڳ تڏهن پي ڪي ڇهرا،
ٻُڪون پيٽ خاليءَ جي وڪڙن ورن ۾- عقابن جي دنيا ۾ اُجرا ڪبوتر لڳن ٿا.
(ڏوريان ڏوريان م لهان، 157)

تاجل بيوس فطرت جي حسين نظارن سان خوبصورتيءَ جا ڇِٽ ڇٽي پيش ڪيا آهن. هن هڪ فطرت نگار جي حيثيت سان فطرت جا ڪيئي اونوکا روپ ڏاري من جي معصوميت پريا منظر پيش ڪيا آهن. شاعريءَ ۾ رواني ۽ سلاست فطرت جي عنصر کي ويتر حسين بڻائي ٿي. تاجل وٽ پکين جون ڪيتريون ئي خوبصورت لاتيون ملن ٿيون. هن پکين جي منظرن کي گهڻن هنڌن تي بيان ڪيو آهي. هن وٽ پکي خوشنودي ۽ خوش مزاجيءَ جي نشاني آهن.

ڳڙَ ڳڙَ مينهن پونِ، جيئَن ٿا ڪانگ لنونِ،
چِرِڻ چِرِڻ پن ڇڻن، تيئَن ٿا پُورَ پون،
طوطا باغن ۾، موتي آءُ مِنا،
منڙي لات لنون، تو لئي نيڻ ٺمن،
گهاگهر گهاوَ وجهي ٿي، چِلڪي سانوڻ ۾. وڻ وڻ حال ونديو مون سُڏڪي سانوڻ ۾.

ٽڏڙي هير گهُلي، ٺهہ ٺهہ ٺهڪ اچن،
ڪونجان روهہ وريون، ڳاڙها گُلَ ٽڙن،
ڳاڙهن ٻيرن سان، اک ٿي اک سان ملي،
تون مان جهول پريون، جڻ ٿا جام ڇُلن،
مکڙين مست بڻايو مهڪي سانوڻ ۾. ڇَم ڇَم ڇَير ۾ ڇمڪي سانوڻ ۾.
(ڏوريان ڏوريان م لهان، 136)

هر وڻ جي لُڏندڙ لامن تان، کهڙا نہ ڪبوتر اُڏرن ٿا،
سي مانجهي مارڳ رسڻا هن، جي ڪارونجهر تان اُڪرن ٿا،
ڪيڏو نہ پيارو منظر آ، ڪيڏي نہ فضا ۾ خوشبوءِ آ،
هُت اوپر ڪان ٿو نُور ڦُٽي، هِت ڪڪڻ جا سنگ نسرن ٿا.
(ڏوريان ڏوريان م لهان،168)

تاجل جي هر صنف فطرت جون تجليون تيز کنوڻين جيئان نظر اچن ٿيون. فطرت جي موضوع تي لکڻ جي لاءِ ڪتاب لکي سگهجي ٿو جو جو ايتري انداز ۾ فطرت جي عنصرن کي بيان ڪرڻ سوچڻ تي مجبور ٿو ڪري تہ ڇا لکي ڇا لکجي.

تارا ڪتيون ساٿُ نہ ڏيندا،

ڏسندي ڏسندي گم تي ويندا،
جوڳيئڙا هيءَ جُوءِ ڇڏيندا،
جڏهين ڦُٽي پرڀات، مسافر!...
(ڏوريان ڏوريان م لهان،140)

تاجل بيوس سينگار شاعريءَ جو بہ خوبصورت شاعر آهي, رومانس سان ڀريل شاعري عورت جي سونهن ۽ سندرتا سبب فطرت سان مخاطب ٿيو آهي. حسن جي واڪاڻ جو فطرت سان سنگم ڪري پيش ڪري ڪمال جي منظرن ۽ احساسن کي پيش ڪيو آهي. عورت جي واڪاڻ جا ڪيترائي ئي شعر ملن ٿا پر جيڪو ڪمال فطرت سان جوڙي ڪيو آهي اهو لاجواب آهي.

نيل- ڪنول مان ليا ڪا پائي،
چنڊ، ڪتين کي پيئي شرمائي.

چيلهہ – ڳُلهن تي وار وڇائي،
نانگڻ ويٺي نانگ بچائي.
(ڏوريان ڏوريان م لهان،146)

خوبصورت بانوري،
هڪ پدمڻي،
ڪوهہ ڪاف جي جڻ ڪا پري.
چپ ائين جڻ صوف جي ڦارن تي-
مالهڻ جو گمان.
وار ڇهري تي ڪريل،
جڻ چنڊ ڪڪرن جو هيو چاڙهيو نقاب.
مست جوڀن.
ڀئي اکيون:
سنڌوءَ ۾ ڪينجهر جو سنگم. (ڏوريان ڏوريان م لهان، 155)

جديد شاعرن جي تشبيهہ ۽ استعاري واري قطار ۾ تاجل بيوس بہ ڪنهن کان گهٽ نہ آهي. هن جون تشبيهون ۽ استعارا انوکا ۽ دلپسند آهن. تاجل ماڻهن کي باک سان ڀيٽي ٿو تہ ڪٿي وري محبوب جي واڪاڻ ڪندي فطرتي شين سان سونهن ۽ سندرتا کي چار چنڊ لڳائي ڇڏي ٿو:

باک - ڦٽيءَ جا روپ ڏسي وٺ
محبوبن جي چهرن جهڙا
(چپ انجيل جي حاشين جهڙا، 78) [69]

تنهنجا هٿ، پير پنکڙين جهڙا،
تنهنجو قدُ_ بُتُ بہ لام جهڙو آ.
(ڏوريان ڏوريان م لهان، 808)

موتيءَ گل تي ماڪ پئي يا،
آهن ڪنهنجا نيڻ وڇايل.
(ڏوريان ڏوريان م لهان، 419)

هو ڏس پيلي پٽر جهڙا،
چنڊ گرهڻ ۾ ورتل ماڻهو.
مارِڳ ويندي ڪَڪُ، پَنُ تي ويا،
لغڙن جهڙا، ڪاٽيل ماڻهو.
ڦاسي_ گهاٽُ، هوا ۾ لٽڪيلَ،
تارن وانگي ٽاڪيل ماڻهو.
(ڏوريان ڏوريان م لهان، 809)

ٻُڪ جي باھ وسامي ويندي
ڪٽڪن وانگي ڦٽندا ماڻهو
آهن هوا ۾ ٻاڦ ڪان هلڪا
پربت جهڙا ڳَئورا ماڻهو.
(چپ انجيل جي حاشين جهڙا، 79)

نيٺ ڦڳڻ جيئن اونداهين ۾
مشعل ٻڻجي پرندا ماڻهو.
(چپ انجيل جي حاشين جهڙا، 109)

تاجل بيوس جدوجهد ۽ انقلاب کي فطرت ذريعي علامتي رنگ سان پيش ڪري لکي ٿو. هو فطرت جا مثال کڻي ماڻهن کي سولو ڪري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. گڏوگڏ اوچ نيچ جي ڳالھ کي واضح ڪندو اڳتي ايرڻ جي ڳالھ ڪري ٿو:

هٿ ۾ هٿ ڏئي، هلو، هلبو،
لهرن وانگي، لهبو، چڙهبو،
راھ ۾ جيڪي پٿر آيا،
مُٺ ۾ تن کي پوري چڏبو،
هيئن بہ ڏونگر ڏرٽو آهي.
(ڏوريان ڏوريان م لهان، 414)

آخر ۾ تاجل جي زندگيءَ بابت لکيل دل افروز سٽن کي پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ فطرت جي

منظرن جي رواني سان گڏ امنگن جي خبر پئي ٿي، يعني فطرت جو اهڙو انوکو پڻ ملي ٿو جنهن ۾ ڏيک دل کي سکون ۽ تسڪين بخشين ٿا:

زندگي، منڇر جي پاٽيءَ جا ڪنول،
زندگي، ساوڻ ۾ سنڌوءَ جي اُٿل،
زندگي، مالهڻ جي هٿڙن ۾ گلاب،
زندگي، ڇڙ ڪنوار پينگهي ۾ سُتل.
(ڏوريان ڏوريان مر لهان،170)

## 4.11 ابراهيم منشي

ابرهيم منشي انقلابي شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ جرئت، همت ۽ جستجو آهي. هو ڌرتيءَ جو عاشق ۽ ڌارتيءَ جو پوئلڳ آهي. سچو ڪلام ڌرتيءَ جي ڏکن ڏاکڙن، تڪليفن، مارن جي محرومين، وڏيرن، سرمائيدارن، رياست جي جي علمبدران جي خلاف مسلسل جدوجهد آهي. هو پاڻ ظالمن جو ڪنهن نه ڪنهن ريت شڪار ٿي، ڌرتيءَ جا عام ماڻهن جي تڪليف ۽ درد کي محسوس ڪرڻ لڳو. ڌرتي دين ڌرم جي مهاڳ ۾ ايم. ايم. سَنيو لکي ٿو ته:

"منشي ابراهيم غربت جي ٻاٽ اونداهيءَ ۾ اک کولي؛ سندس حساس شاعرانه طبيعت ظلم و جبر ۽ ڏاڍ جي پيڙائن مان پلجي، رچي ريٽو ٿي، عزم ۽ آزاديءَ جو مينار بڻجي ويئي. سندس محسوسات و ڪيفيات ۽ واردات قلبي هينيئن طبقي، مزدور، مظلوم ۽ مارو ماڻهن جي ڪيفيات ۽ ڪرب جو اظهار آهي." (70)

ابرهيم منشي ڪتاب "گوندر ويندا گذري" ۾ پنهنجي تجربي، مشاهدي ۽ خيالن بابت لکي ٿو ته:

"منهنجي ذاتي مشاهدي ۾ ڌارتي تي پلجندڙ هر شيءِ قريب نظر مان گذرندي هئي. مختلف رنگ، سُهاٽيون، چمڪندڙ چيٽ، سونن جهڙا سنگ، ڍنڍون ڍورا، ٻنيون ٻيلا، برساتن جا روپ، پوٺا جبل، وڻ ٽڻ، صبح جي ماڪ، سج جا ڪرٽا، ڍنڍ جي ڪناري جي ڇپر، چانڊوڪيون راتيون، رس رهاڻيون، سُگهنڌ ساز ۽ سرندڙا، پري پري کان فراق ماريل ٻانهيارين جا ٻول ۽ جهونگارون، ڳجها بيت، ڳجهارتون، نشانيون، سڀ منهنجي مشاهدن مان گذريل آهن. واهري تي ورڻ مهل هارين جون هونگارون، ڪانگن جي ڪان ڪان، مال جي ڦرن ڏي موٽ، چنگ چڙا، للڪارون، تنوارون ۽ ٻيون انيڪ شيون. مون دل جي گهرائيءَ سان هر هڪ کي پنهنجي جاڻ آهر پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ساڳئي وقت زندگيءَ ۾ ٻکون،

پنڌ، تڪليفون، اوجاڳا، رولڙا، مطلب تہ سڀ احساس ذاتي زندگيءَ جي مشاهدي ۾ آيل آهن.“ (71)

نظم ”ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين“ ۾ مقامي ماحول ۾ رهڻي ڪهڻي جي عڪاسي ڪئي آهي. هو ان نظم ۾ گڏوگڏ فطرت جي عنصرن سان تشبيهہ ۾ وارجهڙائي ظاهر ڪندي ڪيترائي منظر بيان ڪيا آهن. اهڙي طرح نظم ”نياڻيون هئي مهراڻ جون“ ۾ تہ ايڏا خوبصورت نظارا ۾ منظر پيش ڪري سماجي حالات ۾ خيالات ۾ واقعن کي ڪٺي عام زندگيءَ سان پيش ڪئي آهي. يعني ائين چئجي تہ ابراهيم جي شاعريءَ ۾ مقاميت جو عنصر، ٻهراڙيءَ جي زندگي، ڏنڌو ڪاروبار وغيره کي، جنهن ۾ فطرت جا اولڙا ۾ عڪس شامل ٿيل آهن. البتہ هر نظم ۾ ان قسم جا پهلو ملن ٿا. جيئن نظم ”ٿر جي ڏڪار تي“ لکندي ٿر جي بک بدحالي ۾ لاچاريءَ تي لکندي فطرتي شين جي اڻ هوند سبب زندگيءَ جا ڏکيا لمحا پيش ڪيا آهن:

نہ ڪا بوند برسي، نہ بر ۾ بهاري،
وسي وانگين جي وطن ۾ پيئي واري،
جياپي جو تن تي ٿيو جر نہ جاري،
تباہ ٿَونس ۾ ٿيا، جر نہ جاري،
ٿيا چَٽ چُرڻ کان چوپايا چوڏاري،
نہ ليکو لکڻ جو، زبون حال زاري،
اڃن رُج نِيٽ جا نظارا نظر ۾،
نہ وسڪارا وچڙين، نہ ٿڏڪار ٿر ۾!
(گوندر ويندا گذري، 31)

”منشيءَ جي شاعريءَ ۾ سونهن، سرت، ساڃاهہ، پيڙا، پُڪار، عزم، حوصلو جدوجهد، جرئت ۾ همت، جان بازي ٿُڙي جان نثاري ۾ ڌرتيءَ سان بي انداز محبت موجزن آهي.“ (72)

ڏيهہ سڄي ۾ ڇيڙيل ڏينهن ڏيهہ ڌٽين کي ڏنگ هڻن،
وِک وِک تي سي ويڙهيچين کي، واريو ڦيريو وَنگ وجهن،
سُرن مارل سانگيئڙن جا، چوُڏس ٻُڌ پيا چنگ چُرن،
پنهنجي گهر ۾ مرضن ماريل ماروئڙا مجبور او ساٿي!
(گوندر ويندا گذري، 11)

ابراهيم منشي هاري ۾ ڪڙمي کي مخاطب ٿي، اصطلاحي خيال پيش ڪيو آهي. تون جيڪي پارن جي راتين ۾ پاڻي ورائي فصل تيار ڪيو تنهنجي سمهڻ سان ان کي سوئر ڪائي ويا. تنهنجو باغ بنواس بڻجي ويو آهي ان جي باوجود بہ تون اڃان جيئين پيو! ابرهيم وٺ مرون يا سوئر

اهي وڏيرا ۽ زميندار آهن جيڪي هارين جي پارن ۽ چاليهن ۾ ٽيل محنت کي هڙپ ڪيون وينا آهن. پر حيرت جي اها ڳالهه آهي جو اجان تائين اهي هاري ۽ ڪڙمي ستا پيا آهن!!

ٽُنهنجو مِرون پَٽين پيا ماس، توکي ڪيئن اچي جڳ راس،
ڏوڙ وجهي پئي ڌرتي توتي، کِلي پيو آڪاس.

سهي سيارا پُنڻ تي پارا، تو جي ورايا پاڻيءَ وارا،
ڪيٺ ڪرا سپ ہنيون ہارا، سوٺر ڪائي ويا سُتي تو سارا،
اجان جيئين پيو جڳ ۾ پيارا، تنهنجو باغ ٿيو بنواس.
(گوندر ويندا گذري، 15)

ابراهيم منشيءَ وٽ ڪيترين ئي حب الوطنيءَ تي جڙيل منظر نگاريون آهن. جن ۾ فطرت جي عنصر کي آڻي، عام ماڻهن جي زندگيءَ کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ فطرت کي استعاري ۽ علامت طور استعمال ڪري انهن کي سياسي سماجي فڪر ڏنو آهي. جنهن سان عوام جو رجحان قوم پرستيءَ ڏانهن بار بار لڙي اچي ٿو. ۽ جرئت ۽ همٿ پريا ٿي اڳتي وڌن ٿا:

جا ول بنا آ پاڙ جي، سا سرجندي ئي ساڙجي،
جو وڻ ڪورجي وي، سُڪي سو پيبنگ پانگ ٿيو
کهاڙين سان ٿي ڪٽي، زمين کي ريج ڏيو.
(گوندر ويندا گذري، 20)

اُپ مان پاڻي ڌرتي پاڻي، پاڻي پاڻي پورو پٽ،
ڪِتِ ڪا ٽُڪِري تنهن تان چڪري، نانگن جهڙيون ۽ پيا جهٽ،
ڪاهڙ وارن ڪپرن ڪائي، ڪيا چُرڻ چلڻ ڪنا چَٽ،
تنهجا پڻ هي حاڪم وارا، ساڳيا نخرا ناز ۽ نَٽ،
جوڙڻ ۾ جن جُڳ لڳا، تن ٻوڙڻ ۾ تو دم جي دير.
(ڌرتي دين ڌرم، 20)

فطرت جا رنگ ڏيئي، جدوجهد ۽ ڪوشش کان پوءِ آزاديءَ جي منظر کي وضح ڪرڻ ابراهيم جو انتهائي پيارو انداز آهي. هو پکي ۽ پڃري سان پيٽيندي لکي ٿو ته:

گُوندر ماڪ ڏُونگر گذاري وياسون،
پکي توڙي پڃرا، اُڏاري وياسون.
ڏئي رات کي رت، پرهه ڪئي سون پيدا،
جهان ۾ سوين سج اُپاري وياسون.
ڏيئي موت کي مات ’منشي‘ مُئاسون،

مگر نئين نسل کي اُجاري وياسون.
(ڏرتي دين ڏرم، 24)

ابراهيم منشي جي شاعريءَ ۾ رواني ۽ سليس پڻي جي تمام گهڻي اهميت ۽ حيثيت آهي. هن هر هڪ موضوع ۾ ان کي استعمال ڪيو آهي. پوءِ موضوع عشقيہ هجن، يا ڌرتيءَ جا سيني ۾ ساڳي سلاست سان پنهنجن جذبن کي پيش ڪيو آهي. هو ڌرتيءَ جي ڪاري ٻاٺ جي خلاف آهي. ۽ هر وقت صبح يا ڏينهن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن لوڪ کي انهيءَ کان آگاه ڪيو ۽ فطرت جي علامتي شين کي بيان ڪري، جذباتي ۽ جدوجهدي شعر جوڙيا آهن.

ڪاري ڪاري رات او ساٿي، ڪاري ڪاري رات،
جوت جاڳائي جڳ ۾ جاڳي، پيدا ڪر پرڀات.
(ڏرتي دين ڏرم، 87)

رات نہ آئي راس، باک ٻَڪندي ڪڏهين،
ڪارون ڪريو ڪڪر کي، ڪوڪي ڪاليداس،
پکن جي پياس، لهندي ڪڏهن لوءِ مان.
(ڏرتي دين ڏرم، 103)

برساتن ۾ ٻاهيون وسنديون،، ڪوهن ۾ پڻ ڪوريون ٽَپنديون،
ڌرتي ساري ٿامون ٿينديون، سنڌ سموري ساڃهون ٿينديون،
اُپ اُڀارون ڪائي ڪائي، نيٺ پٽيندو ساهي ساهي.
(ڏرتي دين ڏرم، 78)

هي رات جو پويون پهر، جهاڳي چڙهيا آهيو جهڳر،
ڪيڍيا هو سج ڪرٽا ڏسو ۽ جهڙُ اندر جهرٽا ڏسو
ٿاٽن حويلن ٿرٿلو آهي زمين ۾ زلزلو
رهزن ۾ جيسين رت ڦُڙو مارڻ مرڻ کان نا مُڙو
ساٿي سنڀاريندا هلو ۽ ڏاڍ ڏاريندا هول، جهنڊا کڻو.
(گوندر ويندا گذري، 85)

پيرن چلڙا، چلڙن ڏورون، هينئڙي هُر کُر اُڏرڻ هورون،
وينا وڻ وڻ واس وساري، ڦٽڪڻ تان ٿو مارِي ماري،
ڪيئن گذارين جيئرا جيئڙا، موت قبولين چو نہ پکيئڙا،
ڪانگ ۽ ڪوئل کهڙي راند، سج اچي ويو نيزي پاند.
(گوندر ويندا گذري، 66)

ابراهيم منشي جي شاعريءَ ۾ جماليات جو پهلو هر جاءِ تي نمائندگي ڪندي نظر آيو آهي.

هن فطرت جي حسين ترين شين کي سنيگار شاعريءَ جيئان، ڪمال جا عڪس جوڙي پيش ڪيا آهن. اهڙي انوکي ۽ لاجواب خوبي شاعريءَ جي جان آهي:

نڪُ گدري ڦار، ٻاڙها تماٽا ٻگل ٻئي،
چيلهہ چيلاٽي جهڙي، لُڏي لچڪدار،
ٻچي پڪي نيرٻي، جنهن ۾ موتي مٽيادار،
ڪِڙي بيٺي ڪوهہ تي، چوري چمڪيدار،
ڳُهي ٿي ڪجلين سان، سورهيہ ڪئين سالار،
اِئين نہ مسافر مار، متان راڻو ڪو ريبي وڃي.
(ڏرتي دين ڏرم، 109)

چاهہ چاندوڪيون راتڙيون
تو ٻِنا ٿيون ڳُهن ڪاتڙيون.
چپ تنهنجا چُريا، ٻول تنهنجا ٻُريا،
ساز ڄڻ ڪي سُريا، لار ماکيان مِٺيون لاتڙيون.
تون سُمهين نہ ساهہ ۾، مُشڪ ٿئي هوا ۾،
اندلٺ اُهاءِ ۾، جوين پائي جهاتڙيون.
مٺان تو ماڪ مينديڙن، ڄڻ ٿي ورڪا موتين،
ننڍڙا بلب جيئن ٻرن، اکيون ڏسڻ لئہ آتڙيون.
(ڏرتي دين ڏرم، 176)

وڻ وڻ مان اچ واس اچي ٿو، جيڪو روح کي راس اچي ٿو،
هير اُتر کان پير پريو آ، ڪاچي کان واهوندو وريو آ،
اُپ مان آهن ويس وسڻ جا، چئني ڏسين چٽا پٽا،
سِڪ جي آهي سَرنهن ڦلاري.
چؤڏس چوڏهن چنڊ ڪڙي پيا، رَت رَتا رابيل ٽِڙي پيا،
ڪٽرن ڪيٽا چِڏيا هن هنڌ، ماروئڙن جا مال مڙي پيا،
’منشي‘ پاڻ ۾ گڏ گذاريون، هن رُت پيارل ڪيم پِٽا،
سِڪ جي آهي سَرنهن ڦلاري.
(گوندر ويندا گذري، 111-112)

## 4.12 سرويچ سجاولي

سرويچ سجاولي سنڌ جو عوامي، انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر آهي. نج مقامي حالتون جن ۾ نج مقامي ٻوليءَ جا نشان، ترنم ۽ رواني، سواءِ سرويچ جي ٻيو ڪو شايد ئي پيش ڪري سگهي. هو

پنهنجي آس پاس جي ماحول مان متاثر ٿي پنهنجي اندر جي رچنائن سان ڪمال جي شاعري پيش ڪئي آهي. سنڌ جي تڙپندڙ ماڻهن، درد ورتل ماروئڙن، اهنجن ۽ ايذائن ۾ گهاريندڙ سانگيئڙا، پيڙائن ۾ پچندڙ عوام، شاعريءَ جا اهم موضوع آهن.

”سنڌ جو درد رکندڙ شاعر پنهنجي نيڻن سان جو ڪجهه ڏسي ۽ پسي ٿو ان منظر کي پنهنجي شاعرانه انداز ۾ اهڙي ته بهترين ادا سان ادا ڪري ٿو جو پڙهندڙ ان کي پنهنجي دل جي ڳالهه سمجهن ٿا.“ سرويچ“ جي شاعريءَ ۾ ڳوناڻي ماحول جي سچي منظرڪشي ملي ٿي.“ [73]”مزاحمتي شاعريءَ ۾ ته ”سرويچ“ پنهنجي نالي کي موڪيو آهي، پر سندس جمالياتي شاعري به اعليٰ پايي جي آهي. پنهنجي ديس ۽ ديس جي ماڻهن جي فطري سونهن جا جيڪي چٽ هن چٽيا آهن، سي کيس هڪ ”مصور شاعر“ جو درجو ڏين ٿا. سندس محبوب ته عجب جي حد تائين ايڏو سهڻو آهي، جنهن تي هر ڪنهن پيار پريءَ دل ۾ ضرور رشڪ پيدا ٿيندا.“ [74]

سرويچ سجاوليءَ جي شاعريءَ ۾ ماڻڪ موتين جهڙا انمول فطرتي نظارا ملن ٿا. جن ۾ فطرت جي عنصرن کي روانيءَ سان پيش ڪيو آهي. جديد شاعريءَ ۾ فطرت کي هر هڪ شاعر پنهنجي انداز سان بيان ڪيو آهي. اهيو انوکو پڻ سرويچ جي شاعريءَ ۾ به آهي. جيئن هن فطرت جي سونهن ۽ تازگيءَ کي هيئين ريت بيان ڪيو آهي:

سوسن سمن جي سونهن ڏس،
ڄهه ڄهه چمن جي سونهن ڏس،
تازن پنن جي سونهن ڏس،
پنهنجي وطن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت ته ڏس!
جارن ڄمُن جي سونهن ڏس،
سُرهين نِمُن جي سونهن ڏس،
ڄُهڙ ڦڙ ڄُهمن جي سونهن ڏس،
ڪوٽين ڪُمن جي سونهن،
هر سونهن ۾ قدرت ته ڏس!
(آليون اکيون اٽيا وار، 2.1)

سرويچ جي شاعريءَ ۾ دلچسپ ۽ خوبصورت تشبيهون ۽ استعارا ملن ٿا. جن ۾ مقامي ماحول جي عڪاسي ۽ منظرنگاري ٿيل آهي. هو ننگرين کي ڪونجن سان ڀيٽي انهن جي سونهن جي واکاڻ ڪري ٿو. هن جوڙن سنڌي جوانن جي گهروارين کي چنڊن ۽ ڪنوٽين سان ڀيٽيو آهي. محبوب جي وات کي مکڙي، ڏندن کي موتي جا استعارا ڏيئي ان جي حسن و سينگار جي سندرتا ۾ اضافو ڪيو

آهي. ڪڏهن جوڏي پهلوان کي مينهن ۽ شينهن جو استعارو چئي ان جي شان ۾ نرالپ پيش ڪئي آهي.

ڪونجن جهڙيون ڪنواريون نينگر صاف اُگهاڙيون ڪپڙن ۾،
(آليون اکيون اٽيا وار، 43)

چنڊن ڪنوٽن جهڙيون تن جون، زالون ليڙن منجھ لڄي!
”يا تہ پنيور کي باهہ ڏجي“ يا مُنيون پيڙي وڃجي پڄي!!
(آليون اکيون اٽيا وار، 105)

سچ جا هي سوجهرا يا سينڌ سينگاري پرين،
يا تہ چوڏهيئن چنڊ ڪئي، چانڊاڻ تُنهنجي شهر ۾.
وات مُڪڙي ڏند موتي، ڳل حِنا کان ڳاڙها،
صوفن کان وڌ صاف سيني، ساڻ تُنهنجي شهر ۾.
(ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون، 60)

گُل ٻٽي ڳل جي پران، خوشبو سان واسيئن وار وار،
چوڪسي ڏيندو رهين، چندن سان واسِيَل چوٽ تي.
نينهن تون يا مينهن تون ۽ يا ڪو ڪيهر شينهن تون،
مُڇ نہ موڙيئن ٿو ڪڏهن، ڪنهن چام ۽ چاموٽ تي.
(ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون، 58)

سرويچ جي شاعري جدوجهد ۽ ڪوشش جي عنصرن سان پرُ آهي آهي. هن قومي گيت لکندي، قوم کي مٿي اپارڻ جي ڳالهہ باربار ڪئي آهي. هونئن اڪثر شعرن ۾ سماجي پهلو ڪٽي جفاڪشي ڪندڙن لاءِ اصلاحي ۽ جاڳرتي ڳڻ نروار ڪيا آهن. پر ڪجھ هنڌن تي فطرت جو سهارو وٺندي انهن جي پاڻ پتوڙڻ واري ڪيفيت ۽ ماجرا کي ظاهر ڪيو آهي. هن گهڻي قدر فطرت جي ان موضوع کي انقلابي تمنا طور قطب آندو آهي:

اُٺون تہ شينهن ٿي اُٺون، هلون تہ بس هليا هلون؛
(آليون اکيون اٽيا وار، 73)

خزان جا خيما اکوڙي ساٿي، وطن ۾ نئين سر بهار آڻيون؛
مودام موجون پسڻ جي خاطر، منداٽتا کي ملهار آڻيون؛
وسن ۽ وهسن وطن وانگي، سُکن جا تن لئي انبار آڻيون؛
هلن جي هي بيقرار مارو، انهن جي لاءِ قرار آڻيون؛

ڏکن ٻکن کي تڙي ڪيون ۽ ننڍيا وڏا سڀ نواب ڪريون!
اٿو ڙي! ساٿي مٿير مانجهي، گهٽيءَ گهٽيءَ کي گڪاب ڪريون!

(آليون اکيون اٹيا وار، 61)

چوليون چاٽون چچڪارون يا چيرا چچڪا چانپ هُجن،
چپرن چپن ڪان نا چرڪن، چوڪر ٻاڪر چٽ چگير.
(ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون، 47)

سرويچ جي سڄي شاعري سنڌ جي لاءِ آهي. هن هر وقت سنڌ جي سندرتا، سونهن ۽ سوڀيا جي ڳالهه ڪئي آهي. هن وطن ۾ رهندڙ هر جيوت جي آباد رهڻ لاءِ دعائون گهريون آهن. هن جو اٿڻ ويهڻ وطن لاءِ آهي. هميشه ديس جو سوچي سرواٽڻ ۽ سرويچن جي ساراهه ڪري رهيو آهي:

جت ٽڏڙا ٽڏڙا ڏينهن هُجن،
۽ وسندا رهندا مينهن هجن،
جت مرد سيئي اٽموٽ هُجن،
پر جويون پيي جڻ شينهن هُجن،
سو ساٽهه سُهڻن سنڌين جو هي سُندر سُندر ديس وسي،
جت موجن ۾ مهراڻ هجي،
۽ مينهن جي مانداڻ هجي،
جت چيٽن ۾ چانداڻ هجي،
۽ لوين جي لالاڻ هجي،
جت ٻر ٿر ٻُوند بهار هجي، سو بندر بندر ديس وسي!! (آليون اکيون اٹيا وار، 88-89)

هيءَ ٿَر ٻر ۾ ٽڏڪار ڏسو،
هيءَ هنڌ هنڌ تي هُبڪار ڏسو،
هن پنهنجي دلبر ڏرتيءَ تي،
اڄ مينهنِ جي مانداڻ ٻلي!!
هي موج پريو مهراڻ ٻلي!! (آليون اکيون اٹيا وار، 136)

سرويچ سڄاولي جي شاعريءَ ۾ وطن جي واکاڻ کان پوءِ عورت جي واکاڻ عام ملي ٿي. هن عورت جي حسن کي چار چنڊ لڳائڻ لاءِ ڪيترين ئي سهڻيون تشبيهون ۽ استعارا جوڙي پيش ڪيا آهن. هن عورت جي لازوال عشق، عورت جي دائمي عنصر، عام لوڪ سيا واري عورت کي مختلف هنڌ تي فطرت سان جوڙيل ڪيترين ئي منظر ڪشيون ڪيون آهن. فطرت جي عنصرن سان عورت جي ڪماليت جي پهلوءَ کي پڻ نروار ڪيو آهي. هن عورت جي اڳيان فطرت کي ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن وڌ ڪري پيش ڪيو آهي. عورت هن سماج جي مختلف رخَن کان جاتي ويل فطرت جي تخليق جو هڪ حصو آهي، جنهن جي ڪشش سبب هر ڪو ان طرف رائل مائل ٿئي ٿو. هر هڪ پنهنجي فطرت ۾ عورت جي لاءِ ڪيترين ئي انمول سوچون وٺي هن جهان ۾ پير رکي ٿو اهي سوچون وراثت طور نسل در نسل مختلف شڪلين ۾ ظاهر ٿين ٿيون. پوءِ انهن سوچن ۾ ڪجهه عورت جي انتهائي ويجهو اچي

عشق ۽ محبت جا قصا پيدا ڪن ٿا، تہ ڪجھ وري بس نسل وڌائڻ خاطر عورت سان زندگي گهارين ٿا. شاعريءَ ۾ اڪثر ڪري عورت جي حسن و ملال مان متاثر ٿي عشق ۽ محبت ڳانڍاپو جوڙي، ڪماليت کي رسن ٿا:

گُلن کي چِڏي جي، سُنگهن زلف ڪارا،
پتو پوءِ پئجي، وچي پوپٽن کي.

تہ سُرهاڻ ڪيڏي، سڏي سنيڏ ۾ آ،
جا واسيو چِڏي ٿي، برن ۽ پٽن کي.
(پئي ڪنڊيون مهراڻ جون، 35)

سوڏي سنواريل سينڌ مان، جھلڪيون جھڻڻ جي لئہ لَکن،
سِجن ۽ چوڏهينءَ جي چِٽن، چندن ٿي ٻوڙون پاتيون.

تنهنجي تہ وارن جي ورن وڪڙن مان وِهہ پيئڻ جي لئہ،
ڏرڙن منجهان نندين وڏن، نانگن ٿي ٻوڙون پاتيون.
(پئي ڪنڊيون مهراڻ جون، 45)

پردو ڪٽين جي مُنهن تان، ڪنهن کي ڏسڻ پسڻ لاءِ،
چوڏهينءَ جون ٿين اُن دم، راتيون ڦِڪيون ڦِڪيون.
(پئي ڪنڊيون مهراڻ جون، 81)

تُنهنجي اَک جي اَٽي، مُونکي واهہ جي وٽي، جڏهن سينڌ ڪيڍي ڏني يا ڦٽي،
تنهن مهل منا، اي ماهہ لقا، جڻ چنڊ ڪڙيا چمڪار ڪري.
(پئي ڪنڊيون مهراڻ جون، 87)

## 4.13 وفا ناٿن شاهي

وفا ناٿن شاهي غزل جو بادشاهہ شاعر سڏيو وڃي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ ٻيا ڪيترائي گهاڙيٽا ملن ٿا پر جنهن صنف ۾ وفا پاڻ ملهايو اهو غزل آهي. وفا جي شاعريءَ ۾ سوين موضوع جن ۾ سياسي، سماجي، اخلاقي، انقلابي، جدوجهدي، مقامي، فطرتي وغيره شامل آهن. هن جي مادري زبان پنجابي هئڻ ڪري بہ سنڌي ٻوليءَ جي خزاني مان لفظن جا موتي چونڊي شاعري ڪئي آهي. هن جي انهيءَ انوکي پڻ سبب سنڌي شاعريءَ ۾ خاص مقام آهي. وفا بي خوديءَ جي عالم ۾ ڪيترائي شعر چئي چڏيا آهن. وفا ناٿن شاهيءَ جي ڪتاب "اکين جي الماس" ۾ وفا جي خمار ۽ فطرت بابت هن ريت لکيل آهي:

"وفا"! جنهن جي وجود جي نشي ۾ ايترو تہ نشو آهي، جو نشا بہ حيران ٿي ويندا آهن ۽ هو ان خمار جي لهندڙ ۽ ايرندڙ سمنڊ مان موتين، سپين ۽ ساحلن جهڙا گيت جوڙيندو آهي،

جنهن جي لهرن جهڙي رواني ۾ ساگر جي گهرائي ۽ سچائي جهڙو انت اوتيل هوندو آهي.
شاعري ۾ لفظن جو جڙاءُ جهڙو ”وفا“ وٽ اهڙو ”وفا“ وٽ ئي آهي.“ (75)

وفا فطرت جي عنصر کي جابجا استعمال ڪيو آهي. هو فطرت جي گهرائيءَ مان چڱيءَ ريت واقف آهي. هو فطرت جي سيني قسمن کي پڙهي، سمجهي پوءِ شاعري ڪئي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جا سيئي قسم مختلف شعرن ۾ معلوم ٿين ٿا. جديد شاعريءَ ۾ هي واحد شاعر آهي، جنهن فطرت جي لفظ کي گهڻن هنڌن مختلف معنائن سان پيش ڪيو آهي. هو فطرت کي برابريءَ طور قطب آڻي ٿو يعني جيئن فطرت ۾ ڪا تفريق ناهي ان طرح هي شعرن ۾ به مثال ڏيئي ٿو. هو فطرت جي چشمي ۾ ڪنهن کي به اڪيلو نه سمجهيو آهي، مطلب فطرت جي چشمي ۾ سڀ هڪجهڙا آهيون. هو محبوب جي فطرت يعني پيدائشي سگهه کي سمجهندي جنهم سان پيٽيو آهي. ان کان پوءِ جڏهن ڪير حقيقت کان منهن موڙي ٿو ته جڻ فطرت کان فرار چاهي ٿو يعني فطرت جي جهان ۾ هر حقيقت چٽيءَ طرح سمجهايل آهي. هو عقابي فطرت جي عنصر جو نه هئڻ کي بيان ڪندي، آسمان جي بي نقابي ڪرڻ اوکو ڪم آهي. يعني جيڪڏهن آسمان کي بي نقاب ڪرڻ چاهين ٿو ته پهرين فطرت کي پنهنجي ذهن نشين ڪري وٺ. ته فطرت ڇا آهي؟ ۽ مان ڇا ٿو ڪرن گهران. هو اڳتي ماڻهو جي اٺڻي ويهڻي جو کي ڏسي ٻڌائي ٿو ته اهو ماڻهو فطرتن وڏ گهراڻي جو آهي يعني هن جي فطرت ان قسم جي ٺهيل آهي. آخري شعر ۾ طبيعت ۽ فطرت جي فرق کان گهڻو واقف آهي انهيءَ ڪري هو ماڻهو جي طبيعت گرم ڄاڻائي ٿو ۽ فطرتي طور نرم ظاهر ڪري ٿو. مٿي بيان ڪيل سمجهاڻين کي هيٺ مثالن ۾ سمجهي سگهجي ٿو:

فطرت جي آئيني ۾،
هڪ جهڙي پوري ڪاري،
(اکين ۾ الماس، 242)

ڪوبه انسان اجنبي ناهي،
چشمِ فطرت سان پيار ڪر مونسان.
(آيو جهول ڀري، 85) (76)

تنهنجي فطرت ۾ منهنجي مجبوري،
جڻ جهنم ۾ پارسائي آ.
(اوجاڳن جو انت، 36) (77)

هر حقيقت کان فرار،
يعني: فطرت کي جهَلون!
(اوجاڳن جو انت، 85)

نہ آفاق اک ۾، نہ فطرت عقابي،
ڪندين آسمانن جي ڪيئن بي نقابي؟
(اوجاڳن جوانت، 193)

فطرت مان معلوم ٿئي ٿو
ماڻهو وڏے گهراڻا آهن.
(اوجاڳن جوانت، 196)

گرم آهي طبيعت جي،
فطرت ۾ تڏي آهي.
(اوجاڳن جوانت، 237)

”وفا“! اهو شاعر آهي، جنهن جي شاعري زندگي جي رات تي چانڊوڪي جيان ڇانيل آهي ۽ جنهن جي روپي بدن مان اٿندڙ ڪرڻا، اسان جي نيڻن جي ڳوڙهن ۾ جرڪندا رهن ٿا ۽ پوءِ جواني جي ارادن آڏو جڏهن چنڊ پهريدار هجي، تہ چنڊ کي تالهين ڏانهن لڙڻ ۽ رات جي ٺري ويڄڻ جهڙو انتظار وفا! وٺ ڪيئن نہ اکرن ۾ اوتجي آيو آهي.“ (78)

البتہ چنڊ ۽ رات جا منظر وفا جي لاءِ ڪافي اهميت جي حامل آهن. هو رات جي اڪيلائيءَ ۾ پنهنجو جيون جون ڪيئي الجهنون محسوس ڪري، فطرت جي هڪ نئين عالم کي وجود بخشڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن وٽ رات جي اونداهي ڪنهن جهالت کان گهٽ ناهي، نہ ئي ان ۾ ڪا اميد اپري اچي ٿي، ويتر هوءَ درد ۽ تڪليفون بخشي ٿي. وفا صبح جي آس رکندڙ آهي.

منهنجي اونداهيءَ سان ويڙهہ،
تنهنجو چانڊوڪيءَ سان سنگ.
(اکين ۾ الماس، 43)

نہ ڪوئي چنڊ، نہ تارا، نہ چراغ،
اڄ انڌيرو بہ انڌيرو آهي.
(اکين ۾ الماس، 52)

نہ ڪوئي چنڊ، نہ تارا، نہ چراغن جي جوت،
تنهنجي وارن جي نما شام ڪري آ سائين!
(اکين ۾ الماس، 69)

ساري دنيا ڪٺي چنڊ ۾ گُل هئي،
پر ”وفا“ جي فقط آرزو تون هئين.
(اکين ۾ الماس، 94)

چِن نہ رنگين روشنيون اوندھہ!
زندگيءَ کي وڏيون هٿيون آهن.
(اکين ۾ الماس، 133)

”وفا فطرت جي خلاف ورزي ڪٿي بہ نہ ڪئي آهي، هن فطرت سان ڳُلهو ڪلهي ۾ ملائي، حقيقت جي ايتري تہ قريب وجي شاعري ڪئي آهي، جو هُن جي شاعري، جيئري ڪا مخلوق نظر اچڻ لڳندي آهي.“ [79] ۽ سچ بہ اهيو آهي تہ وفا جي فطرتي شاعري جيئريون جاڳنديون تصويرون جن ۾ فطرت رقص ڪندي، من موهيو ٿي ڇڏي.

وفا ناٿن شاهيءَ فطرت سان مشابهت ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. هن ٺ فطرت سان جوڙيل ڪيتريون ئي تشبيهون ۽ استعارا موتين جي خزاني جيئان وهندا آيا آهن. هو مختلف هنڌن تي مختلف انداز سان تشبيهون جوڙي پيش ڪري، پنهنجي جذبن جي اُپٽار ڪئي آهي:

ميِنديءَ جي ڏار وانگر،
ماٺهو پيار وانگر.
پن ڇڻ ڪان اڳ ڇني پئي،
ڇوري بهار وانگر.
پيلو جوان ڇوري،
سانوڻ ڏنار وانگر.
(آيو جهول پري، 92)

برق انگيز مهٿ سهٿ ڪانپوءِ،
مَنيهن وانگر مِڙي پيو ڪوئي.
زندگيءَ جي عجب انڌيرن ۾،
چنڊ وانگر ڪڙي پيو ڪوئي
مون جو مُکڙيءَ تي پنهنجي چپ رکيا،
گل وانگر ڪڙي پيو ڪوئي.
(آيو جهول پري، 57)

اونداهيون پيي ڪوڙ ڏنيوسين، چانڊوڪيون پيي ڪوڙ پسيون سين،
ڪانہ لڳي ڪا زلفن جهڙي، ڪانہ لڳي رخسارن وانگر.
هر اونداهي روشن ٿيندي، پر چوڏهين جي رات اچڻ ڏي،
ڪاريون راتيون چمڪائيندا، ماٺهو، چنڊ ستارن وانگر.
(آيو جهول پري، 133)

وفا ناٿن شاهي ڪتاب ’وفا‘ ۾ پنهنجي شاعريءَ جي حقيقت کي بيان ڪندي لکيو آهي تہ:

”پنهنجي شاعريءَ متعلق مان ٿورو لفظن ۾ هئين چوندس تہ منهنجي سموري شاعري ارضي آهي، آفاقي نہ. فرشي آهي عرشي نہ. ڌرتي لاءِ آهي آسمان لاءِ نہ. ماڻهن لاءِ آهي فرشتن لاءِ نہ. آسمان مان مون صرف ڪائنات جي ڇت جو ڪم ورتو آهي. تنهن ڪان سواءِ خدا بہ ڌرتيءَ تي ۽ انسان بہ ڌرتيءَ تي. مون کي مٿي نهارڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.(80)

يعني ان جي شاعري هن ڪائنات جي خوبصورتي ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن جي لاءِ سرجيل آهي. جنهن ۾ پنهنجي ماحول جا نظارا ۽ منظر نگاريون ٿيل آهن. گڏوگڏ پرين جي واڪاڻ ۽ انهن طرفان مليل رنجشون، وغيره عام ماحول ۾ بيان ڪيون آهن. پر ان جو سڌو سئنون تعلق هن سماج سان آهي. جنهن ۾ هو پاڻ رهي ٿو ۽ نظارا پَسي ٿو.

سِج ۽ چنڊ جي اک ٻوٽ سندي منظر ۾،
نہ ليي ڏينهن، نڪا رات وفا! سانوڻ ۾!
ٿون بہ ٽر جهڙو بدن آلو ڪري وٺ چريا!
ٿي ٿئي مينهن جي خيرات وفا! سانوڻ ۾!
(وفا، 42)

تنهنجي واعدن جي سرد شامن ۾،
سِج وانگر سڙي پيو ڪوئي.
ٻيل هٿ ۾ ڏسي شڪاريءَ کي،
مور بن ۾ رڙي پيو ڪوئي.
(وفا، 65)

گُل ڦُل، چنڊ ستارا ڙي!
تنهنجا رستا چارا ڙي!
شينهڻ جهڙي تنهنجي جان،
منهنجا ساهہ اُڌارا ڙي!
زُلفن چهرن جا سپ رُوپ،
منظر پورا، ڪارا ڙي!
(وفا، 183)

”وفا نديڙ ڪان فطرت پسند ماڻهو هو، ان ڪري سنڌ جي فطرت سونهن هن کي پنهنجي درد سميت پنهنجي ياڪر ۾ آٽي ڇڏيو. هي پنهنجي مٺي آواز سان جهونگاريندو، وطن جي وڻن ٽڻن جو اپياس ڪرڻ لڳو.“(81)

انڌيرن ۾ ڪِڙياسين چَنڊ ٻنجي،

چِٻُن، چَمڙن کي چيڙائي ڇڏيوسين.
(اوجاڳن جوانت، 51)

ترِڻَن ٻَکي ٿو نقاب مان چهرو،
سِجُ چمڪي ٿو جيئن ڪَڱر ۾.
(اوجاڳن جوانت، 83)

چِٻن، چَمڙ ڏنيون اِن لئه سزائون،
ڏِيئا اوندهه ۾ ٻاريندا رهياسين.
(اوجاڳن جوانت، 183)

## 4.14 آٿم ناٿن شاهي

جديد شاعريءَ ۾ وفا ناٿن شاهيءَ جي شهر سان تعلق رکندڙ آٿم ناٿن شاهي پڻ انمول ۽ ڪمال جو شاعر آهي. جنهن جي شاعريءَ ۾ انتهائي دلچسپ، وڻندڙ ۽ دلڪش ڳالهيون سمايل آهن. آٿم جي شاعري وطن جي مٽيءَ جي هٻڪاءَ سان واسيل آهي. جنهن کي بيان ڪرڻ جو خوبصورت طريقو استعمال ٿيل آهي. ”آٿم صاحب وٽ اندر جي اظهار جو پورو پورو ڏانءُ هو. هن شاعريءَ جي فني صلاحيتن ۾ ذات جو ڀرپور استعمال ڪندي شاعريءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو. هن جي شاعريءَ ۾ ڪمال جي درجي واريون جيڪي خوبيون ملن ٿيون، تن مان هڪ خوبي بقول اسحاق سميجي جي اها به آهي ته ان ۾: ڳهر ۾ ورتل نسل کي ديوانگيءَ ۾ مُبتلا ڪرڻ جو سمورو ڪمال موجود آهي.“[82]

آٿم ’چلڪيا نيڻ ڪٽورا‘ ۾ پنهنجي شاعريءَ جي فڪر، موضوع ۽ ماحول بابت لکي ٿو ته:

> ”ان کان سواءِ هن مجموعي ۾ اها شاعري به شامل آهي، جيڪا مون پنهنجي شهر خيرپور ناٿن شاهه ۾ رهندي پئي ڪئي آهي. جنهن ۾ ٻهراڙيءَ جي ماحول جا عڪس، نِجُ، ٺيٺ ۽ اصلي ڳوناٺي ٻولي، اُتان جي رسمن ۽ رواجن جا خاڪا ۽ اُتي وقت بوقت جنم وٺندڙ واقعن ۽ وارتائن جون ڪهاڻيون به آهن. پوين ڪجهه ڏهاڪن ۾ لنبي-چوڙي مارشل لائن جي دَور جا اولڙا، ون-يونٽ خلاف ليکڪن جي سر-توڙ ڪوشش ۾ منهنجو تخليقي ڪردار ۽ ’ايم. آر. ڊي‘ (1983ع) تحريڪ جي عرصي ۾ انتظاميا پاران انسانن جي چير-ڦاڙ جا قصا به ان شاعريءَ ۾ موجود آهن. جنهن لاءِ پنهنجي ياداشت کي جاڳائڻ ۽ ذهن کي ماضيءَ طرف وٺي وڃڻ جي ضرورت آهي.“[83]

آٿم جي شاعريءَ ۾ گهڻا ئي گهاڙيٽا ملن ٿا. پر هن جو من پسند جو گهاڙيٽو نظم آهي. ”اها حقيقت آهي ته آٿم بنيادي طرح نظم جو شاعر آهي ۽ سندس ٻوليءَ جو تاجي پيٽو ڳوناٺي ٻوليءَ، فطرت جي نظارن، ڪچي ۽ ڪاچي جي ماحول ۽ ديهاتي حُسن جي اڏاڻي تي اُڏيل آهي: اهو ئي سبب

آهي جو هُو غزل ۾ به نظم واري روان ۽ مترنم ٻولي ڪٺي اچي ٿو. جنهن ۾ گيتائون سنگيت ۽ ٻوڙينديءَ ۽ چنگ جو ٻراءُ آهي.[84]

ليسوُڙيءَ جي لوڏَ ڏَنءِ نـ!
تيز هَوا جي توڏَ ڏَنءِ نـ!
ڇولين ڪيئن ڇڏيا هن اُڇلي،
سمنڊ ڪناري ڪوڏَ ڏَنءِ نـ!
(جڏهن اُلا اپ ۾، 82)[85]

”اڄ شاعريءَ جا قدر بنهه بدلجي چڪا آهن، ان ۾ خوبصورت اسلوب، نوان نوان استعارا ۽ محاورا، نيون نيون تشبيهون ۽ ترڪيبون ۽ ڳن رسُ سان ڳڏ منَ رسَ جا عنصر پيدا ٿي ويا آهن. ماوراءِ عقل ۽ غير فطري ڳالهيون نه، پر حقيقيت پسنديءَ تي زور ڏنو پيو وڃي. اڄ جي شاعري فطرت جي ترجماني، ڪائناتي اسرارن کي ظاهر ڪرڻ، انساني مسئلن، مشڪلاتن ۽ ان جي عادتن، افعالن جي تَر تائين پهچي وئي آهي.“[86]

آٿم جي شاعري به نوان اسلوب، نوان استعارا ۽ نيون تشبيهون ملن ٿيون. سندن شاعريءَ ۾ فطرت جي موضوعن تي جڙيل ڪيتريون ئي پياريون ۽ انوکيون مقامي رنگ ۾ رنڱيل استعارا ۽ تشبيهون شامل ڪيون آهن:

هُو محفل ۾ اِئن ايندو آ،
ڄڻ بازُ پيو ڪو ڳيرن ۾!
اڄ دل تي هُن جا لفظ لڳا:
جئن لوڻُ مڇيءِ جي ٻيرن ۾!
(لهرون لهرون لاٽ، 24)

تِتر ڪرڙيءَ ڪفني ڦاڙي
سج جئن سرجڻهارا اُڀريا.
(لهرون لهرون لاٽ، 32)

پيار هميشه پياسو اهڙو
جهڙي واري پاڻيءَ ڇُهڻي.
(لهرون لهرون لاٽ، 47)

مون تي: اڄ هُو پنبڻيون اُلريون،
ڳهر ڪڪائون ڪِنوٽيون اُلريون.

سامهن ساجنُ، تاسيون نظرون،

پاڻيءَ پاسي هَرڻيون اُلريون.
(لهرون لهرون لاٽ, 37)

سانوڻ-رُتِ ۾ تون جنهن ڏينهن جدا ٿينءَ مونکان,
ڪڪرن ڳاڙيا لُڙڪَ, وِڄُن ڪي هڏڪي آئي.
(لهرون لهرون لاٽ, 68)

وڄُ وراڪو جيئن ڪڱر ۾, تيئن وجي پئي وارن مان-
سُندري! تُنهنجي سيندِ سنواريل!
(لهرون لهرون لاٽ, 93)

آئم ناٿن شاهي آس پاس جي ماحول جي وڻندڙ فطرتي شين کي شاعريءَ ۾ روانيءَ سان پيش ڪيو آهي. هن جي نظر ننڍين کان ننڍين شين تي پيل معلوم ٿئي ٿي. هن جي خيالن جي اُڏام ۽ سادڙن موضوعن جي پيش ڪش جديد شاعريءَ کي جان بخشي آهي. آئم انتهائي سهڻا ۽ پيارا نظارا ڏيئي آزاد هئڻ لاءِ مثال پيش ڪيا آهن. اهڙي شاعري پڙهندي من کي سڪون ۽ سرهائي حاصل ٿئي ٿي, گڏوگڏ فطرت جي اڻ ڇهيلَ منظرن جي خبر پئي ٿي.

جڏهين:
پوپَٽ جي پرڙن جهڙا,
اَڇڙا, لِڱڙا ۽ ننڍڙا:
ٻارَ ڳلين ۾ ڪڏندا آهن-

۽ هن هارين/نارين جا,
سانجهہ- سَويري سارين جا:
سَنگَ, هَوا ۾ لڏندا آهن-

يا, هيٺ ڇڏي سڀ چوٽيون,
ڏي پولارن ۾ ڏوٽيون:
پاليهر, پيا اڏندا آهن-

يا, اُڀَ ۾ ٽمڪڻ وارا,
ساگر- لَهرن ۾, ويچارا:
تارا, ترندا, ٻُڏندا آهن-

تڏهين:
آزاديءَ جو احساسُ-

نہ تو کي ٿيندو آ، ڇا؟
(جڏهن اُلا اپ ۾، 110)

اهڙيءَ طرح جڏهن محبوب جون رات جي سمي ۾ تصويرون ڦاڙيندي، مقامي ماحول جون عام لوڪ کان وانجهيل فطرتي شين کي پنهنجي احساس ۾ خيال جو ذريعو بڻايو آهي. ڪهنگ (ٻاڙهين ڇهنبن سان ڍنڍ جا پکي) رات جي سمي لاڙي سارين (انهن جو چانور ٻاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي) مان ٻُپ ڪڍي ڪائيندا آهن. اهيو منظر اسان جي مقامي ماحول نجو پجو آهي، جنهن کي آٿر جهڙن مشاهداتي شاعرن، لاپ ماٽيندي استعمال ڪيو آهي. يا وري پپرن جي پنن جو آواز بہ ہڏائي ٿو تہ اسان جو ڳوٺن ۾ پپر جا وڻ اڪثر پوکيا ويندا آهن، ڇو جو انهن جا پن وڏا هوندا آهن ۽ گهاٽي ڇانوَ ڪندا آهن. جڏهن هوا انهن جي پنن سان ٽڪرائيندي آهي تہ پن باقائدي لڏندا آهن، آٿر جي زباني اهي تاڙيون وڄائيندا آهن. البتہ هي ڳالهيون آٿر جي مقامي ماحول جي فطرتي رنگن ۽ نظارن کان چڱيءَ ريت واقفيت جو ثبوت ڏين ٿيون ۽ فطرت جو تفصيلي ذڪر کي پيش ڪن ٿيون.

پَرسان واريءَ ياڏَ ۾–
اُڏرن ٿيون آڙيون،
راتِ سمي جي سانت ۾.
ڪُهنگون نڪري ڪِهَر مان–
ٻاڙهين ڇُهنبن سان ڇُڳن ڪَڇُ – ڳِپيون لاڙيون،
راتِ سمي جي سانت ۾.
تيز هَوا جي تالَ تي–
پَن پپرَ جا پاڻ ۾ وڄائن تاڙيون،
راتِ سمي جي سانت ۾.
شيطانن جي شهر کي–
اپَ تان اُڇلي پيا ڏين تارا اُماڙيون،
راتِ سمي جي سانت ۾.
۽ مون هُن جي ياد ۾–
ٽَڙقي ٽَڙقي، سڀ سندس تصويرون ڦاڙيون،
راتِ سمي جي سانت ۾. (لهرون لهرون لاٽ، 75)

آٿر ناٿن شاهي مقامي ماحول جي فطرت نگاريءَ کان پوءِ محبوب جي ساراهہ ۽ واکاڻ ڪري رهيو آهي. هن محبوب کي فطرت جي عنصرن سان ڀيٽيو آهي. محبوب لاءِ فطرت جو تابعدار ڄاڻايو آهي، ڪنهن ڪنهن مهل هو فطرت جون شيون ڪٽي محبوب سان ڀيٽي پنهنجي نهنائيءَ جو اظهار ڪيو آهي:

آءُ ڏسان پيو اُپ تي ٿهندڙ ڪڪرن جون شڪليون،
وڄُ لکيو ٿي هر هر تنهنجو نالو ڪڪرن تي.
صبح ڏٺا مون موڙ سُڪل ۾ ڪُوماڻل ها گُل،
رات اچانڪ ساڙُو- پارو پيو هو مٽرن تي.
شام اسان جي پاڙي ۾ هڪ چانڊوڪي آئي،
چنڊ سموري رات ڏني هي، چوڪي ڇپرن تي!
(سامرين جي شهر ۾، 32)

تون برسات جو پاڻي آهين،
مان ڪاغذ جي ٻيڙي آهيان
تون موتئي جي مُکڙي آهين،
۽ مان باک- ڦٽيءَ جو هڪڙو ماڪ- ڦُڙو هان.
تون هڪ ڪوري ڪاپي آهين،
مان پنهنجي هٿَ- لڪيرن ۾،
تنهنجو نالو پڙهندو هان. (سامرين جي شهر ۾، 139)

آٿم شاعريءَ ۾ اڻ ڳڻيا موضوع ۽ فڪري خيال شامل ڪيا آهن. هو وطن جي پريشانيءَ جي واري حالت ۾ پنهنجن جذبن جو ڪنهن نہ ڪنهن ريت اظهار ڪندي نظر آيو آهي. هن مارن (ٿرڙين) جي تڪليف کي محسوس ڪندي، فطرت جي رچ ۽ سچ واري منظر کي پيش ڪيو آهي. هو ڏڪار ستيل ٿرين جي حالت ۽ فطرت جي ويرانيءَ کي شاعريءَ ۾ هن طرح لکيو آهي :

ٿَر ۾ ڪارو قحط پيو آ-
واهڻ واهڻ ويلُ ٿيو آ!!
ڀُونءِ ڀتاري: ساري واري، سُڪُي واري.

ڪنهن بہ وَڻ ۾ ڪو پَنُ ڪونهي،
نِيل- ڳنڌ جا نيڻَ ڀِنا هن،
هرڻي ڪا بہ نہ هيجَ ڪري ٿي،
روجهہ نہ ڪنهن ڳُڏ ڪارَ ڏِٺا هِن،
موتَ پکيڙي اهڙي دهشت،
ساهَہ- ڀَريا سڀ جِيوَ ڊِنا هِن.

مورن ناچُ وساريو آهي،
ڪنيَ پکين کُٽا آهن،
ساوڪ جو ڪو تيلو ناهي،

گَسُ سَمورا گُتا آهن.
ڪنهن ڪنهن ٻنيءَ منجهه، پراٺا-
ٻاجهر جا ڪجهه ٻُٽا آهن.
(جڏهن اُلا اپ ۾، 115)

آٿم جدوجهد ۾ انقلاب جي پهلوءَ کي بہ شاعريءَ ۾ شامل ڪيو آهي. هن فطرت جي قدرتي وسيلن کي شامل ڪري، اهيو جذبو ڏيکاريو آهي تہ تون اسان کان ڇا ٿو کسي سگهين؟ تون قدرت جي کهڙين شين کي روڪي سگهين ٿو. قدرت جي هر شيءَ هر هڪ جيوت جي لاءِ اوتري ئي آهي جيتري توکي کپي ٿي. ان سڄي مانداڻ کي 'اڻ-ٽيڪي' جو عنوان ڏيئي، حقيقت کي ويجهو آڻي پيش ڪيو آهي. هن جو شايد پسمنظر اهي سرمائيدار آهن، جيڪي عوام کان جيئڻ جو حق کسيندي، فطرتي شين تي ڌاڪو ڄمائڻ چاهين ٿا. جيئن تيل جي ذخيرا، ڪوئلي ۾ لوڻ جون کاڻيون، پاڻيءَ جا درياءَ پنهنجي وس ڪري پنهنجي مرضي هلائڻ چاهين ٿا. انهيءَ جدوجهد واري خيال کي فطرت جي عنصرن جي هن ريت چونڊ ڪئي آهي.

چانڊوڪيءَ کي،
منهنجي گهر کان روڪڻ وارا!
چانڊوڪي ڪنهن جي بہ ڇَٽي سان-
رڪبي ناهي.
منهنجي آڳر تان خوشبو کي موڙڻ وارا!
خوشبو ڪنهن جي مرضي ساڻ نہ مُڙندي آهي.
منهنجي ڳوٺ ۾،
مينهَن پوڻ تي ارها ٽيندڙ!
مِينهَن تي ڪا پابندي ڪانهي-
پوڻ مٿان ڪاٿي بہ وَسڻ جي.
سُونهن، خوشيءَ سا-
پنهنجا اوليڙا ٿي اڇلي مون تي،
اوليڙن کي جسم تہ ڪونهي،
سو اڏري پيا ايندا-
تون ڪيئن تِن کي پنهنجي مُٺ ۾ پڪڙيندين؟
ماڪ - ڦُڙا ۾ هِير اسر جي،
ڦُلواڙين کان ڪيئن ڦريندي!؟
ايئن ڪڏهن پي ٽيٺو ناهي

ايئن ڪڏهن بہ ٿيو ئي ناهي! (سامرين جي شهر ۾ 49)

آٿر ناٿن شاهيءَ شاعرن کي چپرن جهڙو چيو آهي. ٻنهي جي جيڪا حالت آهي انهيءَ کي فطرت جي انوکن ۽ حقيقت ڀريل منظرن سان جوڙي پيش ڪيو آهي.

❋

اڪثر مون کي ايئن لڳو آ _
يا شايد مون ايئن سمجهيو آ،

جهڙا شاعر، تهڙا چپرا،
حال ٻنهي جا هڪ ئي جهڙا،
لاتيون _ باتيون،
رات اکين ۾،
ڪاٽڻ وارا.
سڄ _ نگر ۾،
رُڄ _ نگر ۾،
سانڍڻ وارا.
رهٽيون ڪهٽيون
هڪ ئي جهڙيون.
ڏُنڌلا صبح ۽ گدليون شامون،
پولارن ۾ آکيرا _
۽ اوجهڙ منجهہ اُڏامون.
ڏينهن ڏکن ۾ _
ياڳ ٻنهي جا _
تنهايون ۽ اوجاڳا
ماڳ ٻنهي جا _
اونداهيون ۽ ويرانيون!!
(سامرين جي شهر ۾ 101)

آخر ۾ آٿر جي جيءَ کي جهروڪا ڏيندڙ ان احساس کي پيش ڪجي ٿو جنهن آٿر جي زباني هميشہ پئي وڏيو آهي. هن جي بيان ڪرڻ مان مراد فطرت جي عنصر جي منظرنگاري پڻ آهي.

منهنجا معصوم! ننيڙا ماڪ ڦڙا!
هڪڙي اتوار جو ڏائڻ سورج _
اُڀ تي ايندي ئي پنهنجي جيڀ سان،
توکي ڏرتيءَ تان چَٽي ويو آهي!

منهنجا، رابيل جيان نازڪ گُل!
موت منحوس جو پيپانَڪ راڪاس _
باغ ۾ آيو ۽ ڳولي _ ڦولي،
توکي ٽاريءَ مان پَٽي ويو آهي!!

(منهنجي ڏيءَ جي پُٽ امتياز حسين جي ياد ۾، جيڪا 19 مئي 1977ع کان سندس وفات جي وقت کان منهنجي وجود کي وڏيندي رهي ٿي.) (سامرين جي شهر ۾ 102)

## 4.15 مريم مجيدي

سنڌي ادب ۾ مردن وانگر عورتن پڻ جفاڪشي ڪري خوب ملهايو آهي. انهن جفاڪش

عورتن مان مريم مجيدي پڻ هڪ آهي، جنهن جو منفرد اسلوب هئڻ ڪري مقام نمايان نظر اچي ٿو. هن جي هر گهاڙيٽي ۾ فن جي ڪاريگري سمايل آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جي ڏکن ڏاکڙن کي پَسي ڪمال جي شاعري ڪري سنڌي ادب ۾ دائمي حيثيت پيدا ڪئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ بيت، وايون، نظم، گيت، غزل، ٽيڙو، چؤسِٽا ۽ ترائيل شامل آهن. موضوع جي حوالي کان جديد دؤر جي حيثيت هئڻ ڪري انوکا، منفرد ۽ دلڪش موضوع استعمال ڪيا آهن.

مريم مجيدي فطرت جي عنصرن کي ڪنهن نہ ڪنهن ريت استعمال ڪيو آهي. ڪڏهن تڪليفون، تہ ڪڏهن سماج جي عڪاسي، ڪڏهن جدوجهد جي علامت تہ ڪڏهن فطرت جي جماليات پيش ڪيو آهي. هوءَ فطرت جي رخن کي ڪنهن نہ ڪنهن ريت پيش ڪري، خوبصورت منظر جوڙيا آهن. انهن رخن مان فطرت سان مشابهت جي رخَ کي هن دلڪش طريقن سان استعمال ڪيو آهي. هوءَ فطرت جي تشبيهن ۾ اصلاحيءَ عنصر، محبوب جي سندرتا ۽ ملڻ جي اميد ۽ سماج جي بي رخيءَ کي منظر ڏيئي پيش ڪيو آهي:

ٽيون گل، رهون گل، گلن جئن رکون،
سدا ساهہ سُرها پنن ۾ اڏي،
(سرور دکم دکم، 30)[87]

پاڻ گلابن وانگر مهڪي،
صبح جهڙي سوچ وٺس.
(نيرانا ئي نيڻ، 31)

ڦرن سج ۽ ڌرتيءَ جيئن محور مٿان،
ڪڏهن نيٺ ايندا اوهان پيي ڪهي.
(نيرانا ئي نيڻ، 61)

زمانا، تون اسان تي ڇو رکين ٿو اج بہ اک ميري؟
اسان تنهنجي سُجي ڪک مان گلابن جئن ٽڙيا آهيون.
(نيرانا ئي نيڻ، 41) [88]

اهڙيءَ طرح جڏهن فطرت جي منظرنگاري ڪري ٿي، تہ ڪمال جا عڪس جوڙي، پنهنجي احساسن جذبن ۽ خيالن کي پيش ڪري ٿي. هوءَ فطرت جي دلفريب ڏنل وائنل منظرن کي لفظن جي سندرتا سان، تصويرن وانگر پيش ڪري ٿي. مريم مجيدي جن جڳهن تي سفر ڪيو اتي ويهي فطرت جي سونهن مان لاڀ حاصل ڪيو ۽ گڏوگڏ مشاهدو ماڻيو. سندس شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جي سونهن ڪنهن ڪنهن هنڌ نظر اچي ٿي. هوءَ ڪوشش ڪري فطرت جي ڏيک ڏيندڙ عنصر کي کڻي ٿي،

جنهن سان منظر چٽو ٿي بيهي ٿو. جيئن ميرو سج پڙهڻ کانپوءِ محسوس ٿئي ٿو ته هن وٽ فطرت جو انوکوپڻ آهي، جنهن ۾ فطرت جو مختلف رنگ ڏنل آهي.

کا، کاري ککري مکليءَ تي،
کو پورو بادل تر مٿي،
هُو پوڏيسر جي پٽ سجي،
شل! چيچ وجهي بوندن ۾ پچي،
سانوڻ، سنڌو کي پرچائي،
دمدمي تائين پاٽي کاهي!
پنهنجو کائي،
موسم ناهي.
(نيرانائي نيڻ، 102)

ميرو سج
سج منهن جي راڄ جو،
صدين کان ميرو سانورو،
جڻ ته هن جي روشني،
سالن کنان وهنتي نه آ،
ياڳ ۾ پومي جي آهي،
جڻ اگهاڙو چانورو،
۽ کڏهن وڻ قوٽ جي،
رُت، وقت تي پهتي نه آ.
(نيرانائي نيڻ، 92)

مريم مجيدي جديد شاعرن ۾ شاعرائن وانگر فطرت جي عنصرن کي جدوجهد، جفاکشيءَ ۽ نئين اميد طور پڻ استعمال ڪيو آهي. هن فطرتي شين کي علامت طور قطب آندو آهي. هوءَ اونداهيءَ يعني انڌيري کي نندينديءِ روشنيءَ جي تمنا کي ظاهر ڪري ٿي. انسان جي جدوجهد ۾ جستجوءَ سان نيٺ اها ڪاري ٻاٽ ختم ٿي ويندي. هوءَ مسلسل انڌيرن کي ڏسندي ٽيڙن جي نه ٽڙڻ، نه ئي گل کڙڻ جو ذڪر ڪري ٿي. يا چاسينگر (تانڊاٽي) وانگي چمڪي چمڪي سڄي جڳ کي چمڪايون ۽ گهٽين جي اونداهين کي لاٽون ٻاري چمڪائي ڇڏيون:

ڪرٽا ڪرٽا ٽيندي واٽ!
لاٽون ٻرنديون ويندي ٻاٽ!

تارا تارا بنجي سوچون!

چوڏس چمڪي ڪن چمڪاٽ!

جذبا ڇَر جُون چوليون ٽيندا!
اُڏما ڪندا اُڀ ۾ ڦاٽ!
(سروم دڪم دڪم، 60)

هي ڪارا ۽ ميرا، انڌيرا انڌيرا،
سيئي پنڌ پيرا، انڌيرا انڌيرا.

نہ ٽيڙو ٽڙن ٿا نہ ڪي گل ڪڙن ٿا،
نہ ئي پونئر پيرا، انڌيرا انڌيرا.
(نيرانا ئي نيڻ، 91)

چاسينگر جان چمڪي چمڪي، پنهنجو سارو جڳ چمڪايون،
گھيڙ گھٽي ۾ گھُور انڌارو، لاٽون ٻاري جوت جڳايون.
(سروم دڪم دڪم، 71)

مريم مجيدي لوڪ سان مخاطب ٿيندي، انهن ۾ فطرت ذريعي سُجاڳي ۽ بيداري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هوءَ دنيا جي وڏ ۾ وڏ طاقتور شيءِ يعني سج جي ڪُڙي ڏنيڻ ۽ رات مان رسا ڪيڻ يعني جهالت کي ڦتو ڪرڻ جو اشارو ڏيئي چنڊ وانگر ڪڙڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي. هوءَ هيئين آزاد نظم ۾ جاڳرتا جو شعور ڏيئي رهي آهي.

| | |
|---|---|
| سج جي ڪُڙي ڏنيو | ڪلا سندي ڪراڙ ۾ |
| ۽ رات مان رسا ڪيو | انڌير جي پهاڙ سان |
| چنڊ جيئن | اُماڙ ٿي |
| ڪِڙي پَئو | وجي لڳو. |
| سپ ڳونڙا اُٿاريو | انهي ريت ٿا اوهين |
| ٿي دونهن دونهن دڳ تي | جُڳن تائين جيءُ سگهو |
| هوائون | جاڳ جا جهنڊا ڪٽي |
| هنجهہ ۾ ڪٽو | اُنو! |
| ڳهر ۾ ڳگهاٽيل | سجڻ ساٿيو! (سروم دڪم دڪم، 98) |

## 4.16 ادل سومرو

ادل سومرو جديد شاعريءَ جو انمول ۽ سرموڙ شاعر آهي. ادل جديد شاعرن جي هن ٽهيءَ ۾ ٻاراڻي ادب کي وڏ ۾ وڏ پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو آهي. ”ادل سومري جي شعر ۾، سنڌ جي مٽيءَ جي مهڪ آهي، سنڌي ثقافت جي سُرهاڻ آهي. سندس شاعري نئين سنڌ، سنڌي قوميت ۽

سنڌي وراثت جو اُهڃاڻ پڻ آهي.“ (89)

ادل سومرو فطرت سان ڳالهيون ڪندي ان جي درد ۾ پيڙاءَ بابت پريشان رهي ٿو. هو فطرت جي عنصرن کان ان جي وجهه پڇندي ۾ ڳالهيون ڪندي منظر ظاهر ڪري ٿو. ’سچ جو لڙڪ‘ هن آزاد نظم ۾ سچ کي چئي رهيو آهي ته جيڪا ڳالهه آهي اها مون سان اوڙ پڙ بيلي خاموش نه رهُه. ڪجهه نه ڪجهه ڳالهاءِ يعني فطرت جي تجسيم جو انوکو مثال پيش ڪري رهيو آهي:

ان کان اڳ جو تنهنجا جذبا،
تنهنجي اندر منجهه سڙي،
ٻاڦ جو روپ ڌاري،
تنهنجي اکين جي ڪناري،
ٿي ٽِڏا
تنهنجي ڳلن تان پون ڳڙي-
مون کان پُڇ
ڪجهه ته ڪُڇ. (وليون وڻ ڦلاريا، 16) (90)

شاعريءَ ۾ چنڊ هڪ استعارو هوندو آهي، ڪنهن جاءِ تي علامت پڻ هوندو آهي. ڪي شاعر ان جي محبوب سان ڀيٽ ڪندا آهن، ڪي ان کي محبوب مشابهه ڪري ان جي سونهن جي ساراهه ڪندا آهن پر ادل سومرو انهن ڳالهين جي ابتڙ هلي رهيو آهي. هو چنڊ کي پوڙهو بيمار، نوڙهو ڪوني پنهنجي محبوب کي مهراڻ، ٻيلي، سرهاڻ، پرياٽ، ڪنول ۾ تاري جو ٽٽڻ سان مشابهه ڪري رهيو آهي. هو محبوب تن من ۾ مختلف ڪيفيتن کي فطرتي شين سان ڀيٽ ڪري رهيو آهي:

*

توکي ڪيئن مان چنڊ چوان!
سائيءَ ورتل هيڊو هيٺو
پوڙهو چنڊ
نوڙهو چنڊ-
تنهنجي ساهن ۾ سرهاڻ،
تنهنجي ڇاتيءَ ۾ مهراڻ-
تنهنجا ڪارا وار ائين ڄڻ،
مياڻي ٻيلو-

تنهنجو مُرڪڻ،
پرياٽ جو ڦٽڻ
مانيءَ ڍنڍَ ۾
ڪنول جو ترڻ
تاري جو ٽُٽڻ-
توکي ڪيئن مان چنڊ چوان!
ڪوڙهَه ورتل جهونو جهيٺو
بيمار چنڊ
لاچار چنڊ- (وليون وڻ ڦلاريا، 18)

تون ئي منهنجي راتين جي روشني
چنڊَ سان پنهنجي لڳي ئي ڪانه ٿي.

(نيروليءَ جا خواب، 41)

ادل سومري وٽ محبوب جي لاءِ ڪيترين ئي خوبصورت فطرت رنگن سان ڀريل تشبيهون ملن ٿيون. ادل هڪ خوبصورت فطرت پرست شاعر جيئان آهي، جو هر صنف ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ريت فطرت جي عنصر کي شامل ڪري ٿو. جديد دؤر فطرت جو ترجمان آهي، هر هڪ شاعر پنهنجي مقامي ماحول مان متاثر ٿي، فطرتي شين جي ڏرتيءَ، سڄڻ ۾ لوڪ سان مشابهت ڪري دلفريب منظر جوڙي پيش ڪري رهيو آهي. ادل وٽ بہ پوڻ۾، دلبر ۾ عام عوام جي ڪيترين ئي تشبيهون ملن ٿيون. محبوب يا دلبر جي واکاڻ ڪندي، منظر پيش ڪرڻ جو انتهائي خوبصورت ڏانءُ آهي. ڪنهن ڪنهن جاءِ تي تہ پنهنجي تنهائيءَ جو عالم ۾ محبوب جي اڪيلائيءَ کي فطرت سان تشبيهون ڏيندي ونڊي ٿو:

ٺُنهنجي حالت هُئي ائين
چڻ سرءُ جي مند ۾
اُداس وڻ جي
ڪنهن اُگهاڙي شاخ تي ويٺل
تنها پکي.
(سمنڊ جاڳي ٿو 31) [91]

منهنجو ساهُ سمونڊ، لهرون لهرون تون
ڪڏهن نہ ڀانيو مون، پري توکان پاڻ کي.
(سمنڊ جاڳي ٿو 31)

تون وهاڻي ۾ لِڪائي وِڄُ کي
چڻ تہ ڪکرن تي ستي آهين پئي.
(نيروليءَ جا خواب، 35)

سادن ماڻهن جي ڏکن ڏاکڙن لاءِ فطرت جو رات وارو منظر پيش ڪندي، چنڊ جون چٽرون، تارن جا ٽهڪ ۾ دوزخ جهڙي ڏرتي ڀاري وجود جو ڏيکن کي پيش ڪيو آهي. انسان جو مجبورين ۾ گذران انهيءَ دردناڪ رات وانگر لڳي ٿو جنهن ۾ چنڊ ۾ تارن هوندي بہ ڪا روشني نہ ملي:

ساري ڏينهن جا ڏنپ سهن ٿا
رات جو اُپ ۾ تارا ڏسندي
هي ويچارا سادا ماڻهو
ليڙون ليڙون جهولَ جهلن ٿا
ڪو بہ تارو ڪين ڪري ٿو
چنڊ ڪري ٿو تن تي چٽرون

تارا ٿهہ ٿهہ ٿهڪ ڏين ٿا.
۽ پوءِ
دوزخ جهڙي ڌرتيءَ تي
ساڳيو ڏک جو ڏينهن تپي ٿو
سورن جو سج اُڀري ٿو. (سمنڊ جاڳي ٿو 91)

تنهنجي منَ ۾ ڪوئي ڪٽڪو جيڪڏهن
شامَ جي اونداهہ جو اُلڪو اُٿي،
چنڊ جي ڪائي تمنا تُون نہ ڪر
۽ نڪي ٿورا ستارا
رات ڪان تُون گهرُ اڌارا
عارضي آهن سهارا. (نيروليءَ جا خواب، 82)

هو سماج ۾ وڏيرن، سرمائيدارن ۽ اعليٰ عملدارن جي فريبن، چالاڪين ۽ لاپرواهين بابت ڪيترائي فطرت جا اڻ ڇُهيل احساس پيش ڪري، انهن ڪي آگاهہ ٿو ڪرڻ چاهي ٿو تہ اسان ڪي فطرت سان لڳاءُ تڏهن ٿيندو جڏهن اسان جون بنيادي ضرورتون پوريون ٿينديون.

هيڏيءَ ۽ ميرانجهڙي رات ۾
گٽر مان نڪتل
سائيءَ ورتل چنڊُ
اسان لاءِ ڪا بہ ڪشش نٿو رکي. (نيروليءَ جا خواب، 25)

هرڻيءَ جهڙي سنڌڙي، چوڏاري واري
ساڳيا شڪاري، نيون بندوقون، گاڏيون.
(نيروليءَ جا خواب، 47)

ادل سومري وٽ فطرت جو تفصيلي ذڪر، فطرت جي پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندي ملي ٿو. هو فطرتي منظرن کي مصور جيئان جاچي پڙتالي ان ۾ ڪيئي معنائتا رنگ ڀري، لفظن جي ڪڙين ۾ جڪڙي املهہ تصويرن جيئان ظاهر ڪري ٿو.

ڪنڌيءَ تي بيٺل هڪڙو وڻُ
جنهن جو نينهن نديءَ سان هو.
واءُ ۾ وڻ جي لام لڙي ٿي
لڙي نديءَ جا چپ چُميا ٿي.
هڪ ڏينهن وڻ جي

دل تي چاهي
نديءَ جي من ۾ جهاتي پائي
ڏسي تہ چاهي.
آس انهيءَ ۾ جهُڪي پيو هو
سڪ سموري سيني سانڍي
لهر لهر ۾ لُڙهي ويو هو.
پر مان هڪڙو
سُجَ ۾ اُپريل ٻوٽو آهيان
جڏهن جڏهن بہ واءُ گهُلي تي
منهنجا ڪومل چِپڙا
سُڪل نوٽ ڌرتيءَ سان
وڃي لڳن ٿا
ڌرتيءَ جي دل ڌڙڪي ٿي.
منهنجي پيار جون پاڙون اُن ۾
پختيون آهن
جيڪي ڪڏهن بہ ٽُٽيون ناهن. (سمنڊ جاڳي ٿو 128)

جاڳيو آ ننڊ مان سُورج
ڪجين جي جهُنڊ مان اُن جا
ننڊاکا نيڻ ٿا ڏسجن...
گسن تي ڪيرَ جون لوڙيون
صُبح جي هير هاري تي
امڙ جي پيار جان اُجرو
صبح جو عڪس هو لوڪو. (نيروليءَ جا خواب، 218-319)

ٻارن سان محبت جو اظهار ۽ پنهنجي دلي خواهش ظاهر ڪندي دعا ٿو ڪري تہ ڏٽي تون چنڊ ستارن، آبشارن، گلن ٻوٽن، نظارن چولين ڪنارن جو مالڪ آهين. مون کي ڍهوٽي سگهہ ڏي، جيڪا ساگر وانگر ڪڏهن نہ سُڪي، تہ جيئن آءٌ ٻارڙن لاءِ اهڙا گيت لکان جن ۾ پوپٽ جي سپ رنگ هجن. يعني فطرت جي نظارن ذريعي ڏٽيءَ در وينتي ڪري رهيو آهي.

چنڊ تارن آبشارن جا ڏٽي
گل ٻوٽن ۽ نظارن جا ڏٽي
ير چولين ۽ ڪنارن جا ڏٽي

ڪين سندم سوچ جو ساگر سڪي
ڏات منهنجيءَ کي ڏهوڻي سگهہ ڏي
ٻارڙن لئہ گيت جيئن اهڙا لکان
پوپٽن جا رنگ سڀ تن ۾ پريان. (پوپٽ جهڙا گيت, 7) (92)

ڪيڏا باغ ۾ جيت پڻن ٿا
مونکي تن مان ڪجهہ وڻن ٿا.
پکي بہ ڪيڏا پيا ٿا اُڏامن
ڪي نہ وڻن ٿا ڪي تہ سٺا هن
پوپٽ سڀ کان پيارو آهي
روپ انهيءَ جو نيارو آهي. (پتلين جو تماشو 31) (93)

ٻاراڻيءَ ٻوليءَ ذريعي فطرت سان پيٽ ڪئي آهي. هو ٻارن جي وڌندڙ سوچن تي لکندي فطرتي منظر جوڙي پيش ڪيا آهن. هن وٽ ڪمال جي درجي جي فطرت ملي ٿي. هو هر وقت فطرت جي پوئيواري ڪندي نظر اچي ٿو:

جي بادل کو پورو مان ٻڌجي پوان
ٿريلين جي پياسي ولر تي وسان
وٺان روپ جيڪر هوائن جو مان
وڃي سنگ کيتن ۾ تنهجا چمان
(پوپٽ جهڙا گيت, 16)

پکين جو مشاعرو پکين جي زباني شاعري ڪري حقيقت جو عنصر پيش ڪندي فطرت جي منظرنگاري ڪئي آهي. پکين جو ڪهڙو ڪم آهي؟ هو ڪهڙي جبلت جا مالڪ آهن, انهن جي زباني ٿيندڙ عام مشاعرن ۾ ريتن, ڪجهہ اهم ڊائلاگن ۾ فطرت جي منظرن کي نروار ڪيو آهي اهڙيءَ طرح ’جيتن جو مشاعرو‘ پڻ ملي ٿو جنهن ۾ جيتن بابت ڄاڻايو آهي. پکين جي مشاعري مان فطرت جي ويجهو ۾ فطرت جي تجسيم سان گڏ فطرت جي مشابهت جا مثال ڏجن ٿا:

**ڪراچيءَ جو ڪانگ**

صبح سويري آءُ اٿان
سانجهيءَ ڏاري موٽي اچان
ولر پنهنجي سان آءُ اڏامي
وڃي وڻن تي ٿيان آرامي.
(پوپٽ جهڙا گيت, 22)

**جهمپير جي جهرڪي**

باک ڦٽيءَ جو جاڳي آنءُ
رب جو ساريان منڙو نانءُ
چون چون منهنجي آهي ٻولي
منڙي ۾ سيني کان سولي
(پوپٽ جهڙا گيت, 23)

## 4.17 اياز گل

اياز گل ۽ ادل سومري ساڳئي دور سان تعلق رکن ٿا. اياز گل بہ ادل سومري وانگر جديد شاعريءَ بهترين مقام حاصل ڪري چڪو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي نئي موضوع ملن ٿا جيڪي سنڌ ۽ سنڌين لاءِ مشعل راهہ آهن. تنوير عباسي اياز جي لاءِ لکي ٿو تہ:

اياز گل، پنهنجي ٿهيءَ جي شاعرن ۾ مثانهون تہ آهي، پر سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ هُو سدائين چوڏهينءَ جي چنڊ جيان چمڪندو رهندو. سندس غزل، وايون، گيتَ ۽ هائيڪا سنڌي شاعريءَ جو فخر لائق ورثو رهندا." [94]

"اياز گل، بنيادي طرح رومانوي شاعر آهي. هن جو رومان، نجو رومان نہ،پر انقلابي رومان آهي. (انقلابي معنيٰ تبديل ٿيندڙ) _ اياز گل جي غزلن ۾ جيڪو رومانوي اظهار آهي، اهو بيوس، هري دلگير، نارايڻ شيام ۽ شيخ اياز وارو نہ آهي، پر اهو ڪانئن مختلف، ۽ اڳتي وڌيل آهي. اڳتي وڌيل انڪري، جو جنهن دؤر ۾ اياز گل موجود آهي، جنهن ماحول ۾ هو ساهُ کڻي ٿو اهو نہ فقط بيوس، دلگير، شيام ۽ شيخ اياز جي ماحول کان مختلف آهي، پر ان کان ڪافي اڳتي نڪري آيو آهي." [95]

اياز گل جي شاعريءَ ۾ فطرت ڪنهن خوبصورت ستاري کان گهٽ ناهي. هن وٽ فطرت سان تشبيهون ۽ استعارا، گڏوگڏ فطرت جي تجسيم ۽ فطرت جو تفصيلي ذڪر ملي ٿو. هو فطرت کي ڪڏهن محبوب جي لاءِ تہ ڪڏهن سماج تہ ڪڏهن پنهنجي من سرهائيءَ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي:

مينهوڳيءَ جي مُندَ آ، مَنَ ۾
مِنٿڙا! آڳِ لڳائي
يادِ آ، تُنهنجي آئي!
جيءَ ۾ جِهيڻا سازَ چِڙيا هِن
خوشبو خوشبو گُلَ ٽِڙيا هِن
مَنَ مَنَ مُند ملهائي
يادِ آ، تنهنجي آئي!
راتِ ٿيڻ ۾ پلَ ڪي ٿورا
هينئڙو مُٺِ ۾ هورا کورا
تُنهنجي ڳل نہ ڪائي
يادِ آ، تُنهنجي آئي!

راتِ ٿئي ٿي، چنڊُ چڙهي ٿو
ڳِهرا ڳِهرا ڳهاوَ ڳهڙي ٿو
يادُن ننڊَ ڦِٽائي
يادِ آ، ٽُنهنجي آئي! (دک جي نہ پڄاڻي آ، 408)

چنڊُ، تارن جي ميڙ کان وڇڙي
رات جو ڪيترو رُليو آهي.
(ڏينهن ڏٺي جا سپنا، 13)

جدوجهد ۽ انقلاب جي علامت ڪي پيش ڪندي همٿ ڏيئي رهيو آهي. جيڪڏهن سج ناهي تہ ڪو ديپ جلايون ٿا. يا جيڪڏهن چنڊ نہ آهي تا تارا تہ جاڳن ٿا. جهڙي پسمنظر همٿ ۽ جستجو پيدا ڪئي آهي. ”اياز نہ رڳو رومانوي شاعر آهي، پر اياز اڄوڪي دِير جو رومانوي شاعر آهي، ۽ هُن جي رومانوي شاعري، اڳتي وڌندڙ رومانوي شاعري آهي. اها سندس دؤر جي رومانوي شاعري. اها مطالعي جي آڌار تي ڪيل شاعري نہ آهي، پر ڏٺل وائٺل منظرن، جاتل سڃاتل ڪردارن ۽ ٽاڻن، ۽ ذاتي طور محسوس ڪيل احساسن جي شاعري آهي.“ (96)

سج ناهي جي چڙهيو ڇا ٿي پيو
آءُ ڪو ديپ ٿا ٻاريون جاني!
(ڏينهن ڏٺي جا سپنا، 24)

چَنڊُ نہ آهي، ڇاهي؟ تارا جاڳن ٿا
بلبَ گهِٽين جا، رستا سارا جاڳن ٿا
اوسيئڙن جي مُنڊَ پِيئا! آئي آهي
آسُون، نيڻَ، ڏِيئا ۽ جارا جاڳن پيا.
سنجها کان ئي ڏُوڙ، ڏُڏڙِ کان آجا ٿي
چانڊوڪيءَ جي ڇاهَہ ۾ چارا جاڳن ٿا.
سالن کان طوفان ڪي روڪيون بيٺا هِن
ڪاجي ويا هِن، پر ڪنارا جاڳن ٿا.
(دک جي نہ پڄاڻي آ، 77)

اَجا تہ لاٽَ سڄَ جي جلي پئي
۽ پُٺڪَ سُرَ پُٺڪَ سان سَلي پئي
اجا نہ دل کان دِل، ڪا دِل پَلي پئي
نہ رازُ اڪِ، اڪِ کان آلي پئي
اَجا تہ سِڪَ راهہ ٿي جهلي پئي

اجا بہ جَنگِ ڪِريَ سان هلي پئي.
(دک جي نہ پڄاڻي آ، 345)

اياز گل جي شاعريءَ ۾ مختلف نمونن واريون تشبيهون ۽ مختلف انداز وارا استعارا ملن ٿا. فطرت سان مشابهت جو اعليٰ ۽ انوکو طريقو اختيار ڪيو آهي. هو ڪڏهن محبوب سان تہ ڪڏهن سماج جي رسمن سان ٽيٽيندي ڪيتريون ئي خوبصورت تشبيهون ڏنيون آهن.

تو ڪي ساري نيڻَ اسانجا، بادلَ وانگي بَرسيا ها
هلندي هلندي تونهنجي دَرَ تي، خيالَ اسانجا تَرسيا ها.
تنهنجي ڇهري جي آڪاٽي، جنهن پرِ نيڻَ پڙهنِ،
تنهن پرِ سِڪَ سمُوندَ ۾ ڪيئي، ويڙُون يارَا! چڙهن.
باک ڦُٽڻَ سان ڦِٽجي ويندو اونداهينِ جو ڪيلُ
ڪين ڪڏهن ڪو جوري سگهندو جذبن ڪارڻ جيلُ. (ڏينهن ڏئي جا سپنا، 121)

سونَهن جڏهن ڪي عڪسَ اکين ۾ اوتيندي آهي
ننڊَ اَسُر جي، هِيرَ ڏکڻ جي، وسري ويندي آهي.
رات ڪنهن بيواهہ عورت وانگي، چنڊُ شرابيءَ جيان!
يادِ ڪَڙي ڪا اڳجاڳن جا، ڪَنَ پريندي آهي
(دک جي نہ پڄاڻي آ، 85)

محبوب جي سونهن ۽ سندرتا لاءِ انوکو پڻ ظاهر ڪندي فطرت ڪي استعمال ڪيو آهي. هو پرين ڪي ساگر جي وجود سان پيئتي پاڻ کي سمنڊ سڏيو آهي. ڪڏهن پرين ڪي چانڊَ چپر ٿو سڏي تہ ڪڏهن درياءَ ۽ ڪنارو ٿو چئي.

سجَ وانگي مان انهيءَ ۾ لَهان ۽ ٻُڏي وڃان
تُنهنجو وجود مون ڪي ساگر لڳي پيو.
(دک جي نہ پڄاڻي آ، 75)

مُنهنجي چانڊَ چپرُ تون آهين،
مان درياءُ، ڪپرُ تون آهين.
او سانورا! او بانورا!
توبن ڪهڙا چانورا! (ڏينهن ڏئي جا سپنا، 90)

ڏڪار جو شڪار ٿيل ماڻهن جي درد ڪي سمجهندي انهن جي هنن لفظن ۾ ڳالهہ ڪئي آهي:

ڪارنِ ڪڪرنِ واٽِ وَڪوڙي
اوندهِ آهي اَڄُ

ڪٽا ڪونهن ڪٽڪَ جا! (دک جي نہ پچاڻي آ، 323)

اياز گل 'ڳالهہ سولي نہ آ' ۾ زماني جي حقيقيت ڪي واضح ڪيو آهي. هن سماج جو جائزو وٺي حق سچ ٿيڻ واري جي خلاف ماڻهن جا رويا ڏسي، شاعريءَ ۾ اظهار ڪيو آهي. تہ موڙکن جي شهر ۾ ڏاهو ٿيڻ معنيٰ وِهہَ پيئڻ آهي.

موڙکن جي شهرَ منجهہ ڏاهو ٿيڻُ وِهہُ پيئڻُ!
تيز طوفانَ سان ڏِيپَ جو اٽڪڻ پوءِ بہ جلندو رهڻ!
راتِ ڪان ڏينهن ڏي، روشنيءَ جو سفُر
ڳالهہ سولي نہ آ
ڪُجهہ پهر ڏُک ڏسڻو تہ پوندو ضرور
بند اونداهي ڪمري مان نِڪري جڏهن
صاف روشن فِضا ۾ ٿو اَچجي تڏهن
تِرورا تِرورا چانئجي ٿا وڃن
ڪُجهہ پلَڪ ڪُجهہ ڏسڻ ۾ اَچي ئي نٿو
روشني جڻ ڪنڊن جيان چُڀڻ تي لڳي
سوجهري سونَ جهڙي ڪي پڌرو پَسڻ خوش ٿيڻُ!
ڳالهہ سولي نہ آ
ڳالهہ سولي نہ آ
(دک جي نہ پچاڻي آ، 342)

## 4.18 حليم باغي

حليم باغي جديد دؤر جي مزاحمتي شاعر آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ مزاحمت جي پهلو شامل سنڌيءَ شاعريءَ ۾ هڪڙو مقام پيدا ڪيو آهي. گڏوگڏ داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن ذريعي پنهنجي جذبن، خيالن ۽ احساسن کي شامل ڪيو آهي. هو خارجي ڪهاڻيون يا واقعا آڻي ذاتي درد کي پيش ڪيو آهي. يعني سماج ۽ خود جي تڪليف کي چڱيءَ ريت واضح ڪيو آهي. فطرت جو عنصر ڪنهن ڪنهن شعر ۾ نظر اچي ٿو. مزاحمتي پهلوءَ نمايان هئڻ سبب فطرتي موضوعن جا ڪجهہ عڪس ۽ اولڙا نظر اچن ٿا. ڪنهن ڪنهن نظم ۾ فطرت جي منظر کي روانيءَ سان بيان ڪيو آهي، تہ ڪنهن ڪنهن ۾ فطرتي شين سان تشبيهون ۽ استعارا ڏيئي، خوبصورت ۽ دلڪش نظارو ظاهر ڪيو آهي. هيٺين نظم ۾ حليم باغي زنده ۽ جاندار فطرتي منظرن کي ڏسندي، لفظن جي ڪڙين ۾ قيد ڪيو آهي. هن فطرت جي مظهرن جي پڻ پوئيواري ڪندي، سهڻا نظارا پيش ڪيا آهن. نظارن سان گڏ ڪيئي خوبصورت فطرتي تشبيهون ۽ استعارا پڻ ڏنا آهن.

ڪارونجهر جيءَ ڪور مٿان
ڪو سائو پيلو مور نچي
هو پورو پورو بادلڙو
بي راهه مسافر جيئان ڀٽڪي
ڏس سر ۾ آهي ساهه پيو
ٿي گوڙ گجي ٿو مينهن وسي
لهندڙ سج جي لامن ۾
ڪا شام هئي شمشام هيو
هن رات جي ڪاري روپ اندر
ڪو پرهه سندو پيغام هيو
منهن مير مهل جا ماڪ اُڻي
ايءُ رات سندو انجام هيو
ڪرڻو ڏينهن جي جهرٽي ۾
ائين آهي ڇپيو جڻ تير ڪپيو
هوءَ ناسي رنگ جي نئن هلي
ڪو گورهاڙو آ گل اڳيو
ولهار سڄو آ واسي پيو
انسان اٿيو انسان اٿيو (اڙي شهرِ جانان، 90) (97)

فطرت جي مظهرن جو تفصيلي ذڪر گهٽ پر وڻندڙ انداز ۾ ڪيو آهي. پر جڏهن فطرت سان مشابهت ڪئي، تہ دل لڀائيندڙ تشبيهون ڏيئي محبوب يا پنهنجي خيال کي آڻي، مقصد ۽ مراد سمجهايو آهي.

مينهن ڪان اڳ آنڌيون لوڙهي نہ وڃن
تون تہ ڪڇڙيءَ ڪنهن تالهيءَ جو تار جڻ ٿي لڳين
تنهنجا ڳاڙها ڳل ڏسڻ ۾ ائين ٿا اچن
جڻ تہ روهيڙي جي وڻ جون گلن سان جهنجهيل ٽاريون
انهن ڳاڙهن ڳلن تي حيا جي شفق چمڪ
جڻ تہ ٿر جي واريءَ تي گاهن جون گلزاريون (اڙي شهرِ جانان، 120)

تون پريشان نہ ٿيءُ، گل جهڙا پرين،
دل جڏهن پي چڪي، تنهنجي ڪارڻ سڪي.
(اڙي شهرِ جانان، 42)

تون آگم آگم ٻڏجي آءُ،

جيئن پيير ڦرن برساتين جا.
(اڙي شهرِ جانان، 55)

”ڪچڙي ڪنهن ٽالهيءَ جو ٽار، روهيڙي جي وڻ جون گلن سان جهنجهيل ٽاريون، ٿر جي واريءَ تي گاهن جون گلزاريون، گل جهڙا پرين.“ وغيره فطرت سان مشابهہ ڪرڻ جا خوبصورت مثال آهن. حليم باغي مقامي ماحول مان فطرت جا عنصر چونڊي، دل ڇڪائيندڙ تصويرون ۽ عڪس جوڙي پيش ڪيا آهن.

حليم باغيءَ جي سڄي شاعري ۾ محبوبائن تي آڌاريل ملي ٿي. هڪ عورت ۽ ٻي سنڌ. هو عورت جي عشق ۾ ڪيترائي حَسين شعر جوڙي، تشبيهون ۽ استعارا آڻي، سندس حسن کي چار چنڊ لڳائي ٿو جڏهن تہ سنڌ ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن، جي ڏکن ڏاکڙن، اهنجن ايذائن جي مزاحمت پڻ ڪري ٿو. عورت جي واکاڻ ڪندي، فطرت جي سونهن ۽ سرهاڻ کي ان جي تابع بڻائي ٿو. گڏوگڏ فطرت جي مختلف حالتن جو ذڪر ڪري، پرين جي جمال جي ساراهہ ڪري ٿو. هو ان جي سندرتا لاءِ ڪيترائي فطرتي رنگ تخليق ڪري، جماليات جي عنصرن کي ڇُهي ٿو. يعني جڏهن عاشق محبوب سان ويهي ٿو تہ فطرتي شيون ان تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي نظر اچن ٿيون. ۽ ڪنهن ڪنهن مهل ان جي حسن کي خوبصورت بڻائين ٿيون:

ها، جتي ٿي سفيدن تي شبنم ڪري
هير ڏاڙهونءَ جي ٻوٽي تي ٽڏڙا ڪيي
ڪن ۾ رابيل کي ڪجهہ ٻڌائي تہ ٿي
هوءَ پريشان پريشان پرهہ جي هوا
يار جي چڳ کي ٿو ٿورو اڏائي تہ ٿي
هن هوا جي سچين چلولائين هٿان (اڙي شهرِ جانان، 78)

پٺي چنڊ تڙپيو ستارا پٺي مڇريا
اسان تنهنجون پلڪون چپن تي گهمايون.
(اڙي شهرِ جانان، 45)

اتر واءُ آڻي ٿو گيندي تي جوڀن
ڪري ماڪ ڏاڙهون پنن تي پسارون
ڇڪائي وجهن چاڪ ٽا سارا مارڳ
وري ڪنهن لنگهہ تان سڏن هن جيون سارون
(اڙي شهرِ جانان، 81)

نظم ”سنڌي گوريلي ۽ پريميڪا جي ڳالهہ ٻولهہ“ ۾ ٻنهي محبوبن (عورت ۽ سنڌ ) جو ذڪر

ڪيو آهي. نظم ۾ پهريون محبوب عورت آهي جيڪا گوريلي سان مخاطب ٿيندي نظر اچي ٿي ۽ حليم ان کي فطرت جي دلڪش ۽ دل لڀائيندڙ عنصرن کي اظهار جو ذريعو بڻائي ٿو. هو فطرت جا هن ريت منظر واضح ڪري ٿو:

وسيتون جلن ويڙها جلن، ديرا جلن ڀيڙا جلن،
ڦل واڙين جا ڦل ڇڻن، پؤنر ۽ پوپٽ ٻُل هڻن
چمپا جون ڪليون ڪوئجن، لؤنگن جون مکڙيون لوئجن
هي سڀ ٽيڻ تي ٿو سگهي، ڪنهن جو جيئڻ تي ٿو سگهي
منهنجا پرين! پورا پرين، هي پل ڪٽي ٿورا پرين
ماڻيون ته گهڙيون ٿوريون، صدين تي آهن ڳوريون
ڪيڏي چانداڻ آ، ڪيڏو متل مانداڻ آ
هي چور واهه جون ڇوليون، الٻيليون اڻ موليون
پيلا سرهنن جا ڦولڙا، ان تي وَهين جا جهولڙا
هاريءَ جو پٽ پيهي چڙهي، ڳل تي ۽ ڪن تي هٿ ڏيئي
ڳائي ٿو راڻا رات اچ، ڪنهن ريت ڪنهن گهات اچ
جوين ٻه ٽي ساوڻ منا! ڪيڏا! وڇوڙا ڳڻ منا! (اڙي شهرِ جانان، 133-134)

”گوريلي جو جواب“ ۾ حليم باغي فطرت شين سان پيتي محبوب کي حالاتون ٻڌائي ٿو. جڏهن سنڌ مٿان اهڙي (ڏکوئيندڙ) ڪشمڪش هجي ته محبت ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿي. هو پهرين محبوب کي ٻي محبوب جي فطرتي شين ذريعي هن ريت ڳالهه ڪري ٿو:

مچيم ته چنڊ آ چوٽ ۾، پر هن ڪاري ڪوٽ ۾
منهنجو آ پاءَ باندي بڻيل، بيڙيون وڌل سنگهرون پيل
درياهه ۾ پئي چاندي وهي، ڇولي چڙهي ڇولي لهي
چنڊ ڏي چڪوريءَ جو اڏڻ، اونچن سفيدن جو لڏڻ
پيلي سرنهن جي ڇانءَ ۾، ڳيرو ۽ ڳيري ٽانءَ ۾
هو هو ڪريو ڇهنبون هڻن، ڳٽ ڳٽ ڪريو ڪنيڙيون ڪڻن
ڪيڏو سهانو آ سمو هي سڀ انهيءَ ڪان آ گهڻو
هي تنهنجو ڪامڻ گر ٻن، ڪنوڻون ڪنون شعلا اٿن
هيءَ تنهنجي اک، هيءَ تنهنجي ڇڳ، هيءَ سينڌ ڪنهن واهڻ جو ڏڳ
ڪنهن واٽهڙوءَ جي منتظر! پر ڇا ڪجي وڻندڙ پتر! (اڙي شهرِ جانان، 134-135)

حليم باغي ٿر جي ماڻهن ۽ فطرتي شين جو اهنج ۽ ايذاءُ پريو ڏيک پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ پاڻيءَ نه هئڻ سبب جيڪا صورتحال بيهي ٿي ان سڄي منظر کي پيش ڪيو آهي:

*

مون کي گوندر جي گهه سر ۾
سک جي سج جي ساک ڏئي وڃ
نيڻن ٻاڙهي لاک ڏئي وڃ
هي هو دونهين جا لاٽ اٿن ٿا
واٽن واٽن تي لاٽن مان
ڏونئرا مهري ٻاٽ اٿن ٿا
کوسي ڪڙهندڙ ريت تي هلندي
سورج جا پيي پير ڇٽن ٿا
کوسي ڪڙهندڙ ريت تي هلندي

سورج جا پيي پير ڇٽن ٿا
ٻوڏا ٻٽ ۾ ڇهنب هٽن ٿا
شايد ڪوئي چشمو ڦٽندو
گهانگهيٽيءَ جي ڇانءَ ۾ بيٺل
هي پيي روجهه اجارو آهي
اڪ تي دز جو ڇارو آهي
ڪونيٽ جو سڀ ٻور ڇٽي ويو
ٿوهر جون سڀ مکڙيون سڪيون
هن گوالي، پنهنجي وينا
ٿر جي اڄ سان سرچائي آ. (اڙي شهرِ جانان، 87)

## 4.19 حسن درس

حسن درس جديد شاعريءَ جو هڪڙو رومانوي شاعر آهي. جنهن جي شاعريءَ ۾ رومانوي ۽ فطري پهلو جا بجا ملن ٿا. هن وٽ پرين سونهن ۽ ڌرتيءَ جي سندرتا تجليون ڏيندي نظر اچي ٿي. حسن سنڌ جي وستين واهڻن کي شامل ڪري فطرت سان گهرو تعلق ڏيکاريو آهي. هن جي مشاهداتي سگهه بابت فقير محمد ڍول لکي ٿو ته:

> حسن درس، اصل ۾ پرهه جو پکيئڙو هو. راتين جي رولاڪي سندس روح ۾ ازل کان اوتيل هئي... ۽ پرهه جي پکين جيئن فطرت جو چوڳو چُڳڻ، رات مان ڦُتندڙ ڏينهن جي علي الصبح واري ٽڏڙي منڙي پهر ۾، لُڙاٽيل ۽ ميرڙا منظرَ جهٽڻ، پري کان ٻوليندڙ پکين کي تلاشڻ ۽ سندن سُريلين ٻولين کي ڳنائڻ، اونداهي راتين جِي آڏين جو تارا تڪڻ، سُهائيءَ وارين پُورنماسي راتين جي پوين پهرن تائين چنڊ کي چمڪندو ڏسڻ، جڻ ته هُن جون روحاني رمزون هيون، جيڪي پوءِ هُن جي ذات جِي پوکيءَ تي پکين جيئن، قطار در قطار لٿل نظر آيون.(98)

اهي سڀ ڳالهيون حسن درس جي فطرتي ڪلام جي لاءِ پڻ ڪافي آهن. حسن درس اڪثر ڪري اکين ڏٺل ۽ دلڪش مقامي فطرتي منظرن کي پيش ڪري ٿو. هو وستين واهڻ، گهٽين رستن ويندي ڪيترائي منظر پَسي ٿو. هن ڪنارن سان بيٺل وڻن جا دلفريب ڏيک پيش ڪيا آهن. جن ۾ پنهنجن جذبن، احساسن ۽ خيالن سان گڏ فطرتي سونهن شامل آهي.

رستا سوڙها ۽ بيا وڻ،
واهڻ پوڙها ۽ بيا وڻ.

بن ۾ مون سان بيٺا آهن،
منهنجا ڳوڙها ۽ ٻيا وڻ.

ماڻهو مارِيئون ڪري اڪيلا،
لانديون لوڙها ۽ ٻيا وڻ.

توسان گڏ حَسن هي پنڇي،
جوڙا جوڙا ۽ ٻيا وڻ.
(حسن درس جو رسالو 51) (99)

ڏرتيءَ کان پوءِ حسن درس عورت جي حسن جي واکاڻ ڪئي آهي. هن عورت جي جسماني ۽ روحاني ڏيکن کي فطرت جي سنگم سان جوڙي پيش ڪيو آهي. حسن عورت جي ساراهہ جديد شاعرن جي ڀيٽ ۾ انوکي ڪئي آهي. هن ان جي انگن عضون کولي بيان ڪيو آهي. هن عورت کي صنفِ نازڪ سڏي ڪيترن ئي وڻندڙ ۽ ڏئل منظرن کي انوکيت جي اسرار کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

دلڪش بدن سمندر، انداز عورتن جا
چمڪن ڇِتا ڪنارا، ديدار ۽ نظارا
پاڻيءَ مٿان جسم جو، ترندو رهي ترنم
ڇپڙن تي چاهتن جو ترسي پيل تبسم
منڙا مڏر تہ آهن، جي تون وجائي ڄاڻين
سڀ ساز عورتن جا
هيءَ اُسَ ۾ اگهاڙپ، ڪيڏي حسين آهي
چولين جي قين چورين، ڇاتي نشين آهي
عريان آسمان ۽ هيٺان زمين آهي
پل جو رهيو نہ پردو، پاڻيءَ ڪيا پئي پڌرا
رنگ راز عورتن جا
واري بہ واسجي پئي، ريتي بہ رنگجي پئي
جيڪا اچي ڇُهي ٿي، چولي سان ڏنگجي پئي
هي زهر آ ضرورت، ڏاڍو نشو مٺو آ
جنهن جنهن بہ هي ڏٺو آ، سوئي سگهي ٿو سمجهي
هي ناز عورتن جا
(الاءِ ڪتي آهين، 42)

حسن درس تشبيهون بہ استعمال ڪيون آهن جن ۾ فطرت سان ڀيٽ ٿيل آهي. تشبيهہ شاعر

جي خيالن ۾ پکين جيئان اڏري اچي ويهي رهي ٿي. هو فطرت ذريعي جنهن بہ پهلو کي شامل ڪرڻ چاهي ٿو ان کي شامل ڪري, انهيءَ سان پيٽي استعارو يا تشبيهہ پيش ڪندو ٿو وڃي.

چٽندڙ پُور ٿياسين چا ٿيو
پِيلا گل بنياسين چا ٿيو.
(الاءِ ڪٿي آهين, 22)

سدا مست صوفن جون سونيون قطارون
انگوري وَلِين جيئن چڙهندڙ جوانيون
(الاءِ ڪٿي آهين, 47)

سورج مُکي چهرو هجي
۽ سج وانگر مان هجان
۽ تو مٿان پهرو هجي
(الاءِ ڪٿي آهين, 50)

حسن درس 'گُلن جا خريدار' جي عنوان سان آزاد نظم/نثري نظم لکيو آهي. جنهن ۾ جيتن جي زباني فطرت جي تجسيم کي پيش ڪيو آهي. مختلف جيتن کي سماج جي ڪردارن کي ۾ ظاهر ڪيو آهي.

*

اهي جي گلن کي خريدڻ گهرن ٿا
مگر پوپٽن جا پٽيشن وڏي آ
پريشان آهن
صفا سخت ڪاوڙ سان
اظهار ڪن پيون
پؤنرن جي بک هڙتال کي اڄ
اٺون ڏينهن آهي.
مٿان جِيتن ننڍڙن جي هڪڙي جٿي
خودڪش حملن جي ڌمڪي ڏني آ
پکين پڻ ڪرائي آهي خاطري
تہ مهڪ کي بچائڻ جي هن مهم ۾
اُهي پڻ سڀن سان گڏوگڏ آهن
مگر چوڪريون چو پريشان ناهن
انهن جي ئي وارن ۾ هي گل لڳن ٿا.
اُهي چوڪرا چو پريشان ناهن

۽ حيران آهن تہ
ماکيءَ مکيون چو
جلوس ڪڍي ۽
گلن جي مالڪ رڳو ماڪ آهي
اَسُر ويل جيڪا
پنن پنکڙين تي
سندو ساٽ سونپي
صبح کي سڏي ٿي
گلن جو تہ مالڪ رڳو سج آهي
ادي اُس آهي
سڄو ڏينهن جيڪا
ٽِجن جي اکين کولي رکي ٿي
سَلن کي سِڏو ۽ پلو ٿي ڪري
گلن جا تہ مالڪ اهي هٿ آهن
ولين وانگيان جي

كٽي گل هٽن ۾
محبوب پنهنجا مجائي وٺن ٿا.
اهي جي گلن کي خريدڻ گهرن ٿا
انهن کي اسين بہ ٻُڌائي ڇڏيون ٿا
گلن جون مالڪ هوائون ئي ناهن
سڄو ڏينهن جيڪي
گلن جي لڱن کي
ڇُهڻ چُمن ٿيون
وڏائين وڏن ٿا
گلن سان گلن جي ئي
لهجي ۾ پيارو
ڪريو گفتگو
گلن کي خريدي نٿو ڪو سگهي
گلن سان ائين بس ملڻ آهي مهڪڻ
جيئن مرد سان ڪائي عورت ملي.
(الاءِ ڪٿي آهين، 72-73)

## 4.20 مظهر لغاري

جديد شاعريءَ جي اڀرندڙ شاعرن جي قطار ۾ مظهر لغاري پڻ اهميت جي حامل آهي. مظهر جي شاعريءَ ۾ انوکا استعارا، دلڪش نظارا، سماجي خيال، سماج جي عڪاسي، محبوب جي واکاڻ ۾ اندر جي پيڙاءَ جا ڪيترائي شعر ملن ٿا. مظهر جي شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسي پڻ ملي ٿي. هن فطرت کي تشبيهہ، استعاري ۾ فطرتي سونهن طور استعمال ڪيو آهي. هو فطرت جي گهرائي ۾ فطرتي منظرن کان پليءَ ڀَتِ واقف آهي. هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جو گهرو ۽ اونهو مشاهدو سمايل آهي. هو محبت جي ڪهاڻي دنيا جي مشهور ۽ وڻندڙ شين کي فطرت سان جوڙي، تشبيهہ طور آڻي محبوب جي سونهن ۾ اٿڻي ويهڻيءَ کي آڻي پيش ڪري ٿو. اهيو مظهر جو تجربو آهي، هو الڳ الڳ هنڌن تان مشاهدو ماڻي پنهنجن احساسن کي پيش ڪيو آهي:

سوا سئو مصالحن سان مهڪي هوا
سمنڊ دارچينيءَ جا ٻيلا سُنگهيا
سيرنديپ جي ديس ۾ تون ڦٽينءَ
۽ مون چانهن – ڪيتن مان تو کي چُٽيو
نديءَ جيئن محبت مڙي مون طرف
ٿي چائو فرايا تون مون ۾ لٿينءَ
هِمالي مٿان تو اڏارون پريون
وچين پرٿويءَ پوکرا تون پڳينءَ
سنگاپور جا ڍسڪو نشيلا ڪري
سُکم وِت جون شامون ٽڪيلا ڪري
هوائن ۾ زلفن جي خوشبو گُهلي
اڪين سن گلاسز مان وينس ڏٺو
(هوائون نہ روڪيو، 79) [100]

مظهر لغاري راج گهاٽ (دهلي)، هڪڙي پارڪ ۾ ويٺي، سندرتا سان ٽمٽار ڇوڪريءَ کي ڏٺو ۽ سندس ان جي سونهن تان موهت ٿي پيو. هن جي ان مهل جا ڪيفيت ۽ حالت هئي، ان کي ۽ ان حسين عورت جي سونهن کي، فطرت جي خوبصورت منظرن سان جوڙي پيش ڪيو آهي:

ڇپر تي پريان ٿوري وڻ ڇانءُ هئي
جا بي دين، بي قوم، بي نانءُ هئي
اتان چانڊني ـرات جان نينگريءَ
اکين جي ڇپن سان گهٽو ڪجهہ ڇيو
تہ سي نيڻ دل ڏانهن وڃ تي وريا
اسان جن ۾ پنهنجي حياتي وڏي
نگاهون جو ساڙهيءَ جي چاڙهي چڙهيون
جهروڪي مان ڇاتيءَ بہ جهاتي وڌي
ڇپن تي شرابن جي شبنم هئس
ڏکڻ هير جان مرڪ ويس تي گهُلي
ٿي تنهائيءَ جي در جو ڪُڙڪيو ڪڙو
تہ دل مان ڪا دل ڏانهن ڪڙڪي ڪُلي (هوائون نہ روڪيو 44)

مظهر سج لهڻ جي منظر کي دردناڪ ۽ تڪليف ڏيندڙ عڪس ڏئي، پنهنجي ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿو. هو سج کي نديءَ طرف لهندي ڏسي، هڪڙو لاجواب خيال سوچي ٿو تہ، سج جيڪو نديءَ طرف لهي وڃي ٿو تہ جڻ پاڻيءَ ۾ خودڪشي ڪري ٿو. روز جنم وٺي ٿو وري سانجهيءَ جو خودڪشي ڪري ٿو، ائين ئي منهنجي چاهت جو سج نديءَ ۾ روز وسامي ٿو:

نديءَ ۾ سج چاهت جو وسامي روز ڪامي ٿو
ڏهاڙي خودڪشي ٿئي ٿي سو سانجهي سرمئي آهي
(هوائون نہ روڪيو 47)

انسان جڏهن اڪيلو ويٺو هوندو آهي، تہ سوين خيال، سوين سوچون ۽ سوين يادگيريون اچي مٿان بارش جيئان ڪڙڪنديون آهن. پوءِ انهن سوچن، خيالن ۽ يادن مان سوين احساس جنم وٺندا آهن. انسان سوچيندو آهي، تہ ڪاش! مان هيئن ڪري اچي هان، ڪاش! مون سان هي ڪم، هن طرح ٿئي هان! ڪنهن ويجهي ساٿيءَ سان گهاريل ڏينهن ياد ايندا آهن. جيڪڏهن سٺا ڏينهن گذريا هوندا تہ پوءِ يادون ان طرح جون نهنديون، جيڪڏهن ڏينهن بُرا گذريا هوندا تہ يادون تڪليف ده هونديون. پر جڏهن بہ اڪيلائيءَ ۾ اهي يادون اينديون آهن تہ پوءِ انهن جو پاڻ ۾ ٽڪراءَ ٿي پوندو آهي

۾ سڀ احساس ۽ جذبا جاڳي اٿندا آهن. اهڙين ئي يادن احساسن کي مظهر فطرت جي رنگين منظرن سان جوڙي پيش ڪيو آهي. هو فطرتي شين سان تشبيهه ڏيئي، مليل پيار جي ڳالهه ڪئي آهي:

يادگيرين جا ڪڪر جيئن ٽڪريا
ڪا ڪنوڻ دل کي ڪري وئي ڪيري
دنيا ۾ ديپ سڀ اجهامي ويا
جن ۾ انصاف جي سُهائي هئي
پيار ڪِولين سمان ماڻهن کي مليو
چڻ تہ پٽ تي ڪريل منائي هئي. (هوائون نہ روڪيو 49)

مظهر لغاريءَ وٽ فطرت جون انوکيون تشبيهون ۽ منفرد استعارا ملن ٿا، جن ۾ فطرت سان پيت ڪري منظرنگاري ڪئي آهي. هو اهڙين شين سان تشبيهون ڏيئي ٿو جو شايد اڳ ۾ ڪنهن انهن ڏي ڌيان بہ نہ ڏنو هجي، جي ڏنو بہ هجي تہ انهن استعمال نہ ڪيو هجي:

چئوڏسائن ۾ وڄي ٿو وهندو
درد هندي وڏو سمنڊ آهي
(هوائون نہ روڪيو 56)

ٿاريءَ ٿاريءَ منجهہ ٽڙيل آ
منهنجو گيت گلاب جيان ۽
روح رتو جيئن روهيڙو

سورج نيٺ پکيڙي سُرخي
ايئن اپرندو اوپر ڪان جيئن
ڳاڙهي ڳل تي موهيڙو
(هوائون نہ روڪيو 57)

ڳوٺ جي ننڍڙي اسٽيشن تي
خاموشي آ
ونڻ جي ڇانءُ امڙ جيئن آهي (هوائون نہ روڪيو 64)

چميون تہ گل تي ٽڙن ها بدن جي ٽارين تي
شرم ٻوٽيءَ کي هڙئي هئا مگر حجاب مليا
(هوائون نہ روڪيو 74)

## 4.21 علي دوست عاجز

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نون اسرندڙ شاعرن جي قطار ۾ علي دوست عاجز جو ڪلام گهٽي

تعداد ۾ ملي ٿو. علي دوست جديد شاعريءَ جي صنفن سان گڏ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي صنفن تي پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ محبوب ۽ سماجي پهلو جابجا نظر اچي ٿو. هن ٻارن لاءِ پڻ ڪيترائي دلڪش ۽ وڻندڙ گيت، غزل، نظم وغيره لکيا آهن. علي دوست عاجز فطرت جي مظهرن مان مشابهت واري عنصر کي گهڻو ڳايو آهي. گڏوگڏ ڪجھ هنڌن تي فطرت جي منظرن جي عڪاسي پڻ ڪئي آهي. ائين چئي سگهجي ٿو ته، هن فطرت کي صرف ۽ صرف جڻ تشبيهه ۽ استعاري طور قطب آڻي، خيال، جذبي ۽ احساس کي پيش ڪيو آهي.

فطرت جي تجسيم جا ڪجھ دل لڀائيندڙ منظر پيش ڪجن ٿا، جن مان فطرت جي مشابهت جو رخ چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو:

رات جي سموري مينهن وانگي،
آهيان آءُ اُني!

ڪنول جهڙي ڪُنوَرڙي،
چوڪر چِني چِينهن! (رَتا روهيڙا، 134-123) (101)

ايئن جواني لڙي ويئي،
جڻ رات جي پاري ۾، ڦُولار سڙي ويئي!

شام جي ڏُنڌ ۾ پکين وانگر،
اُڏرندي اُڏرندي ڇڄي وياسين.
(خوشبو خوشبو خواب، 89-138)(102)

ڪهڪشان اُپ تي، هيٺ سنڌوندي،
جڻ ته فطرت ڏنيون هون ڦٽيون سانورا.

دل جي ڪينجهر ۾ ڪنولن جيان ترندي رهندي آهين، ڏاڍي وڻندي آهين.
ڪونجن وانگر ايندا آهن خيال قطار ڪري، تو کي پيار ڪري
(آچن پؤنر پنيولٽا، 53-43)(103)

علي دوست عاجز محبوب جي لاءِ سوين شعر جوڙيا آهن، جن ۾ پيار ۽ محبت، تڙپ ۽ سِڪ، اهنج ۽ ايذاءَ، وڇوڙي ۽ ميلاپ جهڙا موضوع سمايل آهن. هو انهن موضوعن ذريعي فطرت سان تعلق جوڙي رکڻ جي ڪوشش ۾ رڌل پڻ نظر اچي ٿو. ۽ ڪنهن ڪنهن مهل فطرت جي عنصرن کي نظرانداز ڪري محبوب کي سڀ ڪجھ سمجهي، ان جي واکاڻ ڪري ٿو. گڏوگڏ فطرتي منظرن کي آڻي، محبوب جي حسن کي چار چنڊ لڳائڻ جي وڻندڙ ڪوشش ڪري ٿو:

سندُوءَ مٿان چنڊ جي، ڪرڻن جي وَرڪا،
ٽڏڙي ٽڏڙي واءُ تي، لهرن جا لپڪا
تنهنجي چهري جا، جڻ ڪي اُپرن عڪس ٿا.

هيڏانهن ڪونجون، ڳنول گل ۽ ڪينجهر،
هوڏانهن تارا، ڳتيون، چنڊ، امبر،
ها، مان توڏي وَڏان ٿو مِني!
(خوشبو خوشبو خواب، 185.12)(104)

چنڊ، گلزار، ڪنول، مور، ڏٺا جُهڙَ عاجز
ڪابہ تصوير نہ هئي يار جي صورت جهڙي.

هي هير، واس، ڪرڻا، پکي، چنڊ ۽ نديون،
ڳائين پيا تنهنجا سيئي شان مجان ٿو.
(آچن پؤنر پَنيولئا، 91.108)

آخر ۾ علي دوست عاجز جو انتهائي دلڪش فطرت مان جوڙيل استعارو پيش ڪجي ٿو. جنهن ۾ زندگيءَ کي وڻ سان پيٽيو آهي. هن شعر ۾ علي دوست چئي ٿو تہ جيون جو وڻ پن پن ٿي ويو آهي، ڪجهہ ڏار ڏکن ۾ رهجي ويا آهن. هو فطرتي شيءِ يعني ڇٽيل وڻ جي ڏيک کي پسي، جيون سان پيٽي ڪمال جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو:

پَن پَن ٿي ويو جيون جو وڻ،
رهجي ويا ڪي ڏارَ ڏکن جا.
(رنگ رتو آڪاس، 45) (104)

## 4.22 اسحاق سميجو

جديد شاعرن جي قطار ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو بہ پنهنجي مختلف انداز سان خاص جاءِ والاري ٿو. اسحاق سميجو ڌرتيءَ جي سونهن، سندرتا ۽ جذبن جو شاعر آهي. جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي انوکا موضوع شامل ڪيا آهن. هن جي شاعريءَ ۾ رومانوي عنصر بہ اهميت جي حامل آهي.اسحاق جي شاعريءَ ۾ عڪسن سان پريل ڪيترائي خوبصورت رومانوي شعر ملن ٿا. جن ۾ فطرت جي سونهن سمايل آهي. ”اسحاق بہ منهنجيءَ نظر ۾ هڪ رومانوي شاعر آهي. هن جي شاعري هڪ پرپور رومانس آهي، فرد ۽ فطرت جو رومانس، جنهن ۾ هو احساس جي آڱرين سان رنگ پريندو رهي ٿو ۽ ان ۾ هُن جو جمالياتي ذوق، هُن جي اظهار کي اها جلا ۽ جواني ڏئي ٿو جيڪا هُن جي شعر کي مزيد حسين بڻائي ٿي.“ (105)

وٺي پئي ڦهلبي خوشبو
اوهان جو مسڪرايو پئي.
(صدا بيچين آهي، 33) (106)

چانوَ مٿان ڪسڪي وئي ڳڙ سان
هُو ٻڙ جئن بيٺو هو ٻڙ سان.
(صدا بيچين آهي، 38)

اسحاق سميجو عام کان عام خيال آڏي فطرت جي گهرائيءَ سان جوڙي پيش ڪري ٿو. هو فطرت کي ورڊس ورٿ وانگر ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ”فطرت ڏانهن هُن جو رويو قطعي بہ جماليات کان خالي ناهي. اسحاق جي شاعري جمالياتي حسن سان ڀرپور شاعري آهي. جنهن ۾ ترنم (Lyricism)، علامت نگاري (Symbolism) ۽ رومانويت (Romanticism) هن جي شاعريءَ کي Poeticism ڏين ٿا.“ [107] هيٺين شعرن ۾ فطرت جي ذريعي سماج جي غير معمولي منظرن کي، پنهنجي شدت ڀريل احساسن ۽ جذبن سان علامت وانگي پيش ڪيو آهي:

رات جي گندي تلاءَ ۾
چنڊ جو ڪنول ٽڙيو ٽڙيس
بهار ۾ خزان جو ذڪر ٿيو
وَلِ مان ڪو گل ڪِريو ڪريس
(صدا بيچين آهي، 39)

ڪيسين پؤنر گلاب ۾ رهڻو آهي بند
پڄندو توڙي قيد سڀ، ڪٽندو ساڻ سڳنڌ
(صدا بيچين آهي، 59)

خوشبو ٿي پؤ
جهونڪو ٿي پؤ
ڪجھ وري نہ وري
چنڊ ٻڻجي يا
تارو ٿي يا
ٽانڊاٽو ٿي ڪوشش ڪر تون
رات ٽري نہ ٽري (صدا بيچين آهي، 47)

اسحاق وٽ محبوب انتهائي دلپسند ۽ دلڪش طريقي سان ملي ٿو. يعني محبوب جي لاءِ انوکا خيال ۽ احساس آهن. هن محبوب جي ميلاپ، وڇوڙي ۽ جدائيءَ جو هڪ الڳ ئي روپ ظاهر ڪري ٿو. هو فطرت جي عنصرن سان ان سڄي ماجرا کي پيش ڪري ٿو جيڪا وقت جي حساب سان

دلفريب بڻجي وڃي ٿي. فطرت جي اهڙو انوکوپڻ شايد ئي ڪنهن وٽ ملي! اسحاق سميجي ڪيترن ئي هنڌن تي عنوان ڏيئي پنهنجي اعليٰ ذوق خيالن کي پيش ڪيو آهي. انهن عنوانن ۾ ڪيترائي انوکا تصور ڏنا آهن. جيڪي رومانويت جي جمال کي ظاهر ڪن ٿا. گڏوگڏ فطرتي شين ذريعي محبوب جي سندرتا ۽ نرالائپ کي واضح ڪن ٿا. ”تقدير جو ستارو“ واري عنوان پنهنجي ۽ محبوب جي نهڻ، جڙڻ ۽ ٽٽڻ جي هڪ الڳ ئي ڪهاڻي سمائي فطرت جي عنصرن سان منظر جوڙي پيش ڪيا آهن.

اسين پهريون پيرو خلا ۾ مليا هئاسين
ماڪ اسان جي خوابن کي وهنجاريو
سج اسان جي نُور ۾ روح ڦوڪيو
پکين اسان جي ساٿ جي سلامتيءَ جا گيت ڳايا...
ٻيو پيرو اسين زمين تي ملياسين
مقدر اسان کي جهڪي سلام ڪيو
وڻن هڪ ٻئي سان سرگوشيون ڪيون
۽ هوا ازل جي ناچ ۾ پاڻيان وانگر حل ٿي وئي. (صدا بيچين آهي، 42)

اهڙيءَ طرح ”هڪ ياد“ جي عنوان سان يادگيري لکندي فطرت کي پڻ پيش ڪيو آهي. هو فلم جا نرالا ۽ خوبصورت منظر، جن ۾ رومانس جهڙا ڏيک، دهشت ڀري سونهن، سينيما ۾ موجود پنهنجي حقيقي وجود سان احساسن ۽ جذبن جي اُڌام کي عڪس ڏيئي پيش ڪيو آهي. جيڪو جديد دؤر جو انتهائي انوکو ۽ دلفريب منظر آهي:

رات جي هئي مهل
۽ جنگل هيو
چؤطرف وهشي، درنده، جانور
نانگ، اجگر ۽ بلائون ٿي ڦريون
پرپرو ڪجهه هڪ پهاڙي نهر هئي
پئي وهي ڪيڏي نہ دلڪش نوع سان
جنهن ۾ جوين سان ڇِڪار
ڇوڪري وهتي پئي-
ان کان ٿورو اورتي
اڏاگهاڙو آدميءَ جي روپ ۾ چيتو هو بيٺو
۽ وڏي تعجب ۽ حيرت سان ڏنئين ٿي
ڪامڻيءَ جي ڪينچلي ڪافر بدن کي

هڪڙي پربت جهڙي وڻ جي اوٽ مان-
سارو جنگل شانت، محو رقص هو
۽ هوا ٿي گيت ڳايو پيارَ جو- (صدا بيچين آهي، 93)

ڊاڪٽر اسحاق سميجو بہ جديد شاعرن وانگر استعارن ۽ تشبيهن جو جهجهو استعال ڪري، فطرت جي قسم "مشابهت" جو گهڻي حد تائين پوراءُ ڪيو آهي. بلڪ ائين چئجي تہ ان فطرت جي انهيءَ قسم کي عام جام بيان ڪيو آهي. هو فطرت جي ذريعي ڪڏهن سماج تہ، ڪڏهن محبوب، ڪڏهن فطرت تہ ڪڏهن پنهنجي ذات جي پهلوئن کي تشبيهون ڏيئي پيش ڪري ٿو. هن جي اندازِ بيان ۽ سليس پڻي مان تشبيهون ۽ استعارا دل افروز لڳن ٿا. هو مقامي ماحول جي عام ماڻهن جي ڏٺل وائٺل پر استعمال کان وانجهيل فطرتي شين کي تشبيهون ڏيئي، جديد شاعريءَ ۾ خوبصورت منظر ۽ عڪس جوڙي پيش ڪيا آهن:

سانوڻ جهڙا سيڻ نديءَ جا
پرجي آيا نيڻ نديءَ جا
زخمي ٻولهڻ وانگي ڦٽڪن
لوڏ لهرَ جي، نيڻ نديءَ جا.
(گناهہ جا گيت، 29)

ڪنهن ڪُتي جي پُنيءَ سان چنبڙي
چِچڙ وانگر جيئون چُڙي چا لاءِ!
(گناهہ جا گيت، 31)

رات ڪولهڻ جي رنگ جهڙي هُئي
چنڊ گدرو هو هن جي واڙيءَ جو.
(گناهہ جا گيت، 33)

سرنهُن تي چانڊوڪيءَ وانگر جوڀن ٿورا ڏينهن
ماڻهو هڪڙو سمنڊ، محبت ڇڻ تہ سمنڊ تي مينهن.
(صدا بيچين آهي، 99)

رات جي راڻي مان جئن خوشبو ڦٽي ٿي
سجّ مان ڪِرڻا ڦٽن
جيئن ڏاڙهونءَ جي وڻن ۾ گل ڳاڙها
يا جيئين سپنو ڦٽي ٿو ننڊ مان....
يا سڪل وڻ مان بہ جئن ڪو گونچ اپري (گناهہ جا گيت، 65.64)

ڊاڪٽر اسحاق سميجي تشبيهن ۽ استعارن کان علاوه فطرت جي منظرن جي عڪاسي پڻ

ڪئي آهي. هو فطرت جي وڻندڙ منظرن کي روانيءَ سان پيش ڪري ان جي سندرتا سادڙن خيالن سان پيش ڪيو آهي. هو پنهنجي ديس جي دلفريب رنگن کي فطرت سان جوڙي جماليات جي عنصر کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

نيرا نيرا گهوڙا ها
ناسي ناسي رَٿ هُيا
سونهري سونهري شام
روپا روپا هٿ هُيا

نارنگي نارنگي سانجهہ
سورمئي سُرمئي پَل هويا
چانڊوڪي چانڊوڪي نيڻ
سورج سورج ڳل هُيا

چنگ چيڙين ٿيون هوائون چَنڊ جو
چين چورائي ٿو ڪو اُپڪنڊ جو
جِن ويرانيءَ جا چوڏس پيا ڦِرن
سانت ئي بس سانت ۾ آهي مگن
(گناهہ جا گيت، 48-50)

## 4.23 روبينہ ابڙو

روبينہ جو فن ۽ روبينہ جو فڪر ٻئي انتهائي سگهارا پاسا آهن. وٽس اهي ترڪيبون آهن جيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ بنهہ نيون آهن. سندس تشبيهون ڪمال جون آهن، استعارا ۽ تمثيلون ڄڻ تہ سندس ذات جون داسيون هجن. ٻوليءَ جو استعمال اهڙو جو غزل کي ڇهي تہ گيڙو ٻڻجي وڃي. بيت کي ڇهي تہ لطيفي لات پاسي، وائي کي ڇهي تہ وراڻين جي ورڪا ٿيو پوي، دوهي کي ڇهي تہ ڳوٺ جون ڳليون ڳلي ڳراٽڙي پائي سندس آزرياءَ ڪندي پاسن ۽ نظم کي ڇهي تہ موضوعن جا نڪور ۽ اڇوتا ڪينواس سندس سامهون تاڪين جيان کليو پون.(108)

روبينہ جي شاعريءَ ۾ فطرت جا اولڙا نظر اچن ٿا. هن جي خيالن جي اڏام، پنهنجي آس پاس ۽ گهر جي ڏٺل وائٺل فطرتي شين تائين وڃي پهچي ٿي. هن فطرت کي گهڻن هنڌن تي استعاري ۽ تشبيهہ طور استعمال ڪيو آهي. هن ڪارونجهر جي نظارن کي پسندي فطرت جي عنصرن کي ڇُهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

لڳي سانجهيءَ جي نيڻن ۾،
اها ڪڪري ڪجل آهي.
(قدم ڪان عدم تائين، 88)

آنءُ ڪارونجهر مٿان پيئي ڏسان،
مور جون ڄڻ ماڙڪيون مون ۾ هيون.
(قدم ڪان عدم تائين، 89)

تارو تارو جرڪِي پيو جيئن،
چنڊ چُميو منهن ڳرڀ وتيءَ جو.
(قدم ڪان عدم تائين، 90)

پڪين جيئن وقت ٿو اُڏري،
ازل جي لام تي لُڏندي
تتر وانگي تنوارين پيو
سدا هِن روح ۾ اُڏندي.
(قدم ڪان عدم تائين، 121)

هئاسين پاڻَ پاڻيءَ جيئن اجرا،
رڱيُئي جنهن رنگ ۾، رڱجي وياسين.
(قدم ڪان عدم تائين، 190)

رات حاملـــــــــــ آهـــــــــي،
درد ئـــــــي ڄڻـــــــي پيئـــــــي.
(قدم ڪان عدم تائين، 230)

روبينہ ابڙو 'سون سريڪا سپنا' جي عنوان سان نثري/آزاد نظم لکيو آهي جنهن ۾ فطرت سان گهرو لاڳاپو ڏيکاريندي پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو آهي. اهڙي خواهش جديد شاعريءَ ۾ چند شاعرن وٽ ملي ٿي. هن فطرتي نظارن کي پنهنجي اکين سان ڏٺو، اندر ۾ سمايو ۽ اظهار ڪيو.

❋

ڌرتي منهنجي پيرن هيٺان
روز ڇِڪي ٿو ڪوئي
منهنجي سوچ جي هر هڪ وک تي
شام لهي سرمئي
ڪيڏا ياوَ اُيا ٿين ٿا ۽
من ۾ ڪو مانڊاڻ مچي ٿو
منهنجي ڪومل سپنن جا ڄڻ

ماٿي تي سو تلڪ سجايان
سورج منهنجي ساڄي پاسي
کاٻي پاسي سڀ ستارا
ڌرتي منهنجي امبر منهنجو
منهنجا سڀ نظارا
سُڏڪن جا مان سارا پنڇي
ٿهڪن تاڙين ساڻ اڏايان

| | |
|---|---|
| ڪوئي آڪير پيو ڏاهي | جهرٽا جهرٽا جاڳ هجي ۽ |
| منهنجي خواهش جي منزل جا | سون سريڪا سندر سپنا |
| سارا ئي پيرا ڏاهي | چانڊوڪيءَ کي ڳل تي لائي |
| پر مان چاهيان منهنجي آشا | خوشبوءَ کي پو ساڻ رَلائي |
| ماڳن جي مهمان ٿئي ۽ | ڦلڙيون ڦلڙيون پنڌ ڪيان ڪي |
| پورا ڪارا بادل اوڏيان | وڃ وراڪن پيال پايان |
| نيرو نڀُ وڇايان | ڇم ڇم لايان |
| هٿ وڌائي | ساري ڌرتيءَ مينهن وسايان |
| چندرما کي اپ تان لاهي | مينهن اهي جي نينهن نکارن |
| منهنجن سپنن جو اوتارو | سارو ديس سدا لئه ٿي پئي |
| منهنجن جذبن جو رکوالو | ڳٽتيون ڳوهيان |
| پو ڪوئي احساس نہ جاڳي | ۽ مان پانئيان |
| اهڙو خيال نراس نہ جاڳي | ڌرتي منهنجي پيرن هيٺان |
| | روز ڇڪي ڪوئي. (قدم کان عدم تائين، 92،91) |

**حوالا:**


1) هري دلگير، (سمپادڪ). **ڪشنچند بيوس جي ڪوتا جو جائزو**. اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڪڇ. 1993. ص: 74
2) بخاري، سيد محمود شاهہ ڊاڪٽر (سهيڙيندڙ). **ڪليات بيوس**. آزاد ڪميونيڪيشنز. ڪراچي. 1991. ص: 32
3) شمشير الحيدري. **سنڌي شاعريءَ جو اڀياس**. ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ. 2012. ص: 17
4) بخاري، سيد محمود شاهہ ڊاڪٽر، (سهيڙيندڙ). **ڪليات بيوس**. آزاد ڪميونيڪيشنز. ڪراچي. 1991. ص: 33
5) موتي پرڪاش. **سنڌي شعرَ ۾ استريءَ جو چٽُ**. مهاراشٽر راجيہ سنڌي ساهتيہ اڪاڊمي بمبئي. 1988. ص: 226
6) دلگير ۽ شيام. **ماڪ ڦڙا**. سندر پريس اجمير. 1953.
7) شيام ناراڻ. **ذات ۽ حيات**. نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد. 1997.
8) بلوچ، تاج. **جديد ادب جو تجزيو**. سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي. 2014. ص: 63
9) سجاولي، سرويچ. **پئي ڪنڌيون مهراڻ جون**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2017. ص:209
10) عباسي، تنوير. **رڳون ٿيون رباب**. آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد. 1979.
11) ڪيئلداس فاني. انور فگار هڪڙو (سهيڙيندڙ). **سَمُنڊ سمايو بُوند ۾**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو. 1995.
12) هري دلگير، (سمپادڪ). **ڪشنچند بيوس جي ڪوتا جو جائزو**. اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف

سنڌالاجي، ڪڇ. 1993. ص:8
13)ٻيوس، ڪشنچند. **شيرين شعر**. سندر ساهتيہ آفيس، ڪراچي. 1947. مهاڳ
14)هري دلگير، (سمپادڪ). **ڪشنچند ٻيوس جي ڪوتا جو جائزو**. اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڪڇ. 1993. ص: 7
15)**مهراڻ**۔ سيارو 1955. ص: 193
16)ٻيوس، ڪشنچند. **ساموندي سپون**. ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد، سنڌ. 1929.
17)جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر. **سنڌي ادب جي تاريخ** (جلد ٻيو). سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد. 2005. ص: 535
18)بخاري، محمود شاهه ڊاڪٽر. (سهڙيندڙ) **ڪليات ٻيوس**. آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي. 1991.
19)ٻيوس، ڪشنچند. نصير مرزا (مرتب). **ڇهه ڇهه پئسا ڀہ ڀہ پايون**. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. 2006.
20)درياڻي، هري دلگير. **اڪيلو چنڊ**. ٻيسٽ سنڌي سڀا، ممبئي. 1998. ص: 3
21)گبول، مشتاق. **هري دلگير: نئين سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهم رڪن**. واليم 24، ڪلاچي تحقيقي جرنل. جون، 2021. ص: 77
22)هري دلگير. **وڻ وڻ ۾ وايون**. رام درياڻي، لڇمڻ درياڻي، 17، مئتري، 3_اي، آديپور (ڪڇ). 2005. ص: 5_6
23)هري دلگير. **ڪوڏ**. سندر ساهتيہ آفيس، ڪراچي. 1942.
24)هري دلگير. **جهنگلي گلَ**. سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر. 1988.
25)هري دلگير. ارجن حاسد (سمپادڪ) **سدا هجن هوت حيات**. (فن ۽ شخصيت)، سنگيتا پبليڪيشن، بڙودا. 1986.
26)ڪيئلداس ’فاني‘. انور فگار هڪڙو (سهيڙيندڙ). **سَمُنڊ سمايو ٻُوند ۾**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 1995. مهاڳ
27)ساڳيو. **سَمُنڊ سمايو ٻُوند ۾**. ص: 4
28)ساڳيو. **سَمُنڊ سمايو ٻُوند ۾**. ص: 8
29)شيام نارايڻ. تنوير عباسي (اپياس). **”ٻُوندَ لهرُون ۽ سَمنڊ“** (غزل)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ. 1987. ص: 1 _ 3
30)شيام نارايڻ. **”ذات ۽ حيات“** نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد. 1997. ص: 3
31)مهراڻ. **”نارايڻ شيام جون ”تصويرون“** محمد علي ابڙو. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 1_2019. ص: 242
32)شيام نارايڻ، تنوير عباسي (اپياس) **”ٻُوندَ لهرُون ۽ سَمنڊ“** (غزل)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ. 1987. ص: 24
33)شيام نارائڻ، مصطفيٰ نانگراج (سهيڙيندڙ). **”راهون پنڌ پيون“**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.

.1998
34)جويو تاج (ترتيب ۽ مهاڳ). **جَرَ ۾ ٿو جرڪان.** شيخ اياز فائونڊيشن، سنڌ. 1998. ص: 7_8
35)شيخ اياز بخشل باغي (مرتب) **هي روح جزيرو حيرت جو.** شاهه پبليڪيشن ڪراچي. 2004. ص: 15
36)شيخ اياز. **چنڊ ڳليون.** نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد. 1995. ص: 10
37)شيخ اياز. **جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.** اداره آواز ادب، حيدرآباد. 1963. ص: 26_27
38)شيخ اياز. **لڙيو سِجُ لڪن ۾.** شيخ اياز جو سڄو شعرُ_جلد (3). ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ. .2009
39)شيخ اياز. **چَنڊُ چَنبيليءَ وَلِ.** نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد. 1985.
40)شيخ اياز. **ڪُلهي پاتم ڪِينرو.** اداره آواز ادب، حيدرآباد. 1963.
41)شيخ اياز. **سانجهي، سمنڊ سپون.** سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي. 1996.
42)شيخ اياز. **راج گهاٽ تي چنڊ.** نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد. 1989.
43)شيخ اياز. **چَنڊُ چَنبيليءَ وَلِ.** نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد. 1985. ص: 10
44)شيخ اياز. **آڪ جون ڦُلڙيون، پيچ پٽي.** شيخ اياز فائونڊيشن حيدرآباد. 2002.
45)شيخ اياز. **پتڻ ٿو پور ڪري،** سمبارا پبليڪيشنس، ڪراچي. 1983. ص: 3
46) لطيف، ڊاڪٽر فياض. **شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات.** انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو. 2018. ص: 206-207
47)امداد حسيني. **تنوير بہ تہ اسان جو مستقبل آهي.** سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. جنوري_ مارچ، 2012. ص: 92
48)عباسي، تنوير. **رڳون ٿيون رباب.** آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد. 1979.
49)عباسي، تنوير. **تنوير چئي.** انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ. 1989.
50)عباسي، تنوير. **ساجن سونهن سرت.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 1996.
51)بخاري، استاد . **اوتون جوتون.** آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد. 1983.ص: 27
52)فهميده حسين، ڊاڪٽر. **استاد بخاري منهنجي پسند جو شاعر.** سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ. آڪٽوبر – ڊسمبر. 2012. ص: 149
53)بخاري،استاد، علي دوست عاجز (مرتب). **خوبصورت خيال جا سپنا.** (مڪمل غزل) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2015. ص: 20
54)بخاري، استاد **اوتون جوتون،** آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد. 1983. ص: 18_19
55)بخاري، استاد، **گلدستي ۾ گيت،** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 1996.
56)بخاري، استاد، **بخاريءَ جا قطعا،** سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد. 2000.
57)بخاري، استاد، **ڏرتي سرتي،** سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد. 1991.
58)حسيني، امداد، **ڪرٽي جهڙو پل،** سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ. 2012. ص: 15

59) حسيني، امداد، **هوءَ**، نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي. 2016.

60) حسيني، امداد. **امداد آهي رول**. سنڌي اڪيڊمي، 474 صدر، ڪراچي. 1976.

61) حسيني، امداد. **هوا جي سامهون**. (شاعري)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2000. سنڌ سلامت ڪتاب گهر. ڊجيٽل ايڊيشن، 2019. ص: 35

62) همايوني، نياز. **ساٽيهه جي ساک**. نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي. 1975. آخري ٽائيٽل پيج

63) همايوني، نياز. تاج جويو (ترتيب ۽ تحقيق). **دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت**. روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2009. ص:11

64) همايوني، نياز. **ساٽيهه جي ساک**. نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي. 1975.

65) همايوني، نياز. **ڌرتيءَ جا گيت**. تخليق پبليڪيشن حيدرآباد. 1977. سنڌ سلامت ڪتاب گهر. ڊجيٽل ايڊيشن 2020.

66) تاجل بيوس. **ڏوريان ڏوريان مَ لهان**. (نوَن ڪتابن جو مجموعو) تاجل بيوس اڪيڊمي، ڪراچي. 1997. ص: 2

67) ساڳيو. **ڏوريان ڏوريان مَ لهان**. ص: 20

68) ساڳيو. **ڏوريان ڏوريان مَ لهان**. ص: 626

69) تاجل بيوس. **ڇپ انجيل جي حاشين جهڙا**. نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي. 2003.

70) مُنشي، ابراهيم. **ڌرتي دين ڌرم**. روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2010. ص: 6

71) مُنشي، ابراهيم. **گوندر ويندا گذري**. روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2015. ص: 11

72) ساڳيو. **گوندر ويندا گذري**. ص: 7

73) سجاولي، سرويچ. **آليون اکيون اٽيا وار**. لاڙ پبليڪيشن سجاول، سنڌ. 1972. ص: 22

74) سجاولي، سرويچ. **پئي ڪنڌيون مهراڻ جون**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2017. ص: 14

75) وفا ناٿن شاهي. **اکين ۾ الماس**. ساگر ڪميونيڪيشنس، ميرپورخاص. 2000. ص: 32

76) وفا ناٿن شاهي. **آيو جهول پري**. سيپتا پبليڪيشن، حيدرآباد. 2018.

77) وفا ناٿن شاهي. **اوجاڳن جو انت**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 2006.

78) وفا ناٿن شاهي. **اکين ۾ الماس**. ساگر ڪميونيڪيشنس، ميرپورخاص. 2000. ص: 33

79) ساڳيو. **اکين ۾ الماس**. ص: آخري ٽائيٽل پيج، آٿر ناٿن شاهي.

80) وفا ناٿن شاهي. **وفا**. (چونڊ غزل) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2003. ص: 33

81) وفا ناٿن شاهي. **اوجاڳن جو انت**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 2006. ص: 32

82) آٿر ناٿن شاهي. **سامرين جي شهر ۾**. سنڌي ادبي سنگت سنڌ. 2009. ص: 20

83) آٿر ناٿن شاهي. **چُلڪيا نيڻ ڪٽورا**. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. 2006. ص: 4

84) آٿر ناٿن شاهي. **لهرون لهرون لاٽ**. مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/ڪراچي. 1998. ص: 13

85) آٿر ناٿن شاهي. **جڏهن اُلا اُڀ ۾**. سچائي اشاعت گهر دڙو. 1994.

86) آٿر ناٿن شاهي. **لهرون لهرون لاٽ**. مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/ڪراچي. 1998. ص: 9

87)مجيدي، مريم. **سروم دکم دکم.** چانڊاڻ پبليڪيشن سجاول. 1986.

88)مجيدي، مريم. **نيرانا ئي نيڻ.** سچائي اشاعت گهر دڙو. 2012. (سنڌ سلامت ڪتاب گهر).

89)سومرو، ادل. **نيروليءَ جا خواب.** پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور. 2017. پوئين ٽائيٽل صفحو.

90)سومرو، ادل. **وليون وڻ ڦلاريا.** سڳنڌ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو. 1984.

91)سومرو، ادل. **سمنڊ جاڳي ٿو.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 1994.

92)سومرو، ادل. **پوپٽ جهڙا گيت.** مارئي ڪتاب گهر، سکر. 1986.

93)سومرو، ادل. **پتلين جو تماشو.** آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد. 1982.

94)اياز گل. **دک جي نہ پڄاڻي آ.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 1997. ص: 55

95)ساڳيو. **دک جي نہ پڄاڻي آ.** ص: 20

96)ساڳيو. **دک جي نہ پڄاڻي آ.** ص: 22_23

97)باغي حليم. **اڙي شهرِ جانان.** پدمات پبليڪيشنس عمرڪوٽ. 2002.

98)حسن درس. **الاءِ ڪٿي آهين.** امرتا پبليڪيشن حيدرآباد. 2012. ص: 11

99)حسن درس. **حسن درس جو رسالو.** انڊس فائونڊيشن، حيدرآباد. 2011. ص: 51

100) لغاري مظهر. **هوائون نہ روڪيو.** ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي. 2018.

101) عاجز علي دوست. **رَتا روهيڙا.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2017.

102) عاجز علي دوست. **خوشبو خوشبو خواب.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2000.

103) عاجز علي دوست. **آچن ٻؤنرَ ٻَنيولئا.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2003.

104) عاجز علي دوست. **رنگ رتو آڪاس.** سارنگا پبليڪيشن، سنڌ. 2009.

105) سميجو اسحاق. **گناهہ جا گيت.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2006. ص: 17

106) سميجو اسحاق. **صدا ٻيپچين آهي.** نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد. 2001.

107) سميجو اسحاق. **گناهہ جا گيت.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2006. ص: 18

108) ابڙو روبينہ. **قدم ڪان عدم تائين.** ڪنول پبليڪيشن، قنبر. 2015. ص: 38

باب پنجون

# پڇاڙي

5.1 نتيجا

5.2 ڪتابيات (Bibliography)

## 5.1 نتيجا

※ لفظ فطرت عربي ٻوليءَ جي لفظ "فَطَرَ" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، "پيدا ڪرڻ". فاطِرَ چوندا آهن پيدا ڪرڻ واري کي. فطرت مان مراد اهي شيون جيڪي فطري طور پيدا ٿيل هجن. فطرت جو انگريزيءَ ۾ متبدل لفظ نيچر (Nature) آهي، جيڪو رومي زبان جي لفظ "نيچرا" (Natura) مان ورتو ويو آهي. "نيچرا" ترجمو آهي يوناني لفظ "سائيسس" (*physis*) جو. جنهن جي معنيٰ پيدائش، ابتدا، فطري جوڙجڪ يا وجود وٺڻ آهي.

※ مختلف لغتن ۾ فطرت جون هن ريت معنائون جڙي بيهن ٿيون: قدرت، پيدائش، خلقت، آفرينش، ڪائنات، جبلت، طبيعت، سڀاءُ يا مزاج وغيره

※ فطرت جو مفهوم ٿيو قدرتي طور تي وجود ۾ آيل ڪائنات، آفرينش، نيچر وغيره. جنهن جو تعلق مخلوقات سان آهي. جيڪو پيدائشي هئڻ ڪري، خارجي اثر قبول نہ ڪندو آهي. يعني جيڪي انسان جي وسَ کان مٿي هجن. جيئن سج چنڊ تارا وغيره. جن مان انسان فائدو ۽ لطف تہ وٺي سگهي ٿو پر انهن کي پنهنجي وسَ مطابق ڦيرگهير نہ ٿو ڪري سگهي.

※ فطرت ٽن اهم قسمن اندر گردش ڪري ٿي. هڪ فطرت پرستي، ٻيو مظاهرِ فطرت ۽ ٽيون انساني فطرت. پهرين قسم ۾ فطرت جي پوڄا پاٺ ڪري، ذهني تسڪين حاصل ڪئي ويندي آهي، ٻئي قسم ۾ قدرتي نظارا اچن ٿا، جن ۾ منظر نگارين ۾ سوبن نظارا ايندا آهن، جن مان عام توڙي خاص، عالم توڙي اديب لاڀ حاصل ڪيو ويندو آهي. ٽيون قسم انساني فطرت سان تعلق رکي ٿو جنهن ۾ انسان جون بنيادي صفتون جيڪي قدرتي طور پيدا ٿيل آهن اهي اچي وڃن ٿيون.

※ شاعريءَ ۾ فطرت جي مظهرن جا ٽي رخ ٿيندا آهن. جن جي ذريعي سماجي حالتن، عشق جي گهرائين، پنهنجي احساسن جو اظهار ڪندا آهن. ان جو پهريون رخ فطرت جي تجسيم (Personification Of Nature) آهي، جنهن ۾ فطرت جي ڪنهن بہ شيءِ کي انسانن وانگر جسم ڏيئي ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ويندي آهي. ڪڏهن فطرت انسان سان ڳالهائيندي آهي تہ ڪڏهن انسان ان سان ڳالهائيندو آهي. ٻيو رخ 'فطرت سان مشابهت' (Analogy of Nature) آهي، جنهن ۾ محبوب يا سماج جي ڪنهن بہ پهلوءَ کي فطرت سان ڀيٽيو ويندو آهي. فطرت جو ٽيون ۽ آخري رخ فطرت جو تفصيلي ذڪر (Description of Nature) آهي، جنهن فطرت جي نظارن جو تفصيل سان ذڪر ڪري منظرنگاريءَ کي پيش ڪيو ويندو آهي.

* عام ماڻهو طبيعت، جبلت ۽ فطرت کي ساڳي معنيٰ ۾ انسانن جي لاءِ استعمال ڪندا آهن. جڏهن تہ طبيعت مان مراد خصلت ۽ خصوصيت هوندو آهي جيڪا جاندارن (گلن ٻوٽن) ۽ بي جان شين (هوا پٿر) لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي. مثال طور پٿر جي خصوصيت آهي تہ هو سخت آهي، پاڻيءَ جي خصوصيت آهي تہ اهو نرم آهي. جبلت مان مراد قدرتي يا پيدائشي سگهہ آهي. جيڪا جانورن وغيره ۾ هوندي آهي ۽ ان کي سرشت بہ سڏيو ويندو آهي. مثال طور ٻدڪن جا ٻچا ٻنا سمجهائڻ جي ترڻ شروع ڪندا آهن. پکي اڏرڻ شروع ڪندا آهن. فطرت جو لاڳاپو سڌو سنئون انساني شعوري سگهہ سان هوندو آهي، يعني شيءِ بابت ڄاڻي ٿو ان بابت آگاهي حاصل ڪري سگهي ٿو.
* سنڌي شاعريءَ جي شروعات سومرن جي دور کان ٿئي ٿي، پر ان دور جي ڪلام جا چند نمونا مليا آهن، جن ۾ فطرت جا اولڙا نظر اچن ٿا. پڻ پانن جي ڳاهن ۽ اسماعيلي داعين جي ڪلام ۾ فطرت جي تجسيم ۽ فطرت جي مشابهت ملي ٿي. سومرن جي دؤر ۾ ابتدائي بيت، ڳاهون ۽ ماموئي فقيرن جي ڪلام ۾ فطرت جارنگ ۽ فطرتي عنصرن جي ٿوري گهڻي نمائندگي نظر اچي ٿي.
* ڪلاسيڪل دور ۾ مختلف موضوعن سان گڏ فطرت جي عنصر کي گهڻو بيان ڪيو ويو آهي. هن دؤر جي شاعرن اصلاحيءَ ڪلام سان گڏوگڏ فطرتي نظارن جي منظرنگاري ڪئي وئي آهي.
* لوڪ قصن ۽ ڪهاڻين ذريعي فطرت جي هيبتناڪ منظرن، ڪردارن وسيلي فطرت سان مشابهت ڪرڻ، اڪيلائيءَ ۾ فطرت سان ڳالهيون ڪرڻ، مقامي ماحول جي عڪاسي ڪري فطرت سان گهرو تعلق رکڻ ڪلاسيڪل شاعرن جي اها عام مصروفيت هوندي هئي.
* قاضي قادن ڪلاسيڪل دؤر جو پهريون شاعر مڃيو ويو آهي. جيڪڏهن فطرتي ڪلام جو باني چئجي تہ بہ برو نہ ٿيندو. ڇو جو ڪلاسيڪل دور ۾ هن فطرت جي عنصرن کي جاچي پرکي ۽ مشاهدو ماڻي لکيو آهي. قاضي قادن فطرت جي تجسيم سان گڏوگڏ فطرتي رنگن جون تشبيهون ڏيئي، سماجي عڪس پيش ڪيا آهن. هن جي جنهن بہ بيت ۾ فطرت جو عنصر ملي ٿو ان ۾ سماج جي اصلاح ڪيل آهي.
* شاهہ ڪريم ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ قصن جو بنياد وڌو. انهن جي ذريعي فطرت جي عناصرَ کي واضح ڪندي، تشبيهون ۽ استعارا جوڙي عام ماڻهن جي اصلاح ڪئي آهي.
* لطف الله قادري جي ڪلام ۾ فطرت جي مظهرن جون تشبيهون بيان ڪيل آهن، جن جي ذريعي وحدانيت جي طرف ڌيان ڇڪائي ٿو.

* مبين شاهہ عنات شاعريءَ ۾ فطرت جي ٽنهي رخن جو اظهار ڪيو آهي. هو ڪنهن وقت چنڊ سان تہ ڪنهن وقت جهڙ سان مخاطب ٿيو آهي. هن مقامي ماحول ۽ نظارن کي عام جام بيان ڪيو آهي. هو ٿر جي ماحول مان تمام گهڻو متاثر آهي، انهيءَ ڪري هن پنهنجي ڪلام ۾ ٿر جي فطرت ۽ ماحول کي چٽيءَ طرح واضح ڪيو آهي.
* شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪلاسيڪل دور جو تمام وڏو فطرت نگار شاعر آهي. شاهہ صاحب فطرت جي سڀني عنصرن جو مشاهدو ماڻي، انهن جي چڱيءَ ريت مصوري ڪئي آهي. هن فطرت جي تجسيم اهڙي انداز ۾ ڪئي آهي، جو اهي شيون حقيقي لڳن ٿيون، انهن جي شڪل ۽ صورت اکين اڳيان گفتگو ڪندي نظر اچي ٿي. ساڳي نموني سان، فطرت جون تشبيهون ۽ استعارا پڻ ڏنا آهن. شاهہ صاحب فطرت جي خوفناڪ منظرن کي نروار ڪندي، جدوجهد جي علامت کي پڌرو ڪيو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ فطرت جي پرسڪون منظرن کي پڻ نشانبر ڪيو آهي. ڀٽائيءَ مقامي ماحول جو گهرو مشاهدو ماڻيو ۽ نا جي اندر ئي فطرت جي اونهائيءَ کي پيش ڪيو.
* سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ فطرت جا ٽيئي رخ ۽ انهن سان گڏ مقامي ماڻهن جو فطرت سان رويو جاندارن جو فطرت سان لاڳاپو عام جام بيان ڪيو آهي. ٻهراڙيءَ جي ماحول جا سادگيءَ ڀريل فطرتي عڪس پيش ڪيا آهن. سچل فطرت جي خوفناڪ ۽ دهشتناڪ نظارن جي چڱيءَ ريت منظرڪشي ڪئي آهي. انهيءَ سان گڏ فطرت جي خوبصورت نظارن جي نقاشيءَ کي پڻ قائم رکيو آهي.
* سنڌي عروضي شاعريءَ ۾ ايران جي ماحول ۽ فارسي شاعريءَ جون ترڪيبون، تجنيسون، تشبيهون بيان ڪيون ويون آهن. فارسي ٻوليءَ جا لفظ ۽ فارسي پيئمانہ بيان ڪيا آهن.
* فطرت جي ڳالهہ ڪجي تہ عروضي شاعرن مقامي نظارن جي بجاءِ ايران جي فطري رنگن جي عڪاسي ڪئي آهي. هو اتان جي اڻ ڏٺل گلن ( گل لالہ گلِ بهار ۽ نرگس) وغيره کي فارسي شاعريءَ مان پڙهي، تقليد ڪري، پنهنجي خيالن جي آنڌ مانڌ بابت تشبيهون ۽ استعارا ڏيئي لکيو آهي.
* عروضي شاعريءَ ۾ موسمون بابت ڪافي منظر نگاري ٿيل آهي. هنن فطرت جي مظهرن جو تفصيلي ذڪر پڻ ڪيو آهي. ساغر و مينا سان گڏ فطرت جي اونهائي پڻ معلوم ٿئي ٿي پر منظر اوپرا ۽ ڌاريا محسوس ٿين ٿا.
* عروضي شاعر فطرت ذريعي پنهنجي درد جا داستان بيان ڪري پنهنجي من کي هلڪو محسوس ڪن ٿا

* كجهہ هنڌن تي كي اهڙا بہ منظر آهن، جن مان ائين معلوم ٿو ٿئي تہ اهي جڻ مقامي ئي آهن. خليفي گل محمد جو ڪلام ان حوالي کان مختلف آهي. هن جي ڪلام تي فارسيءَ جو اثر تمام گهڻ آهي.
* لوڪ شاعريءَ جو جهڙو نالو آهي تهڙا ئي ان ۾ مقامي رنگ سان رنگيل فطرتي عڪس ۽ نظارا ملن ٿا. لوڪ شاعريءَ ۾ سادي زندگي، پنهنجي ننڍين وڏين فطرتي شين سان محبت ۽ چاهت ڀريا جذبا عام جام ملن ٿا.
* لوڪ شاعريءَ ۾ فطرت جو عنصر هر هڪ گهاڙيٽي ۾ ملي ٿو. لوڪ گيت مجاز ۽ محبت، خوشي ۽ امنگ جي گيت آهن پر انهن ۾ فطرت جي عڪاسي، فطرت جي منظرن جو بيان ڪنهن نہ ڪنهن ريت واضح ٿئي ٿو.
* سينگار شاعريءَ ۾ جيڪا فطرت بيان ٿيل آهي اها تمام اعليٰ درجي واري آهي. ڇو جو لوڪ شاعريءَ جي هن صنف ۾ عورت جي سونهن کي چارچنڊ لڳائڻ لاءِ سورنهن فطري سينگارن کي، فطرت جي عنصرن سان ڀيٽي، اُڪير جو اظهار ڪيو ويندو آهي. يعني چئي سگهجي ٿو تہ لوڪ شاعريءَ ۾ فطرت جو تمام گهڻو امنگ ۽ چاهہ نظر اچي ٿو. سنڌي لوڪ شاعري قومي فطرت جو شهڪار آهي. جنهن ۾ هر عام و خاص جي فطرتي رنگ سمايل آهن. ٻارن جي لاءِ جيڪي ڳجهارتون ۽ ڀروليون جوڙين ٿا انهن ۾ پڻ فطرت جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو.
* لوڪ ادب جي سلسلي جا تقريبن سڀ ڪتاب ڪنهن نہ ڪنهن ريت فطرت جي گهرائي معلوم ٿئي ٿي.
* شروعات ۾ جديد سنڌي شاعري نوان اسلوب، نوان موضوع ۽ نوان موڙ، نيون ترڪيبون، اصطلاح، تشبيهون، استعارا ۽ علامتن سان گڏ مقامي نظارن جي فطرتي جهان کي کڻي آئي.
* جديد دؤر جي حساب سان فطرت جي تجسيم، مشابهت ۽ مظهرن جو تفصيل عام جام بيان ڪيو آهي، جيڪو گذريل شاعريءَ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي اهميت رکي ٿو.
* جديد شاعريءَ ۾ فطرت کي گذريل شاعريءَ مان تجزيو ڪيو ويو آهي، پر ان جي باوجود بہ سڀ منظر ۽ موڙ نوان لڳن ٿا. سماجي ۽ اصلاحي پهلو گذريل شاعريءَ وانگر ئي استعمال ڪيا آهن پر دؤر جي حساب سان معيار ۽ ماپا بلڪل ئي الڳ آهن
* جديد شاعريءَ ۾ فطرت جي عنصر کي جدوجهد ۽ انقلابي رنگ ڏيئي پيش ڪيو ويو آهي. نيئن اميد ۽ آس جي لاءِ پڻ فطرت جي عنصرن کي استعمال ڪيو آهي. هن شاعريءَ ۾ فطرت کي مايوسي، مفلسي کي دور ڪرڻ، پنهنجي من جي ڀاونائن کي بيان ڪرڻ، تنهائيءَ ۾ خوبصورت ساٿي طور پيش ڪيو آهي.

* جديد شاعريءَ ۾ ٻارن جي لاءِ فطرت جي موضوع کي چونڊي، خوبصورت ۽ انوکن شين سان پيش ڪيو ويو آهي. جنهن سان ٻارن جو ڌيان فطرت ڏانهن ويندي، ان جي سار سنڀال ۽ پنهنجي ذهني سگهه کي وڌائڻ ۾ ڪم اچي رهيو آهي.
* جديد شاعريءَ ۾ فطرت ذريعي سماج جا نقشا ڪڍيا ويا آهن. سماج جي غريبي ۽ مفلسيءَ کي فطرت جي برابريءَ واري عنصر پيٺ ڪندي يڪسانيت ۽ هڪجهڙائي ڏيکاري آهي.
* فطرت جي تجسس ڀري انداز ۽ فطرتي شين جي پاڻ ۾ ٿيل ڳجهي گفتگوءَ کي محسوس ڪندي، انتهائي خوبصورت نظارا پيش ڪيا آهن.

## 5.2 ڪتابيات Bibliography

### سنڌي


1) آڏواڻي، ڪلياڻ. **شاهه جو رسالو.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ. 2013

2) ابڙو روبينه. **قدم ڪان عدم تائين.** ڪنول پبليڪيشن، قنبر. 2015

3) ابڙو محمد علي. **نارايڻ شيام جون "تصويرون".** مهراڻ مئگزين نمبر 1. سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ. 2019

4) الحاج، رحيم بخش، 'قمر'. **ديوان قمر.** امين ڪتاب گهر، پبلشرس، بوڪسيلرس، رساله روڊ، حيدرآباد سنڌ. 1967

5) انصاري عثمان علي (مرتب)، گل محمد تنيو (سنواريندڙ). **رسالو سچل سرمست جو.** (سنڌي ڪلام) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ. 1994

6) اياز گل. **دک جي نه پڄاڻي آ.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 1997

7) اياز گل، **ڏينهن ڏٺي جا سپنا**، سڳند ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. 1984

8) بخاري، سيد محمود شاهه ڊاڪٽر (سهڙيندڙ ۽ سموهيندڙ). **ڪليات بيوس**، آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي. 1991

9) بخاري، استاد. **اوتون جوتون.** آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد. 1983

10) بخاري، استاد. **بخاريءَ جا قطعا.** سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد. 2000

11) بخاري، استاد علي دوست "عاجز". (مرتب) **خوبصورت خيال جا سپنا.** (مڪمل غزل) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ. 2015

12) بخاري، استاد. **ڏرتي سرتي**، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد. 1991

13) بخاري، استاد. **گلدستي ۾ گيت.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ. 1996

14) 'بلبل'، رئيس شمس الدين، غلام محمد 'گرامي' (مرتب). **ديوان بلبل.** سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ. 1982

15) بلوچ، تاج. **جديد ادب جو تجزيو.** سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي. 2014

16) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **پيلاين جا پول.** الوحيد پريس ڪراچي. 1951

17) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. (تحقيق ۽ تصنيف) **جامع سنڌي لغات.** جلد ٻيو (چ - ڪ) سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد. 2005

18) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. (تحقيق ۽ تصنيف) **سنڌي سينگار شاعري** سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ. 1986

19) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **سنڌي هنر شاعري** سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو سنڌ. 1991

20) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. (تحقيق ۽ تصنيف) **شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام.** ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ. 2010

21) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. (تحقيق ۽ تصنيف) **قاضي قادن جو رسالو** انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،

سنڌ. 1999
22) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **قافيون**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ. 1990
23) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. **لوڪ گيت**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ. 2006
24) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. (تحقيق ۽ تصحيح) **ميين شاهہ عنايت جو ڪلام**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ. 2010
25) بيوس، تاجل. **ڏوريان ڏوريان مَ لهان**. (نَون ڪتابن جو مجموعو) سنڌي ادبي سنگت، سنڌ. 1997
26) بيوس، تاجل. **ڇَپ انجيل جي حاشين جهڙا**. نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي. 2003
27) بيوس، ڪشنچند، نصير مرزا. (مرتب) **ڇهہ ڇهہ پئسا ٻہ ٻہ پايون**. (ٻارن لاءِ شاعري) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ. 2006
28) بيوس، ڪشنچند. **سامونڊي سپون**. ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد سنڌ. 1929
29) بيوس، ڪشنچند. **شيرين شعر**. سندر ساهتيہ آفيس، ڪراچي. 1947
30) پروين، ساجده، ڊاڪٽر. **شاهہ لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ جي شاعريءَ ۾ رومانويت**. (تقابلي جائزو) سچائي اشاعت گهر، دڙو. 2017. ڊجيٽل ايڊيشن، سنڌ سلامت ڪتاب گهر. 2019
31) جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر. **سنڌي ادب جي تاريخ**. (جلد پهريون) سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد. 2004
32) جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر. **سنڌي ادب جي تاريخ**. (جلد ٻيو) سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد. 2005
33) جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر. **سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر**. (پي ايڇ ڊي) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ. 1980
34) جويو تاج (ترتيب ۽ مهاڳ) **ڄرَ ۾ ٿو جرڪان**. شيخ اياز فائونڊيشن سنڌ. 1998
35) حسن، درس، فقير محمد ڍول. (مرتب) **الاءِ تون ڪٿي آهين**. ڍول فائونڊيشن، حيدرآباد. 2012
36) حسن، درس، ارم محبوب. (سهيڙيندڙ) **حسن درس جو رسالو**. ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي 2016
37) حسيني، امداد. **امداد آهي رول**. سنڌي اڪيڊمي، 474 صدر، ڪراچي. 1976
38) حسيني، امداد. **تنوير بہ تہ اسان جو مستقبل آهي**. سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد. جنوري- مارچ. 2012
39) حسيني، امداد. **ڪِرٽي جهڙو پل**. سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ. 2012
40) حسيني، امداد. **هوا جي سامهون**. روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2000. ڊجيٽل ايڊيشن، سنڌ سلامت ڪتاب گهر. 2019
41) حسيني، امداد. **هوءَ**. نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي. 2016
42) دلگير ۽ شيام. **ماڪ ڦڙا**. سندر پريس اجمير. 1953
43) دلگير، هري. **اڪيلو چنڊ**. بيست سنڌي سڀا، ممبئي. 1998

44) دلگير، هري. **جهنگليِ گلَ**. سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن 90، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر. 1988
45) دلگير، هري، ارجن حاسد. (سمپادڪ) **سدا هجن هوت حيات**. (فن ۽ شخصيت). سنگيتا پبليڪيشن، بڙودا. 1986
46) دلگير، هري (سمپادڪ) **ڪشنچند بيوس جي ڪوتا جو جائزو**. اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڪڇ. 1993
47) دلگير، هري. **ڪوڏ**. سندر ساهتيه آفيس، ڪراچي. 1942
48) دلگير، هري. **وڻ وڻ ۾ وايون**. رام درياڻي، لڇمڻ درياڻي، 17، مئتري، 3_اي، آديپور ڪڇ. 2005
49) رخسانه پريت. **نگاهن جا سجدا**. ماءِ پبليڪيشن سکر. 2014
50) سانگي، عبدالحسين،مير، **ڪليات سانگي**. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ. 1969
51) سجاولي، سرويچ. **آليون اکيون اٽيا وار**. سچائي اشاعت گهر دڙو حيدرآباد. 2013
52) سجاولي، سرويچ. **پٽي ڪنڌيون مهراڻ جون**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2017.
53) سميجو ڊاڪٽر اسحاق. **صدا بيچين آهي**. نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد. 2001
54) سميجو ڊاڪٽر اسحاق. **ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: ميون شاه عنات رضوي (هڪ اڀياس)**. حضرت ميون شاه عنات رضوي فائونڊيشن، ٽنڊو الهيار. 2019.
55) سميجو ڊاڪٽر اسحاق. **گناه جا گيت**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2006.
56) سومرو ادل. **پتلين جو تماشو**. آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد. 1982.
57) سومرو ادل. **پوپٽ جهڙا گيت**. مارئي ڪتاب گهر سکر. 1986.
58) سومرو ادل. **سمنڊ جاڳي ٿو**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 1994.
59) سومرو ادل. **نيروليءَ جا خواب**. پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور. 2017.
60) سومرو ادل. **وليون وڻ ڦلاريا**. سڳند پبليڪيشن لاڙڪاڻو. 1984.
61) سنديلو ڊاڪٽر عبدالڪريم. **لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو**. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ. 1973.
62) سيد، محمد فاضل شاه، محمد صديق مسافر. **ديوان فاضل**. سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، سنڌ. 1937.
63) شاد، سُروپچندر، پروفيسر. **سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر**. ساحل پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ. 2017. ڊجيٽل ايڊيشن، سنڌ سلامت ڪتاب گهر. 2018.
64) شمشير الحيدري. **سنڌي شاعريءَ جو اڀياس**. ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ. 2012.
65) شيام، نارايڻ. **ٻُونڊ لهرُون ۽ سَمنڊ**. سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد. 1987.
66) شيام، نارايڻ. **ڏات ۽ حيات**. نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد. 1997.
67) شيام، نارائڻ، مصطفي نانگراج (سهيڙيندڙ) **راهون پنڌ پيون**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. (1998).

68)شيخ، اياز. بخشل باغي (مرتب) **هي روح جزيرو حيرت جو.** شاهه پبليڪيشن ڪراچي. 2004.

69) شيخ، اياز. **اڀر چنڊ پس پرين.** نيو فيلڊس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد. 1990

70)شيخ، اياز. **آڪ جون ڦلڙيون، پيچ پڻي.** شيخ اياز فائونڊيشن حيدرآباد. 2002.

71)شيخ، اياز. **پتڻ ٿو پور ڪري.** سمبارا پبليڪيشنس، ڪراچي. 1983.

72)شيخ، اياز. **جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.** اداره آواز ادب حيدرآباد. 1963.

73)شيخ، اياز. **چنڊ چنبيليءَ ولِ.** نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد. حيدرآباد. 1995.

74)شيخ، اياز. **چنڊ ڳليون.** نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد. 1968.

75)شيخ، اياز. **راج گهاٽ تي چنڊ.** نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد. 1987.

76)شيخ، اياز. **سانجهي سمنڊ سپون.** سنڌي ادبي اڪيڊمي. 1996.

77)شيخ، اياز. **ڪُلهي پاتم ڪِينرو.** اداره آواز ادب، حيدرآباد. 1963.

78)شيخ، اياز. **لَڙيو سِجُ لڪن ۾.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2008.

79)عاجز علي دوست. **رَتا روهيڙا.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2017.

80)عاجز علي دوست. **خوشبو خوشبو خواب.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2000.

81)عاجز علي دوست. **آچن پوئر پنيولئا.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2003.

82)عاجز علي دوست. **رنگ رتو آڪاس.** سارنگا پبليڪيشن، سنڌ. 2009.

83)عباسي، تنوير. **تنوير چئي.** انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ.1989.

84)عباسي، تنوير. **رڳون ٿيون رباب.** آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد. 1979.

85)عباسي، تنوير. **ساجن سونهن سرت.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 1996.

86)عباسي، تنوير. **شاهه لطيف جي شاعري.** روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.2015 .

87)عقيلي، الله بخش ’سرشار‘. **ديوان سرشار.** سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو. 2006.

88)فهميده حسين، ڊاڪٽر. **شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ.** شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد. 1993.

89)فهميده حسين، ڊاڪٽر. **شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري.** سنڌي ٻولي_تحقيقي جرنل. جلد ڇهون_شمارو ٻيو اپريل_جون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. 2013.

90) ڪيئلداس ’فاني‘،انور فگار هڪڙو (سهيڙيندڙ) **سَمُنڊ سمايو ٻُوند ۾.** سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1995.

91) گبول، مشتاق. **هري دلگير: نئين سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهم رڪن.** ڪلاچي تحقيقي جرنل. جون، واليم 24. 2021.

92) گدواڻي، پرسو جيسارام. **سنڌي لوڪ گيت_ ٻوليءَ جي اوسر.** سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد. 2010.

93) گربخشاڻي، هوتچند مولچند. **شاھ جو رسالو** (ٽن جلدن ۾) شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد. 1979.

94) گربخشاڻي، هوتچند مولچند. **شاھ جو رسالو** (ڇئن جلدن ۾) آر.ايچ. احمد ائنڊ برادرس بوڪ سيلرس، پبلشرز شاهي بازار، حيدرآباد. 1967.

95) لطيف، ڊاڪٽر فياض. **شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات.** انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو. 2018.

96) لغاري مظهر. **هوائون نہ روڪيو.** ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي. 2018.

97) مالهي، گوبند. **لوڪ گيتن جو گلدستو.** ساهتيہ اڪاديمي، نيئن دهلي، انڊيا. 2002.

98) منشي، ابراهيم. **ڌرتي دين ڌرم.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 1991.

99) منشي، ابراهيم. **گوندر ويندا گذري.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2015.

100) مجيدي، مريم. **سروم دکم دکم.** چانڊاڻ پبليڪيشن سجاول. 1986.

101) مجيدي، مريم. **نيرانا ئي نيڻ.** سچائي اشاعت گهرڏڙو. 2012.

102) موتي پرڪاش. **سنڌي شعرَ ۾ استريءَ جو چٽُ.** مهاراشٽر راجيہ سنڌي ساهتيہ اڪاڊمي بمبئي. 1988.

103) ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر. **سنڌي ادب جو فڪري پس منظر.** سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد. 2017.

104) ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي. **شاھ ڪريم جو ڪلام.** (وڌايل ۽ سنواريل) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 1990.

105) ميمڻ، محمد سليم. (سهيڙيندڙ) **شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ.** ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ. 2014.

106) ناٿن شاهي، آٿر. **ڇلڪيا نيڻ ڪٽورا.** سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. 2006.

107) ناٿن شاهي، آٿر. **لهرون لهرون لاٽ.** مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/ڪراچي. 1998.

108) ناٿن شاهي، وفا. **آيو جهول ڀري.** سيپتا پبليڪيشن، حيدرآباد. 2018.

109) ناٿن شاهي، وفا. **اکين ۾ الماس.** ساگر ڪميونيڪيشنس ميرپورخاص. 2000.

110) ناٿن شاهي، وفا. **اوجاڳن جو انت.** سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. 2006.

111) ناٿن شاهي، وفا. **وفا.** روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2003.

112) واصف، محمد بخش، **ديوان واصف.** آر ايچ احمد برادرس، بوڪسيلرس، شاهي بازار، حيدرآباد. 1955.

113) وفائي، دين محمد، مولانا. **شاھ جي رسالي جو مطالعو.** وفائي پبلشنگ هائوس، ڪراچي. 1962.

114) هالائي، گل محمد، آخوند، قاضي عبدالغفور هالائي. (سڌاريل) **ديوان گل.** بمعہ معنيٰ. سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد. 1933.

115) هالائي، محمد قاسم، آخوند، مرزا قليچ بيگ (لکنڊڙ)، مرزا اسد بيگ (سڏاريل) **ديوان قاسم**. (شرح سميت)، پوکرداس اينڊ سنس بوڪ سيلرز اينڊ پبلشرس، سنڌ. 1936.

116) همايوني، نياز تاج جويو (ترتيب ۽ تحقيق). **دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت**. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 2009.

117) همايوني، نياز. **ڌرتيءَ جا گيت**. تخليق پبليڪيشن حيدرآباد. 1977.

118) همايوني، نياز. **ساٽيهه جي ساک**. نئين سنڌ پبليڪشن ڪراچي. 1975.

119) همايوني، مولانا عبدالغفور، نياز حسن قائم الدين همايوني (مرتب) **ديوان مفتون**. سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو. نياز حسن قائم الدين همايوني 1973.

## اردو ڪتاب

1. ***"اردو کی پہلی آن لائن لغت"***- قومي تاريخ و ادبي ورثہ ڊويزن، حڪومتِ پاڪستان2017.

2. جبين، زينت، ***"اردو نظم میں فطرت نگاری"***. (پي ايچ ڊي) ڊپارٽمينٽ آف اردو، عليگڙهه مسلم يونيورسٽي، عليگڙهه، انڊيا. 2013.

3. فيروزُ الدين، مولوي، الحاج، (مؤلف) ***"فیروز اللغات اردو جامع"***.(نئون ايڊيشن)، فيروز سنز لميٽيڊ، لاهور. 1967.

4. مطهري، آيت الله، شهيد، مولانا رياض حسين جعفري (مترجم). ***"فطرت"*** اداره منهاج الصالحين،جناح ٽائون، ٺوڪر نياز بيگ، لاهور. 2006.

5. هاشمي، منور، ***"اقبال کے اردو کلام میں فطرت نگاری اور ایک ہمعصر شاعر سے تقابلی جائزہ"*** (پي ايچ ڊي)، شعبه اردو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو سنڌ. 2002.

6. ياسر جواد (ترجمه)، ***"انسان، خدا اور تہذیب"***. جان جي جيڪسن، نگارشات پبلشرز 24_مزنگ روڊ، لاهور. 2016.

## فارسي

1. علي اڪبر، [تاليف] **"لُغت نامه"** شماره مسلسل:79 شماره حرف 'ف' 1 تهران. شرکت شاپ افست گلشن. دي 1341هجري شمسي.

## English Books

1. **English Wiktionary**. Available under CC-BY-SA license. http://www.yourdictionary.com/nature#EHQKu2VYmlcKx5S8.9
2. **"Literary Terms. Analogy"** *Literary Terms*. 1 June 2015. Web. 3 Nov. 2016. https://literaryterms.net/
3. **Oxford Advanced Learner's Dictionary of current English**. A .S Hornby. (eighth Edition 2010), OXFORD UNIVERSITY PRESS

4. **THE AMERICAN HERITAGE® DICTIONARY OF THE ENGLISH LANGUAGE**, FIFTH EDITION by the Editors of the American Heritage Dictionaries. Copyright © 2016, 2011 Published by Houghton Mifflin Harcourt Publishing Company
5. **The Penguin Concise Thesaurus**. Edit by: Rosalind Fergusson, Martin Manser, David Pickering, Published By: The Penguin Group 2000, 2002
6. **Wikipedia, the free encyclopedia**. https://en.wikipedia.org/wiki/Nature

## تحقيقي جرنل ۽ ميگزين:

1. مهراڻ سيارو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. 1955
2. مهراڻ 1 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2019
3. سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، آڪٽوبر، ڊسمبر، 2012
4. **ڪينجهر تحقيقي جرنل**، ڄام شورو، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي.
5. ماهوار **نئين زندگي**، حيدرآباد.
6. ڪلاچي تحقيقي جرنل، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.
7. ٽه ماهي **مهراڻ**، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ